# سنڌي ٻوليءَ جي سکيا

تجرباتي ايڊيشن

ڊپلوما اِن ايجوڪيشن

ٽيچر ٽريننگ پراجيڪٽ

شعبو نصاب سازي

وزارت تعليم - اسلام آباد

# سنڌي ٻوليءَ جي
# سکيا

ڊپلوما ايجوڪيشن

يونٽ 1 - 12

ٽيچر ٽريننگ پراجيڪٽ

## شعبو نصاب سازي

وزارت تعليم - اسلام آباد

1999

(سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن)

ڇاپو : پهريون
سال : 1999
ڪاپيون : چار سوَ

زير نگراني:
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، سنڌ
ڄامشورو

ڇپيندڙ:
نيو رهبر پرنٽنگ پريس
حيدرآباد

# ڪورس ٽيم

## چيئرمن ڪورس ٽيم

منير احمد چوڌري
جوائنٽ ايجوڪيشنل ائڊوائيزر
شعبہ نصابيات، وزارت تعليم اسلام آباد

## چيف ڪوآرڊينيٽر

پروفيسر عبدالحميد سنڌي
چيئرمن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

## فيڊرل ڪوآرڊينيٽر

محمد صديق مشوري
ڊائريڪٽر - ٽيڪنيڪل پينل فار ٽيچر ايجوڪيشن
ڪريڪيولم ونگ، منسٽري آف ايجوڪيشن، اسلام آباد

## صوبائي ڪوآرڊينيٽر

روشن علي ڏهراج
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

## ليکڪ

1- پروفيسر عبدالحميد سنڌي
چيئرمن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

2- نجم الدين مگريو
ڊپٽي ايجوڪيشنل ائڊوائيزر
وزارتِ تعليم، اسلام آباد

3- سيد شير شاهه بخاري
پرنسيپال ٽريننگ ڪاليج فار مين، حيدرآباد

4- پروفيسر حاجي عنايت الله زنگيجو
پبلڪ اسڪول، حيدرآباد

5- دين محمد چنا
اسسٽنٽ پروفيسر، فئڪلٽي آف ايجوڪيشن
سنڌ يونيورسٽي، اولڊ ڪئمپس، حيدرآباد

6- نبي بخش جماڻي
هيڊ ماسٽر فيڊرل گورنمينٽ بوائز سيڪنڊري اسڪول، حيدرآباد

7- سيد امداد حسيني
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ سنڌي
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

8- مولانا خليل احمد ڪورائي
ليڪچرار، ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد

## نظرثاني ڪندڙ

1- پروفيسر عبدالحميد سنڌي
چيئرمن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

2- محمد صديق مشوري
ڊائريڪٽر ـ ٽيڪنيڪل پئنل فار ٽيچر ايجوڪيشن
ڪريڪيولم ونگ، منسٽري آف ايجوڪيشن، اسلام آباد

3- محمد بچل ميمڻ
سينئر سبجيڪٽ اسپيشلسٽ
بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايجوڪيشنل ايڪسٽينشن ونگ، ڄامشورو

4- عبدالفتاح. آءِ. مغل
رٽائرڊ پروفيسر فئڪلٽي آف ايجوڪيشن
سنڌ يونيورسٽي، اولڊ ڪئمپس، حيدرآباد

5- سليم احمد خواجه
اڳوڻو سبجيڪٽ اسپيشلسٽ،
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

## ايڊيٽر ۽ پروف ريڊر

1- پروفيسر عبدالفتاح. آءِ. مغل
2- سيد شير شاهه بخاري

## ڪمپوزنگ

موهن لال مڪواڻا
انٽيل ڪميونيڪيشنز، گاڏي کاتو، حيدرآباد

## پرنٽرس

سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

## پبلشرس

سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو

# پيش لفظ

بنيادي طور تي انسان کي هڪ ٻئي سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻولي وڏو ۽ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ٻولي ڪنهن ٻه انسان سان ڳالهه ٻولهه واڌ ويجهه پائي ٿي. هڪ انسان جمڻ سان ئي هن دنيا ۽ هن ماحول سان پنهنجو واسطو جوڙي ٿو. هو آواز ٻڌي ٿو ۽ آواز ڪڍي ٿو. چئني طرفن کان جي شيون آهن انهن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجن حواسن کي ڪم آڻيندي پنهنجي دماغ ۾ تصور ۽ خاڪا جوڙي ٿو ۽ انهن جو آوازن جي صورت ۾ اظهار ڪري ٿو. اڳتي هو لفظ ۽ جملا ڳالهائڻ سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح هو ماحول سان مطابقت ۾ اچي ٿو ۽ اڳتي وڌندو رهي ٿو. پنهنجن پراون کي سمجهڻ سمجهائڻ، واهپو رکڻ ۽ خيال آرائي ڪرڻ سان ئي هو ان ماحول جو، بعد ۾ ان خطي ۽ قوم جو حصو بڻجي وڃي ٿو. اهڙن رابطن ۽ ميل ميلاپن جو واحد ذريعو 'ٻولي' ئي ٿئي ٿي يا ائين ڪٿي چئجي ته سندس مادري ٻولي ئي سندس اصل توڙي مستقبل جو سهارو ۽ آسانيءَ جو بنياد بڻجي ٿي.

هر خطي يا قوم جي ماڻهن جي پنهنجي ٻولي سندن 'مادري ٻولي' چوائي ٿي. سنڌ صوبي ۽ سنڌي ماڻهن جي مادري زبان 'سنڌي' آهي. انهيءَ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت ٻه آهي ته سماجي توڙي ثقافتي ٻه. ان ٻوليءَ جو وجود ڪيئن ۽ ڪڏهن شروع ٿيو ۽ ڪيئن پروان چڙهي، ان جو تعليمي، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي ذخيرو ڇا آهي؟ ڪهڙو آهي؟ ۽ ڪيترو آهي؟ ۽ پڻ ان جو هڪ ماضي ۽ مستقبل ڪيئن هيو ۽ ڪيئن رهندو؟ ان ٻوليءَ جي تعليمي حيثيت ۽ مقاصد ۽ اهڙن ئي ٻين سوالن کان واقفيت رکڻ هڪ سنڌي استاد لاءِ نهايت ئي لازمي آهي، استادن کي اهڙن سوالن، مقاصد ۽ انهن جي اهميت کان روشناس ڪرائڻ لاءِ هي ڪورس ترتيب ڏنو ويو آهي. اميد ته هن ڊپلوما - اِن - ايجوڪيشن پروگرام جي زير تربيت استادن جي دلچسپي ۽ معلومات لاءِ هي ڪتاب موزون ثابت ٿيندو. وڌيڪ اميد ڪجي ٿي ته استاد نه صرف هن ڪتاب ۾ ڏنل معلومات تي اڪتفا ڪندا پر ڪورس دوران ۽ بعد ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جي سکيا' جي سلسلي ۾ پنهنجي دلچسپي برقرار رکندي پاڻ خود وڌيڪ تحقيق ۽ تجربا ڪندي پاڻ کي بهتر کان بهترين استادن جي صف ۾ شامل ٿيڻ ۽ پنهنجي اسڪولي ٻارن جي سکيا واري خدمت ۾ ڪا ڪسر باقي نه ڇڏيندا.

مان انهن سيني دوستن جو دل جي گهراين سان شڪر گذار آهيان جن هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ تعاون ڪيو ۽ اميد آهي تہ هن ڊپلوما جي درسي مواد جي مسلسل ارتقا جي عمل ۾ سندن عمل دخل آئينده بہ جاري رهندو. ان ڪان علاوه پروفيسر ڊاڪٽر محمد رشيد ڊين ايجوڪيشن منهنجي مشڪور هجڻ جو خاص طو تي مستحق آهي جنهن صاحب هنن ڪورسن جي مواد ۾ مناسب ترميمون ۽ اضافا ڪيا ۽ انهن کي فاصلاتي نظامِ تعليم مطابق بڻايو.

مان محترم نجم الدين مگريي، ڊپٽي ايجوڪيشنل ائڊوائيزر وزارتِ تعليم اسلام آباد، پروفيسر عبدالحميد ميمڻ، چيئرمن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، مسٽر محمد صديق مشوري، ڊائريڪٽر - ٽيڪنيڪل پئنل فار ٽيچر ايجوڪيشن منسٽري آف ايجوڪيشن اسلام آباد، مسٽر محمد بچل ميمڻ سينئر سبجيڪٽ اسپيشلسٽ بيورو آف ڪريڪيولم ائنڊ ايڪسٽينشن ونگ، ڄامشورو ۽ رٽايرڊ پروفيسر عبدالفتاح مغل فئڪلٽي آف ايجوڪيشن، يونيورسٽي آف سنڌ - انهن سيني دوستن جو پڻ خاص طور مشڪور آهيان، جن هن قومي ۽ تعليمي ڪم ۾ هڪ ٽيم وانگر ۽ دل سان هٿ ونڊائي هن ڪتاب جي تڪميل ۾ اسان جي مدد فرمائي.

اصلاح ۽ ترميم جو هر وقت امڪان ۽ گنجائش رهي ٿي. سيني پڙهندڙ حضرات، خاص طور تي شاگردن، استادن ۽ ماهرين استادن کي درخواست آهي تہ هو هن ڪورس کي بهتر بنائڻ خاطر اسان کي پنهنجي قيمتي مشورن ۽ راين سان نوازين.

منير احمد
جوائنٽ ايجوڪيشنل ائڊوائيزر
شعبہ نصابيات، وزارتِ تعليم
اسلام آباد.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| يونٽ نمبر -1 | سنڌي ٻوليءَ جي سکيا | 1-17 |
| يونٽ نمبر -2 | ٻولي سکڻ جون مهارتون | 19-40 |
| يونٽ نمبر -3 | 'پڙهڻ' سيکارڻ | 41-62 |
| يونٽ نمبر -4 | 'لکڻ' سيکارڻ | 63-79 |
| يونٽ نمبر -5 | تدريس نثر | 81-98 |
| يونٽ نمبر -6 | نظم جي سکيا | 99-115 |
| يونٽ نمبر -7 | سنڌي گرامر جي سکيا | 117-129 |
| يونٽ نمبر -8 | ڳالهائڻ جا اڻ لفظ | 131-166 |
| يونٽ نمبر -9 | انشاء پردازي | 167-190 |
| يونٽ نمبر -10 | سبق جي رٿابندي | 191-224 |
| يونٽ نمبر -11 | تدريسي فني مهارتن جي ارتقاء جو جائزو | 225-263 |
| يونٽ نمبر -12 | سنڌي درسي ڪتابن جو تنقيدي جائزو | 265-283 |
| — | ڪتابيات | 285-286 |

# يونٽ - 1

# سنڌي ٻوليءَ جي اهميت
# ۽
# ان جا سماجي، تمدني ۽ تاريخي پهلو

ليکڪ
پروفيسر عبدالحميد سنڌي
۽
نجم الدين مگريو

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف | 5 |
| مقاصد | 5 |
| 1- مُنڍ (Introduction) | 6 |
| 2- اهميت (Importance) | 7 |
| 3- سماجي ۽ تمدني پهلو | 8 |
| 4- تاريخي پهلو | 11 |
| سنڌي صورتخطي جو رائج ٿيڻ | 14 |
| ون يونٽ ٽٽڻ کانپوءِ وارو دور | 16 |
| مشق | 17 |

# يونٽ جو تعارف

هن يونٽ جي مُنڍ ۾ ٻوليءَ جي فطري طور شروعات ٿين ۽ ٻوليءَ جو رنگ وٺڻ متعلق مختصراً پر جامع روشني وڌي وئي آهي. ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي. تنهن بعد سنڌي ٻوليءَ جي سماجي، تمدني ۽ بعد ۾ تاريخي پهلوءَ کي تفصيلي طور بيان ڪيو ويو آهي.

يونٽ جا مقاصد

هن يونٽ جي مطالعي بعد توهان اِن قابل ٿي ويندؤ ته:

1- ٻوليءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پس منظر کي بيان ڪري سگهو.

2- سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا مقاصد بيان ڪري سگهو.

3- 'سنڌي ٻوليءَ جي سکيا' واري مضمون جي اهميت بيان ڪري سگهو.

# سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ ان جا سماجي، تمدني ۽ تاريخي پهلو
# (Importance of Sindhi Language -Its Social, Historical & Cultural Aspects)

## مُنڍ (Introduction)

**'تمدن'** (Culture) جي وصف هينئن ڪري سگهجي ٿي ته "انسان جي مخصوص **هلت يا وهنوار** (Behaviour) انهن مادي شين سميت، جيڪي انهيءَ هلت جو لازمي حصو ٿي ڪم اينديون هجن." ٻولي، ويچار، اعتقاد، قاعدا، قانون، ادارا، اوزار، هٿيار، طور طريقا، فنپارا، ريتون، رسمون، تقريبون وغيره تمدن ۾ شامل آهن. تمدن جي وجود ۽ استعمال انسان جي هڪ يگاني ذهني اهليت تي مدار رکي ٿو. اها اهليت، جنهن کي اهڃاڻ (Symbolling) چيو وڃي ٿو، سا آهي شين ۽ واقعن کي اهڙي معنيٰ ڏيڻ، جيڪا اڪيلا حواس پنهنجي سِر پروڙي نٿا سگهن. ان جو هڪ سنئو مثال ڳالهائڻ- 'ٻولي' آهي. 'ڪُتو' لفظ جي معنيٰ خود انهيءَ جي اُچار ۾ سمايل نه آهي، پر اها انسان پنهنجيءَ پر م جڻ ته زوريءَ انهيءَ اُچار کي ڏني آهي.

جڏهن شيون ۽ واقعا انساني جيوڏاري (Organism) جي حوالي سان ليکيا وڃن ٿا، تڏهن اهي 'هلت' جي وصف ۾ اچن ٿا، جيڪو دراصل نفسيات جو موضوع آهي. پر جڏهن اهي انساني جي وڏاريءَ جي حوالي سان نه پر هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي حوالي سان ليکيا وڃن ٿا، تڏهن اُهي 'تمدن' جي وصف ۾ اچن ٿا. هيءَ فرق اهڙو ئي آهي، جيڪو لفظن جا شاگرد ورهين کان ڪندا آيا آهن. جڏهن لفظن کي انساني جيوڏاريءَ جي حوالي سان يعني اعمالن طور- ليکيو وڃي ٿو، تڏهن اهي 'هلت' ٿين ٿا. پر جڏهن انهن کي هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي حوالي سان- لغت، گرامر- ليکيو وڃي ٿو، تڏهن اهي **'ٻولي'** ٿين ٿا، جيڪو 'نفسيات' جو نه پر 'لسانيات' جو موضوع آهي. انهيءَ ڪري **تمدن** انسان جي اهڃاڻ واري اهليت تي مدار رکندڙ اهڙين شين ۽ واقعن جي ڪُٽُم (Class) جو نالو آهي، جيڪي اٿين ڪٿي چنجي ته انسان کان مٿاهين (Extra human) حوالي سان ليکبا آهن.

هر طبعي طرح عام يا نارمل (Nomral) ماڻهو ٻاروتڻ ۾ هڪڙي صلاحيت حاصل ڪري ٿو، جنهن سان هو، ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻنهي حيثيتن ۾، زباني رابطي (Vocal Com-munication) جو اهڙو سرشتو واپرائي ٿو، جيڪو وات ۽ نڙيءَ جي ڪن عضون جي چُرپُر

سان ٿيندڙ آوزان جي محدود سيٽ (Set) تي مشتمل ٿئي ٿو. انهن آوازن جي آڌار تي هُو جاڻ ڏي ٿو، محسوسات ۽ احساسات جو اظهار ڪري ٿو. ٻين جي اعمالن تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ آوازن جو گهڻو تڻو ساڳيو سيٽ واپرائيندڙ ماڻهن ڏانهن دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جو ٿورو ڪي گهڻو لاڙو ڏيکاري ٿو. آوازن/ اُچارن جا اهي سيٽ ئي سرشتيوار اهڃاڻن جي صورت ۾ سماڄي (Conventionalize) ٻولي ناهين ٿا. ٻين لفظن ۾، **"ٻولي ڳالهايل ۽ لکيل اهڃاڻن جو هڪ رسمي سرشتو آهي، جن جي وسيلي ماڻهو، ڪنهن سماجي گروهه جي ميمبرن ۽ ان گروهه جي تمدن ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ جي حيثيت ۾، هڪ ٻئي سان رابطو رکندا آهن."** انهيءَ وصف جي آڌار تي چئبو تہ ٻولي انسان ذات جي خاص ملڪيت آهي. جانورن جي دنيا جا ٻيا ڀاتي بہ آوازن رستي ۽ ٻين طريقن سان رابطو ڪندا آهن. پر انسان جي ٻوليءَ (يعني هر هڪ ڏار ڏار ٻولي) جو هڪڙو سِيني ۾ اهم، ٻين جانورن جي رابطي وارن مڙني معلوم طريقن کان مختلف گڻ آهي ان جي **لامحدود پيداواري ۽ تخليقي سگهہ**. انسان جيڪي، جيترو ۽ جنهن بابت ڳالهائي سگهي ٿو، تنهن جي ڪائي حد نہ آهي، تجربي جو ڪوئي ميدان اهڙو نہ آهي، جيڪو ڳالهائڻ کان ٻاهر هجي، پوءِ ڀلي ان لاءِ چو نہ پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ کي نين کوجنائن ۽ نون ويچارن سان پڃڻ جهڙو ڪرڻو پوي. پر انهيءَ ڳالهہ کان اکنار ناهي ڪرئي تہ ٻولي انساني تاجي ٻيئي ۾ طبعي طرح اٿتر نہ آهي. هيءَ اهڙو گڻ آهي، جيڪو سماج کان پرايو وڃي ٿو ۽ ان جو طبعي بنياد ڪِن اهڙن عضون جو گڏجي ڪم ڪرڻ آهي، جن جا اصل ۽ شروعاتي ڪم چکڻ، چٻاڙڻ ۽ ساهہ کڻڻ وغيره آهن.

ڪي بہ ٻہ ماڻهو بلڪل هڪ جهڙو نہ ڳالهائيندا آهن. توڙي جو ٻولي هڪ ئي هوندن، تڏهن بہ ڳالهائڻ ۾ اُچار جي **ڏانءَ (Accent)** يا **جهيلار (Intonation)** يا وري **گفتار** (Utterance) جو فرق هوندو ئي هوندو. اهڙا ننڍا ننڍا فرق فردن کان گروهن تائين، گروهن کان قومن تائين پهچي، عادت بڻجي وڃن ٿا. فردن جي وچ ۾ ڳالهائڻ ۾ فرق کي **'محاورو'** گروهن جي وچ ۾ ڳالهائڻ جي فرق کي **'لهجو'** يا **'اپڀاشا ' (Dialect)**، ۽ قومن جي وچ ۾ ڳالهائڻ جي فرق کي **"ٻولي"** سڏبو وڃي ٿو.

## 2- اهميت (Importance)

بهرحال، ٻولي چاڪاڻ تہ انسان جو امتيازي گڻ آهي، سو اها ذات ۽ قوميت جو نمايان اهڃاڻ ٿئي ٿي. سنڌين جو نمايان اهڃاڻ **سنڌي ٻولي** آهي. سنڌي ٻوليءَ جو سانٽيڪو، مانيٽو ۽ رواني وارو سياءُ سنڌ ملڪ جي چارڻن، ڪُڙمين ۽ ٻين هڏ ڏوکين

چاري جي ڳولا ڪندي يا منداتني مينهن لاءِ واجهائيندي يا سنڌوءَ جي بنابوڙ ليٽ جي آسري ۾ رهندي جوڙيو آهي.

## 3- سماجي ۽ تمدني پهلو (Social & Cultural Aspects)

ڪنهن به ٻوليءَ جي سماجي ۽ تمدني پهلوئن جي تڪ تور لاءِ اهو ڏسڻو پوندو ته:

- ان جي ڄمار ڪيتري آهي.
- ان جي پڪيڙ ۽ پهچ ڪيستائين آهي.
- ان ۾ ان جي ڳالهائيندڙن جي ويچارن، اُڌمن ۽ جذبن جي اظهار جي سگهه ڪيتري آهي، ۽
- ان ۾ علمي، ادبي ۽ سائنسي تجربن ۽ کوجنائن جي پنڌار ۾ ذري گهٽ روزانو ٿيندڙ واڌاري کي پاڻ ۾ سمائي رکڻ جي صلاحيت ڪيتري آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ڄمار جي پختي ڪَٿَ اڃا تائين نہ ٿي سگهي آهي. ڪي عالم ان کي ٻارهن ٻارهن صديون اڳ وجود ۾ آيل ڄاڻائن ٿا تہ ڪي وري ان کي دنيا جي اوائلي ٻولين مان هڪڙي سمجهن ٿا. پوئين راءِ جي پنيرائيءَ ۾ موهن جي دڙي جي مهرن تي اُڪريل نشانين جو حوالو ڏنو وڃي ٿو، جن کي پڙهڻ ۽ پجڻ جون ڪوششون اڃا تائين ابتدائي مرحلي ۾ آهن. پر انهن ڪوششن جا جيڪي اڏو ڳابرا نتيجا اڄ تائين نڪتا آهن، تن جي آڌار تي اهو انومان ڪري سگهجي ٿو تہ موهن جي دڙي وارن جي ٻولي اِجوڪي سنڌيءَ کان اينتري گهڻي قُربل نہ هوندي جو ان کي هڪ جُداري ٻوليءَ طور مڃيو وڃي. سنڌيءَ جي وڏي ڄمار جي فائدي ۾ هڪڙي ساک ان جي سنسڪرت ، جا هند۔ يورپي ٻولين جي سٽ جي مکيہ ۽ پراڻي ۽ پراڻين ٻولين مان هڪ ليکي وڃي ٿي، تنهن سان نسبت جوڻين پيڙهيءَ ۾ ڪٺي وڃي ٿي انهيءَ موجب سنڌي **وارچڊ شور شيني پراڪرت** مان ۽ شور سيني پراڪرت **سنسڪرت** مان ڦٽي نڪتيون آهن.

**ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ** سنڌيءَ کي خالص سنسڪرتي ٻولي ڄاڻائي ٿو ۽ گرامر جي لحاظ کان ان جو درجو ٻين ٻولين جهڙوڪ مرهٽيءَ، هنديءَ، پنجابيءَ ۽ بنگاليءَ کان مٿاهون رکي ٿو جو اها انهن ٻولين جي برخلاف پنهنجي اصلوڪي ۽ نج صورت اڃا قائم رکيو اچي ٿي.

پکيڙ ۽ پهچ جي لحاظ کان ڏسبو تہ سنڌي پنهنجي اباڻي ۽ اصلوڪي جُوءِ سنڌ، کان ٻاهر ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، راجستان، بلوچستان ۽ سرائڪي ابراضيءَ تائين ڳالهائي

وجي ٿي. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جا ورڪي ۽ واپاري، جيڪي گهڻو ڪري هندو هئا، سنڌيءَ کي اُتر ۾ سرحد کان ۽ اولهه ۾ بلوچستان کان پرتي وٺي ويا، ۽ جڏهن ته ورهاڱي کان پوءِ واري لڏ پلاڻ ان کي ڀارت اندر پري پري تائين ڦهلايو. هاڻوڪي دور ۾ اعليٰ تعليم يافته يا هنر مند سنڌين جي سنڌ مان تڏي ويڙه (Brain drain) هڪ پاسي، ۽ ٻئي پاسي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي واڌاري، خاص ڪري **انٽرنيٽ ويب سائيٽ**، سنڌيءَ کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

اهو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جي ڳالهائيندڙن جي اُڌمن، جذبن، ۽ ويچارن جي اظهار جي سگهه ڪيتري آهي، سو پرکڻ لاءِ سنڌيءَ جي فوڪ لور (Folk lore) يا لوڪ ادب (اصطلاح، پهاڪا، پروليون، ڳجهارتون، ڏنون، ڳاهون، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ داستان، لوڪ گيت، ڳيچ وغيره)، ۽ علمي ۽ ادبي لکڻين جا حوالا ڏيڻي سگهجهن ٿا.

سنڌ جو فوڪ لور يا لوڪ ادب، جيڪو ٻين جيان رواجن، عبادت جي طريقن ۽ گهڻو تڻو غير ـ مذهبي اعتقادن تي ٻڌل آهي، سو سهيڙجي سموهجي ڪيترن ئي (اٽڪل چاليهارو ڪن) جلدن ۾ ڇپجي پڌرو ٿيل آهي. انهن جلدن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

(1) ڳيچ

(2) پروليون، ڏنون ۽ معما

(3) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ست ڀاڱا)

(4) مناقبا

(5) ٽيهه اکريون (ٻه ڀاڱا)

(6) مناظرا

(7) مولود

(8) هفتا، ڏينهن ۽ راتيون

(9) واقعاتي بيت

(10) سنڌ جا عشقيه داستان (ٻه ڀاڱا)

(11) سنڌي ٻاهريان قصا (ست ڀاڱا)

(12) مزاحون ۽ مناجاتون

(13) معجزا

(14) لوڪ گيت

(15) مورڙيو ۽ مانگر مڇ

(16) نَڙ جا بيت

(17) جنگناما

علمي ۽ ادبي لکڻيون هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن. انهن مان ڪي مکيه هيٺ ڄاڻائجن ٿيون:

**(1) ديني ڪتاب جهڙوڪ قرآن شريف جو سنڌي ترجمو، حيات النبي، تفسير هاشمي وغيره**

(2) شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا رسالا.

(3) مرزا قليچ بيگ جا اصلوڪا ڪتاب ۽ ترجما.

(4) شيخ اياز جا شعري ۽ نثري مجموعا.

(5) جنب گذاريم جن سين، جي. ايم. سيد.

(6) ياد، رفتگان، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.

(7) مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات، مولانا غلام محمد گرامي.

(8) تذڪره ۽ شاهير سنڌ، مولانا دين محمد وفائي.

(9) اهي ڏينهن اهي شينهن، پير علي محمد راشدي.

(10) قديم سنڌ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.

(11) ڳالهيون منهنجيءَ سنڌ جون، سيد حسام الدين راشدي.

(12) تاريخ ريگستان، رائچند هريجن.

(13) سنڌ جي تاريخ وغيره تي پرڏيهي توڙي ڏيهي عالمن جي لکيل ڪتابن جا ترجما، جهڙوڪ سنڌ ـ هڪ عام جائزو؛ سنڌ جي دربار؛ سنڌ جي فتح، چچنامو؛ سنڌ جي اقتصادي تاريخ؛ سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون؛ سنڌو ماٿري جي سڀيتا، وغيره.

(14) جنرل سائنس، ڊاڪٽر علي احمد قاضي.

(15) عمارت سازي، ضياءُ الدين، انصاري.

(16) ڀاڪن جي ڀاڄ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو.

سنڌيءَ ۾ لفظن جو جيترو وسيع ذخيرو (پنجن جلدن تي مشتمل لُغت) آهي، ان ۾

نج سنڌي ذاتي مان نوان نفاذ يا لفظن جا ميلاپ جوڙي نئين صورتحال جي ترجماني ڪرڻ يا مخصوص علمي اصطلاحن جي ڪم وٺڻ جي جيڪا لچڪ آهي، ۽ ان ۾ ڌارين ٻولين جي لفظن کي پنهنجي ڪرڻ جي جيڪو جوهر آهي، تنهن کي ڏسندي ائين چوڻ شايد وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هيءَ ٻولي علمي، ادبي ۽ سائنسي تجربن ۽ کوجنائن جي پنڌار ۾ ذري گهٽ روز ٿيندڙ واڌاري کي پاڻ ۾ سمائيندي رهڻ جي صلاحيت رکي ٿي، پر شرط اهو آهي تہ عالم، اديب ۽ سائنسدان، خاص طرح ٻوليءَ جا ڄاڻو، لاڳيتي ڪوشش ڪندي ترجمن ۽ نون لفظن گهڙڻ ۽ نين ترڪيبن کي ناهڻ جو ڪم ڪندا رهن.

حاصل مطلب اهو تہ سنڌي ٻوليءَ کي ان جي وڏي جمار، ان جي پري پري تائين پهچ ۽ پکيڙ، ان جو هڪ ادب، ان جو علمي خزانو، ان جي لچڪ ۽ گنجائش دنيا جي لساني نقشي ۾ مکيہ جاءِ جو حقدار بڻائن ٿا، ۽ ان جي سماجي ۽ تمدني اهميت کي اُجاگر ڪن ٿا.

## 4- تاريخي پهلو (Historical Aspect)

تاريخي لحاظ کان سنڌ جو تمدن پنج هزار ورهيہ آڳاٽو آهي. ان ڳالهہ جي ساک موهن جي دڙي جا آڳاٽا اهڃاڻ پرين ٿا. اهو تمدن سميري ۽ مصري تهذيبن جو سهيوڳي چيو وڃي ٿو. تمدن جو هڪ وڏي ۾ وڏو امتيازي اهڃاڻ ٻولي آهي. سو، جيئن اڳ چيو اٿئون، موهن جي دڙي وارن جي ٻوليءَ کي بہ سنڌيءَ جي نڌهوڪي صورت چئي سگهجي ٿو. انهيءَ حساب سان سنڌ جي انهيءَ جهوني ٻوليءَ جو زمانو اٽڪل اڍائي هزار ورهيہ قبل مسيح (ق.م) جو آهي. سنڌ جي لساني تاريخ جو ٻيو زمانو 7 کان 6 ق.م تائين ڳڻيو وڃي ٿو، جڏهن سنڌ ٻُڌ راجائن جي حڪومت جو حصو هجڻ ڪري پالبرا ڪرت جي ثوري گهڻي اثر هيٺ رهي هوندي. ٻُڌ راجائن کان پوءِ سنڌ تي ايراني راڄ قائم ٿيو. جنهن جو انت يونان جي سڪندر اعظم 329 ق.م ۾ آندو. ايراني دور ۾ اُتان جي ٻوليءَ جو ۽ يوناني دور ۾ اُتان جي ٻوليءَ جو اثر رهيو هوندو. يونانين کانپوءِ سنڌ موريا گهراڻي جي حاڪميءَ ۾ تهانپوءِ يعني پهرينءَ کان ستين صدي عيسويءَ تائين پرڏيهي توڙي ڏيهي (راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن) حاڪمن جي سنڌ تي صاحبيءَ جو زمانو آهي، جنهن جو چيهہ 712ع ۾ عربن جي فتح سان ٿيو. اهو پويون يعني راءِ گهراڻي کان شروع ٿيندڙ زمانو جيئن تہ سنڌ جي لاڳيتي سياسي وحدت جو زمانو هو، سو انهيءَ دوران يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ بہ وحدت پيدا ٿي هوندي. سنڌيءَ جي برک عالم، **ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ** جي راءِ ۾، سنڌيءَ جو بنيادي دور 700ع کان ڄاڻو وڃي، جنهن ۾ هاڻوڪي سنڌي اُسري.

پڪي پختي خاطريءَ سان نہ ٿا. پر اندازي طور چئي سگهجي ٿو تہ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سنڌي ٻولي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود هئي ۽ ان جا ڌار ڌار قسم ڌار ڌار ڀاڱن ۾ ڳالهايا ويندا هوندا. اينترو سو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ جي هاڻوڪي شڪل **سمن** جي زماني (ٻارهين صدي عيسوي) ۾ اُسري، جنهن کي هزار ورهيہ لنگهي چُڪا آهن.

مسلمانن جي اچڻ کانپوءِ هتي صرف ٻہ ٻوليون رائج هيون: هڪ سنڌي، جيڪا ڏيهي ٻولي هُئي؛ ۽ ٻي عربي، جيڪا سرڪاري ٻولي هئي. نائين ۽ ڏهين عيسوي صديءَ ۾، جڏهن **ديلمين** جو عروج ٿيو، تڏهن سنڌ ۾ فارسي ٻن ڳالهائڻ ۾ آئي. چو تہ ملتان ۾، جيڪو سنڌ حڪومت جو ماتحت هو، سنڌيءَ ۽ عربيءَ سان گڏ فارسيءَ جي رواج جو پتو پوي ٿو.

**سومرن** جي دور(1051-1351ع) ۾ عربي ۽ سنڌي جو ڪنهن حد تائين ساڳو اڳيون عرب دور وارو لاڳاپو ۽ رشتو قائم رهيو. پر سنڌي جي اهميت وڌي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي حاڪمن توڙي محڪومن ٻنهي جي مادري ٻولي هئي.

**سومرن** جي دور ۾ معياري سنڌي ٻولي جي وڌيڪ تعمير ۽ ترقيءَ جا ٻيا بہ اسباب هئا. مثلاً هن دور ۾ سنڌ جي سرزمين ۾ ڪيترا عالم، فاضل، ولي ۽ درويش پيدا ٿيا. جن مقامي ماڻهن جي ديني، اخلاقي ۽ روحاني تربيت لاءِ ادارا قائم ڪيا ۽ رهنمائي لاءِ ڪتاب لکيا. انهن ٻولي جي ذخيري ۾ واڌارو ٿيو.

سومرن جو دور سنڌي ٻولي م بيان جي وسعت، قصن ڪهاڻين جو اوسر ۽ ادبي صلاحيت جي نشو نما وارو تعميري دور هو جنهن ۾ جنگين ۽ واقعن جا بيت ۽ عشقيہ داستان مشهور ٿيا ۽ سنڌي شعر، ڳاهن ۽ بيتن جي صورت ۾ چمڪيو.

**سمن** جو دور (1350-1520ع) م انهي تعميري دور جي تڪميل ٿي. انهي کان علاوه مقامي ڀاٽ، ڀان، مڱڻهارن، شاعرن ۽ اديبن موقعي مهل جي مناسبت سان ادب جي مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي شروع ڪئي. سومرن جي دور ۾ سواءِ دودي چنيسر جي **رزميہ** داستان جي، جنهن کي سنڌ جي سگهڙن ۽ راوين پنهن ۽ ڀائن جي حب الوطنيءَ جي لحاظ سان ڳايو آهي، ٻيا عزني داستان، قصہ خواني طور رائج ٿيا. عمر مارئي، مومل راڻي جي قصن م سومرن بادشاهن جي سورهيائي جي بدران سندن اوڻاين جو ذڪر آهي.

**سمن** جي دور ۾ عربي تعليمي ٻولي رهي. فارسي سرڪاري، دفتري ۽ ڪاروباري زبان طور استعمال ٿيڻ شروع ٿي. ساڳئي وقت نج **سنڌي ٻولي** جي صورت ظاهر ٿي.

زبان بدران **مادري زبان سنڌي** ۾ ڪئي وڃي ته جيئن هو مڪتبي تعليم آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهن ۽ منجهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

ان سلسلي ۾ پهرين ڪوشش **ميان ابو الحسن** سنہ 1080هجري ڌاري مقد مة الصلواة نالي سنڌي ڪتاب لکڻ سان شروع ڪئي. جنهن کي عام طرح **ابو الحسن جي جي سنڌي** ڪونجي ٿو. هن ڪتاب ۾ نون مسلمانن جي رهنمائيءَ لاءِ نماز بابت معلومات سنڌي ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

عربيءَ جا 28 حرف، فارسي جاءِ پ ـ چ ـ گ باقي رهيل حرفن جون صورتون جوڙي سنڌي صورتخطيءَ جو بنياد رکيو ويو. انهيءَ وقت کان وٺي انگريزن جي دور ۾ 1853ع تائين الف- بي جي موجوده صورت ٿيڻ تائين سنڌي ۾ لکيل ڪتاب **ابوالحسن واري صورتخطي** مطابق لکيا ويا آهن.

سنڌي ۾ مڪتبي تعليم جي شروعات 10 صدي هجري (16 صدي عيسوي) جي آخر کان ٿي. ان سان گڏ سنڌي تعليمي نصاب جو سلسلو پڻ شروع ٿيو.

**ڪلهوڙن** جي دور (1719ع - 1783ع) کي **سنڌي ادب جو سونهري دور** سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ دور ۾ شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل، سامي، ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جهڙا ناميارا شاعر پيدا ٿيا.

**ٽالپرن** جي دور (1783 -1843ع) ۾ سنڌي **"سنڌي مڪتب"** ديني توڙي دينوي تعليم جو مرڪز بنيو. مسلمان شاگردن سان گڏ هندو شاگرد مڪتب ۾ داخل ٿيا. سنڌي عالمن مختلف موضوعن تي سون جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا.

ٽالپرن جي دور جو وڏو ڪارنامو، **قرآن شريف جو سنڌي ترجمو** آهي، جيڪو ان دور جي معزز عالم **آخوند عزيز الله** ڪيو.

## سنڌي صورتخطيءَ جو رائج ٿيڻ

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ وقت تائين سنڌ ۾ فارسي دفتري زبان رهي. برٽش سرڪار جلد ئي سنڌي کي سرڪاري زبان مقرر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. مگر سنڌي جي ڪا معياري صورتخطي موجود ڪونہ هئي.

أ سنڌ جي هندن مان برهمڻ ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا. سنڌ جا ڀائيبند هندو سنڌي **ڀاواڻڪا** اکر ڪم آڻيدا هئا. ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري بہ اهي اکر ڪم آڻيدا هئا. سنڌ جا مسلمان توڙي هندو ڪامورا عربي ۽ پارسي نموني سنڌي مضمون لکندا

هئا. سڀ ڪنهن جي لکڻ جو نمونو پنهنجو پنهنجو هوندو، جهڙوڪ ڪنت يا نڙي جي اچار وارن اکرن مان اڪثر رڳو عربي ۽ فارسي وارو 'ڪ' (ڪ) اکر ڪم آڻيندا هئا. اهو هڪڙو ني اکر ڪٿي ڪ يا ک ته **ڪ، ک، گ، گھ** يا **گهه** ڪري پڙهندا هئا. ڳ بدران عام طرح 'اُنگ' لکندا هئا. شاهه جو رسالو، ابوالحسن جي سنڌي ديوان گل ۽ ٻيا جهونا سنڌي ڪتاب انهي آڳاٽي نموني لکيل آهن.

**سر بارٽل فريئر** ڪمشنر سنڌ، 1851ع ۾ اها ڪوشش ڪئي ته آئيندي سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌي ۾ ٿئي. يورپي ۽ ٻيا پرڏيهي عملدار سنڌي ۾ امتحان پاس ڪن ته سنڌي ماڻهن کان پنهنجا حال احوال وٺي سگهن ۽ سنڌي لکپڙهه ٻه سمجهي نيڪال ڪري سگهن، پر سنڌيءَ لاءِ ڪا خاص آئيوبٽا ڪونه هئي. انهيءَ وقت جا ٻه اهم انگريز عملدار **ڪئپٽن برٽن** ۽ **جارج سٽئڪ** الڳ الڳ راين جا هئا.

**ڪئپٽن برٽن** جي راءِ هئي ته عربي اکرن ۾ ڦير ڦار ڪري سنڌي لاءِ آئيوبٽا ناهجي. **جارج اسٽئڪ** وري انهيءَ خيال جو هو ته هندو- سنڌي اکر يا **ديوناگري** جو ڪم آڻجن. نيٺ اهو سوال ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ ۾ ڪيو ويو. ڊائريڪٽرن 1853ع ۾ سنڌي آئيوبٽا لاءِ عربي صورتخطي جي منظوري ڏني. ڪمشنر سنڌ سربارٽل فريئر **مسٽر ايلس** جي زير صدارت هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي. انهي ڪاميٽيءَ عربي، پارسي ۽ اردو جي اکرن ۾ ڦير گهير ڪري ايڪونجاهه اکر واري آئيوبٽا ناهي تيار ڪئي جا جولاءِ 1853ع کان جاري ٿي.

انهيءَ سان گڏو گڏ سنڌي زبان ۾ نثر ۽ نظم جا ڪتاب پڻ تيار ڪرائڻ شروع ڪيا ويا. نوان ڪتاب لکيا ويا. ڪي انگريزي، پارسي يا اردو مان ترجمو ڪيا ويا. ڪي آڪاتيون ۽ نظم جي اڳ وارن مسودن جي صورت ۾ يا ماڻهن کي زباني ياد هيا، سي گڏ ڪري ڇپايا ويا.

سرڪار طرفان اهل قلم جي همت افزائي ۽ علم دوست حضرات کي نون ڪتابن لکڻ ۽ ترجمو ڪرڻ جو شوق ڏياريو ويو. هي نئون دور نثر جو دور ڪري لکيو وڃي ٿو.

1853ع کان 1875ع تائين اٽڪل 67 ڪتاب ڇپجي چڪا هئا.

1947ع ۾ ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ليکڪن، ناشرن ۽ پڙهندڙن جو چڱو چوکو تعداد ڀارت لڏي ويو. ادبي انجمنون ۽ منڊليون قئي ويون. انهيءَ لڏ پلاڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي ڇيهو رسايو ۽ علمي دنيا ۾ هڪ طرح مانار اچي وئي. ساڳئي وقت ڪراچيءَ جي مرڪز ۾ شامل ٿيڻ جي ڪري اُتي سنڌ کان ٻاهران خاص ڪري ڀارت کان لڏي ايندڙن جي

جهڙوڪر بوڌ اُٿلي پئي، جنهن پڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ تمدن کي نقصان پهچايو. هاڻ سنڌين اڳيان پنهنجي ٻوليءَ ۽ تمدن جي بچاءَ ۽ بقاءَ جو مسئلو هو. انهيءَ مسئلي سنڌي قوم جي ڏاهي ۽ پڙهيل طبقي کي نئين سر منظم ٿي ڪم ڪرڻ تي اُڀاريو. ادبي انجمنون وجود ۾ آيون ۽ ڇاپخانن ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

پاڪستان واري دور کي هيٺينءَ ريت ورهائي سگهجي ٿو:

**پهريون دور ورهاڱي کان ون يونٽ ٺهڻ** (1947-1955ع) تائين آهي، جنهن جا پهريان چار پنج ورهيه لڏ پلاڻ جي مسئلن کي نبيرڻ ۾ گذري ويا. پر پوءِ سنڌي دانشورن پاڻ سنڀالي ورتو ۽ نئين عزم سان ڪم ڪرڻ لڳا. 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ سرڪاري سهڪار سان وجود ۾ آيو، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي.

**ٻيو دور ون يونٽ** (1955-1970ع) وارو آهي. انهيءَ زماني ۾ سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻولي ڏاڍ ۽ ڏهر جو خاص نشانو بڻيا، ايتري تائين جو سنڌ جو نالو لکڻ به ڏوهه ٺهرايو ويو ۽ سنڌي ٻولي سنڌ وارن جي خانگي حياتيءَ تائين محدود ٿي وئي. انهيءَ حالت سنڌي ماڻهن ۾ هلچل پيدا ڪئي ۽ منجهن بغاوت جا اهڃاڻ ظاهر ٿيا. هنن پنهنجيون انجمنون ۽ تنظيمون ناهي پنهنجي ٻوليءَ ۽ تمدن کي بچائڻ جو اُدم ڪيو. انهن انجمنن ۾ سڀني کان اڳيري **سنڌي ادبي سنگت** هُئي، جنهن ٻوليءَ جي بچاءَ سان گڏو گڏ نئين ادب جي واڌاري جو ڪم پڻ ڪيو. اُنهيءَ دور ۾ وطن دوستي ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو وڌيڪ مضبوط ٿيو، جنهن لاءِ **'روح رهاڻ'** جهڙن رسالن جون خدمتون تاريخ ۾ سونهري لفظن ۾ لکڻ جوڳيون آهن. سنڌالاجيءَ جو ادارو پڻ انهيءَ دور جي پيداوار آهي.

## ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ (1970ع) وارو دور

پاڪستاني دور جو ٽيون مرحلو شروع ٿيو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي. انهيءَ دور جي خاص ڳالهه 1977ع واري مارشل لا آهي، جنهن نوان مسئلا کڙا ڪيا. هلندڙ دور **ٽيڪنالاجي** ۾ انقلاب جو دور آهي ۽ سنڌي ٻولي پڻ ان کان متاثر ٿي رهي آهي. **سنڌي ٻولي اختياري** پڻ ان ئي دور ۾ وجود ۾ آئي.

## مشق

سوال:1 'ٻولي' جي تعريف بيان ڪريو؟
سوال:2 'ڪلچر' ڇاکي چئبو آهي؟
سوال:3 'ڪلچر' جا مقصد بيان ڪريو؟
سوال:4 'سنڌي ٻولي' جي سماجي، تاريخي ۽ تمدني 'اهميت' تي روشني وجهو؟
سوال:5 سنڌي ٻوليءَ جي اُوسر ڪي ڪولي بيان ڪريو؟
سوال:6 سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ڪڏهن ۽ ڪيئن رائج ٿي؟

# يونٽ - 2

# ٻولي سکڻ جون مهارتون

ليکڪ
سيد شير شاهه بخاري

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف | 23 |
| مقصد | 23 |
| **1- 'ٻڌڻ' سکڻ جون مهارتون** | 24 |
| - ٻڌڻ ۽ سمجهڻ | 24 |
| - ٻولي سيکارڻ ۾ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جو ڪردار | 25 |
| - تدبيرون | 26 |
| **2- زباني ڪم** | 26 |
| - ڳالهائڻ جي مهارت حاصل ڪرڻ | 27 |
| - ڳالهائڻ جا مرحلا | 28 |
| - گفتگو سيکارڻ لاءِ اُپاءَ | 29 |
| **3- پڙهڻ** | 30 |
| **پڙهڻ سيکارڻ جا مرحلا** | 31 |
| حرف جي سڃاڻپ | 31 |
| عبارت خواني | 31 |
| **مطالعو** | 32 |
| (الف) بلند آواز سان پڙهڻ | 32 |
| (ب) خاموش مطالعو | 32 |
| - پڙهڻ ۾ پٺتي پوڻ جا سبب | 33 |

(الف) جسماني نقص 33
(ب) لساني ٻوليءَ جا عوامل 33
(ج) گهر ۽ اسڪول جو ماحول 34
- پڙهڻ سيکارڻ لاءِ ڪارائتا اُپاءَ 34

**4- لکڻ** 35
- لکڻ سيکارڻ جا مرحلا 36
(الف) ابجد نويسي 36
(ب) عبارت نويسي 37
(ج) خط و ڪتابت 38
- لکڻ سيکارڻ لاءِ مؤثر تدبيرون 38

**5- مشقي سوال ۽ سرگرميون** 39

# يونٽ جو تعارف

## تعارف

انساني زندگيءَ ۾ معاشرتي ڳانڍاپي ۽ سماجي جوڙجڪ ۾ اهميت جي اصلي ڪڙي **زبان** يا **ٻولي** آهي، جيڪا ان ڪي اشرف بہ بنائي ٿي ۽ احسن پڻ؛ ڇاڪاڻ تہ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ جيترو ڪردار زبان جو اهي اوترو ڪنهن ٻئي عنصر جو نہ آهي. درس وتدريس جي عمل ۾ بہ سکيا جو اهم ۽ ڪارائتو وسيلو **زبان** آهي. تنهن ڪري سکڻ سيکارڻ ۾ **زبان** يا **ٻولي** سکڻ تي گهڻو ڌيان ڏئي، سکندڙ کي ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪرائڻي آهي ڇاڪاڻ تہ آئينده واري زندگي ۽ ان ۾ ڪاميابيءَ يا ناڪاميءَ جو دارومدار ئي ان تي آهي.

ٻولي سکڻ جون چار مهارتون يعني **ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ** تعليم وٺندڙ لاءِ گهڻو اهم آهن. تنهن ڪري هن يونٽ ۾ انهن جي مرحليوار اپٽار ڪئي وئي **آهي** تہ جيئن زير تربيت استاد نہ فقط انهن جي اهميت ۽ افاديت کان آگاه ٿين پر مرحليوار سيکارڻ جي ڄاڻ پڻ حاصل ڪري وٺن.

جيئن تہ **ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ** واريون مهارتون، سکڻ وارو عمل پيدائش واريءَ گهڙي کان ئي شروع ٿي وڃي ٿو تنهن ڪري انهن ٻن مهارتن کي هڪ هنڌ رکيو ويو آهي البتہ **پڙهڻ ۽ لکڻ** جو مرحلو رسمي تعليم جي زمري ۾ اچي ٿو، ان ڪري اُهي بہ مهارتون هڪ هنڌ رکيون ويون آهن. هتي ذڪر ڪيل مهارتن سيکارڻ جا مقصد هيٺينءَ ريت آهن.

## يونٽ جا مقصد

هن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ زير تربيت استاد ان قابل ٿي پوندا جو هو:

1. ٻولي ۽ ان جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
2. ٻولي سکڻ جي مهارتن کي انهن جي اهميت جي روشنيءَ ۾ سيکاري سگهندا
3. ٻارن کي مختلف مهارتن لاءِ سرگرميون ڏئي سگهندا. ۽
4. ٻارن جي سکڻ واريءَ پرکي پروڙڻ لاءِ آزمائشون ترتيب ڏئي سگهندا.

# 1. 'ٻڌڻ' سکڻ جون مهارتون

## ٻڌڻ ۽ سمجهڻ

سمجهڻ يا تفهيم اڪيلو عمل نہ آهي. سمجهڻ جو لاڳاپو ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان آهي. جيستائين ڪو آواز ٻڌي، سمجهيو نٿو وڃي، ان وقت تائين ان کي ورجائي آواز وسيلي ادا ڪرڻ ممڪن نہ آهي. يعني ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ اهڙا عمل آهن جن سواءِ ٻولي سکڻ جو امڪان ئي نہ آهي. عام طور ٻولي سکڻ جون چار مهارتون شمار ڪيون وڃن ٿيون، جن مان **ٻڌڻ ۽ سمجهڻ** کي هڪ ڪري ڳڻيو وڃي ٿو. ٻئي نمبر تي **ڳالهائڻ**، ٽئين ۽ چوٿين نمبر تي **لکڻ ۽ پڙهڻ** کي رکيو ويو آهي. ڏٺو وڃي تہ هنن چئن مهارتن ۾ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ کي غير معمولي اهميت حاصل آهي پر ان جو سمورو دارو مدار سمجهڻ تي آهي. ان ڪري ٻڌڻ يا سمجهڻ کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري رکي نہ ٿو سگهجي.

## ٻڌڻ

جمڻ کانپوءِ ٻار جا جسماني عضوا پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. ٻار جيئن جيئن وڌندو رهي ٿو، سندس عضوا پڻ پنهنجي عمل ۾ باقاعدگي پيدا ڪندا رهن ٿا. ٻڌڻ واري سگهہ جنهن کي ٻين حواسن تي فوقيت حاصل آهي، ان جو ڪارڻ فقط اهو آهي جو جيستائين هو ٻڌڻ شروع نٿو ڪري ان وقت تائين هو ڪابہ ٻولي سکي نٿو سگهي. ٻار پنهنجي زندگيءَ جي پهرين چند مهينن ۾ ٻين جو ڳالهيون ٻڌندو آهي، پوءِ انهن تي ڌيان ڏئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندوآهي ۽ پنهنجي عضون جي چرپر سان انهن کي ورجائڻ ۽ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڇهن سٺن مهينن تائين ٻار ڳالهائي نہ سگهندو آهي پر سڏ ڪرڻ سان هٿ پير چوري، ڪلي جواب ضرور ڏيندوآهي. هن کي جهڙي حالت ۾ مخاطب ٿبو تہ جواب بہ ساڳئي نموني جو ئي ملندو، مثال طور ڪاوڙ ۾ سڏ ڪربوس تہ موٽ ۾ رنج جو اظهار ڪندو، اگر کلندي ڳالهائبو تہ سندس موٽ بہ مسڪراهٽ ۾ ئي هوندي يعني ٻڌڻ جي عضون کي ڪنب آڻڻ کان پوءِ ڳالهين کي سمجهي مطلب ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پوءِ جيئن وڏو ٿيندو ويندو ۽ ڳالهائڻ وارن عضون تي ضابطو حاصل

ڪري ويندو ته، ٻڌل ڳالهين جو نقل به ڪري وٺندو. مطلب ته ٻولي سکڻ جي شروعات ٻڌڻ جي مهارت سان ئي ٿئي ٿي.

### سمجهڻ

ڏيان سان ٻڌڻ ۽ ان جو مطلب ڄاڻي وٺڻ، سمجهڻ جو پهريون مرحلو آهي. ڪنهن به ٻڌل تقرير يا ڳالهه جي پروڙ ڪري انهن لفظن کي بامعنيٰ طور استعمال ڪري سگهجي ته اهو سمجهڻ جو متاهون درجو آهي. ٻڌڻ واري مهارت لاءِ آواز پروڙڻ کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. آواز پروڙڻ واري مهارت هڪ جامع شيءِ آهي. ٻار جڏهن ٻڌڻ شروع ڪري ٿو ته ٻڌڻ واري مهارت ۾ آهستي آهستي واڌارو اچي ٿو. اول ٻار تاثرات اخذ ڪري ٿو، ان بعد مفرد لفظن کي سمجهي ٿو. ٻار جي جنهن وقت رسمي تعليم شروع ٿئي ٿي ان وقت هو سادن فقرن کان مرڪب فقرن سمجهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ وقت گذرڻ سان ٻڌل ڳالهين مان مطلب ڪڍي وٺي ٿو. مطلب ته ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جو هڪ ٻئي سان نه ٽٽڻ وارو رشتو آهي.

## ٻولي سيکارڻ ۾ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جو ڪردار

ٻوليءَ سيکارڻ مهل استاد خود نموني طور فقرو پڙهي يا ٽيپ رڪارڊ وسيلي ٻولي جو عمدو نمونو پيش ڪري سگهي ٿو. هو گرامر جي لحاظ کان فقرن ۽ مرڪبن جو تجزيو ڪري سگهي ٿو. مگر شاگرد انهن سموري ٻوليءَ جي صحيح عادتن کي تيستائين اختيار ڪري نٿو سگهي جيستائين هو ٻوليءَ جي انهن نمونن کي چڱيءَ ريت ٻڌي انهن جو مفهوم اخذ ڪري وٺڻ جي قابل بنجي پوي. غلط عادتن ۾ سڀ کان اول بي ڌيانيءَ سان ٻڌڻ ۽ غلط مطلب ڪڍڻ آهي. ڌيان سان ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ ذهانت کي به وڏو دخل آهي. اهو به ممڪن آهي ته ٻار ڪوشش جي باوجود ٻڌي ڳالهه جو مطلب نه ڪڍي سگهي يا جيئن جو تيئن اهو دماغ ۾ ويهاري نه سگهي. ڪڏهن هيئن به ٿيندو آهي ته اهو استاد جي چيل ڳالهه ته ٻڌندو آهي پر ان ۾ استعمال ڪيل لفظن جو مطلب سمجهي نه سگهندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ استاد کان پڇڻ يا لغت استعمال ڪرڻ سان ٻوليءَ سکڻ وارو عمل پروان چڙهندو رهندو آهي. ٻيءَ صورت ۾ يعني جيڪي هن کي سمجهه ۾ آيو ان کي قائم رکيائين ته ٻولي درست انداز ۾ نه سکي سگهندو.

سمجهڻ لاءِ اهو پڻ ضروري آهي ته شاگرد ٻڌل ڳالهين ۾ضروري ۽ غير ضروري

# 2. زباني ڪم

حضرت انسان کي الله تعاليٰ جي بابرڪت ذات قوت گويائي ۽ اظهار توڙي بيان جي ذات ڏني، ٻين سمورن ساه وارن کان مٿاهون درجو ڏنو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڳالهائڻ کي ٻوليءَ جي جاڻ جو معراج تصور ڪيو ويندو آهي. ڏسڻ ۽ ٻڌڻ سان انسان جيڪو حاصل ڪري ٿو ان جي اظهار جو مڪمل ۽ بهترين وسيلو ڳالهائڻ آهي. ڳالهائڻ سان خيالن جي اظهار جو موقعو ملي ٿو نه فقط ايترو، پر خيالن جي ترتيب پڻ ٺهي ٿي.

ٻوليءَ جي اوسر لاءِ خيالن جي ڏي وٺ بهترين ذريعو آهي. اهڙي ريت اصلاح لاءِ وري ان جو اظهار بيحد ضروري آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڳالهائي نٿو ته ان جون غلطيون ظاهر نه ٿينديون. جيڪڏهن غلطي ظاهر نه ٿي ته پوءِ ان جو اصلاح ڪيئن ٿيندو؟ ڪلاس ۾ ٻار جيڪڏهن سوال ئي نه ڪندو يا بلند خواني نه ڪندو يعني ڏاڍيان نه پڙهندو ته نه ان جي غلطيءَ جي خبر پوندي ۽ نه ئي وري اُن جي درستي ٿي سگهندي.

ٻولي ٿورن لفظن جي ادائگيءَ تي قدرت حاصل ڪرڻ جو نالو نه آهي، پر ٻوليءَ سيکارڻ جو مکيه مقصد ٻار کي ان لائق بنائڻ آهي جيئن هو پنهنجي خيالن جو اظهار اثرائتي نموني آسانيءَ، صحت ۽ روانيءَ سان ڪري سگهي. خيالن جو ڪارائتي نموني اظهار انساني سماجي ڳانڍاپن لاءِ بيحد ضروري آهي ۽ انسان جي شخصيت جو نهايت اهم جز آهي. درست تقريري صلاحيت جو مناسب استعمال انسان کي شائسته ۽ مهذب بنائي ڇڏي ٿو. پر ان جي ابتڙ ٻوليءَ جو غلط استعمال انسان کي غير مهذب ۽ غير شائسته ماڻهن جي قطار ۾آڻيو بيهاري. مٿين ڳالهين کان سواءِ ڳالهائڻ جي مهارت ان ڪري به ضروري آهي جو انسان پنهنجي دل جو حال ٻين سان ونڊي ڏکن جو بار هلڪو ڪري سگهي ٿو يا وري پنهنجي خوشي ظاهر ڪري خوشي ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو.

## ڳالهائڻ جي مهارت حاصل ڪرڻ

آوازن کي با معنيٰ لفظن جي صورت ڏيڻ ۽ ان عمل کي مڪمل ڪرڻ ۾ ڳالهائڻ جا ڪيترائي عضوا ڪنب اچن ٿا. اهڙن عضون ۾ زبان يا جيڀ، چَپَ، زبان جي پيچڙي ۾ چوٽي، تارون، ڪاڪڙو، نڙگهٽ، نڪ، ٻئي ڄاڙيون ۽ ڦڦڙ شامل آهن. ڦڦڙن کان اچڻ واري هوا جو هڪ خاص مقدار آوازي عضون کي چيڙي انهن ۾ جنبش پيدا ڪري ٿو، جنهن جي ابتدائي صورت گونج جي روپ ۾ هوندي آهي. ان ڪانپوءِ لاشعوري طور ٻين آوازي عضون

جي استعمال سان انهن آوازن کي بامعنيٰ حرفن يا ڳالهائڻ جي روپ ۾ آندو وڃي ٿو، يعني ڳالهائڻ جي درست مهارت جو دارومدار انهن عضون جي صحت ۽ هم آهنگيءَ تي آهي. جيڪڏهن انهن آوازي عضون ۾ ڪو هڪ به ناقص آهي ته، آواز به ناقص پيدا ٿيندا ۽ درست عادتن جي کوٽ ۽ مناسب مشق نه ملڻ ڪري انهن عضون جي ڪم ۾ هڪ جهڙائي پيدا نه ٿي، ته به لفظ درست ادا ٿي نه سگهندا.

ڳالهائڻ جي عمل تي رسائي هڪ سال جي ڄمار کان شروع ٿئي ٿي. نفسيات جي ماهرن موجب ٻار جيترو ذهين هوندو اوترو ئي جلد ڳالهائڻ شروع ڪندو. هن مهارت جي حاصل ڪرڻ ۾ گهر، ڀاتين جي تعداد ۽ خاص ڪري ٻارن جي موجودگي جو گهڻو اثر پوي ٿو. ٻار ماءُ کي ڳالهائيندي ڏسي ٿو ته آهستي آهستي ان جي آواز کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ان جو نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان کانپوءِ آوازن ۽ شين جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي تي سوچي پنهنجي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو آڻي ٿو ۽ پوءِ عملي طور تي انهن کي ڪتب آڻي ٿو. اهڙيءَ ريت اسڪول ۾ اچڻ وارو ٻار پنهنجي گهريلو پس منظر موجب خيالن جي اظهار لاءِ چڱو خاصو لفظن جو ذخيرو ساڻ ڪٺي اچي ٿو. ڏٺو ويو آهي ته شاگرد جون اهي ڳالهائڻ واريون عادتون اڻپوريون ٿين ٿيون. هڪ ته هن جي آوازن تي سندس گهريلو ماحول مطابق مقامي رنگ چڙهيل هوندو آهي ۽ ٻيو ته لفظن جي استعمال جو شڪار ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. هن قسم جي ٻارن جي اصلاح ۽ بحاليءَ لاءِ ضروري آهي ته ، استاد پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪندي هن سان شفقت سان پيش اچي ۽ آهستي آهستي هن کي اهڙن لفظن جي صحيح مشق ڪرائي جن جي درست اُچارڻ ۾ ڪيس ڏکيائي ٿيندي هجي. ٻاتن ۽ هيڪندڙ ٻارن جا آواز ٽيپ ڪرائي، کين ٻڌائڻ ۽ آرسي جي آڏو بيهاري ڳالهائڻ جا موقعا فراهم ڪري. هن قسم جون مشغوليون بهتر نتيجا اخذ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون. هن قسم جي مشقن دوران ٻار پنهنجو وات ۽ منهن چپو ٿيندي ڏسندا ته اصلاح جي ڪوشش ڪندا آهن. ٿي سگهي ٿو ته هن قسم جون مشقون ٻارن جون خاميون دور ڪرڻ ۾ کين مددگار ثابت ٿين.

## ڳالهائڻ جا مرحلا

ڳالهائڻ جا هيٺيان ٽي مرحلا آهن:

(الف) عام ڳالهه ٻولهه

(ب) محتاط گفتگو

(ج) فصيح ۽ بليغ گفتگو

**(الف) عام ڳالهہ ٻولهہ**

عام ڳالهہ ٻولهہ ٻوليءَ ۾ شروعاتي ۽ غير محتاط مرحلو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن قسم جي گفتگو بي تڪلف ماڻهن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. ان ڪري ڪنهن خاص موضوع يا ڳالهہ تي زياده زور نہ هوندو آهي. گفتگو ۾ روزمره ڪتب ايندڙ لفظ ڳالهايا ويندا آهن ۽ جيترو ربط ۽ تسلسل جو خيال رکيو ويندو، اوترو ئي ٻولي پُراثر ٿيندي آهي.

**(ب) محتاط گفتگو**

ٻيو مرحلو محتاط گفتگو جو آهي، جنهن جي سطح پهرين مرحلي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ علمي هوندي آهي. هن ۾ ٻولي، بيان جي صحت ۽ اظهار جي مڙني خوبين ڪي خيال ۾ رکبو آهي. هن قسم جي گفتگو علمي شخصيتن ۽ اجنبي انسانن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. ان ڪري هر شخص ڪوشش ڪندو آهي تہ هو پنهنجو بهتر تاثر قائم ڪري.

**(ج) فصيح ۽ بليغ گفتگو**

گفتگو جو ٽيون ۽ اهم درجو سيني ۾ اهم ۽ مٿاهين درجي وارو آهي. هن درجي ۾ خيالن جي ربط ۽ زبان خواهہ بيان جي سونهن جو تمام گهڻو خيال رکڻو پوندو آهي. هن درجي واري گفتگو ۾ هي خيال بہ رکڻو پوندو آهي تہ، تقرير يا مضمون جومواد مٿاهون ۽ موضوع سان مطابقت رکندڙ يا نهڪي ايندڙ هجي. ٻولي درست استعمال ڪئي وڃي. فقرن جي جوڙجڪ ۽ تلفظ درست هجڻ ۽ لب ۽ لهجو صحيح هجن. وسطاني يا وچ وارن درجن جا ٻار سيکڙات هوندا آهن تنهن ڪري انهن مان مٿاهين درجي جي ٻوليءَ يا ادبي ڳالهہ ٻولهہ يا تقرير جي اميد نہ رکجي. ان هوندي بہ ڏار ڏار ادبي سرگرمين وسيلي فصيح ۽ بليغ ٻوليءَ جي تربيت جوآغاز ڪري سگهجي ٿو. جيڪو بيحد ضروري آهي.

## گفتگو سيکارڻ لاءِ اُپاءَ

(1) گهر ۾ عام ٻارن ڪي ٻوليءَ جا سٺا نمونا ميسر نٿا ٿين ۽ هڪ ڪلاس ۾ ڌار ڌار سماجي پس منظر وارن شاگردن جو گڏجڻ، ٻوليءَ تي خراب اثر وجهي ٿو. ان ڪري ضروري آهي تہ، استاد ڪلاس ۾ پاڻ اهڙو ڳالهائڻ جو نمونو پيش ڪري جو ٻار اُن ڪي

اهميت جي اعتبار کان ٻولي سکڻ جي مهارت جو اندازو لڳائڻ لاءِ هيءَ مثال ئي ڪافي آهي تہ نبي آخر زمان حضرت محمد صلي الله عليہ وآله وسلم جن تي پهرين وحيءَ جو پهريون لفظ "اقرا" يعني "پڙهہ" آهي. مطلب تہ سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل جي ابتدا ئي پڙهڻ جي عملَ سان ٿي آهي. اهو ممڪن نہ آهي تہ ڪنهن انسان کي پڙهڻ اچي ئي نہ پوءِ بہ پنهنجو پڙهڻ جو عمل جاري رکي. يعني پڙهڻ اهڙي مهارت آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ بغير تعليم جو تصور بہ ڪري نٿو سگهجي. جنهن انسان کي پڙهڻ نٿو اچي اهو تحريري شڪل ۾ محفوظ ڪيل ثقافتي ورثي مان لاڀ نٿو پائي سگهي ۽ نہ ئي وري پنهنجا نظريا آسانيءَ سان محفوظ ڪري سگهي ٿو. انساني فڪر ۽ رواداري پيدا ڪرڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي مدد پڙهڻ مان ئي ملي ٿي.

## پڙهڻ سکڻ جا مرحلا

پڙهڻ سکڻ لاءِ ٽن درجن مان گذرڻو پوي ٿو، جن جي وچور هن ريت آهي:

### حرفن جي سڃاڻپ

اها پڙهڻ جي ابتدائي صورت آهي. هن ۾ سکندڙ کي پهريائين الف- ب جي حرفن جي ڌارَ ڌار ۽ گڏيل صورتن جي سڃاڻپ ڪرڻي پوي ٿي. حرف شناسيءَ کان پوءِ حرفن جي ادائگي جو مرحلو اچي ٿو. استاد شروعات ۾ ٻارن کي حرفن جا آواز ۽ انهن جا مخرج يا اُچار سمجهائيندو آهي. شروعات ۾ ٻار هم آواز مفرد لفظ پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ آهستي آهستي سادا فقرا پوءِ ٿورا وڏا ۽ مشڪل فقرا پڙهڻ جي قابل بڻجي ويندو آهي. حرفن جي شڪلين ۽ آوازن کان واقف ٿيڻ بعد لفظن جي حرڪتن ۽ حرفن جي حرف علت وارن مجهول ۽ مقرونن ۾ اعرابن يعني زبر، زير ۽ پيش، شد، مَدَ ۽ جزم وغيره جي ڄاڻ ڏيڻ بہ ضروري آهي.

### عبارت خواني

عبارت خواني لاءِ ٻن قسمن جي اوصاف جي تربيت ضروري هوندي آهي. هڪ تہ اهڙي طريقي سان پڙهيو وڃي جو هڪ پاسي ٻار ان جي مفهوم کي سمجهي پيو جيڪي پڙهي اُن کي سڃاڻي سگهي ۽ ان جو مطلب حاصل ڪرڻ کانپوءِ گهربل اثر بہ قبول ڪري. اهڙيءَ طرح پڙهندڙ جي لفظن جي صحيح اچارڻ، لهجي ۽ ادائگي تي بہ ڌيان ڏبو آهي. هن

مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ آواز جي هيٺ مٿاهين، درست اُچار، بيهڪ جي نشانين ۽ بيان جي انداز ۽ مفهوم جي وضاحت جهڙي خوبين جي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هن سلسلي ۾ ان حد تائين سکيا ڏني ويندي آهي ته جيئن ٻار عبارت مقرر معيار مطابق پڙهي سگهي.

## مطالعو (پڙهڻ)

مطالعي يا پڙهڻ جا ٻه قسم آهن:

(الف) بلند آواز سان پڙهڻ (ب) دل ۾ پڙهڻ يا خاموش مطالعو ڪرڻ.

### (الف) بلند آواز سان پڙهڻ

بلند آواز سان پڙهڻ ۾ تلفظ، لب و لهجي، رواني،لاهين چاڙهين، بيهڪ جي نشانين ۽ ادائگي وغيره يعني درست نموني پڙهڻ جي سمورن لوازمات کي سامهون رکڻوپوندو آهي. هن قسم جي پڙهڻ جو مقصد صحيح نموني پڙهڻ ۽ مطلب سمجهڻ ئي هوندو آهي. هن ۾ اکيون ۽ ڳالهائڻ جا عضوا ٻئي استعمال ٿيندا آهن. اکين جي وسيلي پڙهڻ وارو لفظن کي سڃاڻندو آهي ۽ انهن جون حرڪتون (زير، زبر) وغيره ڏسي لفظ مقرر ڪندو آهي. پڙهڻ وقت اهو ممڪن نه آهي ته اکيون لڳاتار لفظن سان گڏ و گڏ گهمنديون رهن، پر نظر اڳتي پوئتي ٿيندي رهندي آهي. پڙهڻ وقت نظر جو پوئتي هٽڻ خراب عادت آهي ان سان رواني ۽ سمجهڻ ۾ رنڊڪ پيدا ٿئي ٿي. وڏي آواز سان پڙهڻ ڪري پڙهڻ جي تربيت سان گڏ مشق به ٿئي ٿي ۽ لفظن جي ذخيره ۾ به واڌارو ٿئي ٿو. ٻار جو فطري حجاب ختم ٿيڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ ٻوليءَ تي قدرت حاصل اچي ٿي. ڏاڍيان پڙهڻ سان استاد جملن جي جوڙجڪ ۽ گرامر جي جاڻ ڏيڻ ۾ سولائي محسوس ڪري ٿو. ان کان سواءِ اچار ۽ ادائگيءَ جي اصلاح ۾ پڻ مدد ملي ٿي.

### (ب) دل ۾ پڙهڻ يا خاموش مطالعو (خاموش خواني)

وڏي آواز سان پڙهڻ خاموش خواني جو ذريعو بڻجي ٿو. ابتدائي ڪلاسن ۾ مقرون شين بابت نسبتاً وڌيڪ پڙهايو ويندو آهي. ان ڪري ڪتابن ۾ مواد اهڙي قسم جو ڏنو ويندو آهي جيڪو پسگردائي واري ماحول، حالتن ۽ روز مره جي تجربن تي مشتمل هجي. اهڙيءَ ريت سندس اوسر جي رفتار سان گڏ پڙهڻ واري مواد ۾ پڻ مجرد لفظن کي متعارف

ڪرايو ويندو آهي ۽ مجرد تصورات بہ ڏنا آهن. ٻار جڏهن اهڙن تصورن کي سمجهڻ جي قابل ٿي ويندو آهي تہ ان کي خاموش مطالعي ڏانهن ڌيان ڏيارايو آهي. خاموش مطالعو ڪنهن بہ تحرير کي خاموشيءَ سان پڙهڻ ۽ اُن جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. پڙهندڙ کي وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ئي خاموش خوانيءَ جو خاص مقصد هوندو آهي. هن قسم جي مطالعي مان نصابي مواد کي پڙهڻ سان گڏو گڏ پڙهڻ ۾ مهارت پڻ حاصل ٿي وڃي ٿي. خاموش مطالعي مان ٻار کي ڌيان سان پڙهڻ جي عادت پوي ٿي ۽ نئين ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان سواءِ نظم توڙي نثر مان لطف اندوز ٿيڻ جا موقعا پڻ ميسر اچن ٿا.

## پڙهڻ ۾ پٺتي پوڻ جا سبب

ٻولي جي سکيا واري سلسلي ۾ سمورا شاگرد هڪ جهڙو فائدو حاصل ڪري نہ سگهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انفرادي اختلاف اُن ڏس ۾ آڏو ايندا رهندا آهن. ٻار پنهنجي جسماني ۽ سماجي سهوليتن جي لحاظ سان هڪ ٻئي کان ڌار ڌار هوندا آهن. ان ڪري ٻوليءَ سکڻ جي رفتار بہ هڪ جهڙي نہ هوندي آهي. سندن پڙهڻ جي رفتار، ادائگي ۽ تلفظ ۾ فرق ٿيندو آهي. ٿورا ٻار پڙهڻ جي مهارت نهايت جلدي حاصل ڪريو وٺن ۽ بهترين پڙهڻ سان گڏو گڏ رفتار کي مناسب حد تائين وڌايو وڃن. مگر ڪي ٻار نہ جلدي پڙهڻ سکي وٺندا آهن نہ سندس رفتار ۾ ئي ڪو خاص واڌارو ٿي سگهندو آهي. هتي اسان انهن سببن جو ذڪر ڪنداسون جيڪي پڙهڻ سکڻ ۾ رنڊڪ بڻجندا آهن:

### (الف) جسماني نقص

ڏٺو ويو آهي تہ ڪن ٻارن کي جسماني عضون ۾ ڪونہ ڪو نقص ٿيندو آهي، جيڪو سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح پڙهڻ واري عمل ۾ رنڊڪ جو سبب بڻبو آهي. اهڙن نقصن ۾ نظر جي گهٽتائي، گهٽ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي عضون ۾ خرابي شامل آهي. ذهانت جي گهٽتائي ۽ دماغي مرض بہ پڙهڻ جي مهارت سکڻ تي اثر انداز ٿين ٿا.

### (ب) لساني ٻوليءَ جا عوامل

عام طور تي ٻارن کي هڪ کان وڌيڪ ٻوليون سکڻيون پون ٿيون. جيئن تہ ٻولين جا لهجا ۽ مخرج ڌار ڌار ٿيندا آهن تنهن ڪري هڪڙي زبان تي هريل ٻار ٻئي زبان جي لفظن کي

ادا ڪندي پُلجي پوندو آهي. اسان وٽ نصاب ۾ ٻار کي ٽي چار ٻوليون پڙهڻيون پون ٿيون. مثلاً پرڳڻي جي ٻولي، قومي ٻولي، انگريزي ٻولي ۽ عربي ٻولي وغيره. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو سمورين ٻولين ۾ لساني عادتون گڏجيو پون. جڏهن تہ ڪٿي ڪٿي ٻار جي مادري ٻولي ڪا ٻي هوندي آهي. مثلاً پنجابي ڳالهائيندڙ ٻار جڏهن اردو پڙهڻ شروع ڪري تہ ان تي پنجابي لهجو غالب ٿي ويندو آهي يا سنڌي ٻار انگريزي پڙهندو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي غلبي سبب انگريزي سنڌي لهجي ۾ پڙهندو آهي. اهڙيءَ ريت ادائگيءَ ۽ لهجي ۾ وڏو فرق ٿيو پوي.

### (ج) گهر ۽ اسڪول جو ماحول

گهرو ماحول جتي ٻار جي مجموعي تدريسي پرگروام کي متاثر ڪندو آهي اتي ٻوليءَ جي سکيا بہ ان جي اثر کان بچي نٿي سگهي. آسودن ۽ پڙهيل گهراڻن ۾ ٻار کي جيترا وسيلا ميسر ٿين ٿا اُهي پڙهڻ سکڻ ۾ ٻار جي گهڻي مدد ڪن ٿا. مثال طور گهر ۾ ڳالهہ ٻولهہ دوران استعمال ٿيندڙ ٻولي، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٻيا اليڪٽرانڪ ميڊيا وارا وسيلا ٻوليءَ جي سکڻ ۾ جيڪا مدد ڪن ٿا. اهڙن ٻارن کي جيڪي مطالعي لاءِ اخبارون، رسالا يا ڪتاب ميسر ٿين ٿا پر غريب گهراڻن جي ٻارن کي اهڙا موقعا مهيا نٿا ٿين. تنهن ڪري اهڙا شاگرد گهڻو ڪري ٻوليءَ سکڻ جي ڏس ۾ پٺتي رهجي ويندا آهن. ساڳيءَ ريت اسڪول جو ماحول ۽ استادن جي معياري يا غير معياري پڙهائڻ جي طريقن جو استعمال پڻ پڙهڻ جي مهارت کي گهڻو متاثر ڪري ٿو.

### پڙهڻ سيکارڻ لاءِ ڪارائتا اُپاءَ

هتي اهڙن اپائن جي اپٽار ڪنداسون جيڪي پڙهڻ جي مهارت سيکارڻ ۾ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا:

(1) خود استاد پڙهڻ جو آدرشي انداز اختيار ڪندي ٻارن کي پڙهڻ سيکاري. سندس توجهہ جو مرڪز پڙهڻ جا اصول ۽ قاعدا هئڻ گهرجن نہ عبارتون ياد ڪرائڻ.

(2) هڪ ئي وقت ۾ صرف هڪ ٻولي پڙهڻ سيکارجي.

(3) ٻارن لاءِ ڪتابن جي انتخاب وقت، انهن جي عمر، دلچسپين ۽ ذهني معيار کي ضرور نظر ۾ رکيو وڃي.

(4) ٻارن کي پڙهڻ جي مشق ڪرائڻ خاطر عبارت خوانيءَ جا مقابلا ڪرايا وڃن.

(5) ڪلاس ۾ سمورن ٻارن کي واري واري سان پڙهڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي. استاد سندن غلطين تي ناراض ٿيڻ بجاءِ پيار سان درستيون ڪري.
(6) پڙهڻ ۾ سولائي پيدا ڪرڻ لاءِ ٻارن کي لغت جي استعمال جو طريقو سيکاريو وڃي. استاد پنهنجي نگرانيءِ هيٺ مطالعو ڪرائي اهڙا لفظ جيڪي ٻارن لاءِ نوان هجن انهن جي معنيٰ لغت مان تلاش ڪرڻ ۽ معنيٰ سمجهڻ لاءِ همت افزائي ڪندي ٻارن جي مدد ۽ رهنمائي ڪري.
7. جنهن عبارت يا ڪتاب جو مطالعو ڪرايو وڃي، اُن جو تتُ لکڻ لاءِ چيو وڃي ۽ اهو ڪلاس ۾ پڙهايو وڃي.

# 4. لکڻ

اندر جي اظهار جو ٻهريون وسيلو ڳالهه ٻولهه آهي جڏهن ته ٻيو ۽ وڏيڪ سگهارو وسيلو **تحرير يا لکڻ** آهي. پنهنجي يا ڪنهن ٻئي شخص جي خيالن جو علامتن (حرفن ۽ لفظن) جي روپ ۾ اظهار کي ٻوليءَ جي اصطلاح ۾ **'لکڻ'** چئبو آهي. لکڻ جي مهارت جو حصول، سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته ان ڪانسواءِ پنهنجي خيالن کي ڪنهن دائري ۾آڻي محفوظ ڪرڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي. علم ۾ **لکڻ** جي مهارت ايتري ته اهم آهي جو الله تعاليٰ ڪلام مجيد فرقان حميد ۾ جهڙي ريت علم جي فضيلت بيان ڪئي آهي ساڳئي ريت **قلم** جو ذڪر به وڏي تعظيم سان ڪيو آهي. جيڪو انسان لکڻ جون صلاحيتون نٿو ماڻي سگهي ته هو تحرير جي فن ۾ به اسري نه سگهندو. خط و ڪتابت کان وٺي تصنيف و تاليف تائين ڪيترائي ڪم آهن جيڪي لکڻ جي مهارت سان لاڳاپيل آهن، مثلاً دين جي دعوت، تحصيل ۽ توسيع علم وغيره. لکڻ جي ذڪر ڪيل اهميت کي نظر ۾ رکي ٻوليءَ جي سکيا ۾ هن مهارت تي خاص توجهه ڏنو ويو آهي.

مختلف مهارتن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻار جي عمر جو هڪ حصو يا وقت مقرر هوندو آهي، جيڪو عام طور تي آمادگيءَ جو درجو سڏيو ويندو آهي. هي هڪ فطري عمل آهي ته ٻار جڏهن پڙهڻ لاءِ طبعي طور تي تيار ٿي ويندو آهي ۽ ڪنهن مهارت جي سکڻ واسطي واسطيدار عضون ۾ پختگي اچي ويندي آهي ته هو پاڻ مرادو اُن پاسي ڌيان ڏيڻ شروع ڪندو آهي. جڏهن پڙهڻ جهڙو ٿي ويندو آهي ته ڪتابن جا پنا اٿلائيندو ۽ ڪتاب وٺي ڏيڻ لاءِ چوندو آهي. لکڻ جي مهارت شروع ڪرڻ لاءِ به ٻانهن جي پٺن ۽ مشڪن تي ضابطي، هٿن ۽ نظر جي چر پر ۾ هڪجهڙائي ضروري آهي. جيستائين اها شيءِ پيدا نٿي ٿئي ان وقت تائين ٻار کي لکڻ سيکاري نٿو سگهجي. اسان وٽ ٻار اٽڪل پنجن ورهين

جي جمار ۾ باقاعده طور تي پڙهڻ ۽ لکڻ شروع ڪري ٿو. اصولي طور تي لکڻ سيکارڻ جي ابتدا آڏين، سڌين، پاسيرين ليڪن سان ڪئي ويندي آهي جيئن سندس گرفت لکڻ لاءِ ڪتب ايندڙ عضون تي مضبوط ٿئي.

## لکڻ سيکارڻ جا مرحلا/ ڏاڪا

پڙهڻ سيکارڻ وانگر **لکڻ** سيکارڻ جا بہ ٽي مرحلا آهن جن ۾ (الف) ابجدنويسي يا الف، ب لکڻ، (ب) عبارت نويسي، ۽ (ج) خط و ڪتابت يا انشاء نويسي.

### (الف) ابجد نويسي يا الف- ب لکڻ

لکڻ جي شروعاتي مرحلي تي الف - ب جي حرفن کي انهن جي اصلي صورت يعني منفرد صورت ۾ لکڻ سيکاريو ويندو آهي. ان کان پوءِ انهن جي ترڪيبي صورتن جي جاڻ پيدا ڪري لکڻ سيکاريو ويندو آهي. حرفن کي هڪ ٻئي سان ملائڻ لاءِ ترڪيب سان ناهڻ جو طريقو سيکارڻ سان مرڪب لفظن ۾ سڀ حرف پنهنجي اصلي شڪل وڃائي ڇڏيندا آهن. اهو الف - ب لکڻ سکڻ جو شروعاتي درجو آهي. هيءَ مهارت ٻن طريقن يعني تحليلي ۽ ترڪيبي طريقن سان سيکاري ويندي آهي. ترڪيبي طريقن ۾ **روايتي مشرقي طريقو** ۽ مغربي طريقن مان **پيسٽالازي طريقو** ۽ **مانيسوري طريقو** شامل آهن. هنن طريقن مطابق ٻار کي اول الف- ب لکڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ حرفن کي ملائي پورا لفظ ۽ جملا لکايا ويندا آهن. ٻار اول جملا پڙهندو آهي ۽ پوءِ انهن جي لکڻ جي مشق ڪندو آهي. جڏهن جملا لکڻ سکي ويندو آهي تہ انهن کي تحليل ڪري الفاظ ۽ حرفن جون صورتون سيکاريون ونديون آهن. ترڪيبي طريق ۾ الف- ب جي حرفن لکڻ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. هن طريقي تي اعتراض آهي تہ هي ترڪيب شاگرد لاءِ بي معنيٰ ۽ دلچسپيءَ کان خالي هوندي آهي. تحليلي طريقي ۾ پورو جملو **ڏسو ۽ لکو** واري اصول تي لکبو ويندو آهي. هن طريقي جي خامي هيءَ آهي تہ، ٻار کي الف- ب لکڻ ئي نہ ايندي آهي تنهن ڪري هو پورا جملا لکڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو آهي. ان کان سواءِ حرفن جون بدليل صورتون ۽ آواز ٻار کي وڏيڪ پريشان ڪندا آهن. اُن ڪري مٿين ٻنهي طريقن جي ميلاپ سان هڪ **مخلوط** طريقي جو استعمال بيحد ڪارائتو آهي جنهن ۾ لکڻ سيکارڻ لاءِ اهڙن مرڪب لفظن سان ابتدا ڪجي جن ۾ حرفُ پنهنجي اصلي شڪل ۾ قائم هجي. هن ۾ ٻن آوازن وارا لفظ مثال طور ڪن- هٿ ۽ ٽن آوازن وارا لفظ مثلاً ادا، رات، درد وغيره شامل هجن. مٿين لفظ لکڻ کان پوءِ سکيا جي اصول **ڄاتل کان اڻ ڄاتل** ڏانهن،

**آسان کان مشڪل** ڏانهن ۽ **سادي کان پيچيده** واري اصول مطابق ٻار مرڪب لفظ ۽ جملا آسانيءَ سان لکڻ شروع ڪري ڏيندو آهي.

### (ب) عبارت نويسي

الف - ب لکڻ سيکارڻ کان پوءِ مسلسل ۽ مربوط جملا ۽ عبارتون لکڻ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. ليڪن اهو خيال رکبو آهي ته حرفن جي بناوت درست هجي ۽ جملو صحت سان لکيو ويو هجي. هن مشق جو هڪڙو مقصد لکڻ جي رفتار تيز ڪرڻ به هوندي آهي. عبارت جي سونهن ۽ تيز رفتاري تي ماهرن جو اختلاف آهي. ڪي ماڻهو موجوده دور جي تقاضائن کي نظر ۾ رکندي تيز رفتاريءَ سان عبارت لکڻ جي حق ۾ آهن ۽ خوش نويسي کي ٻئي درجي تي رکن ٿا. جيڪڏهن هن مهارت کي لکڻ وارين روزانو جي ضرورتن تائين محدود ڪري ڇڏجي ته ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهي پر ٻوليءَ جي سکيا واري جمالياتي پهلوءَ جو خاص خيال رکيو وڃي ته بهتر ٿيندو ڇاڪاڻ ته، "سنا اکر اڌ علم آهن." ٻار ابتدائي ڪلاسن ۾ گهڻو ڪري لکڻ سکي ويندو آهي. مڊل اسڪول سطح تي هن مهارت ۾ وڌيڪ پختائي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري رکندو آهي. هن مرحلي تي مشق وسيلي ٻار کي ان قابل بڻائجي جو هو جيڪي لکي ان کي ڏسڻ وارو پسند ڪري ۽ آسانيءَ سان پڙهي سگهجي.

### سٺي لکڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو خيال رکجي:

(1) لکڻ مهل صفائيءَ جو خاص خيال رکيو وڃي. ڪي ٻار ٻنيءَ/تختيءَ تي مَسُ جا ڌُٻا ڪري ڇڏين جنهن ڪري اکرن جي سونهن ڦٽيو وڃي. وري ڪن ٻارن ۾ هر هر اکر ڪٽي ٻيهر لکڻ يا اکرن مٿان ٻيهر قلم يا پينسل گهمائڻ جي عادت پئجيو وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ استاد کي گهرجي ته ذڪر ڪيل عادت ختم ڪرائي. هڪ عبارت فقط هڪ ئي قلم سان لکي وڃي ۽ ڪوشش ڪري مس به ساڳي ڪتب آڻجي. ان طرح لکڻ ۾ صفائي ۽ ڪشش پيدا ٿي سگهي ٿي.

(2) عبارت ۾ لفظن جي صورتخطي ۽ فقرن جي صحيح ترتيب تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن عبارت ۾ لفظن جي هجي درست نه هُجي ۽ صورتخطيءَ ۾ چڪون نظر اچن ته نه صرف مطلب سمجهه ۾ نه ايندو پر لکندڙ جي ڪم علمي پڻ ظاهر ٿيندي.

(3) عبارت نويسيءَ ۾ بيهڪ جي نشانين ۽ ادائگي جو ڌيان رکڻ ضروري آهي. عبارت جو مطلب سمجهڻ لاءِ نشانين کي سمجهڻ سواءِ فقري جو مطلب بدلجيو وڃي.

(4) ڏنگين ڦڏين ليڪن ۽ لفظن ۾ گهٽ وڌ فاصلي سبب لکيت جي سونهن ختم ٿيو وڃي. ان ڪري ڪوشش ڪري سنئون سڌيون، انهن جي وچ وارو فاصلو هڪ جيترو ۽ لفظ مناسب ۽ هڪ جيتري وٿيءَ سان لکيا وڃن.

(5) هڪ پاسي حاشيو ڇڏي ۽ عبارت کي مناسب فقرن ۾ ورڇي لکڻ سان اکرن جي سونهن وڌي ٿي جيڪا پرڪشش هئڻ سان گڏ پڙهندڙن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿئي ٿي.

## (ج) خط و ڪتابت (انشاء پردازي)

پنهنجي جذبن، احساسن، خيالن ۽ تصورن توڙي اندر جي آواز کي صحت ۽ درستيءَ سان تحريري صورت ۾ منتقل ڪرڻ کي 'تحريري انشاءَ' چيو وڃي ٿو. هن ۾ هر قسم جي خيال کي لکيت ۾ پيش ڪرڻ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. هن ۾ مضمون ۽ مقالہ نگاري، مراسلہ نگاري، شرح نگاري، تلخيص نگاري، افسانہ نگاري، مڪالمہ نويسي، سوانح نويسي، روزنامچہ نگاري، تمثيل نگاري شامل هوندا آهن. مڊل اسڪول سطح جي شاگردن کان ڪنهن متاهين درجي واري تحرير يا ادبي پارن جي توقع تہ نٿي رکي سگهجي البتہ اهو ضروري آهي تہ، استادن جي صحيح رهنمائي انهن کي مناسب حد تائين تيار ڪري سگهي ٿي. ٻارن جون امتحاني گهرجون بہ اهي ئي آهن تہ، هو پنهنجي خيالن کي ترتيب ڏئي ڪاغذ تي منتقل ڪرڻ ۾ پراعتماد بڻجي پون. ان سواءِ، جهڙي نموني پڙهڻ جي اهليت، علم جي عملي استعمال ۽ ان ۾ واڌارو آڻڻ لاءِ ضروري آهي، ساڳيءَ ريت هڪ جداگانہ انداز ۾ خيالن جو تحريري اظهار بہ علم حاصل ڪرڻ ۽ ٻين تائين رسائڻ لاءِ ضروري آهي.

## لکڻ سيکارڻ لاءِ مؤثر تدبيرون

(1) شروعاتي مرحلن وارن ٻارن لاءِ باقاعده لکڻ شروع ڪرائڻ کان اول آڏيون پاسيرون ليڪون ڪڍڻ، نعل نما، بيضوي، گول ۽ اڌ گول وغيره ٺهرائڻ جي مشق ڪرائي وڃي. لکيل اکرن مٿان خالي قلم گهمائڻ بہ ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو.

(2) آڱرين ۾ قلم جهلڻ جو صحيح طريقو، ڪاغذ، سليٽ يا پٽيءَ کي صحيح طريقي سان قابو ڪرڻ ۽ ويهڻ جي درست انداز کان ٻار کي واقف ڪرڻ ضروري آهي.

(3) لکڻ سيکارڻ ۾ عمودي ليڪون، اڀيون، پاسيريون، ساڄي کان کاٻي ۽ کاٻي کان ساڄي پاسي ڏانهن ليڪون، اڌ ۽ چوٿون گول ۽ بيضوي دائرن جي لحاظ سان گروه بندي ڪئي وڃي.

(4) حرف جي انفرادي ۽ گڏيل ساخت صحت سان قائم ڪرڻ لاءِ قط جو صحيح استعمال ٻڌايو وڃي. استاد کي سمجهائڻ گهرجي ته، ڌار ڌار حرفن لاءِ قط جا طرف، ترتيب ۽ تعداد مقرر ٿيل هوندو آهي.

(5) حرفن جي جوڙجڪ سيکارڻ کانپوءِ جلدي ۽ روان لکڻ جي مشق ڪرائي وڃي.

(6) صحيح صورت خطيءِ لکڻ لاءِ لفظن جون صحيح صورتون ٻارن کي ذهن نشين ڪرايون وڃن ۽ هم آواز حرف مثلاً ذ، ز، ظ ۽ ض وغيره جو درست مخرج ۽ ان جو صحيح اُچار چٽو ڪيو وڃي.

(7) اسڪول ۾ اهڙين سرگرمين جو بندوبست ڪيو وڃي جيڪي ٻار ۾ لکڻ جو شوق پيدا ڪن. مثلاً اسڪول جي اخبار، رسالو يا ٻئي قسم جون لکتيون چنابنتيءِ طور لکارايون وڃن يا لکتين جا بين الاسڪول مقابلا ڪرايا وڃن.

(8) ڪجهه لکارائڻ بعد ان جو اصلاح ضروري آهي. ٻي صورت ۾ شاگردن جون غلطيون، غلطيون ئي رهجي وينديون. موجوده حالتن ۾ ٻارن جي گهڻائي جيڪڏهن رڪاوٽ بڻجي ته، نموني طور ٿورن ٻارن جو اصلاح خود ڪري باقي هڪ ٻئي جي اصلاح جي تلقين ڪجي. جيڪا استاد جي نگرانيءِ ۾ ٿيڻ گهرجي.

## 5. مشقي سوال ۽ سرگرميون

1. ابتدائي ڪلاسن ۾ ٻوليءِ سيکارڻ جا مقصد ڪهڙا آهن؟
2. ٻوليءِ سيکارڻ ۾ ٻڌڻ آوازن سکڻ جي اهميت ڪهڙي آهي؟
3. ٻوليءِ جي سيکارڻ ۾ درست تلفظ ۽ لهجي مان ڪهڙو فائدو آهي؟
4. مشاهدي جي قوت ۽ تخيل جي تربيت خواه ترقيءِ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن؟
5. تقرير ۽ تحرير تي عبور حاصل ڪرڻ خاطر هڪ استاد کي ڪهڙيون سرگرميون ترتيب ڏيڻ گهرجن؟
6. مطالعي جا قسم ڪهڙا آهن؟ انهن جو ٻوليءِ جي مهارتن ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟
7. هيٺ ڏنل بيانن مان صحيح يا غلط بيانن جي سامهون ( ✓ ) نشان ڏيو:

(الف) مادري زبان ذار مضمون طور پڙهائڻ نہ گھرجي. ص - غ

(ب) ٻڌڻ کانسواءِ ڳالهائي سگهجي ٿو. ص - غ

(ج) درست ڳالهائڻ لاءِ سمجهڻ ضروري آهي. ص - غ

(د) سنن اکرن لکڻ لاءِ هٿن جي مضبوطي ضروري نہ آهي. ص - غ

(هہ) ڳالهائڻ جي تربيت اسڪول ۾ نہ پر گهر ۾ ئي شروع ڪئي وڃي ٿي. ص - غ

8. ٻوليءَ جي سکڻ ۾ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ واري صلاحيت جو ڪهڙو ڪردار آهي؟

9. ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صحيح عادت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن؟

**سرگرميون ترتيب ڏيو:**

10. ٻار ڳالهائڻ جي مهارت ڪهڙي ريت حاصل ڪري ٿو؟

11. ايليمينٽري اسڪول سطح تي شاگرد مان ڳالهائڻ جي ڪهڙين سرگرمين ڪرڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي؟ مثالن سان سمجهايو.

12. ڳالهائڻ جون خاميون جيڪي ايليمينٽري اسڪول سطح تي پيدا ٿي سگهن ٿيون، انهن ۾ ڪهڙيءَ ريت سڌارو آڻي سگهجي ٿو؟

13. ڳالهائڻ سيکارڻ جا مرحلا بيان ڪريو ۽ اُن ڏس ۾ ڪهڙيون سرگرميون ترتيب ڏئي سگهجن ٿيون؟

14. پڙهڻ سيکارڻ ۾ پنٽي پوڻ جا ڪارڻ بيان ڪريو.

15. پڙهڻ سيکارڻ لاءِ ڪهڙيون تدريسي شيون ڪتب آڻي سگهجن ٿيون؟ ڪن بہ ٻن جو ڪردار بيان ڪريو.

# يونٽ - 3

# ’پڙهڻ‘ سيکارڻ

ليک
دين محمد چنا

# فهرست


تعارف 45

**1. 'پڙهڻ' ڇا آهي؟** 46

- پڙهڻ ۾ مفهوم جي اهميت 47

**2. شروعاتي پڙهڻ سيکارڻ جا طريقا** 47

- تهجي طريقو 47

- ٻين گو (ڏسو ۽ چئو) طريقو 48

- جملن وارو طريقو 48

- مرڪب يا گڏيل طريقو 48

**3. 'پڙهڻ' جا نمونا** 49

(1) بلند آواز سان پڙهڻ 49

(2) خاموش خواني يا دل ۾ پڙهڻ 50

(3) سرسري پڙهڻ 51

(4) گهرو يا ڳوڙهو پڙهڻ 51

(5) وندر لاءِ پڙهڻ 52

**4. 'پڙهڻ' سيکارڻ جا طريقا** 52

(1) سمعي ۽ ناطقي طريقو 52

(2) مشاهدي وارو طريقو 53

(3) راند رچنا وارو طريقو 53

(4) مشغولين وارو طريقو 54

(5) تحليلي ۽ ترڪيبي طريقو 55

(6) آڪاٿين وارو طريقو 55

(7) منصوبي وارو طريقو 56

**5. پڑهڻ جا مسئلا** 57

لفظن جو ذخيرو 57

(الف) پڙهڻ پڙهڻ ۾ سست ٻارن جون مشڪلاتون ۽ انهن جو حل 58

سماجي خرابيون 59

تعليمي طريقا 59

اصلاحي تدريس 60

لغت جو استعمال 60

صحيح تلفظ ۽ درست لهجو 60

رواني 61

(ب) سٺي پڙهڻ جون خوبيون 61

# يونٽ جو تعارف

### تعارف

ٻولي هر ماڻهو لاءِ اظهار جو ذريعو هوندي آهي. اسين پنهنجن خيالن، نظرين ۽ ضرورتن وغيره جو اظهار زبان سان ئي ڪري سگهندا آهيون. ان لاءِ ضروري آهي ته اسان کي پنهنجي ٻوليءَ تي دسترس هئڻ گهرجي.

استاد تي فرض آهي ته ڪلاس روم جي اندر يا ٻاهر شاگردن کي مادري ٻولي جي ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جا وڌ ۾ وڌ موقعا ڏي ته جيئن اهي صحيح پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکن ۽ وڌ ۾ وڌ پاڻ ۾ اعتماد پيدا ڪري سگهن.

انهيءَ سلسلي ۾ تعليمي ادارن تي فرض آهي ته اهڙو سازگار ماحول پيدا ڪن ته جيئن ٻار پنهنجي خيالن جي اظهار کي آسانيءَ سان ۽ اثرائتي نموني بيان ڪري سگهن. انهي لاءِ صحت بخش مشغولين جي پڻ ضرورت هوندي آهي.

# پڙهڻ

## 1. 'پڙهڻ' ڇا آهي؟

اڳين يونٽن ۾ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جي مهارتن تي ڪجهه بحث ڪيو ويو آهي. هاڻي اسان پڙهڻ تي وضاحتي بيان ڪنداسين. ٻولي سکڻ جي مهارت **'پڙهڻ'** آهي. ڳالهائڻ کان پوءِ **پڙهڻ**، ٻولي جي ڄاڻ جو مکيه پهلو آهي. انهيءَ عمل ذريعي هر ڪنهن سمايل خيال جي لکيت کي سمجهي، دل ۾ ساڳئي بيان کي ورجائي سگهبو آهي. اڄ ڪلهه جي دنيا جو ڪاروبار هلڻ ئي قلم ۽ ڪاغذ تي ٿو.

**پڙهڻ** هڪ اهڙو وسيلو آهي جنهن جي اچڻ سان ئي انسان ۾ ڪتابن جي مطالعي جو شوق پيدا ٿئي ٿو.

جڏهن ٻار شروعات ۾ پڙهڻ سکندو آهي ۽ نئون لفظ هن جي آڏو اچي ويندو آهي جنهن کان هو واقف نه هوندو آهي ته بصارت جي مرڪز ۽ گفتار جي مرڪز ۾ اڳ ۾ ڪوبه تعلق پيدا ڪونه هوندو آهي. جڏهن استاد اهو لفظ پڙهندو ته آواز ٻار جي ڪن تي پوندو آهي ته پوءِ دماغي مرڪز وسيلي بصارت ۽ سماعت ۾ تعلق پيدا ٿي ويندو آهي. ان جو نتيجو هي نڪرندو آهي جو جڏهن ٻار ان لفظ کي ڏسندو آهي ته ان لفظ جو آواز به دماغ ۾ محسوس ڪندو آهي پوءِ ڀلي ان جو مطلب سمجهي يا نه سمجهي.

پڙهڻ مهل سٽ تي نظر وجهندي اک تيزي سان ڊوڙي ٿي. اها حرڪت مسلسل نه ٿيندي آهي پر اک کي ڪٿي ڪٿي بيهڻو پوندو آهي. ان وقفي جو مدار مضمون جي آسان يا مشڪل هئڻ تي هوندو آهي، ٻيو لفظن جي شناخت جي قوت تي. ان ڪري ضروري آهي ته پڙهڻ لاءِ فقط اکين جو استعمال ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته ٻار ابتدا ۾ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ ذريعي ٻولي سکي ٿو. ان لاءِ هن ڏاڪي تي بلند آواز سان پڙهڻ جي مشق ضروري آهي.

### پڙهڻ ۾ مفهوم جي اهميت

'مفهوم' جو مطلب آهي سمجهڻ. پڙهڻ وقت جيڪڏهن ڪو مطلب سمجهي نہ سگهيو تہ پوءِ پڙهڻ جو ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو پڙهڻ ۾ 'مفهوم' کي 'سبق جو روح' چيو ويجي ٿو.

سوچي سمجهي پڙهڻ سان جتي غور ۽ فڪر جي عادت پوي ٿي اتي خوداعتمادي جو جذبو بہ اُسري ٿو. سمجهي پڙهڻ سان هر مسئلي جي حقيقت تائين پهچي سگهي ٿو. ائين بہ هوندو آهي تہ ڪي ٿورا شاگرد فطري طور تي گهڻا ذهين هوندا آهن ۽ هر ڪنهن ڳالهہ کي پوري طرح سمجهي نہ سگهندا آهن. استاد کي جڏهن معلوم ٿئي، تہ اهڙي صورتحال ۾ دلچسپ ماحول تيار ڪري ۽ عدم دلچسپيءَ واري اسباب کي دور ڪري. مختلف مرحلن ۾ شاگردن کي پوري ريت حصو وٺرائي. جيڪڏهن حصو وٺندا تہ ان جو مفهوم بہ سمجهي ويندا.

**پڙهڻ** سيکارڻ جو وڏي ۾ وڏو مقصد اهوئي هوندو آهي تہ ٻار صحيح ۽ زباني ڳالهائي سگهن. پنهنجي خيال کي تقرير خواهہ تحرير وسيلي پوري طرح ظاهر ڪن. پڙهڻ وارا ٻار پنهنجي شوق ۽ ذوق جي تسڪين لاءِ نون ڪتابن ۽ رسالن جي تلاش ۾ هوندا آهن. استاد کي گهرجي تہ هو پڙهڻ جي سمورن قسمن جي نوعيت، فن ۽ طريقہ ڪار کان چڱي طرح واقف هجي ۽ تدريسي ضرورتن مطابق انهن کي استعمال ڪري.

مشاهدن ۽ تجربن مان ڏٺو ويو آهي تہ جيڪو ٻار چڱيءَ طرح ٻولي ڳالهائي سگهي ٿو ان جي پڙهڻ ۾ اهڙي ڏکيائي نٿي ٿئي.

### 2. شروعاتي پڙهڻ سيکارڻ جا طريقا

طريقہ تدريس دراصل استاد جو پيو نالو آهي. جيڪڏهن استاد هوشيار، سمجهدار ۽ سچائيءَ سان ڪم ڪرڻ وارو آهي تہ هر طريقہ تدريس سان نتيجا سٺا نڪري سگهن ٿا. مگر استاد سٺو نہ آهي تہ ڪهڙي بہ وسيلي تدريسي طريقي جي ڪاميابي جا امڪان تمام گهٽ نڪرندا. اسان وٽ پڙهڻ جا مروج طريقا هي آهن:

#### (1) تهجي طريقو:

هن طريقي موجب سالم لفظ جي حرف جو نالو وٺي ان جو تلفظ ڪڍيو ويندو آهي.

لفظ جي آواز ۽ ان آواز جي جزن جو مقرر صورتن ۾ تعلق پيدا ڪديو ويندو آهي. پوءِ آهستي آهستي ٻار حرف سکي ان مان لفظ بنائڻ جو طريقو سمجهي ويندو آهي. هن ۾ لفظن پڙهڻ جي قابليت پيدا ٿي ويندي آهي ۽ جملا پاڻ مرادو پاڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. هي طريقو ايترو تہ سادو آهيٰ جو هڪ ناتجربيڪار استاد بہ استعمال ڪري سگهي ٿو. هن طريقي ۾ سڀ کان وڏو فائدو هي آهي تہ پڙهڻ ۽ هجي ڪرڻ گڏوگڏ اچيو وڃن ٿا.

## (2) ڏين گو يعني ڏسو ۽ چئو (Look and Say Method):

هن ۾ لفظ هجي ڪري پڙهايا نہ ويندا آهن پر لفظ جي پوري صورت ڏيکاري، ان جو تلفظ سيکاريو وڃي ٿو. لفظ پڙهڻ وقت حرف بہ سيکاريا ويندا آهن.

## (3) جملن وارو طريقو:

هن طريقي ۾ ٽن يا چئن لفظن تي مشتمل بامعنيٰ جملو پيش ڪيو ويندو آهي جيڪو ٻار لاءِ دلچسپي جو باعث هوندو آهي. هي طريقو دراصل ڏين گو طريقي جي اصلاح شده صورت آهي. ڪتاب ۾ هڪ طرف تصويرون هونديون آهن ۽ ٻئي طرف جملا لکيل هوندا آهن. مثلاً: هي ڪَنَ آهن، هي هَٿَ آهن وغيره. اهڙن جملن ۾ صرف هڪ لفظ مقصود هوندو آهي باقي منديءِ پچاڙي وارو لفظ وري وري چوڻ لاءِ هوندو آهي جو ٻار کي وري وري ڏسڻ ڪري ازخود ذهن ۾ ويهي ويندو آهي. استاد هر جملو پهريائين پاڻ ادا ڪري پوءِ شاگردن جو توجهہ ڇڪائي **"ڏسو ۽ ڳالهايو"** جي اصول مطابق انهن کان بار بار اهو جملو چورائي ٿو. چارٽ يا ڪاغذ تي ساڳيو جملو ڏيکاري مختلف طريقن سان ٻار جملو سجائي خوشي محسوس ڪن ٿا ۽ گهڻو شوق ڏيکارين ٿا.

## (4) مرڪب يا گڏيل طريقو:

هي طريقو **تهجي** ۽ **ڏين وگو** طريقي کي ملائي ڪتب آندو آهي. هن طريقي موجب ابجدي حرف ڌار سيکارڻ بجاءِ اهڙن لفظن ۾ سيکاريا وڃن ٿا جنين صرف پنهنجي انفرادي ۽ اصلي حالت ۾ اچن ٿا.

## 3. 'پڙهڻ' جا نمونا (Types of Reading)

**'پڙهڻ'** هڪ لساني مهارت آهي جنهن ڪانسواءِ بولي سکڻ جي دعويٰ ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ڪو شخص بولي سمجهڻ ۾ ڳالهائڻ جي صلاحيت رکندو هجي پر پڙهي نہ سگهي تہ پوءِ ان پڙهيل ليکبو.

پڙهڻ جا ڪيترائي قسم آهن. بلند آواز پڙهڻ، خاموش يا دل ۾ پڙهڻ، سرسري پڙهڻ، گهرو يا ڳوڙهو پڙهڻ، وندر لاءِ پڙهڻ، وغيره.

### (1) بلند آواز سان پڙهڻ (Loud Reading):

'بلند آواز سان پڙهڻ' مان مراد آهي تہ ٻار ڪنهن بہ عبارت کي بلند آواز سان پڙهي ٻڌائي. بلند آواز پڙهڻ سان استاد ٻارن جي پڙهڻ جي خوبين ۽ خامين کان آگاهہ ٿئي ٿو ۽ انهن جي خامين جي اصلاح ڪري سگهي ٿو. بلند آواز سان پڙهڻ هڪ سٺي ڳالهہ آهي جنهن جي وسيلي ٻني کي بہ فائدو پهچائي سگهجي ٿو. ٻارن کي بہ بلند آواز سان پڙهڻ سيکارجي. ڪي شاگرد ٻڌڻ جي ذريعي ڪيتريون ڳالهيون سمجهي ۽ سکي ويندا آهن، انهي ڪري ڪلاس ۾ بلند آواز سان پڙهائي ڪرڻ بلڪل مفيد ثابت ٿئي ٿي.

**بلند آواز پڙهڻ وقت هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:**

(الف) پڙهڻ وقت آواز پورو پنو ڪڍجي نہ تمام ڏاڍيان نہ تمام آهستي.

(ب) لفظن جو تلفظ بلڪل درست هئڻ گهرجي. حرفن جو مخرج درست هجي.

(ج) پڙهڻ وقت بدن سڌو ڪري جهلجي. ڪتاب منهن کان هڪ فوٽ جي مفاصلي تي هئڻ گهرجي تہ جيئن نظر تي اثر نہ پوي.

(د) پڙهڻ جي رفتار بہ فطري گفتگو جهڙي هئڻ گهرجي نہ تمام تڪڙي ۽ نہ تمام ڍري.

(ه) جيڪڏهن ٻارن کي گڏي پڙهائجي تہ ان وقت اهو ڏسڻ گهرجي تہ سيئي ٻار پڙهن پيا يا رڳو چپ پيا چورين.

بلند آواز پڙهڻ سان استاد کي گهرجي تہ هو پهريائين پاڻ بلند آواز سان، صحيح اُچار ۽ لب لهجي سان پڙهڻ جو نمونو پيش ڪري تہ جيئن ٻار پڙهڻ جو نمونو سمجهي

**(3) سرسري پڙهڻ:**

هن قسم جي مطالعي مان مراد آهي ته شاگرد رٿيل عبارت کي اهڙي ريت پڙهي جو انهي جو مجموعي مقصد ذهن نشين ٿئي ۽ ٻڌائي سگهي ته ان ۾ مکيه ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟ هن مطالعي لاءِ ڪتاب ڪافي نه آهن بلڪه انهن سان گڏ اخبارون، رسالا، مخزن ۽ خط وغيره به شامل هئڻ گهرجن. ٻارن ۾ سرسري مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ استاد کي گهرجي ته ڪنهن خاص موضوع جو انتخاب ڪري يا ڪو عنوان مقرر ڪري جنهن بابت مختلف رايا ٿي سگهن يا ڪا حقيقت معلوم ڪرڻي هجي. انهي مقصد لاءِ چند موزون ڪتاب تجويز ڪجن جيڪي آساني سان ملي سگهن. ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ نه صرف تحقيقاتي لاڙي جو مادو پيدا ٿيندو ۽ منجهن علمي وسعت پيدا ٿيندي پر سندن تنقيدي مادو پڻ اڀرندو ۽ تيز ٿيندو.

سرسري مطالعي لاءِ ضروري قدم:

(الف) لئبرري جو انتظام ڪرڻ.

(ب) هر هفتي ۾ هر ڪلاس جي شاگردن لاءِ ان مقصد لاءِ هڪ به پيرڊ رکڻ.

(ج) هر قسم جي ڪتابن جو موجود هجڻ.

(د) استاد جي نگراني.

(4) گهرو مطالعو (Intensive Reading):

سکيا ۾ گهري مطالعي کي بنيادي اهميت حاصل آهي. بحث و مباحثي ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪافي ڪتابن، اخبارن، مخزنن ۽ لغت جي ڪتابن کي ڏسڻو پوندو آهي. گهرو مطالعو خاص نثر ۽ نظم ۾ سمايل خيالن جي واقفيت ۽ ڄاڻ ڏئي ٿو. سبق جي درست پڙهڻي، لفظي ترڪيبن جي تشريح، گرامر جي ڄاڻ، پهاڪن، اصطلاحن جو استعمال ۽ ٻين خوبين جي معلومات پڻ گهري مطالعي ۽ اڀياس سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. انهي سلسلي ۾ هيٺيان ذريعا استعمال ڪرڻ گهرجن:

(الف) لغت جي ڪتابن جو صحيح استعمال جيئن لفظن جون جدا جدا معنائون معلوم ڪري سگهجن.

(ب) ڪتابن جون فهرستون ان ۾ اندر مضمونن ۽ بابن جون لسٽون ڏسڻ ۽ پنهنجي مرضي وارا مضمون ڳولي ڪڍي سگهڻ.

(ج) استاد ٻوليءَ تي گهڻي مهارت رکندڙ هجي ته جيئن شاگردن کي عبارت جي حسن ۽ خوبي کان واقف ڪري سگهي.

### (5) وندر لاءِ پڙهڻ (Reading for Pleasure):

هي به هڪ پڙهڻ جو قسم آهي. هن قسم جو پڙهڻ واندڪائي جي وقت کي وندرائڻ آهي. هن قسم جي پڙهڻ سان معلومات وڌي ٿي. اوهان ڏٺو هوندو ته ريلوي يا جهاز جي سفر ۾ وقت گذارڻ لاءِ اخبارون ۽ رسالا ڪيترو نه ڪم ايندا آهن. وقت آساني سان گذري ويندو آهي. اهڙي نموني سان اسڪولن ۾ استادن تي فرض آهي ته ٻارن ۾ پڙهڻ جو ذوق ۽ شوق پيدا ڪن ۽ لائبرري جي مطالعي ڏانهن متوجه ڪن ۽ اهڙا موقعا پيدا ڪن ته جيئن ٻار وڌ ۾ وڌ ڪتابن جو مطالعو ڪن ۽ پنهنجن تخليقي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻين.

## 4. پڙهڻ سيکارڻ جا طريقا (Methods of Teaching Reading)

### (1) سمعي ۽ ناطقي طريقو (Hear and Say Method):

**سمعي ۽ ناطقي** ٻئي عربي لفظ آهن جن جي معنيٰ آهي "ٻڌڻ". هي طريقو خاص ڪري پرائمري ڪلاسن لاءِ ڪارائتو آهي. جڏهن ٻار کي ٻولي سيکاربي آهي. ان ۾ جنسي شيون ۽ چارٽن جي مدد سان آواز، لفظ ۽ جملا سيکاريا ويندا آهن. استاد جيڪي ڪجهه چوندو آهي ٻار اُهو غور سان ٻڌي جواب ڏيندا آهن. جنهن ۾ ٻئي لساني مهارتون ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جون ڪم ايندڙيون آهن. خاص طرح شروعاتي پڙهتي ۾ نوان لفظ سمجهائڻ، اجتماعي پڙهتي ۽ آخر ۾ جائزي وٺڻ وقت شاگردن کان سوال جواب ڪرڻا پوندا آهن. جن ۾ هي طريقو شامل هوندو آهي. جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته درس و تدريس جا سڀئي طريقا هن طريقي جي مدد سان ڪاميابي تي نه سگهندا، اُن ڪري استاد کي گهرجي ته هن طريقي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هيٺيان اُپاءَ وٺي.

(الف) ڪابه ڳالهه شاگردن کي ٻڌائي ته اُنهن کان سوال به ڪري.

(ب) روزمره جي ڪارگذاري شاگردن کان پڇي.

(ج) ٽيپ رڪارڊ جي ذريعي آواز ۽ اُچار صحيح ڪرائي.

(د) ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائي ۽ کين هدايت ڪري تہ گهران ڪاپين تي لکي اچن.
(ح) ٻارن کي اهڙا بيت پڙهائي ياد ڪرايا وڃن جن ۾ سُر ۽ ترنم سمايل هُجي.
(و) ٻارن کي ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جا گهڻي کان گهڻا موقعا ڏجن.
(ل) ٻارن جي غلطين جي صحيح نموني اصلاح ڪجي.
(ي) پڙهائڻ دوران جنسي شيون، تصويرون، چارٽ ۽ ماڊل استعمال ڪري.

## (2) مشاهدي وارو طريقو (Observation Method):

هر ٻار جو اهو فطري لاڙو آهي تہ پيءُ جي ٻڌايل حقيقتن تي گهٽ يقين نہ ڪندو آهي، اُنهيءَ ڪري هو پاڻ هر شيءِ جو تجربو ۽ **مشاهدو** ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچندو آهي. اڪثر ڪري جنهن ڳالهہ يا ڪم ڪرڻ کان ٻار کي جهلبو آهي اُهو ضرور ڪندو آهي. پوءِ جڏهن اُنهيءَ ڪم جو نتيجو پاڻ ڏسندو آهي تڏهن ڳالهہ سندس سمجهہ ۾ ايندي اٿس.

مثال: ٻار کي چئجي تہ گرم پاڻيءَ ۾ هٿ نہ وجهہ تہ موقعو ڏسي هٿ پاڻيءَ ۾ ضرور وجهي ڏسندو. پوءِ کيس يقين ايندو تہ ڪنهن گرم شيءِ ۾ هٿ وجهبو تہ هٿ سڙي پوندو.

انهيءَ اصول کي نظر ۾ رکندي ٻارن کي اهڙا موقعا ميسر ڪري ڏجن جيئن هو چڱيءَ طرح ڏسي وائسي حقيقتون معلوم ڪن ۽ منجهن تحقيق ۽ تجسس جو مادو پيدا ٿئي. استاد صرف نگراني ڪندو رهي. جتي بہ مناسب سمجهي اُتي موزون سوالن ۽ اشارن ذريعي، شاگردن جي رهنمائي ڪري. هي طريقو ڏاڍو ڪارائتو ۽ مفيد ثابت ٿيندو.

نوٽ: هي سکيا ڏيڻ جو ڪامياب طريقو آهي البت اُستاد کي ڪجهہ محنت ڪرڻي پوندي آهي. تصويرون ۽ جنسي شيون شاگردن کي مُهيا ڪري ڏيندو، ٻي حالت ۾ هن طريقي مان فائدو حاصل نہ ٿي سگهندو.

## (3) راند رچنا وارو طريقو (Play-way Method):

راند روند هڪ اهڙي مشغولي آهي جنهن ۾ هر ٻار توڙي بالغ ضرور دلچسپي وٺندو آهي. مشهور تعليمي ماهر **هربرٽ اسپينسر، ميڊم مانٽيسوري ۽ فروبيل** انهيءَ راءِ تي پهتا تہ انسان کي قدرت انهيءَ، لاڙي سان نوازيو آهي تہ هو جيڪي شيون ڏسي، اُنهن تي غور ڪري آزمائي ۽ حقيقتن کان واقف ٿيندو رهي. سڪڻ جي اِنهيءَ طريقي کي **راند روند وارو طريقو** سڏيو وڃي ٿو. جيڪڏهن انسان ۾ غور ۽ فڪر جو لاڙو نہ هجي ها تہ هن وقت تائين انسان جيڪي ترقيءَ جون منزلون طي ڪيون آهن، سي مڪمل نہ ٿي سگهن ها.

**پروفيسر ڪارڊويل ڪڪ** هن طريقي تي هڪ بهترين ڪتاب **"راند روند ذريعي تعليم"** لکيو آهي جنهن ۾ تصويرن ذريعي سکڻ جا مختلف طريقا ڄاڻايل آهن. هن هيٺين ٽن ڳالهين تي زور ڏنو آهي:

(1) آزادي (Freedom) (2) ذميداري(Responsibility) (3) چاهه يا ذوق(Interest).

**(1) آزادي:** انسان قدرتي طور آزاد پيدا ٿيو آهي تعليمي ڪمن ۾ بہ آزادي پسند ڪندو آهي. آزاد فضا ۾ ٻار جون اندريون قوتون ترقي وٺن ٿيون. آزاديءَ جو اهو مطلب هر گز نہ آهي تہ ٻار کي آزاد ڇڏي ڏجي تہ هو پاڻ پيو سکندو رهي. استاد جو فرض آهي تہ ضرورت وقت ٻار جي رهبري ڪري. آزمائشن مان ثابت ٿيو آهي تہ بندش ۽ دٻاءَ جي ڪري ٻار سُست ۽ موڳا نظر ايندا آهن. پر راند روند واري آزاد فضا ۾ چست ۽ چالاڪ نظر ايندا آهن.

**(2) ذميداري:** بندش ۽ ذميداري مڙهڻ جي حالت ۾ هرڪو ٻار دٻ جي حالت ۾ پاڻ کي غير جوابدار محسوس ڪندو آهي پر آزادي ملڻ جي حالت ۾ پاڻ کي وڏيڪ ذميدار سمجهندو آهي ۽ هر ڪم خبرداري ۽ احتياط سان ڪندو آهي.

**(3) چاهه يا ذوق:** هر ڪو ماڻهو پنهنجي مطلب واري ڪم ۾ وڏيڪ دلچسپيءَ ڏيکاريندو آهي. اسڪولي نصاب وارا ڪم اڪثر ڪري خشڪ ۽ غير دلچسپ هوندا آهن. جن جي سکڻ ۾ اڪثر ٻار پورو چاهه ڪونہ وٺندا آهن پر جيڪڏهن استاد ڄاڻو آهي ۽ پڙهائڻ جي جديد طريقن کان واقف آهي تہ ٻارن ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهي ٿو. ساڳي وقت غير نصابي شغل، جهڙوڪ، اسڪائوٽنگ، جونيئر ريڊ ڪراس، سير و سفر ۽ راڳ روپ، اهڙيون مشغوليون آهن جن ۾ ٻارن کي حصو وٺرائجي تہ پوري دلچسپي وٺندا.

## (4) مشغولين وارو طريقو (Activities Method):

تعليم جي جديد طريقن موجب سبق پڙهائڻ دوران شروع کان آخر تائين ٻارن کي مصروف رکڻ تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي تہ جيئن ٻار سبق سکڻ تي پورو توجهہ ڏين. فقط پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ٻارن کي مشغول رکڻ لاءِ ڪافي نہ آهي. تصويرون، چارٽ، چُٽڪيون استعمال ڪبيون تہ ٻار سمورو وقت ڪم ۾ مشغول رهندا. تعليم جي باري ۾ اهڙا مشهور

چوٽي آهي تہ "**سکڻ آهي ڪرڻ سان**". سيئي تعليمي ماهر عملي ڪم تي گهڻو زور ڏين ٿا ڇاڪاڻ تہ عملي سکيا ۾ ٻارن جا سيئي حواس ڪم اچي وڃن ٿا ۽ اُها تعليم نهايت اثرائتي ٿئي ٿي ڪوبہ مشڪل مسئلو ٻار آسانيءَ سان سمجهي سگهن ٿا.

مثال: جيڪڏهن سائيڪل هلائڻي آهي. ان کي ڪيتري بہ سائيڪل بابت واقفيت هجي، پر ڪي بہ سائيڪل هلائيندو ڏسي، پر جيستائين پنهنجي سر هلائڻ جي مشق نہ ڪندو تيستائين ڪاميابيءَ سان هلائي يا سکي ڪو نہ سگهندو. اهڙين مشغولين ذريعي تعليم ڏين ۾ **ڪنڊر گارٽن** ۽ **مانٽيسوري** طريقا ڏاڍا ڪامياب ويا آهن.

## (5) تحليلي ۽ ترڪيبي طريقو (Analytic and Synthetic Method)

ٻار جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيندو آهي تہ سندس ذهن خالي نہ هوندو آهي. پنهنجي گهر ۽ آسپاس جي ماحول مان ٻوليءَ جي لفظن جو ڪافي ذخيرو وٽس موجود هوندو آهي، ليڪن انهن ۾ ڪابہ ترڪيب يا تنظيم نہ هوندي آهي اُهو اڌورن جملن جي صورت ۾ چوندو رهندو آهي جنهن مان ٻيو ماڻهو مشڪل سان مطلب سمجهي سگهندو. پوءِ اهو ڪم اُستاد جو هوندو آهي تہ ٻار جي اُنهيءَ ٽڙيل پکڙيل اڌوري معلومات کي ترتيب ڏئي مڪمل ڪري.

مثال: ٻارن کي پڙهڻ سيکارڻو آهي تہ استاد جنسي شين ۽ تصويرن جي ذريعي لفظ ٺهرائي بورڊ تي لکندو آهي. اهڙيءَ طرح لفظن مان جملن ناهڻ جي ترتيب ٻارن کي سيکاري ويندي آهي. ٿوري وقت ۾ ٻار عبارتون پڙهڻ سکي ويندا آهن. اهڙي تعليم ڏيڻ سان ٻارن جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي، ٻار ۾ غور و فڪر جو مادو پيدا ٿيندو آهي ۽ جلد ئي اڌوري معلومات مڪمل ٿي ويندي آهي.

## (6) آکاڻين وارو طريقو (Story-Telling Method)

آکاڻيون ٻڌائڻ بہ هڪ فن آهي. جيڪو قديم زماني کان عمل ۾ ايندو رهي ٿو. آکاڻين ٻڌڻ ۾ ٻار توڙي وڏا پوري دلچسپي وٺندا آهن. ٻارن جو تہ ايتري قدر شوق هوندو آهي جو جيستائين ماڻٽن کان آکاڻي نہ ٻڌندا تيستائين ننڊ نہ ايندي اٿن.

پڙهائيءَ جي دوران آکاڻيون ٻڌائڻ جو مقصد مختلف موقعن تي جدا هوندو آهي. ڪڏهن سبق جي شروع ڪرڻ وقت آکاڻي ٻڌائبي آهي تہ ٻار پڙهڻ ۾ چاهہ وٺن. ڪڏهن ڪڏهن سبق هلندي مناسب جاءِ تي آکاڻي ٻڌائبي آهي تہ ٻار وڌيڪ دلچسپي وٺندا. ڪڏهن وري سبق جي آخر ۾ آکاڻي ٻڌائبي آهي تہ جيئن ٻار وڌيڪ دلچسپي وٺن ۽ انهيءَ مان

مقصد حاصل ڪري سگهن. اهڙي طريقي ٻارن کي ٿڪ محسوس نہ ٿيندو آهي. هي اجتماعي پڙهائيءَ لاءِ بهترين طريقو آهي. هن طريقي موجب پڙهائڻ مان هيٺيان فائدا آهن:

(الف) ٻارن ۾ شوق ۽ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي.

(ب) سکيا توڙي تعليم اثرائتي ٿئي ٿي.

(ج) ڪلاس ۾ انتظام بهتر رهي ٿو ايتري قدر جو حرڪتي ٻار بہ خاموش رهن ٿا ۽ سبق ۾ پورو توجهه ڏين ٿا.

نوٽ: هي طريقو صرف ضرورت وقت استعمال ڪجي. آکاڻيون نصيحت واريون ۽ بامقصد هجن جيڪي بهادري، ايثار ۽ اعليٰ ڪردار جي جذبن سان ڀرپور هجن. معلم لاءِ لازمي آهي تہ ڪهاڻيون پڙهائڻ ۾ مهارت رکندڙ هجي.

## (7) منصوبي وارو طريقو (Project Method):

هي طريقو آمريڪا جي مشهور تعليمي ماهر **جان ڊيوي** (John Dewey) ايجاد ڪيو. هن صاحب جو نظريو هو تہ "اهو ڪم ڪامياب ٿيندو، جيڪو حق ۽ صداقت تي مبني هوندو." اهڙي قسم جي تعليم بہ مؤثر ٿئي ٿي جيڪا عملي سرگرمين تي مشتمل آهي تہ جيئن ٻارن کي عملي تربيت ڏني سگهجي. ٿوري ئي وقت ۾ هن طريقي کي ڪافي شهرت ملي ۽ ان کي آمريڪا کانسواءِ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ استعمال ۾ آندو ويو. هن طريقي جا مکيہ اصول هي آهن:

(1) ٻارن کي عملي تعليم ڏيڻ.

(2) سندن پسند موجب مشغولي ڏيڻ.

(3) ڪم جو مقصد واضح ڪرڻ.

(4) نتيجي جو جائزو وٺڻ.

مطلب تہ جنهن بہ منصوبي تي عمل ڪرڻو هوندو تہ پهرين ان جي هر پهلوءَ تي غور ڪيو ويندو. ان کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ وسيلن جو جائزو وٺڻو پوندو ۽ آخر ۾ ان تي عمل ڪيو ويندو. مثلاً، اسڪول جي بلڊنگ کي پوچي لڳائڻ يا ڪو باغيچو لڳائڻ وغيره. جيڪو بہ منصوبو رٿيو ويندو آهي، ان تي تجويزون شاگرد ڏيندا آهن جن سان تعليمي مقصد پورا ٿين ٿا. اهي **گروهي منصوبا** آهن جن ۾ ٻار گروپ ناهيندا آهن ۽ هر گروپ جا شاگرد پنهنجي حصي جا ڪم ڪندا آهن. عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ رسمي اسڪولن ۾ فقط ڪتابي تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ اُها تعليم روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪارآمد ثابت نہ ٿي ٿئي.

منصوبي وارو طريقو (Project Method) انهيءَ خاميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪامياب تدبير آهي. حقيقي تعليم اُها آهي جنهن ۾ ٻار کي آزادي هجي ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب مشغولي هجيس ته ان ۾ ذميواري محسوس ڪندو. منصوبي طريقي ۾ ٻين ٻارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ ٻار خوشي محسوس ڪندا آهن. منجهن هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ اتفاق رهندو آهي. استاد جو ڪم آهي ته فقط ٻارن جي رهبري ڪري ۽ اهڙا منصوبا رٿي جن ۾ عملي ڪم ڪرڻ سان سندن جسماني، ذهني ۽ روحاني لياقتن جي به حوصله افزائي ٿئي.

نوٽ: جيتوڻيڪ هن طريقي مان فائدا گهڻا آهن پر اسان جي ملڪ ۾ ايترا وسيلا موجود نه آهن. اُنهيءَ ڪري خاص ڪري پاڪستان ۾ هن طريقي تي عمل ڪرڻ مشڪل آهي.

## 5. پڙهڻ جا مسئلا (Problems of Reading)

اها هڪ حقيقت آهي ته هر قوم جو ٻار بنيادي طور تي پنهنجي ٻولي ۾ سوچي ۽ غور و فڪر ڪري سگهي ٿو. انسان سماج جو هڪ اهم رڪن آهي. هن کي شهريءَ جي حيثيت سان اٿڻو ويهڻو پوي ٿو. ٻار کي سماجي زندگي ۾ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ پڙهڻ، لکڻ ۽ خط و ڪتابت جاري رکڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. اڄ جي سائنسي دور ۾ گهر ويٺي علمي ۽ ادبي محفلون ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اخبارن جي مدد سان ڏسي، ٻڌي ۽ پڙهي سگهي ٿو. اهڙن سببن سبب ڪيس ڪيترائي مسئلا پيش اچن ٿا. هيٺ پڙهڻ جا ڪجهه مسئلا ڏجن ٿا.

### لفظن جو ذخيرو

پڙهڻ سيکارڻ جو هڪ اهم مقصد اهو به آهي ته ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو اچي جيئن هو عبارت پڙهڻ سان گڏ ان جو مطلب به سمجهي سگهن. هو جڏهن ڪنهن موضوع تي ڳالهائڻ چاهين ته لفظن جي ٿوراڻي سندن خيالن جي اظهار ۾ رڪاوٽ نه بڻجي. ٻار جڏهن ڪو نئون لفظ سکي ٿو ته هن جي ڄاڻ ۾ واڌارو اچي ٿو. ڄاڻ وڌڻ سان ٻار جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌ اچي ٿي. ٻارن لاءِ لفظ ٽن قسمن جا ٿي سگهن ٿا.

**(الف) اڻ ڄاتل لفظ:** اهڙا لفظ جي ٻارن اڳ ڪڏهن نه ٻڌا هجن.

**(ب) ڄاتل لفظ:** اهڙا لفظ جيڪي ٻارن ٻڌا آهن يا سندن نظر مان گذريا آهن پر انهن جي معنيٰ متعلق ڄاڻ نٿا رکن.

**(ث) درست لفظ:** اهڙا لفظ جن جي معنيٰ ۽ استعمال کان ٻار چڱي طرح واقف هوندا آهن.

ٻارن جي لفظن ۾ واڌ آڻڻ لاءِ استاد کي چاتل ۽ اڻ چاتل لفظن جي مرحلن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ڇو ته هڪدم تمام گهڻن نون لفظن سيکارڻ ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتن اڏو اچڻ ٿيون.

هڪ سٺي ڪتاب جي تاليف ۾ هن ڳالهه جو خاص خيال رکيو ويندو آهي ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو مرحلي وار اچي ۽ ٻارن کي هڪ صفحي يا هڪ سبق ۾ تمام گهڻا نوان لفظ سکڻا نه پون.

ٻي ڳالهه جيڪا استاد کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته ٻار جيڪو به نئون لفظ سکي ان جي مفهوم ۽ ڪتب آڻڻ جو موزون ۽ درست طريقو به چڱي طرح ذهن نشين ڪري. اهڙن لفظن جي رڳو معنيٰ ياد ڪرڻ سان ان جي استعمال جو ڍنگ حاصل ٿي نٿو سگهي ۽ نه ئي وري انهن لفظن کي چڱي طرح ادا ڪري سگهي ٿو.

نثر جي سبق پڙهائڻ جو مقصد ٻولي جو لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارڻ آهي. جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي ۽ ڪمزوري رهي ته اڳتي ٻار نڪي پڙهي سگهندو ۽ نڪي لکي سگهندو. ڪلاس ۾ ڪي ٻار ڪمزور ته ڪي شرميلا آهن ۽ اڪيلو پڙهي نٿا سگهن: ته پوءِ ڪين گڏي پڙهائجي. درسي ڪتاب پڙهڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. استاد جيتري محنت ڪندو اوترو ئي ٻارن کي فائدو حاصل ٿيندو ۽ پڙهڻ جو ڪوبه مسئلو نه رهندو.

## (الف) پٺتي پيل ۽ سُست ٻارن جون مشڪلاتون ۽ انهن جو حل

پٺتي پيل ۽ سست رفتار سان پڙهندڙ ٻارن جي لفظن جو ذخيرو محدود هوندو آهي انهي ڪري سندن پڙهڻ جي رفتار به گهٽ هوندي آهي. اهڙن ٻارن کي پرائمري درجي جا ڪتاب پڙهڻ به ڏکيا لڳندا آهن ۽ هو ٻين جي سهاري يا مدد کان سواءِ پڙهي نه سگهندا آهن. ان ڪري استاد هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي ۽ سندن جي مشڪلات جو حل تلاش ڪري. والدين کي به رپورٽ ڏيڻ گهرجي.

(1) **جسماني ڪمزوري:** جسماني صحت جو پڙهڻ جي مهارت سان گهاٽو تعلق آهي. ڪمزور ٻار گهڻي وقت تائين ڪتاب ۾ ڌيان ڏئي نه سگهندو.

(2) **اکين جي ڪمزوري:** هن لاءِ لازمي آهي ته جيڪي ٻار پڙهڻ ۾ ڪمزور هجن انهن جي اکين جي چڪاس ڪرائجي.

(3) **ٻڌڻ جي ڪمزوري:** چڱي نموني پڙهڻ جو دارومدار ٻارن جي ٻڌڻ تي منحصر آهي. جيڪڏهن ڪو ٻار ٻڌي نه سگهندو ته پڙهڻ ۾ به پوئتي رهجي ويندو. اهڙن ٻارن جي ڪنن جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي.

(4) **ڳالهائڻ ۾ نقص:** ڪي ٻار ڳالهائڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪندا آهن. اها هٻڪ سندن پڙهڻ تي اثر انداز ٿئي ٿي، ايستائين جو خاموش خواني جي وقت به ان جو اثر ٿئي ٿو.

(5) **ذهني ڪمزوري:** ذهانت جو پڙهڻ سان گهاٽو لاڳاپو آهي. ذهين ٻار پڙهڻ ۾ تمام تيز ٿيندا آهن.

(6) **جذباتي انتشار:** جذباتي طور جيڪي ٻار الجهن ۾ ڦاٿل هوندا آهن ته پڙهڻ جي ميدان ۾ به پٺتي پئجي ويندا آهن. اڪثر ڪري ٻار گهرو ماحول جي مجبورين ڪري جذباتي ٿي ويندا آهن. اهڙو ماحول ئي ڪين ضدي، نتر ۽ روئڻو بنائي ڇڏيندو آهي.

## سماجي خرابيون

معاشري ۾ ڪي اڻ وڻندڙ حالتون هونديون آهن جيڪي ٻارن جي پڙهڻ تي اثر انداز ٿين ٿيون. اهڙن سببن ڪري ٻار پڙهڻ ۾ پوئتي رهجي وڃي ٿو. سماجي ماحول ۾ جهالت هوندي آهي يا ٻارن جا مائٽ اڻ پڙهيل هوندا ته ٻارن جي تعليم تي به گهڻو اثر پوندو.

## تعليمي طريقا

پڙهڻ سيکارڻ لاءِ پراڻا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا جنهن ڪري ٻارن کي پڙهڻ وقت ماحول سازگار نٿو ملي. انهيءَ سبب هو ڪمزور رهن ٿا. تنهن کان سواءِ ڪلاس ۾

شاگردن جو لاتعداد هئڻ ۽ ناتجربيڪار استادن جي موجودگي ۾ پڙهڻ جي مهارت کي ڌڪ هڻي ٿي.

## اصلاحي تدريس

پڙهائي جي اصلاح جي سموري جوابداري استاد تي عائد ٿئي ٿي. هڪ لائق استاد پڙهائڻ جي فن ۾ تربيت يافتہ هجي. ڪمزور ٻارن کي پنهنجي تربيت سان ئي شناخت ڪري ۽ تيار ڪري سگهي ٿو. استاد ٻارن جي اصلاح جو ڀرپور جذبو رکندڙ هجي. ٻارن جي مسئلن جي ڪيس ڇاڻ هجي. هو همدرد، مخلص ۽ محنتي هجي. جيڪي ٻار گهٽ ذهين هجن انهن تي انفرادي طور توجهہ ڏئي.

## لغت جو استعمال

ٻار کي لغت جو عادي بنائڻ ضروري آهي. هن وقت سنڌي ۾ لغت يا ڊڪشنريون موجود آهن جيڪي ٻارن کي استعمال ڪرائڻ سيکارجن تہ جيئن سندن لفظن جو ذخيرو وڌندو رهي ۽ لفظن جي معنيٰ مطلب کان هو مطمئن رهن.

## صحيح تلفظ ۽ درست لهجو

**پڙهڻ سيکارڻ** جو وڏو مقصد اهوئي هوندو آهي تہ ٻار صحيح ۽ درست زبان ڳالهائڻ سکن. سڀ کان وڏو مسئلو لفظ، آواز ۽ لهجي جي اصلاح جو آهي جنهن لاءِ وڏي محنت جي ضرورت آهي. زبان ذريعي ئي ماڻهو جي شخصيت پرکبي آهي. ان ڪري استاد کي **صوتيات** (Phonetics) جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. ٻولي جي سکيا ۽ مشق لاءِ اسڪول جي ماحول کان وڌيڪ ٻي ڪابہ جڳهہ ٿي نہ ٿي سگهي. اتي شاگردن کي آزادي سان ڳالهائڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ استاد ٻولي جي اصلاح کي پنهنجو فرض تصور ڪري ٿو.

تلفظ يا اُچار ٻولي جو روح آهي. جيڪڏهن اچار درست نہ هوندا تہ ٻڌندڙ اڳيان علمي لياقت جا وڪا پڌرا ٿي پوندا.

استاد پاڻ بہ اچار درست پڙهي ۽ ٻارن کي بہ اهڙي تربيت ڏي جو ڪڏهن بہ تلفظ غلط نہ اچارين ۽ هميشہ درست آواز اچارڻ جي ڪوشش ڪن.

## رواني (Fluency)

ٻارن ۾ اهڙي لياقت پيدا ڪجي جو هو سبق جي عبارت **روانيءَ** سان پڙهي سگهن. پڙهڻ ۾ عبارت، خواني خواهه مفهوم جو سمجهڻ ٻئي ڳالهيون گڏوگڏ شامل هونديون آهن. عبارت خواني ۾ لفظن جو اچار يا تلفظ تي پورو ڌيان ڏنو وڃي. **روانيءَ** سان پڙهڻ ۾ تفصيل جي چِٽائي صوتي لاهه چاڙهه، وقفي ۽ مفهوم جي وضاحت وغيره سميت سڀئي اوصاف ان ۾ اچي وڃن ٿا. رواني ۾ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ بيهڪ جي جاين ۽ ٻين نشانين تي ضرورت مطابق زور ڏيڻ سان نه رڳو پڙهڻ ۾ رواني پيدا ٿيندي بلڪ مفهوم خود بخود چٽو ٿيندو رهندو.

ٻار جي واڌاري جو اندازو به سندس پڙهڻ جي رفتار مان لڳايو ويندو آهي. جيڪي شاگرد زياده تيزي، صفائي ۽ سترائي سان پڙهي سگهن ٿا اهي قابل ۽ ذهين سمجهيا ويندا آهن. استاد کي گهرجي ته تعليم جاري رکندي ٻارن جي واڌاري جو اندازو لڳائيندو رهي، ته جيئن ٻارن ۾ رواني سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي عادت پنجي وڃي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي سبب هاڻي هر شخص ۾ تيز رفتاري جو احساس پيدا ٿي ويو آهي. ان ڪري، ضروري آهي ته اسين پڙهڻ ۾ به رفتار جو خيال رکون ڇاڪاڻ ته علم تيزي سان وڌي رهيو آهي. پڙهڻ جي رفتار کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي روش ۾ تبديلي آڻيون. ڪوشش ۽ مشق ڪرڻ سان اها رفتار وڌي سگهي ٿي.

### (ب) سني پڙهڻ جون خوبيون

(1) سني پڙهڻ جي پهرين خوبي اها آهي ته جڏهن ٻار بلند آواز پڙهي ته هن جو انداز صحيح هجي ۽ لفظ لفظ چٽي نموني ادا ڪري.

(2) پڙهڻ وقت رواني برقرار رکجي. ائين نه ٿئي جو ٻار هٻڪي هٻڪي اڪر اڪر پڙهي. اهڙي ڪا سواليه يا عجب جي ڳالهه هجي ته ان کي اهڙي انداز سان ادا ڪري جو ٻڌندڙ حيرت ۾ اچيو وڃن.

(3) هر عبارت ۾ بيهڪ جون نشانيون ڏنل هونديون آهن. ڪٿي دم، اڌ دم، عجب جي نشاني يا سواليه نشاني هجي ته انهن وقفن جو ۽ اهڙي انداز جو خيال رکجي. مطلب ته جنهن جنهن ڳالهه جي ضرورت هجي ان کي آڏو رکي پيش ڪري.

استاد کي گهرجي تہ سٺي نموني پڙهڻ جون ٻارن کي مشقون ڪرائي ۽ پاڻ بہ مثالي نموني پڙهي ٻڌائي تہ جيئن ٻار متاثر ٿي پنهنجو پڙهڻ سڌاري سگهن.

اڄ ڪلهہ ريڊيو، ٽيليويزن وغيرہ تي سٺا پروگرام نشر ٿيندا رهن ٿا. استاد کي گهرجي تہ ٻارن کي آگاهہ ڪندو رهي تہ اهڙا پروگرام ٻڌن ۽ ڏسن ۽ پاڻ کي پڙهڻ ۾ بهتر کان بهتر بڻائيندا رهن.

# يونٽ - 4

# ’لکڻ‘ سيکارڻ

(لکڻ سيکارڻ لاءِ طريقا ، لکڻ سيکارڻ جي ميڪانيت ۽ لکيتن جا مختلف نمونا )

ليکڪ

دين محمد چنا

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف | 66 |
| مقاصد | 66 |
| **1. لکڻ** | 67 |
| **2. لکڻ سيکارڻ جا طريقا** | 68 |
| (الف) الف ب وارو طريقو | 68 |
| (ب) مانٽيسوري طريقو | 69 |
| (ج) پيسٽالازي طريقو | 70 |
| (د) گڏيل طريقو | 71 |
| **3. لکڻ سيکارڻ جي ميکانيت** | 72 |
| (الف) حرف ۽ اکر لکرائڻ | 72 |
| (ب) سليٽ يا پٽي | 73 |
| (ج) مشق لکڻ | 73 |
| (د) هِجي ڪرڻ ۽ لکڻ | 74 |
| (ه) صورتخطي | 75 |
| **4. لکڻ سيکارڻ جا مختلف نمونا** | 76 |
| (الف) لکڻ جون وصفون | 76 |
| (ب) فقره ناهڻ | 77 |
| (ج) سني لکيت يا لکڻ لاءِ هدايتون | 78 |
| **5. جائزو** | 79 |

# يونٽ جو تعارف

هن يونٽ ذريعي سنڌي ٻولي ۾ **لکڻ** ۽ لکائڻ جا طريقا بيان ڪيا ويا آهن ته جيئن **لکڻ** جي عنصر کي سمجهيو وڃي. اسان جي تعليم ۾ رهڻي ڪهڻي جو دارو مدار گهڻي قدر **لکڻ** تي آهي. **لکڻ** جو فن اسان لاءِ نهايت اهميت رکي ٿو. انهي ڪانسواءِ شاگردن لاءِ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي ته لکڻ يا لکائڻ جي وقت مختلف طور طريقا ۽ نمونا سامهون رکيا وڃن جيئن سنڌي ٻوليءَ جي لکائڻ جا اصول رائج ڪري سگهجن. اسان جي ٻولي ٻاونجاهه اکرن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هر اکر جا صوتي آواز سمجهايا ويا آهن. ٻارن کي هجي جي مشق ٻڌائي وئي آهي ته جيئن ٻوليءَ جي صحيح لکڻ ۾ مدد ملي سگهي.

مقاصد

هن يونٽ جي سکيا حاصل ڪرڻ بعد زير تربيت استاد ان لائق ٿي وڃڻ گهرجن جو:

1. ڪين لکڻ جي فن سيکارڻ جي مهارت حاصل ٿي ويندي.
2. لکڻ جي مختلف طريقن جو فهم حاصل ٿي ويندو ۽ اهو پنهنجي اسڪولي شاگردن جي سکيا لاءِ استعمال ڪري سگهندا.
3. لکيتن جي مختلف نمونن کان واقف ٿي شاگردن جو پڻ اصلاح ڪري سگهندا.

## 2. لکڻ سيکارڻ جا طريقا (Methods of Teaching Writing)

لکڻ شروع ڪرڻ کان اڳ استاد کي گهرجي ته ٻارن کي مٽيءَ يا واريءَ تي آڏيون ٽيڙيون ليڪون ڪڍرائي ۽ حرفن جي مشق ڪرائي ان کان بعد ڪاري بورڊ تي ليڪون ڪڍرائي. بورڊ ابتڙو مٿي نہ هجي جو ٻار ليڪون ڪڍڻ ۾ تڪليف محسوس ڪن. پوءِ ٻار کان گول، اڌ گول ۽ چوڪنڊي شڪلين ڪڍڻ جي مشق ڪرائي. پهرين زمين تي آڱر سان، بورڊ تي چاڪ سان ۽ ڪاغذ تي رنگين پين يا پينسل سان اهڙيون شڪلون نهرائي ۽ کين آزاد جذبن جا موقعا پڻ فراهم ڪري.

هيٺ کان مٿي ليڪ ڪڍڻ، مثال: يا، ها، ما، ڪا.

ڏنگي ليڪ، سڄي کان کاٻي طرف، چڪڻ، مثال: ب، ٻ، پ، ف.

ڏنگي ليڪ کٻي کان سڄي طرف مثال: ح، خ، ج، ع.

اڌ گول سڄي کان کٻي طرف، مثال: ن، س، ق، د، ز، ڙ.

اڌ گول هيٺ کان مٿي طرف ڦٿيءَ جي ڏندن وانگر، مثال: س، ش، ض آهن.

# لکڻ سيکارڻ لاءِ طريقا

### (الف) الف- ب وارو طريقو

هن طريقي مطابق ٻارن کي حرفن لکڻ جي مشق ڪرائي ويندي آهي. اُنهن کي حرفن جي هجي لکڻ ، مخصوص نموني سان سيکاري وڃي ٿي. جڏهن ٻار سڀني حرفن جون شڪليون ناهڻ سکي وڃن ٿا تہ پوءِ کين حرفن جي ترڪيبي شڪلين جي مدد سان لفظ لکڻ جي مشق ڪرائي وڃي ٿي. ان قاعدي ۾ حرفن جي ترتيب جو خاص خيال رکيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ استاد ٻارن کي ٻن حرفن وارا لفظ سيکاري ٿو جهڙوڪ ٽپ - ڏڻ - ٻُڪُ - ٽڙ وغيره. تنهن بعد ٽن حرفن وارا مرڪب جهڙوڪ: انبُ - توت - لکڻ - سبق وغيره. ان کانپوءِ چئن حرفن وارا لفظ جهڙوڪ: مسجد - گهوڙو- ويهڻ - اُچلڻ وغيره.

جڏهن ٻار لفظ لکڻ سکي ويندا آهن تہ پوءِ جملا ۽ سٽ لکڻ سيکاري ويندي آهي. اُن ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ ان وقت تائين ٻارن جو ذهن پڪو ٿي ويندو آهي. اهڙي نموني

سان لفظن ۽ جملن جون مشقون ڪثرت سان ۽ باقاعدي ڪرايون وڃن ٿيون. هن طريقي موجب لکڻ سيکارڻ سان وڏو فائدو اِهو آهي تہ ٻارن کي هِجي جي مشق ٿي وڃي ٿي ۽ اُنهن جي صورتخطي پختي ۽ صحيح ٿي وڃي ٿي. هن طريقي تي اعتراض اهو آهي تہ ٻارن لاءِ دلچسپيءَ وارو نہ آهي. ٻار پنهنجو گهڻو وقت رڳو حرفن جي انفرادي ۽ ترڪيبي شڪلين ۾ لڳائين ٿا.

ٻوليءَ جي لکڻ واري عمل ۾ الف - ب وارو طريقو نهايت قديم ترين طريقو آهي ۽ گهڻي وقت کان مروج آهي.

**خوبيون:**

(1) الف - ب وارو طريقو آسان طريقو آهي .

(2) هن طريقي سان ٻار لفظن جي جوڙجڪ سمجهي وڃي ٿو ۽ ذهن نشين ڪري وٺن ٿا.

(3) هن طريقي ۾ شاگردن جي لڳاتار ۽ ترتيب وار مشق ٿئي ٿي ان ڪري ٻار لکڻ ۾ پختا ٿي وڃن ٿا.

(4) هن طريقي موجب شاگرد کي هِجي ڪرڻ ۽ صورتخطي لکڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿي ٿئي.

**خاميون:**

(1) هي طريقو وقت طلب آهي ڇو جو انهي ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو.

(2) هن طريقي ۾ پڙهڻ يا مطالعي ڪرڻ وقت ٻارن جي زبان هِجي تي هربل ٿئي ٿي جنهن ڪري لکڻ پڙهڻ ۾ اٽڪ پيدا ٿئي ٿي ۽ گهڻو وقت لڳي ٿو.

(3) هن طريقي ۾ **اڻ ڄاتل کان ڄاتل** طرف قدم کنيو وڃي ٿو جيڪو تعليمي اصولن جي خلاف بہ آهي تہ غير نفسياتي عمل پڻ آهي.

## (ب) مانٽيسوري طريقو

**مادام مانٽيسوري** هڪ اطالوي عورت هئي. هن هي طريقو اٽليءَ جي معذور ٻارن کي تعليم ڏيڻ واسطي استعمال ڪيو تہ جيئن هو لکڻ ۽ پڙهڻ جي قابل بنجي سگهن. هي طريقو يورپ ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ عام ٻارن جي تعليم لاءِ بہ هن کي ڪاميابيءَ سان

استعمال ڪيو ويو. هن ٻارن کي پڙهڻ ۽ لکڻ سيکارڻ جي طريقن کي آسان، دلچسپ ۽ اثرائتي بنائڻ لاءِ ڪيترائي تجربا ڪيا. هن طريقي ۾ استاد شاگردن کي سيکارڻ لاءِ ڪاٺ جا ڪٽيل حرف مهيا ڪري ٿو ۽ ٻار انهن حرفن تي آڱر ڦيرائيندا انهن کي سڃاڻي وانگر استعمال ڪندا ۽ حرفن جو شڪليون ٺاهڻ سکندا آهن. هن طريقي کي اسين ٻين ٻولين لاءِ پڻ استعمال ڪري سگهون ٿا ۾ اُن سان گڏيل حرفن سان لفظن لکڻ ۾ مدد نہ ٿي ملي. تنهن هوندي بہ جن ٻولين ۾ سڄن اکرن سان لفظ لکجن ٿا تن لاءِ هي طريقو ڪرائتو آهي. ان ڪانسواءِ هن طريقي ۾ پلاسٽڪ جا ٺهيل حروف تهجي جي مدد سان لفظ ۽ لفظن جي مدد سان جملا پڻ ٺاهي سگهن ٿا. هي لکڻ جو ڏاڍو پختو عمل رهي ٿو.

**خوبيون:**

(1). هي طريقو دلچسپ آهي ان ڪري شاگرد جلد ئي سکي وڃن ٿا.

(2) هن طريقي سان ٻار حرفن جي ميلاپ سان لفظ لکڻ جلد سکيو وڃي ٿو.

(3) هن طريقي موجب شاگرد راند ئي راند ۾ لکڻ سکن ٿا.

**خاميون:**

(1) سنڌي ٻولي جي صورت ۾ هي طريقو نامناسب آهي ڇو تہ لفظن بنائڻ وقت حرف ساڳي شڪل ۾ نہ ٿا رهن.

(2) هي طريقو محنت طلب ۽ مهانگو آهي.

(3) سنڌي ٻولي جي مقابلي ۾ رومن الفابيٽ (الف.ب) وارين ٻولين سيکارڻ لاءِ هي طريقو وڌيڪ ڪار آمد آهي ڇو تہ سنڌي ٻوليءَ جي حرفن ۾ منفرد ۽ ترڪيبي شڪلين ۾ فرق ٿئي ٿو.

## (ج) پيسٽا لازي وارو طريقو

هي طريقو مغربي مفڪر **پيسٽالوزي** ايجا د ڪيو هو. هن ٻارن کي لکڻ سيکارڻ جي طريقن تي وڏي محنت ڪئي. هن رومن اکرن کي وڌيڪ ٽڪرن ۾ ورهائي صورتخطي سکڻ لاءِ آسانيءَ جا اُصول ڳولي ڪڍيا. هن طريقي کي ٿوري ردوبدل سان سنڌي ٻولي لکڻ سيکارڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. سنڌي حرفن جي شڪلين لاءِ ٻارن کي سڌين

ليڪن، ايين ليڪن، آڏين ليڪن، اڌ گول واري ليڪ. گول ۽ ٽبڪن وغيره جي مشق ڪرائي وڃي ٿي. ان ڪانپوءِ ليڪن، نقطن يا ٽبڪن جوڙي اکر ناهڻ سيکارڻ لاءِ قدم کنيو وڃي ٿو ان ڪري شاگردن جو اکر لکڻ تي جلد ئي هٿ وريو وڃي. انهن مشقن جي ذريعي هٿن جي چر پر تي قدرت حاصل ٿئي ٿي ۽ سنڌن هٿن ۽ اکين جي چر پر ۾ برابري پيدا ٿي وڃي ٿي. هن ۾ لکڻ لاءِ گهربل جسماني ۽ ذهني پختگي پڻ پيدا ٿي وڃي ٿي.

## (د) گڏيل طريقو

هن طريقي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جا عمل گڏو گڏ هلن ٿا. هن طريقي ۾ تصوير سان گڏ ان لفظ جي صورت به ڏيکاري وڃي ٿي. ٻار پهريان ان کي ڏسي جاچي ٻڌائي ٿو ۽ پوءِ اهو لفظ لکڻ لاءِ کيس چيو وڃي ٿو. هن طريقي ۾ لفظن جي ترڪيبي جزن کي جدا جدا ڪيو وڃي ٿو ۽ وري انهن کي پاڻ ۾ ملائي نوان لفظ سيکاريا وڃن ٿا. پوءِ انهن لفظن کي جملا ناهڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان ريت شاگرد آسانيءَ سان لفظن کي به سمجهي سگهن ٿا ان سان گڏو گڏ پڙهي ۽ لکي پڻ سگهن ٿا.

**گڏيل طريقي** ۾ اول ٻار کي الف ب سيکاري زبرون ۽ زيرون ۽ پيش شروع ڪرائجن ٿا. تنهن کان پوءِ ڏهه اکري يا ڪڪ پڙهائڻ سيکاريو وڃي ٿو. دراصل **گڏيل طريقو** هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ هڪ وقت الف ب وارو طريقو ۽ لفظن ۽ جملن وارو طريقو استعمال ڪري ٻار کي پڙهائڻ سان گڏو گڏ لکڻ به سيکاريو وڃي ٿو.

عام طور تي اسان جي اسڪولن ۾ شاگرد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ استاد اهو طريقو استعمال ڪن ٿا جيڪو نهايت بهترين ۽ ڪامياب طريقو آهي.

تعليمي ماهرن جي خيال ۾ لساني واڌاري لاءِ، پڙهڻ ۽ لکڻ جا عمل گڏوگڏ هلندا رهن ته بهتر چو ته ٻنهي کي هڪ ٻئي کان مدد ملي ٿي.

**خوبيون:**

(1) هي طريقو آسان آهي ۽ ان ۾ گهٽ وقت اندر ٻار لفظ ناهڻ سکي ٿو.

(2) شاگرد ٿوري محنت سان پاڻ پڙهي ۽ لکي سگهي ٿو.

(3) شاگردن کي لفظن جي ٻيهڪ ذهن نشين ٿي وڃي ٿي.

(4) **ڏسڻ، چوڻ ۽ لکڻ** واري اصول واپرائڻ سبب تدريسي عمل دلچسپ ٿئي ٿو.

(5) شاگردن ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو ۽ سندن همت وڌي ٿي.

(6) شاگردن اندر خود اعتمادي جو جذبو پڻ وڌي ٿو.

**نوٽ:** هن طريقي جي خامين بابت لکڻ فضول آهي ڇو جو هي طريقو وڏيڪ ڪامياب ۽ سنو طريقء تدريس آهي.

## 3. لکڻ سيکارڻ جي ميڪانيت
## (Mechanics of the Teaching Writing)

**لکڻ** مان مراد آهي ته ٻار لکڻ شروع ڪرڻ کان اڳ ان لاء گهربل ضروري ڳالهيون سمجهي ۽ گهربل شيون گڏ ڪري وٺي. لکڻ سيکارڻ ۾ پهرين ڳالهه لکڻ وارن عضون جي مشق ۽ استعمال ڪرڻ. لکڻ جي ڪم لاء تيلين - موتين- دائن ۽ ڪانن سان رانديون ڪرڻ. انهن مشغولين جي ذريعي ٻار جي مشڪن (Muscles) ۽ دماغ ۾ هم - آهنگي ۽ موافقت پيدا ٿئي ٿي جنهن ڪري ٻار پنهنجي سمجهه آهر هٿ پير هلائي سگهن ٿا. جڏهن ٻار جي عضون کي ان سڌي طرح تربيت ملي وڃي تڏهن هٿ جي آڱرين کي چر پر ڪرڻ جي ترتيب ڏيڻ گهرجي. آگر سان واريء يا مٽيء تي ليڪون پائڻ گهرجن. ڪانن سان پڻ راند ڪرائجي جنهن ڪري ٻار پين يا قلم جهلي آسانيء سان ليڪا پائي سگهندو. مانٽيسوري جي طريقي مطابق راند ڪرڻ جي ذريعي ٻار جي نظر ۽ هٿ کي استعمال ڪري سگهجي ٿو. لوهه جي ڪنيل فريمن ۽ شڪلين سان ليڪا پائڻ، رنگين پيسلن يا چاڪن سان رنگ ڀرائڻ سبب ٻار جي هٿن جي چر پر ۾ آهستي آهستي پختگي پيدا ٿئي ٿي.

### (الف) حرف ۽ اکر لکرائڻ

ٻارن کي لکرائڻ لاء هي پهريون ڏاکو آهي جنهن ۾ استاد کي نهايت ئي خبرداريء سان ڪم وٺڻ گهرجي ڇو ته ٻارن جي اکرن جي ٺهڻ ۽ بگڙجڻ جو هيءُ وقت آهي. خاص ڪري پهرئين ڪتاب ۾ ٻارن کي پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم گڏ ڪرايو وڃي. لکائڻ جي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته ٻارن کي اکرن ۽ آوازن جون بلڪل درست ۽ سهڻيون شڪليون ڏيکاريون وڃن ۽ انهن تي آڱر هلائڻ جي مشق ڏجي، ائين ڪرڻ سان ٻارن کي اکرن جي درست صورت ذهن نشين ٿيندي ۽ پوء اُنهن کي لکڻ جي ڍنگ جو استعمال ڏيڻ

گهرجي. ان بعد ڪاپيءَ تي پينسل سان يا پٽيءَ (فرهي) تي قلم سان لکي اِندا پرائڻ گهرجن. اهڙي دستور راند روند ۾ ٻارن جا اکر سڌاري سگهبا.

## (ب) سليٽ يا پٽي

پرائمري ڪلاسن ۾ پٽين يا سليٽن تي لکڻ جو ڪم ڪرائجي. ڪن ماهرن جو چوڻ آهي ته اڄ ڪلهه جي ايجادن جو فائدو وٺجي ۽ سليٽون ڪم نه آڻجن. پين جو چوڻ آهي ته ٻارن جا اکر سڌارڻ لاءِ قلم ۽ پٽيءَ جو استعمال تمام ضروري آهي. سليٽن جو استعمال ۽ ڪاپيءَ جو استعمال، پٽين کان وڌيڪ آسان آهي. هن ۾ ٻار زياده صفائيءَ سان ڪم ڪن ٿا. سليٽ جي استعمال ۾ وقت جو بچاءُ ٿئي ٿو ۽ لکڻ جي تياريءَ ۾ ڪو به وقت ڪونه ٿو لڳي. جيڪڏهن سليٽون ۽ پٽيون استعمال ڪبيون ته ٻارن جي اکرن بنائڻ ۾ وڌيڪ مفيد ثابت ٿينديون. ٻارن کي جيڪڏهن هڪ دفعو لکڻ جي ترتيب هٿ اچي وئي ته پوءِ نقل ڪندا رهندا. حقيقت ۾ اهو سڄو ڪم استاد جي شخصي رهنمائي ۽ نظرداري هيٺ ٿيڻ گهرجي جو ته ٻار ضرور سندس اکرن جو نقل ڪن ٿا. جيڪڏهن ٻارن جي روبرو بورڊ، ڪاپي، سليٽ يا پٽيءَ تي لکي ڏيندو ته هو اکرن لکڻ وقت سندس هٿ جي چرپر جو نقل ڪري ويندا. نقل ڪرڻ جون خاصيتون ننڍن ٻارن ۾ تيز ٿينديون آهن. جيڪڏهن استاد چاهي ته ٻارن جا اکر سڌاري سگهي ٿو.

## (ج) مشق لکڻ

اکرن لکائڻ ۽ سڌارڻ لاءِ مشق ڪاپي جي ضرورت هوندي آهي. مشق ڪاپي لکائڻ جو مقصد آهي ته ٻارن کي اکرن ۽ لفظن جي صحيح ۽ سهڻي صورتخطي لکڻ جا زياده ۾ زياده موقعا ۽ استعمال ملي ۽ منجهن سٺن ۽ صاف اکرن لکڻ لاءِ شوق پيدا ٿئي. اڄ ڪلهه مشق ڪاپيءَ جي ضرورت زياده محسوس ٿيڻ لڳي آهي جو ته ٻارن جا اکر روز به روز خراب ٿيڻ لڳا آهن. انهي جا ڪيترائي سبب آهن:

(1) ٻارن کي شروع ۾ اِندن پرائڻ جي آزمائش ڪانه ڪرائي ٿي وڃي جنهن سبب ٻار پاڻ مرادو جيئن اچين تيئن پيا لکن.

(2) ٻارن جي اکرن سکڻ وقت پوري رهنمائي نه ٿي ڪئي وڃي ۽ نه ئي وري سندن غلطين کي سڌاريو ٿو وڃي.

(3) سيکاريندڙ معلم پاڻ خوش خط نہ آهن ان ڪري ٻارن جي اکرن سڌارڻ جو ڪو بہ خيال نہ ٿا رکن، وغيره.

### مشق لکڻ جا ٽي طريقا آهن:

(1) اُستاد ٻارن جي ڪاپين تي سهڻن اکرن ۾ پهرين سٽ لکي ۽ ٻار ان تان نقل ڪري باقي سٽون پاڻ لکن.

(2) اُستاد سٽ بورڊ تي لکي ۽ ٻار ان تان نقل ڪري سڄو صفحو لکن.

(3) مشق جون خاص ڇپيل ڪاپيون ڪم آڻين جن ۾ ٻار ڏسي لکن.

مشق ڪاپين جي درستگي ٻارن جي روبرو ڪجي جيئن ڪين حرفن، لفظن يا اکرن جو درست طريقو ذهن نشين ٿئي.

## (د) هِجي ڪرڻ

لکڻ جي بين نمونن استعمال ڪرڻ سان گڏ هجي جو استعمال بہ هڪ اهميت رکندڙ آهي جنهن کي مادري زبان جو سيکاريندڙ استاد ڪنهن بہ حالت ۾ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ٻارن جي تعليم دوران شروعاتي سالن ۾ سُستيءَ کان ڪم ورتو ويو تہ ان جو اثر ٻارن جي آئنده زندگيءَ تي پوندو ۽ ساري عمر لفظن جو غلط نموني ۾ هجي ڪندا ۽ لکندا رهندا. ان ڪري اسڪول جي هيٺين درجن (پرائمري) وارن استادن جو فرض آهي تہ ٻارن ۾ هِجي جو بنياد بلڪل مضبوطيءَ سان ٻڌن جيئن ڪين لکڻ وقت ڪا بہ تڪليف يا هٻڪ محسوس نہ ٿئي.

لفظن جي هجي ياد ڪرڻ حافظي جو ڪم آهي انهيءَ ڪري انهن جي حفظ ڪرڻ جي لاءِ جيترا زياده طريقا ڪم آڻبا اوترو ان جي ياد ڀيهڻ جي زياده اميد رکي سگهجي ٿي. لفظن جي هِجي ۽ ياد ڪرڻ جا ٽي نمونا آهن:

(1) نظر سان،

(2) آواز سان،

(3) هٿ جي آڱرين جي چرپر سان.

**هِجي**، ياد ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي جنهن ۾ اِهي ٽئي نمونا اچي وڃن ٿا چو تہ ٻار جنهن وقت ڪنهن ڪتاب تان تڪرو اتاري ٿو، ان وقت هو ان جي تصوير ڏسندو ۽ دماغ

۾ ويهاربندو وجي ٿو. تنهن کان سواءِ ان جي لکڻ ۾ آڱرين هلائڻ سان تحريڪي حافظو بہ ڪم اچي ٿو ۽ انهيءَ مضمون جا لفظ اُچاربندو ۽ هجي ڪندو وجي ٿو تہ آوازي حافظو بہ انهيءَ عمل ۾ شامل آهي.

اسان جي سنڌي زبان **هڪ آوازي زبان** آهي. جنهن وقت ٻارن کي الف- ب جا آواز معلوم ٿيا ۽ اُچار دماغ ۾ ويٺا تنهن وقت هجي لکڻ ۾ ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي. ٻين زبانن ۾ اُچار هڪ نموني جو ۽ هجي ٻئي نموني جي ٿئي ٿي. اُن ڪري پهرئين درجي ۾ ٻارن کي لفظن جا صحيح اُچار ٻڌائڻ گهرجن ۽ بُلند آواز سان لفظن جي هجي ڪرائڻ گهرجي.

شاگردن جي تحريري ڪم ۾ هجي طرف خاص توجهہ ڏجي ان ڪري سندن صورتخطي صحيح رهندي.

## (هہ) صورتخطي

**صورتخطي** لفظ جي معنيٰ آهي خطُ يا اکرن لکڻ جي صورت، ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ لفظن جي صحيح صورت سيکارڻ جو استعمال. صورتخطيءَ لکائڻ جا گهڻا مقصد آهن:

(1) صورتخطي لکائڻ سان اهو معلوم ٿيندو تہ اکرن ۽ لفظن جون صحيح صورتون ٻارن جي دماغ ۾ ويٺيون آهن يا نہ؟ جي، ها تہ حا اُهي صورتون ٻار پنهنجي خيالن سان ڪڏي لکي سگهن ٿا؟

(2) صورتخطي لکائڻ سان اهو بہ جاچي سگهبو تہ ٻارن جا اکر ڪيتري قدر سڌريا آهن.

(3) صورتخطي لکائڻ ذريعي ٻارن ۾ ٻڌڻ ۽ ٻڌي مضمون کي قلمبند ڪرڻ جي طاقت پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪيس استعمال جو موقعو ملي ٿو.

(4) صورتخطي ذريعي اهو بہ معلوم ٿيندو تہ ٻارن جي لکڻ جي رفتار ڪيتري قدر سڌري آهي.

عام طرح استادن جو خيال آهي تہ صورتخطي جو استعمال انهيءَ ڪري ٿو ڪجي تہ شاگرد هجي سکن ليڪن اها ڳالهہ درست نہ آهي. صورتخطيءَ جو مطلب آهي اکرن جون صحيح شڪليون سيکارڻ. جهڙيءَ طرح ٻين مضمونن جي تياري جي ضرورت آهي تهڙيءَ طرح صورتخطيءَ لاءِ بہ ساڳي تياري جي ضرورت آهي. هي باقاعدي هڪ مضمون جهڙو ڪم آهي.

**فائدا:**

(1) ٻڍڻ واري مضمون کي جوڙڻ جي طاقت تيز ٿيندي رهي ٿي.

(2) ٻارن جا اکر گهڻي قدر سڌرن ٿا.

(3) صورتخطي لکڻ ڪري شاگردن جا اکر پڪا ۽ پختا ٿين ٿا ۽ لکڻ جي رفتار به وڌي ٿي.

(4) استاد کي معلوم ٿئي ٿو ته شاگردن جي لفظن جون صحيح صورتون بيٺون آهن يا نه.

## 4. لکڻ سيکارڻ جا مختلف نمونا (Different Forms of Writing)

سنڌي ٻولي لکڻ سيکارڻ لاءِ بنيادي چر پر جي مشق جي خبر پوي ٿي ته ان جي بناوت اکري شڪلين جي جدا جدا جزن مطابق آهي يا نه. جيڪڏهن حرفن جي بناوت کي غور سان ڏسبو ته خبر پوندي ته حرفن ناهڻ لاءِ آڏيون، تيڏيون، اُڀيون، پاسيريون، اڌ گول ۽ اڌچوڪنڊي ليڪن ڪڍڻ جي ضرورت پوندي آهي. لکڻ سيکارڻ وقت هنن کي تيار ڪرڻ، هنن ۽ اکين جي وچ ۾ برابري پيدا ڪرڻ بيحد فائديمند آهي. اهڙا لفظ جن ۾ حرفن جو تعداد گهٽ هوندو آهي اهي لکڻ ۾ سولا به هوندا آهن ۽ اُهي پهريين شروع ڪرائڻ گهرجن.

استاد کي گهرجي ته ٻار کي قلم جهلڻ ۽ لکڻ جي انداز کان واقف ڪري ته جيئن هو صحتمند عادتون سکن جيڪي لکڻ لاءِ ضروري آهن. هو پهريين ٻارن کي مٽي، واري، ڪاغذ کي لفظ تيار ڪرائڻ لاءِ استعمال ڪرائي ۽ اُنهن کي ڇهڻ ۽ ڏسڻ جا موقعا مهيا ڪري، ڪاغذ مان تيار ڪيل لفظ فلالين بورڊ تي چنبڙائي ڇڏي يا وري ٿالهه ۾ واري وجهي ٻار کي آڱر لکڻ جي عمل لاءِ تيار ڪري سگهي ٿو.

### (الف) لکڻ جون وصفون

سڌيون ۽ اڀيون ليڪون، اڌگول ۽ گول ليڪون، سڌيون ۽ گولائيءَ مائل ليڪون، ٽيڪو، آڏيون ليڪون، اکرن ۽ لفظن ۾ اضافو ۽ فقره ناهڻ.

(1) سڌيون عُمودي ليڪون: مٿي کان هيٺ ۽ هيٺ کان مٿي مثال: ا، گا.

(2) سڌيون اُفقي ليڪون: ساڄي کان کٻي مثال: ب، ت، پ.

(3) نيم دائري واريون ليڪون (اڌگول واريون ليڪون) ساڄي کان کٻي ۽ کٻي کان

سجي. مثال: چ، ع، ج.

(4) گول ليکون:- مثال ق، م.

(5) چوٽ دائري واريون ليکون: مثال: و، ر، ڙ، ذ، ض.

(6) سڌيون گولائي مائل ليکون: مثال: د، ڌ، ڏ.

(7) گول نقطي واري حرڪت: مثال: ف، ث

(7) اکرن ۾ لفظن ۾ اضافو: جڏهن ٻارن کي ليکن ۾ ٽيڪن جي مشق ٿي وڃي ته پوءِ ڏسو ۽ لکو جي طريقي تي پڙهيل لفظن جو نقل ڪرايو وڃي. پهرين آسان لفظ لکيا وڃن جن جا ترڪيبي اکر جدا جدا هجن. ٿورن لفظن جي مشق ڪانپوءِ تحليلي طريقي کان ٻارن جو ڌيان ترڪيبي اکرن ڏانهن ڇڪايو وڃي. اکرن کي جدا جدا اعرابن سان لکائي مجموعي طور حروف ته تهجي جي مشق ڪرائي وڃي. اکرن جي جدا جدا واري صورتن جي مشق ڪرائجي ۽ اکرن جي ابتدائي، درمياني ۾ آخري بناوت ڏانهن انهن جو ڌيان ڇڪائجي. مثلاً: د- يہ- جہ - ج - ق - ق - م - سم وغيره وغيره. اهڙي ريت اکرن جي ترڪيبي بناوت ۾ لفظن ٺاهڻ جي مشق گڏوگڏ هلندي رهندي.

اکرن ۾ لفظن ۾ اضافي لکڻ لاءِ لازمي آهي ته اول شاگردن کي اکرن جي ميلاپ سان ننڍا ننڍا لفظ لکڻ سيکارجن جن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ٻہ اکر لفظ: مثلاً: دَرَ- پِتِ - پُڄُ.

ٽي اکر لفظ: مثلاً: قلم- سبق.

چار اکر لفظ: مثلاً. ڪارا- پاوا- رازا.

پنج اکر لفظ: مثلاً: ڇوڪري - ڇوڪرو.

## (ب) فقرا ٺاهڻ

جڏهن شاگردن کي لفظ لکڻ اچي وڃي ته پوءِ کين ٻن لفظن ٽن لفظن ۾ چئن لفظن جا فقرا يا جملا لکڻ سيکارجن، جن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

قلم رک.

هي در آهي.

طوطو بولي ٿو.

هي هڪ ڇوڪرو آهي.

شاگردن کي لفظن ۽ فقرن جي لکڻ جي مشق ڪرائڻ وقت لازمي آهي ته ڪين اُهي لفظ ۽ فقرا ڪاپين تي لکڻ لاءِ ڇيو وڃي. سندن ڪيل اجتماعي خامين جو اصلاح بورڊ تي ڪجي جيئن سڀ شاگرد ڏسن. استاد سندن انفرادي چرپر ڏانهن ڌيان ڏئي ۽ اصلاح لاءِ قدم کڻي. غلط اکرن ۽ لفظن جي سامهون صحيح اکر ۽ لفظ لکي ۽ غلط اکرن ۽ لفظن مٿان قلم گهمائي اُن جا صحيح نشان ظاهر ڪري. ان ريت شاگردن جي لکڻ جي ڪم جي اصلاح ٿي سگهندي ۽ هو بهتر ۽ سهڻي نموني ۾ لکڻ سگهندا ويندا.

## (ج) سُٺي لکڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکڻ گهرجي

(1) لکڻ مَهل صفائيءَ جو خاص خيال رکيو وڃي. ڪي ٻار پني يا تختيءَ تي مَسُ جا ڌٻا ڪريو ڇڏين جنهن ڪري اکرن جي سونهن ڦٽيو وڃي. وري ڪي ٻار هر هر اکر ڪٽي سٻر لکن يا اکرن مٿان پينسل يا قلم گهمائڻ سبب منجهن اهڙي عادت پنجيو وڃي. اهڙي حالت ۾ اُستاد کي گهرجي ته مٿي ذڪر ڪيل عادت ختم ڪرائي ۽ هڪ عبارت فقط هڪ ئي قلم سان لکي وڃي. ڪوشش ڪري مَسُ به ساڳئي استعمال ڪجي. اُن ڪري لکڻ ۾ صفائي ۽ ڪَشش پيدا ٿي سگهي ٿي.

(2) عبارت ۾ لفظن جي صورتخطي ۽ فقرن جي صحيح ترتيب تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن عبارت ۾ لفظن جي بناوت دُرست نه آهي ۽ صورتخطيءَ ۾ چُڪون نظر اچن ٿيون ته نه ته مطلب سمجهه ۾ ايندو ۽ نه ئي وري لکڻ جي ڪم کان واقفيت ٿيندي.

(3) عبارت نويسيءَ ۾ بيهڪ جي نشانين ۽ اَدائگيءَ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي. عبارت جي مطلب سمجهڻ لاءِ نشانين کي سمجهڻ سواءِ، فقري جو مطلب بدلجيو وڃي.

(4) ڏنگيون ڦڏيون ليڪن ۽ لفظن ۾ گهٽ وڌ فاصلي سبب لکت جي سونهن ختم ٿيو وڃي. اُن ڪري ڪوشش ڪري ليڪون سڌيون ۽ اُنهن جي وچ ۾ مفاصلو هڪ جيترو، لفظ مناسب ۽ هڪ جيتري وِٿيءَ سان لکيا وڃن.

(5) هڪ پاسي حاشي ڇڏي ۽ عبارت کي مناسب فقرن ۾ ورهائي لکڻ سان اکرن ۽

لکيت جي سونهن وڌي ٿي جيڪا پرڪشش ڇنڻ سان گڏ پڙهندڙ لاء دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي آهي.

## 5. جائزو

امتحان، پرک، آزمائش ۽ چڪاس کي **جائزو** بہ چيو ويندو آهي. **جائزو** اهو منتظم طريقہ ڪار آهي جنهن سان استاد پنهنجي ڪم جي رفتار ۽ ڪارڪردگيءَ جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. مشهور ماهر **اي. جي. جونز** جو چوڻ آهي تہ "ڪنهن بہ چيز جي قدر ۽ قيمت لڳائڻ جي عمل جو نالو **جائزو** آهي." استاد کي اهو **معلوم** ٿئي ٿو تہ شاگرد ڪيتري حد تائين پهتو آهي ۽ هن ۾ ڪوتاهي ڪهڙي آهي؟ ۽ انهي تي ڪهڙي نموني سان قابو پائي سگهجي ٿو؟ وغيره.

**جائزي** ۽ **تعليم** جو پاڻ ۾ اهڙو تعلق هئڻ گهرجي جهڙي طرح جسم ۽ روح جو. جيڪڏهن انهن مان هڪ بہ جدا ٿي ويو تہ زندگي بي معنيٰ ۽ بي مقصد رهي سگهي ٿي.

●

# یونٹ - 5

# تدریس نثر

لیکک
دین محمد چنا

# فهرست


تعارف 85

1. تدريس نثر 86

2. نثر پڙهائڻ جا مقصد ۽ طريقو 86
(الف) شروعات يا آمادگي 87
(ب) پيشڪش (يونٽ جو واڌارو) 87
(ج) جائزو 88

3. خاموش خواني 88
- خاموش خواني جا مقصد 88
- خاموش مطالعي مان فائدا 89

4. تفهيم لاءِ پڙهڻ 89

5. قدر داني يا پسنديدگيءَ لاءِ پڙهڻ 90

6. اظهار ڪرڻ 90

7. ٻوليءَ جي ساخت ۽ نموني جو فهم 91

8. گهرو ۽ وسيع مطالعو 93

| | |
|---|---|
| (الف) گهرو مطالعو | 93 |
| - گهري مطالعي مان فائدا | 94 |
| (ب) اضافي/وسيع مطالعو | 95 |
| (ج) مثالي پڙهتي | 95 |
| (د) زباني مطالعو | 96 |
| (هـ) لائبريريءَ ۾ مطالعو | 97 |
| - مطالعي مان فائدا | 98 |

# يونٽ جو تعارف

هن يونٽ ذريعي نثر پڙهائڻ جا مقصد۽ ان جا طريقا صحيح طور تي بيان ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اهميت خاص طور ۽ اسڪولن ۾ عام طور تي معاشري کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ آهي. اُنهيءَ ڪانسواءِ هن يونٽ ۾ شاگردن لاءِ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي ته سنڌي نثر جي پڙهائڻ جا مختلف طور طريقا ۽ پڙهائڻ جا اصُول سمجهن ته جيئن صحيح پڙهائڻ جا اصُول رائج ڪري سگهجن. اُن ڪانسواءِ اُهو به واضح ڪيو ويو آهي ته مختلف عناصر ڪهڙيءَ طرح استعمال ڪيا وڃن ۽ اُنهن جون ضرورتون ڪهڙيون آهن جيئن ٻوليءَ جو صحيح اظهار به ٿئي ۽ سمجهه ۾ به اچي.

نثر جو ڪهڙو به جملو يا ٽڪرو هجي ان پڙهڻ سان ان جي لفظن جي معنيٰ سمجهڻ ۽ اُن جي مفهوم کي حاصل ڪرڻ سان گڏ اهو به جاچڻو پوندو آهي ته شاگردن جي جذباتي پختگيءَ ۾ ڪيتري قدر مدد ملي آهي ۽ سندس جمالياتي حس کي ڪيتري قدر سجاڳ ڪيو ويو آهي. ان لاءِ استادن جو فرض آهي ته ٻارن کي مختلف سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت جو موقعو ڏين ۽ سندن تخليقي صلاحيتن کي وڌائڻ ويجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن.

(الف) شروعات يا آمادگي
(ب) پيشڪش
(ج) جائزو

### (الف) شروعات يا آمادگي

نثر سيکارڻ لاءِ سبق جي تياري جي مڙني مرحلن ۾ اهم **آمادگي يا ابتدا** آهي. هن ڏاڪي تي شاگردن کي نئين سبق لاءِ ذهني طور آماده ڪيو ويندو آهي. ضروري آهي شروعات دلچسپ انداز ۾ ڪئي وڃي. ابتدائي سوال شاگردن جي اڳوڻي معلومات سان لاڳاپيل هئڻ گهرجن. غير واسطيدار سوالن کان پاسو ڪيو وڃي. شروعات ايتري قدر دلچسپ ۽ پرڪشش هجي جو شاگرد نئين ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ بي تاب هجن. ابتدائي سوالن جي پڄاڻي تي سبق جو اعلان ڪرڻ گهرجي. جيئن پهرين ڪلاس کان ڏهين ڪلاس تائين نصاب مربوط آهي ان ڪري ممڪن آهي ته سبق جي مواد ۾ سائنس، سماجي اڀياس، اسلاميات، آرٽ ۽ ڪرافٽ جا تصورات موجود هجن جن کي واضح ڪرڻ مقصود هجي ليڪن اهو خيال ضرور رکڻو آهي ته اهي سمورا تصور ٻولي جي سبق وسيلي ڏيڻا آهن. تنهن ڪري ٻولي جي مهارتن کي آڏو رکي مادري زبان پڙهائڻ وارن مقصدن کي حاصل ڪرڻو آهي.

### (ب) پيشڪش (يونٽ جو واڌارو)

نئون سبق پيش ڪرڻ وقت سهڻي نموني سان رٽيل ٽڪري کي پڙهڻو آهي. استاد ڪوشش ڪري ٻارن کي سبق مثالي نموني پڙهي ٻڌائي. هن سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين جو ڌيان رکڻو آهي:

تحفظ، تفصيل، رواني ۽ ادائگي.

**تلفظ:** صحيح تلفظ جو مقصد ڪنهن به لفظ کي اهڙي نموني ادا ڪرڻو آهي ته جيئن ان جون اعرابون صحيح هجن ۽ ٻڌڻ وارو مفهوم جلد سمجهي وڃي.

**تفصيل:** عبارت کي اهڙي نموني پڙهڻ جو جتي بيهڻو هجي اتي بيهجي ۽ جنهن جاءِ تي لفظ ملائڻو هجي اتي لفظ ملائي پڙهيو وڃي.

**رواني:** عبادت کي بيهي بيهي نه پڙهجي، پر بي حجاب ۽ بنا ڊپ جي پڙهيو وڃي.

**ادائگي:** آواز ذريعي مضمون کي ان جي مناسبت سان موقعي ۽ محل موجب پڙهيو وڃي.

**(ج) جائزو:**

ان بعد ڏنو وڃي ته پيشڪش ڪيتري قدر صحيح نموني ادا ڪئي ويئي آهي، ان جو جائزو ورتو وڃي.

## 3. خاموش خواني (Silent Reading)

خاموش خواني يا پڙهڻ جا به مقصد آهن. هڪ هي آهي ته ٻار مواد خاموشي سان پڙهن ۽ ڏنل سوال جو مطلب سمجهي سگهن. ٻيو هيءُ ته ڪيل سوال جو مطلب سمجهي ان جو جواب پڙهيل مواد مان ڳولي ڏئي سگهن. خاموش خواني وقت شاگردن کي دل ۾ سبق پڙهائڻ لاءِ چئجي. ان جو مقصد اهو آهي ته شاگردن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ٿئي ۽ پنهنجي منهن پڙهڻ جو شعور پڻ پيدا ڪيو وڃي ته جيئن منجهن خوداعتمادي جو جذبو پيدا ٿئي. اهڙيءَ طرح پڙهڻ سان شاگردن جي پرهڻ جي رفتار وڌي ٿي ۽ وقت جو به بچاءُ ٿئي ٿو.

خاموش خواني ڪرائڻ وقت اُستاد هڪ يا به سوال بورڊ تي لکي جن جي جواب ۾ سبق جو سچو نچوڙ اچي وڃي. ٿوري وقفي بعد شاگردن کي اُنهن سوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ چئجي. پلي اُنهيءَ وقت ٻارن کان سوال پڙهايا وڃن ته جيئن اها خبر پوي ته واقعي ٻارن سوال سمجهيو آهي يا نه. ان بعد جواب ورتو وڃي ۽ ساڳيو ئي جواب ٽن چئن ٻارن کان دهرايو وڃي ته جيئن سڄي ڪلاس کي خبر پئجي وڃي. جديد ماهرن جو چوڻ آهي ته خاموش مطالعو ان وقت شروع ڪجي جڏهن ٻارن ۾ پڙهڻ لاءِ آمادگي پيدا ٿي چڪي هجي. مشاهدي جي قوت، ڏيان سان ٻڌڻ جي مهارت ۽ جسماني ۽ ذهني بلوغت ٻار کي مطالعي ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ آماده ڪندي آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته خاموش مطالعي جي ابتدا ٽئين درجي کان اڳ ۾ نه ٿي ڪري سگهجي. انهي سلسلي ۾ تعليم جي ماهرن جو چوڻ آهي ته سڄي وقت جو ڏهه سيڪڙو ٽئين درجي لاءِ، پندرهن سيڪڙو چوٿين درجي لاءِ ۽ ويهه سيڪڙو پنجين درجي لاءِ خاموش خوانيءَ لاءِ وقف ڪجي.

**خاموش خواني ڪرائڻ جا مقصد:**

(1) ٻار سوال پڙهن ۽ ان جو مطلب سمجهي سگهن.
(2) سوال جو مطلب سمجهي ان جو جواب ڳولي سگهن.
(3) مطالعي سان گڏ تخيل جي گهرائي پيدا ڪن.
(4) پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مشغول رهن جي ڪوشش ڪن.

**خاموش مُطالعي مان فائدا:**

(1) هي جديد ۽ فطري طريقو آهي جو ته ٻار جڏهن ڪنهن به مسئلي تي سوچيندو آهي تڏهن دل ۾ ويچاريندو آهي ۽ دل ۾ سوچڻ سان ڳالهه يڪدم سمجهه ۾ ايندي آهي. ڏاڍيان ڳالهائڻ سان ڪنهن به مسئلي تي سوچي ڪونه سگهبو آهي.

(2) خاموش پڙهڻ سان مضمون سنئون سڌو شاگرد جي ذهن ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو.

(3) خاموش پڙهڻ سان پڙهڻ جي رفتار تيز ٿئي ٿي ۽ وقت جو بچاءُ ٿئي ٿو.

(4) خاموش پڙهڻ سان ٻارن ۾ خوداعتمادي ۽ ضابطو رهي ٿو ۽ پڻ تخيل ۾ گهرائي پيدا ٿئي ٿي.

(5) خاموش پڙهڻ سان ڪلاس ۽ اسڪول جو انتظام بهتر ٿئي ٿو ۽ سندن توڙي ٻين وارن ڪلاسن ۾ ڪا به رنڊڪ نه ٿي ٿئي.

## 4. تفهيم (Comprehension)

اها معلومات جيڪا ٻار ڏانهن منتقل ڪئي وڃي ۽ هو اُن کي سمجهي ان کي آساني سان ٻيهر ورجائي سگهي ته ان کي **تفهيم** (Comprehension) چئبو آهي.

پرائمري ڪلاس ۾ استاد سڀ کان پهرين جملن سيکارڻ لاءِ پاڻ جملا ورجائيندو رهندو آهي ۽ ٻار ان جي پنيان پڙهندا ايندا آهن. ڪنهن مرحلي تي استاد ٻارن کان اُهي جملا فرداً فرداً چورائيندو آهي. ٻار آسانيءَ سان اُهي جملا ٻڌائي ويندا آهن. اهڙي معلومات کي **تفهيم** (Comprehension) چئبو آهي.

سيڪنڊري ڪلاسن لاءِ شاگردن لاءِ ڪو يونٽ خاموش مطالعي لاءِ تجويز ڪيو ويندو آهي. ان جي پڄاڻيءَ تي استاد اُن يونٽ جي اهم نڪتن متعلق سوال/جواب طلب ڪندو آهي. ان مان اها خبر پنجي سگهندي ته شاگردن ۾ خود اعتمادي جي ڪيتري صلاحيت آهي ۽ سوچ جي قوت ۾ ڪيترو واڌارو آيو آهي. نون لفظن جي تشريح دوران مرڪب لفظن کي پڇي معنيٰ سيکاريندو آهي. استاد انهيءَ مرحلي تي ساڳئي قسم جا لفظ شاگردن کي ڏيندو آهي ته جيئن شاگرد صحيح لفظن جي معنيٰ ڪڍي سگهن. هن مرحلي تي استاد ٻن نمونن يعني معروضي توڙي موضوعي سوال ڪري سگهي ٿو.

## 5. قدرداني يا پسنديدگي (Appreciation) لاءِ پڙهڻ

مادري زبان جي درسي ڪتابن ۾ ٻن قسمن جا سبق ڏنل هوندا آهن: (1) نثر جا سبق (2) نظم جا سبق. نثر توڙي نظم جا سبق ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڪتابن ۾ ڏنل هوندا آهن. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ نثر ۽ نظم ٻارن کي پڙهايا ويندا آهن.

نثر پڙهائڻ وقت شاگردن کي نوان لفظ، پهاڪا، اصطلاح ۽ لفظن جا اشتقاق به سمجهائڻ گهرجن ۽ جيڪي به مضمون ۾ خوبيون هجن اهي چٽي طرح سمجهائجن. انهي لاءِ ته هنن کي انهي قسم جا مضمون لکڻ اچن ۽ شاگرد ادب جي پسنديدگي ۽ قدرداني ڪري سگهن.

نظم درسي ڪتابن ۾ انهي لاءِ ڏنا ويندا آهن ته ٻار انهن کان لطف اندوز ٿي، سُرَ سان ڳائين ۽ ان مان خوشي حاصل ڪن ۽ محظوظ ٿين. وڏن ڪلاسن ۾ معياري نظم ڏنل هوندا آهن، ان لاءِ شاگردن کي لئه ونائڻ ۽ مرڪزي خيالات معلوم ڪرائڻ سان گڏو گڏ نظم جو مفهوم ۽ شاعرانه ڪاريگريون معلوم ڪرائڻ نهايت ضروري آهن. انهيءَ ڪري خاص خاص الفاظ ۽ تجنيسون وغيره چڱي طرح ذهين نشين ڪرائجن جنهن مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ته ڪهڙي ڪاريگري سبب اهو شعر ايترو اثرائتو ٿيو آهي. انهن ڳالهين جي سمجهاڻي ڏيڻ نهايت ضروري آهي. اهڙي قسم جا نظم شاگردن کي پڙهائجن ته جيئن شاگرد ادب جي قدرداني ڪن.

مطلب ته استاد جيڪڏهن دلچسپي وٺندو ۽ موقعا تلاش ڪندو ته نثر توڙي نظم پڙهائڻ جي سلسلي ۾ ڪيس نهايت گهڻا موقعا ميسر ٿي سگهندا جن جي استعمال سان هو شاگردن ۾ شعر ۾ شاعرن ۽ نثر ۾ اديبن لاءِ محبت، دلچسپي ۽ قدرداني يا پسنديدگيءَ (Appreciation) جا گڻ پيدا ڪري اعليٰ مقاصد حاصل ڪري سگهندو.

## 6. اظهار ڪرڻ (Expressions)

مادري ٻولي اظهار جو بنيادي وسيلو آهي. اِظهار جا به ذريعا آهن: هڪ تحريري ۽ ٻيو تقريري.

استاد کي گهرجي ته شاگردن ۾ تقريرن جي صلاحيت پيدا ڪري ۽ هو ڏنل معلومات مان ٻارن کان زباني ٻڌي. شاگردن کي اهڙا موقعا ميسر ڪري ڏئي جيئن هو پنهنجا خيال، ارادا ۽ محسوسات نهايت بي ڊپائيءَ سان آزاد نموني پيش ڪري سگهن. ان لاءِ بهتر آهي

تہ ابتدائي اسڪولن ۾ گفتگوءَ جو هڪ پيرڊ مقرر ڪجي جنهن ۾ ٻارن کي موقعو ڏجي تہ هوڪنهن بہ عنوان تي آزاديءَ سان گفتگو ۽ هڪٻئي سان سوال جواب ڪن. هن پيرڊ ۾ استاد ٻارن جي ٻوليءَ جي درست ڪرڻ جو فڪر نہ ڪري ڇو تہ مقصد آهي تہ ٻارن کي گفتگو ۽ ڳالهہ ٻولهہ لاءِ تيار ڪرڻ. ٻوليءَ جون درستيون تہ اڳتي هلي بہ ٿي سگهن ٿيون. ان کانسواءِ هر هڪ تعليمي اداري ۾ بحث مباحثي جون ٽوليون ناهڻ گهرجن. ڪن خاص موقعن تي ڪين ڪو موضوع پڻ ڏجي. هڪ ٽولو موضوع جي فائدي ۾ ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿئي ۽ ٻيو ٽولو موضوع جي خلاف ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿئي. اهڙي مشغوليءَ سبب زباني ڪم نهايت مؤثر ثابت ٿيندو. اِن بحث مباحثي لاءِ استاد کي هر حالت ۾ چست رهڻو پوندو ۽ پَس پرده هر هڪ جي رهبري ڪرڻي پوندي.

تقرير کان سواءِ استاد تحريري ڪمن جي اصلاح ڪري. هن سلسلي ۾ شاگردن کي گهرو ڪم جيڪو سيڪاربل سبق مان تجويز ڪري تہ جيئن شاگرد گهر ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪم ۾ مشغول رهن ۽ اجايو وقت نہ وڃائين استاد کي گهرجي تہ سندن گهرو ڪم جي چڪاس باقاعدي ڪري ڪمزورين جي اصلاح ڪري. شاگردن جي اکرن ڏي پورو ڌيان ڏجي ۽ اکرن جي سڌارڻ لاءِ ڪاپين جو لکڻ نهايت ضروري آهي. عام چوڻي آهي تہ" خوشخطي شاگرد جو سينگار آهي ۽ علم جو پڻ اڌ آهي."

موجوده وقت ۾ تقرير کي تحرير کان وڌيڪ اهميت آهي انهيءَ لاءِ استادن تي فرض آهي تہ ٻارن کي تقريرن جا موقعا فراهم ڪن ۽ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تعليمي ماهرن کي گهرائي تقريرون ڪرائجن ۽ ٻارن کي چئجي تہ ڌيان سان ٻڌن تہ اُهو شخص ڪهڙيءَ طرح موضوع کي نڀائي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻار تقريري فن سکي وڃن ٿا.

## 7. ٻوليءَ جي ساخت ۽ نموني جو فهم
## (Understanding the form and construction of language)

مادري زبان جي تدريس ۾ نفس مضمون سان گڏوگڏ ٻوليءَ جي بناوت ۽ ان جي ترڪيب (Form and Structure) ۽ ان جي قاعدن قانونن تي استاد کي توجهہ ڏيڻ گهرجي. نثر پڙهائڻ وقت ٻولي ۽ لفظ جي ترڪيب ۽ ترتيب تي بحث ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو نئون لفظ استاد کي سمجهائڻو آهي تہ ان لفظ جي بناوت/جوڙجڪ (Word formation) ۽ ان سان گڏ اهو بہ سمجهائي تہ لفظ جي معنيٰ ڪهڙيءَ ريت ٿيندي.

مثال دلڪش ۽ رومال اِهي ٻئي لفظ فارسيءَ جا آهن. اُنهن جي معنيٰ ڪڍڻ لاءِ لفظ

كي پجي اڌو اڌ ڪري پوئين حصي کي مصدر ۾ ٽوڙبو تہ معنيٰ آسانيءَ سان نڪري ايندي.
جهڙوڪ، دلڪش

(دل + ڪشيدن)

دل + ڇڪڻ = دل کي وڻندڙ.

رومال: (رو = منهن + ماليدن = مهٽڻ) مُنهن صاف ڪرڻ لاءِ ڪپڙو.

اسان جي مادري زبان ۾ ڪيترائي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جا لفظ آهن. اُنهن لفظن جي معنيٰ بہ جدا جدا نموني نڪرندي، جيئن اُسان مٿي فارسي لفظن جي معنيٰ جو طريقو بيان ڪيو آهي.

اسان جي مادري ٻوليءَ ۾ عربي زبان جا لفظ موجود آهن عربي لفظ لاءِ اهو قانون آهي تہ ڪنهن بہ ڏنل لفظ مان جيڪڏهن ڪجهہ حروف جهڙوڪ، ت، س، م، ن، و، ا (تسمنوا) ڪڍي ڇڏبا تہ اُنهيءَ لفظ جو اصل بنياد نڪري ايندو. عربي زبان ۾ اُڪثر لفظن جو بنياد ٽن حرفن تي مشتمل هوندو آهي. جيڪڏهن ساڳي لفظ ۾ ساڳيا بہ حرف هوندا تہ اُنهن مان هڪ خارج ڪري ٻئي حرف جي مٿان شدَ ڏبي تہ اهو ٻنو حرف ٿي پوندو.

جهڙوڪ: انصاف (نصف = اڌو اڌ) = عدل

تعليم (علم= ڄاڻ) = علم جي ڄاڻ

سنڌي زبان جي لفظ کي اڌو اڌ ڪري ٻنهي حصن مان معنيٰ ڪڍي ويندي آهي.

مثال: جهڙوڪ اُپائڻهار (اپائڻ= پيدا ڪرڻ+ هار= وارو) خدا تعاليٰ.

اسان جي ٻولي ۾ ڪيترائي، اصطلاح ۽ پهاڪا استعمال ٿيندا اهن جنهن ۾ اڪثر ڪري فعل ڪتب آيل نہ هوندو آهي. جنهن جي ظاهري معنيٰ هڪ هوندي آهي ۽ اندروني طور ٻئي شيءِ ڏانهن اشارو ٿيل هوندو آهي. اهي پهاڪا ۽ اصطلاح اسان جي ٻوليءَ جي سونهن آهن جنهن ڪري اها ٻولي جو اعليٰ درجو اختيار ڪري ٿي. شاگردن کي ٻنهي معنائون سمجهائي پوءِ جملن ۾ استعمال ڪرائجن تہ بهتر ٿيندو. استاد کي اِن سلسلي ۾ شاگردن سان تعاون ڪرڻ جي ضرورت آهي.

- مثلاً: سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ.

  چار چنڊ لڳائڻ

پهرين اصطلاح مان اِها ظاهري معنيٰ نڪري ٿي تہ جيتري سوڙ هجي اوترائي پير ڊگهيرن گهرجن.

اندروني معنيٰ اها نڪري ٿي تہ ڪمائيءَ آهر خرچ ڪرڻ گهرجي.

جملو: انسان کي گهرجي تہ سَوڙ آهر پير ڊگهيري ۽ اجايو خرچ نہ ڪري.

چار چنڊ لڳائڻ = وڏو رتبو حاصل ڪرڻ يا سونهن وڌائڻ.

احمد نيڪ ڪم ڪري پنهنجي خاندان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا دانائيءَ تي ٻڌل اصطلاح هزارن جي تعداد ۾ آهن جيڪي روز مره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندا رهن ٿا.

اصطلاحن وانگر پهاڪا ۽ چوڻيون بہ ڪنهن ٻوليءَ جو ادبي خزانو آهن، جنهن ۾ وڏن واقعن جو نچوڙ ڏنل هوندو آهي ۽ دانائيءَ جا پندار پريل هوندا آهن. انهن جي اِستعمال سان ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت وڌي ٿي.

مثال: اُهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.

هن چوڻيءَ جو اهو مطلب آهي تہ انسان کي گهرجي تہ ڪجهہ بچت ڪري جيڪا ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي.

ٻولي ۾ اصطلاحن ۽ پهاڪن کان سواءِ اهڙا ٽوٽڪا (ننڍڙيون ڳالهيون) بہ آهن جيڪي فصاحت، بلاغت ۽ سلاست سان گڏ حڪمت جي خزانن مثل آهن، جيئن تہ هڪ فقير کي ڪُتي پٺي ڏاڙهيو پڇيو ويس تہ غريب فقير کي چو ٿو ڪائيس؟ ان جواب ڏنو تہ آئون ڪتو آهيان تہ بہ پنهنجي ڌڻيءَ جي در تي ٻڪ ڏک ۾ وينو آهيان ۽ هي تہ انسان آهي سو پنهنجي مالڪ حقيقيءَ کي ڇڏي وني ٿو ٻين جي هٿن ڏانهن ڏسندو. اِنهيءَ ٻچڙي لَڇڻ جي ڪري ٿو هن کي ڏاڙهيان.

سنڌي پڙهائيندڙ استادن تي فرض آهي تہ درسي ڪتابن ۾ اهڙا ڪم ايندڙ اصطلاح، ٽوٽڪا، پهاڪا ۽ چوڻيون جيڪي استعمال ٿيندا رهن ٿا انهن جو استعمال ۽ معنائون شاگردن کي سيکارين تہ جيئن عملي زندگي سٺي ۽ سهڻي نموني سان گذارين۽ قوم ۽ ملڪ لاءِ فائديمند ثابت ٿين.

## 8. گهرو ۽ وسيع مطالعو (Intensive and Extensive Reading)

### (الف) گهرو مطالعو(Intensive Reading):

سکيا ۾ گهري مطالعي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. هن ۾ اک ۽ زبان ٻئي استعمال ٿينديون آهن. اک ڏسڻ جي قوت ۽ چر پر سان پڙهڻ جو فعل انجام ڏيندي آهي. هي نہ صرف حرفن ۽ لفظن جي وچ ۾ مُفاصلي، جملي ۽ سٽن جي حد مقرر ڪندي آهي پر

پڙهڻ وقت هڪ سٽ جي شروعات کان آخر تائين لڳاتار چرپر بہ ڪندي آهي بلڪہ نگاهہ ٿوري ٿوري حرڪت کان پوءِ بيهي رهندي آهي. بيهڻ وقت لفظ سجاتا ويندا آهن ۽ پڙهڻ جي رفتار تيز ٿي سگهي ٿي بلڪہ مفهوم سمجهڻ ۾ بہ مدد ملندي آهي. گهري مطالعي جو مقصد ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ مناسب واڌارو ڪرڻ آهي جنهن سان زبان تي عبور حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

هن مطالعي کي بہ خاموش مطالعي ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. هن جو مقصد ٻارن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ آهي. هن مطالعي ۾ هيٺين ڳالهين جو ڌيان رکڻ گهرجي:

(1) غور سان پڙهڻ ۽ اصولي طريقي سان مطالعو ڪرڻ.

(2) خيالن کي هڪ جاءِ تي آڻڻ.

(3) وقفي وقفي سان پڙهڻ.

(4) ڪنهن نتيجي تي پهچڻ.

(5) مطالعي دوران علم جي تحصيل جوشوق قائم رکڻ.

(6) لغت جي ڪتابن جو صحيح استعمال، جيئن لفظن جون جدا جدا معنائون ۽ صحيح پڙهڻيون معلوم ڪري سگهجن.

## گهري مطالعي مان فائدا

(1) گهري مطالعي مان ٻارن جي لفظن ۽ خيالن جي ذخيري ۾ اضافو اچي ٿو ان ڪري سندن ڄاڻ ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو.

(2) واندڪائيءَ جي وقت جو صحيح فائدو ۽ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

(3) خيالن کي يڪجاءِ ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

(4) گهري مطالعي مان شوق ۽ دلچسپي وڌي ٿي ۽ اظهارِ خيالات ۾ آساني رهي ٿي.

(5) گهري مطالعي مان تخيل جي جي گهرائيءَ کي وسعت ملي ٿي.

(6) گهري مطالعي مان نون لفظن جي معنيٰ، پهاڪا، اصطلاح وغيره موقعي ۽ محل جي نزاڪت سان استعمال ڪرڻ سکجي ٿو.

تنهن ڪري استاد جو اهڙين سرگرمين کان واقف هئڻ ضروري آهي تہ جيئن ان عمل کي مؤثر ۽ ڪارگر بنائي سگهجي.

### (ب) وسيع مطالعو (Extensive Reading)

هي هڪ اختياري مطالعو آهي جنهن ۾ نصابي ڪتابن کان علاوه ٻين اضافي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ھن ۾ تجويز ڪيو ويجي ٿو. ڪيترن ئي حالتن ۾ ٻارن کي ڪنهن معلومات هٿ ڪرڻ لاءِ يا بحث مباحثي ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪافي ڪتابن، رسالن، اخبارن، مخزنن ۽ لغت جي ڪتابن کي ڏسڻو پوندو آهي. هي مطالعو وقت جي صحيح استعمال لاءِ موزون آهي. تعليمي ادارن ۾ ٻارن کي اهڙا موقعا پيدا ڪري ڏجن ته جيئن هو پنهنجي معلومات کي وڌائين ۽ پختو ڪن. مادري زبان جو ميدان وسيع آهي، ان ۾ گهمڻ لاءِ صرف درسي ڪتاب ڪافي نه آهن. اسڪول ۾ ٻار محنت جو مرڪز آهي ڪيس اهڙو موقعو پيدا ڪري ڏجي ته جيئن درسي ڪتابن جي روشني ۾ وڌيڪ ڪتاب ڏسي معلومات حاصل ڪري. انهي سلسلي ۾ هيٺيان استعمال مفيد آهن:

(1) لغت جي ڪتابن جو صحيح استعمال ۽ لفظن جون جدا جدا معنائون ۽ صحيح پڙهڻيون معلوم ڪرڻ.

(2) ڪتابن جون فهرستون، جن ۾ اندر مضمونن ۽ بابن جون لسٽون ڏسڻ ۽ پنهنجي مرضي يا ضرورت وارا مضمون ڳولي ڪڍڻ.

(3) ڪنهن به مضمون لاءِ لائبريريءَ مان ڪتاب هٿ ڪرڻ.

ڪتابن جي آخر ۾ ڏنل لسٽن تان موضوع لاءِ مدد حاصل ڪرڻ ۽ ڪن وڌن مضمونن جو نچوڙ هٿ ڪري معلومات ۾ اضافو ڪرڻ.

هن رفتہ اضافي ڪتابن جي کوٽ نه آهي. ٻارن جي ادب ۾ ڪيترائي معياري ڪتاب به نظر اچي رهيا آهن. استاد جو فرض آهي ته اهڙن ڪتابن جي واقفيت ڪرائي ته جيئن ٻار اهڙن ڪتابن کي وڌيڪ ترجيح ڏين ۽ اهڙيءَ طرح منجهن مطالعي جو شوق پيدا ٿئي.

### (ج) مثالي پڙهڻي (Model Reading)

هن مرحلي ۾ استاد شاگردن کي سبق جو منتخب ڪيل ٽڪرو صحيح لَبَ ۽ لهجي، صاف، چٽي ۽ بلند آواز ۽ ٻيهڪ جي نشانين جو خيال رکندي پاڻ ڊِنگ سان پڙهي ٻڌائي. **مثالي پڙهڻي** کان اڳ ۾ استاد شاگردن کي سندن ڪتاب جو صحيح سبق ۽ صفحو کولي ڏسڻ لاءِ چوي ٿو. هن پڙهڻيءَ دوران استاد کي **مثالي** مظاهرو پڻ ڪرڻو آهي ته جيئن شاگرد، استاد جي پڙهڻيءَ ڏانهن ڌيان ڏيندي ڪتاب کي صحيح نموني هٿ ۾ پڪڙڻ جو

ڊگ اختيار ڪن. استاد جي شخصيت، ڪردار، چال ۽ طريقي ڪار جو صحيح اندازو ۽ صحيح مظاهرو مثالي پڙهڻيءَ تي مشتمل آهي. شاگردن ۾ استاد جي نقل ڪرڻ جو مادو يا جذبو وڌيڪ هوندو آهي. انهيءَ ڪري استاد جو ڪردار، هرهڪ لفظ ۽ انداز سڄي ڪلاس لاءِ وڏي اهميت جو حامل آهي. ائين نہ هئڻ گهرجي تہ استاد پنهنجي ليسن پلاننگ ۽ ان جي منصوبہ بندي ۽ تياريءَ ۾ اڌورو هجي ۽ شاگرد اُنهيءَ مان سٺو تاثر نہ وٺي سگهن. ڪيترين حالتن ۾ ڏٺو ويو آهي تہ استاد ڪيتري بہ ڪوشش ڪن ٿا پر شاگرد سبق ۾ ڪابہ دلچسپي نہ ٿا وٺن. اُنهيءَ ڪري استاد جو هرهڪ لفظ، گفتو ۽ پڙهائيءَ جو طريقو هرهڪ شاگرد لاءِ نصيحت جو مثال هئڻ گهرجي. استاد جيڪو پڙهي اُهو صاف چٽو، سولو ۽ سهڻو هئڻ گهرجي. اِنهي لاءِ سبق جي رٿابنديءَ ۾ **مثالي پڙهڻيءَ** کي وڏي اهميت حاصل آهي. انهيءَ مثالي پڙهڻي ۾ استاد ايڪشن، ڊرامو، مشاهدو ۽ بحث مباحثو وغيره، مطلب تہ جيڪو ڪجهہ مطلوب آهي، مثالي پڙهڻي دوران اهي سڀ ڳالهيون اختيار ڪري سگهي ٿو. ضروري آهي تہ استاد معياري نموني پڙهي ٻڌائي تہ جيئن شاگرد انفرادي طور صحيح نموني پڙهي سگهن.

## (د) زباني مُطالعو (Oral Reading)

**زباني پڙهڻي مُطالعي** مان مراد آهي **با آواز پڙهڻ/ مطالعو**. اهڙو مطالعو استاد توڙي شاگردن طرفان ڪيو ويندو آهي. هي مطالعو خاص ڪري پرائمري ڪلاسن ۾ ڪيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ ٻار جي شروعات پرائمري اسڪول کان ٿيندي آهي، جنهن خاص ڪري ڪتاب کي صحيح نموني سان جهلڻ ، آواز کي گهٽ وڌ ڪرڻ ۽ پڙهڻ جا قاعدا ۽ قانون سمجهڻ ۽ صوتيات جا طريقا شامل هوندا آهن.

هن طريقي ۾ صحيح تلفظ جي اصلاح ٿيندي آهي ۽ ٻارن جي پڙهڻ ۾ رواني پيدا ٿيندي آهي. هن مطالعي دوران هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:

(1) ڪتاب کي صحيح نموني جهلڻ.
(2) سبق کي بيهڪ جي نشانين مطابق پڙهڻ.
(3) مضمون ۾ مليل تاثرات کي اثرائتي نموني پڙهڻ.
(4) جذبات موجب آواز کي اوچو ۽ جهڪو ڪرڻ.
(5) هر حرف جو صحيح تلفظ ڪڍڻ.
(6) هر فقري کي ٻئي فقري کان ڌار ڪري صحيح ۽ زوردار تلفظ پڙهڻ.

**فائدا:**

(1) هن مطالعي سان تلفظ وارين غلطين جي نشاندهي ٿئي ٿي.

(2) نوان تلفظ ۽ آواز صحيح نموني سکي، سيکاري ۽ پڪا پختا ڪري سگهجن ٿا.

(3) هن مطالعي ۾ لفظ جي صحيح اُچار ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

(4) بيهڪ جي نشانين جي صحيح استعمال ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

(5) نوان لفظ ۽ اُچار ذهن نشين ٿي وڃن ٿا.

(6) اظهارِ خيال ۾ رابطو پيدا ٿئي ٿو.

## (هـ) لائبرري ۾ مُطالعو (Library Reading)

هن قسم جو مطالعو ڪنهن ڪتب خاني (Library) ۾ ڪيو ويندو آهي. هن مطالعي ۾ خاص ڪري وڌيڪ ڄاڻ يا معلومات حاصل ڪئي ويندي آهي يا وري ڪنهن نئين تحقيق، کوجنا يا ڪنهن عنوان جي چند ڄاڻ ڪئي ويندي آهي. هي مطالعو خاموشيءَ ۽ ڌيان سان ڪيو ويندو آهي. هي مطالعو وندر ۽ شوق خاطر به ڪيو ويندو آهي.

جديد ضرورتن طريقن جي ڪري لائبرري قائم ڪرڻ هر اسڪول جو جُزُ بنجي ويو آهي. درسي ڪتابن مان پرايل واقفيت کي مفيد ۽ جٽادار بڻجڻ لاءِ ٻين ڪتابن جي مطالعي جي ضرورت ٿئي ٿي. اهڙي طرح اسڪولن ۾ ڪتب خانن جي به ضرورت پوي ٿي. اسڪول ۾ ڪلاس لائبريري قائم ڪرڻ لاءِ اها ڳالهه ياد ڪرڻ گهرجي ته اهي فقط سينگار ۽ نمائش لاءِ نه هجن. هر هڪ زنده دل استاد کي پنهنجي شاگردن کي ڪلاس لائبرري مان پورو پورو فائدو ڏيارڻ ۽ وٺڻ گهرجي. ڪلاس لائبرري جي ڪتابن جو معيار ڪلاس جي شاگردن جي وس آهر هئڻ گهرجي. اُهي نه تمام ڏکيا هئڻ گهرجن ۽ نه تمام سولا. اُنهن ۾ نوان لفظ اينترا ۽ اهڙا نه هئڻ گهرجن جو شاگردن جو شوق ٽوڙي منجهن ڪتابن کان بيزاري پيدا ڪن. شاگردن ۾ هڪ دفعو ڪتابن ۾ پڙهڻ جي عادت پوي ٿي ته اُها بلڪل پختي ٿي وڃي ٿي. لائبرري جي ڪاميابي ۽ اثرائتي استعمال لاءِ ضروري آهي ته استاد پاڻ به مطالعي جو شوقين هجي. جيڪڏهن استاد ڪجهه سست ۽ اڻڄاڻ هوندو ته هو شاگردن جي ذوق ۽ شوق کي اڀارڻ جي عيوض ان کي دل ڀي دليو ۽ شڪستو ڪري هميشه لاءِ مرده ڪري ڇڏيندو. هن مطالعي لاءِ هيٺين ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي:

(1) مطالعي دوران خاص خاص نڪتن کي ڪنهن ڪاغذ يا ڪاپيءَ تي نوٽ ڪرڻ گهرجي.
(2) انتهائي خاموشيءَ سان مطالعو ڪرڻ گهرجي.
(3) ڪتاب جتان ڪٿي اچجن اتي ئي رکي ڇڏجن ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ گهرجي.
(4) گهربل مضمون جو مطالعو هڪ ئي نشت ۾ مڪمل ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ٻئي ڀيري ٿي سگهي ٿو ته ڪتاب نه ملي سگهي.
(5) لائبريريءَ ۾ ڪڏهن به سست ٿي نه ويهڻ گهرجي.
(6) مضمون ڏکي هئڻ جي صورت ۾ هڪ ٻه وقفو ڪرڻ گهرجي.
(7) ڪتابن تي ليڪا وغيره، پاڻي يا مس سان خراب يا گندو نه ڪرڻ گهرجي.
(8) ڪتابن مان ڪوبه ورق يا پنو ڦاڙڻ يا ڪترڻ نه گهرجي.

**مطالعي جا فائدا:**

(1) هن مطالعي ڪرڻ سان معلومات ۾ اضافو ٿئي ٿو.
(2) خيالن کي يڪ جاءِ ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.
(3) وقت جو صحيح استعمال ٿئي ٿو.
(4) خيالات ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي.
(5) عام معلومات يا روز مره جي حالات کان واقفيت ٿيندي رهي ٿي.
(6) هن مطالعي ڪرڻ سان پڙهڻ جو ذوق ۽ شوق پيدا ٿئي ٿو ۽ پڻ ٻين نصابي ڪتابن پڙهڻ جي عادت پوي ٿي.

**نوٽ:** هن قسم جي مطالعي وڌائڻ لاءِ اهو به طريقو آهي ته جيڪڏهن اسڪول جي لائبريري ۾ اهڙا فنڊ نه هئڻ سبب/ گهٽ هئڻ سبب ڪتاب خريد ڪري ڪونه ٿا سگهجن جن مان ٻارن کي فائدو ملي ته پوءِ ٻار **پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ** جي اصول مطابق فنڊ گڏ ڪري ڪتاب خريد ڪري سگهن ٿا. استادن کي گهرجي ته ٻارن ۾ اهڙو جذبو پيدا ڪن جيئن هو ڪتاب خريد ڪندا رهن ۽ منجهن شوق ۽ دلچسپي وڌندي رهي. انهيءَ مقصد خاطر ٻارن هڪ ڪميٽي مقرر ڪجي ۽ جڏهن به ڪتابن خريد ڪرڻ مسئلو درپيش اچي ته ان ڪميٽيءَ کان منظوري ورتي وڃي. ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ ۽ مطالعي ڪرڻ سان گڏو گڏ تنظيمي لياقت به پيدا ٿيندي.

# يونٽ - 6

# نظم جي سکيا

ليکڪ
نبي بخش جماڻي

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف ۽ مقصد | 102 |
| 1. سنڌي پڙهائڻ جي اهميت | 103 |
| 2. سنڌي پڙهائڻ جا مقصد | 104 |
| 3. نظم سيکارڻ | 105 |
| 4. موضوع جي لحاظ کان نظم جا قسم | 106 |
| 5. شاعري پڙهائڻ جا مقصد | 108 |
| 6. نظم جي سبق سيکارڻ جا ڏاڪا | 109 |
| 7. سبق جو خاڪو | 112 |
| 8. مشق | 115 |

# يونٽ جو تعارف ۽ مقصد

هن يونٽ ۾ 'نظم' پڙهائڻ جي اهميت، قسمن ۽ ليسن پلان جو تذڪرو ڪيل آهي ته جيئن **نظم** بابت شاگردن کي سکيا جي حوالي سان متعارف ڪرايو وڃي. هي يونٽ استاد کي نظم جي پڙهائڻ، سيکارڻ ۽ ٻارن جي دلچسپي وڌائڻ جي طريقن کان واقف ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي. هن يونٽ جي پڙهڻ بعد استاد ان لائق ٿي ويندو ته :

1. ڪيس سنڌي زبان ۾ نظم جي اهميت جي ڄاڻ حاصل ٿيندي.
2. سنڌي زبان ۾ نظم جي قسمن جي خبر پوندي.
3. سنڌيءَ ۾ نظم پڙهائڻ جي مقصد کان واقفيت حاصل ٿي ويندي.
4. نظم پڙهائڻ جي طريقن جي ڄاڻ حاصل ٿي ويندي.
5. نظم جي سبق جي رٿابندي جو علم حاصل ٿي ويندو.

# نظم جي سکيا

## 1. سنڌي پڙهائڻ جي اهميت

سنڌي پڙهائڻ جو سڀ کان وڏو مقصد اهو آهي تہ ٻار وڏو ٿي سماج لاء ڪارائتو انسان ۽ ملڪ جو هڪ سٺو شهري بنجي وڃي. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن معاشري ۾ رهڻ جا اصول سکڻ کانپوء ان جي قابل بنجي ۽ مختلف فردن سان لڳ لاڳاپا ۽ خوشگوار تعلقات قائم رکي سگهي. مادري زبان سيکارڻ جو مقصد اهو آهي تہ ٻار وڏي هوندي هڪ سمجهدار ۽ هوشيار انسان بنجي سگهي. مهل ۽ موقعي جي لحاظ کان ڪيس سولائي سان زبان استعمال ڪرڻ اچي. ان کان علاوه هو پنهنجي ضمير جي آواز کي تحرير ۽ تقرير جي صورت ۾ بيان ڪري سگهي ۽ ٻين جي لکيتن ۽ بيانن مان فائدو بہ پرائي سگهي. مادري زبان جي سکيا ۽ ان کي ترقي ڏيارڻ جي ڪوشش پنهنجي ثقافت سان لڳاء ۽ وطن جي محبت پيدا ڪرڻ خاطر بہ ضروري آهي. جو تہ انسان پنهنجي زبان مان خاص قسم جا جذباتي اثر حاصل ڪري ٿو ۽ ان مان منجهس پاڻ ئي ترقي ۽ خودداري جا جذبا جاڳن ٿا. زبان جو مطالعو اصل ۾ **"ادب"** جو ئي مطالعو ٿئي ٿو ۽ ادب مان ئي ذهني نشوونما جي تربيت ملي ٿي. ادبي ڪتابن پڙهڻ مان ادارڪ، فهم ۽ فڪر، حافظي ۽ فيصلي جهڙيون قوتون سگهاريون ٿين ٿيون. بري ۽ ڀلي ۾ فرق پيدا ڪرڻ جي قوت وڌي ٿي. تخيل ۾ گهرائي اچي ٿي. اهڙين جبلتن جي تربيت سان انسان ۾ صاف سٿرو ذوق اسري ٿو ۽ انسانيت ۽ اخلاق پيدا ٿين ٿا.

اها مادري زبان ئي آهي جا ڪنهن ملڪ جي رهاڪن جي ماضيء کي حال سان پتوڙبندي آهي. اُها ماڻهن ۾ سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ جي قوتن ۾ يڪسانيت پيدا ڪندي آهي. مادري زبان ئي آهي جا ڪنهن ملڪ جي رهاڪن جي ماضيء کي حال سان جوڙيندي آهي. ماڻهن ۾ سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ جي قوت ۾ آساني پيدا ڪندي آهي. مادري زبان وسيلي ماڻهن ۾ آسانيء سان عمل پکيڙجي سگهجي ٿو.

دريافتون ۽ جدا جدا ايجادون ۽ نت نيون دريافتون ٻوليءَ ذريعي ئي سمجهڻ لائق بنائي سگهجن ٿيون. جيئن عام ماڻهو مختلف ادارن ۾ ڪمن ڪارين ۾ مستعديءَ سان فرض نڀائي سگهي ۽ آساني سان سماج ۾ زندگي گهاري سگهي. هن ترقي يافته دور جي پيدا ڪيل عام ايراضي سهولتن کان مادري زبان وسيلي ئي گهڻو فائدو پرائي سگهجي ٿو. ٻوليءَ ذريعي ئي هر ڳالهه جو عوام ۾ تيزيءَ سان ڦهلاءُ ٿي سگهي ٿو.

مطلب ته مادري زبان جي تدريس ۽ سکيا جو عام مقصدآهي ئي تعليم جي حاصلات کي آسان بنائڻ ۽ هر ڪم سان پنهنجي تخليقي قوتن کي ابارڻ جو وجهه پائي سگهڻ جنهن ڪري وطن جي تهذيب و تمدن ۾ اوس جا يقيني آثار پيدا ٿي وڃن ٿا ۽ علمي ڄاڻ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو رهي ٿو. ملڪ ۽ قوم تيزي سان ترقي جي راهه تي گامزن ٿي وڃن ٿا.

## 2. سنڌي پڙهائڻ جا مقصد

تعليم ۽ زبان جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو آهي ۽ پڻ هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم جي حيثيت رکن ٿا. مٿي مادري زبان جا عام مقصد سمجهيا ويا جيڪي مجموعي طور سموري تعليم سان ڳنڍيل آهن. ليڪن ياد رکڻ گهرجي ته تعليم تي حاصلات ۽ تڪميل مختلف ڏاڪن ۾ ورهايل آهي، جيڪا بنيادي يا پرائمري کان شروع ٿئي ٿي ۽ اعليٰ تعليم تائين وڃي پهچي ٿي. ان ڪري مادري زبان جي تعميل به درجي وار ٿئي ٿي. هر ڏاڪي يا منزل تي پڙهائيءَ جي مقصد ۾ ٿوري ٿوري تبديلي ۽ اضافو ايندو رهي ٿو. ساڳي ريت ثانوي يا وسطاني منزل تي به مادري زبان ۾ پڙهائڻ جي مقصد ۾ ڪي خاص ڳالهيون ۽ نوان نقطا شامل ٿي وڃن ٿا. ابتدائي منزل يا پرائمري ڏاڪي تي سنڌي سکيا جو شروعاتي مقصد اهو هوندو آهي ته ٻار جي ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ ۾ ايتري قدر صلاحيت پيدا ڪئي وڃي جو آئينده جي تعليم ۾ ڪيس ڪابه دقت محسوس نه ٿئي. ٻار ۾ ايترو ته استعداد پيدا ٿئي جو هُو هر نظم صحيح طور اُچاري ۽ پڙهي سگهي.ٻار، ڪتابن ۽ رسالن جو خاموش مطالعو به ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح ثانوي منزل تي شاگردن جي پرائمري ڏاڪي تي حاصل ڪيل قابليت کي وڌائڻ آهي. جيئن هُو شروعاتي مشق کي مستحڪم بنائي سنڌي ٻولي جو معيار بلند ڪري سگهن. ان ڪانسواءِ ثانوي ڪلاسن ۾ مطالعن جي ذوق کي بهتر بنائڻ سان شاگردن ۾ تقرير ۽ تحرير جو هلڪو ذوق پيدا ڪرڻو آهي. انڪانسواءِ ٻوليءَ جي سهڻين وصفن جي آگاهي لاءِ ڪين عبارت نويسي (ڪمپوزيشن) جي اصولن جي ڄاڻ به ان درجي تي ڏجي ٿي. جنهن ڪري شاگرد سهڻي سنڌي ۽ انشاپردازي جي ڪم سان ٻولي جو

صحيح معيار قائم رکي سگھن ٿا. ان ڏاکي تي مباحثن جو ترتيبوار انتظام بہ لازمي طور ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري شاگردن ۾ خود مختياري جو جذبو تقرير جو ملڪو پيدا ٿئي ٿو. بهرحال ثانوي ڪلاسن ۾ درجي بہ درجي سنڌي بولي جي سکيا کي مؤثر بنائڻو آهي تہ جيئن شاگردن جي مهارت اينري قدر تہ تيز ٿئي جو بين مضمونن جي تعميل ۽ تڪميل لاءِ بہ پنهنجي بولي کي قابليت سان استعمال ۾ آڻي سگھن.

## 3. نظم سيکارڻ (تدريس نظم)

شاعري ڇا آهي؟ **نظم** ۽ **نثر** ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ زندگي ۽ شاعري جو هڪٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ **نظم** ڇو پڙهايو وڃي ٿو؟ ان جو شاگردن جي زندگيءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ اهڙا ڪيترائي سوال آهن جيڪي نظم سيکارڻ جي سلسلي ۾ استاد جي ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا. ڪيس اهڙن سوالن جا بيشمار جواب پڻ پاتمرادو اَڏو اچن ٿا. اهڙيءَ ريت سوالن جو هڪ نہ کُٽندڙ سلسلو قائم ٿيو وڃي. هن ڏس ۾ ڪنهن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ "شاعري زندگيءَ جو عڪس" آهي. ڪي وري شاعري کي "روح جي غذا" سڏين ٿا. ڏاهپ جي ڏيهہ ۾ بهترين لفظن جو استعمال **نثر** آهي. جڏهن تہ بهترين لفظن جو بهترين استعمال **نظم** آهي. "جذبات جي ترجماني" سان نظم کي تعبير ڪيو ويو آهي. ان ۾ هي بہ واڌارو ڪيو ويو آهي تہ جذبا نہ صرف علم حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن پر اسان جي احساس، خوشين، اطمينان ۽ ڀلائي توڙي برڪت جو باعث بہ آهن جن مان علم پڙهائڻ لاءِ هر ممڪن مدد ملي سگھي ٿي.

**تخليق** جي عمل کي انسان جي مجموعي شخصيت جو **وجداني اظهار** يا **اندر جو اُڌمو** چون ٿا.

هڪ سٺي شعر جي ڪهڙي خوبي آهي؟ اهو هن سوال جي جواب ۾ آهي يعني شاعر اِهو شعر ڇو ٿو چوي؟ ان جو اهو اظهار آهي تہ هو پنهنجي **جذبات** جي ترجماني ڪري ٿو. جيڪڏهن هو انهي مقصد ۾ ڪامياب آهي تہ شعر سهڻو ۽ سٺو، ٻي حالت ۾ شعر بي معنيٰ.

سڀ کان اول ممڪن آهي شعر ڪنهن کان جهونگاريو ويو هجي يا اهو بہ ٿي سگھي ٿو تہ ڳايو ويو هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ اِهو شعر موسيقي ۾ ڳايو ويو هجي ۽ ٻڌندڙ خوشي وچان جهومي ويا هجن.

درسي ڪتاب ۾ ٻن قسمن جا سبق ڏٺل هوندا آهن: هڪ نثر جا سبق ۽ ٻيو نظم جا

سبق. نثر ۽ نظم جي سبقن جي پڙهائڻ ۾ گهڻو فرق آهي. هتي بحث هيٺ اهو ڏسڻو آهي ته نظم جو سبق ڪيئن پڙهائجي؟ پڙهائڻ جي طريقي کي ويچار ڪرڻ کان اڳ هي ڏسڻو آهي ته **شعر** ڇا آهي ۽ درسي ڪتاب ۾ ان جي ڏيڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ شعر جي تعريف ڪيترن ئي نمونن سان ڪيئي ويئي آهي. مثال طور شعر جذبن جو هڪ بي اختيار اڏمو آهي؛ شعر هڪ 'سُريلو خيال' آهي. هڪ دانشور شعر کي شاعري جو 'ذهني آزمودو' سڏيو آهي، جنهن کي هُو بوليءَ جو رنگين ۽ دلچسپ لباس پارائي اسان جي حظ ۽ لطف واسطي پيش ڪري ٿو. شاعر قومي جذبي ۽ احساسن جو مالڪ آهي ۽ ڪيس رواجي انسانن کان زياده طاقتور مشاهدي جي سگهه عطا ٿيل آهي. سندس تصور ۽ تخليق جي قوت رواجي انسانن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي. هڪ نقطي ۾ زمين و آسمان ۽ ڪائنات جي سمورن طبقن جو سير ۽ آزمودو ڪرائي سگهي ٿو.

نظم جا سبق ڪنهن مقصد لاءِ ڪتابن ۾ ڏنل هوندا آهن. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ نظم يا شعر ٻارن کي پڙهائڻو پوندو آهي. شعر لاءِ چند ماڻهن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا. جن کي ڏسڻ بعد معلوم ٿيندو ته نظم ڇا آهي ۽ ڇو لکيو وڃي ٿو ۽ ڇو پڙهايو وڃي ٿو؟

**نظم يا شعر** هڪ بي اختيار اڏمو آهي جو **جذبن جي زور** سان شاعر جي ذهن ۽ دل ۾ پيدا ۽ لفظن جي ذريعي ظاهر ٿئي ٿو. نظم هڪ مزيدار سريلو خيال آهي. شاعر پنهنجي آزمودن ۽ ذهني اُپار کي بوليءَ جو رنگين ۽ وڻندڙ لباس ڍڪائي اسان جي لطف ۽ داد حاصل ڪرڻ لاءِ پيش ڪري ٿو.

درسي ڪتابن ۾ شعر انهيءَ لاءِ ڏنو ويندو آهي ته ٻار ان مان لطف اندوز ٿين، سُر سان ڳائين ۽ ان ۾ جيڪو نغمو موجود آهي ان مان مزو حاصل ڪن. شعر مادري زبان جي رواجي سکيا لاءِ ڪونه ٿو پڙهايو وڃي يعني نظم سيکارڻ وقت، ڏکيا لفظ، اصطلاح، معنائون، گرامر جا مسئلا وغيره نه سيکارجن ڇو ته ان طريقي اختيار ڪرڻ ڪري شعر جو اصلي مقصد فوت ٿي ويندو آهي.

## 4. موضوع جي لحاظ کان 'نظم' جا قسم

**نظم** جيڪو انسان جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري ٿو ان جا بي شمار پهلو آهن. انسان جي هر ادا کي نظم جي روپ ۾ ڪيترائي موضوع ڏنا ويندا آهن. شاعرن ۽ سگهڙن لفظن کي موضوع جي اعتبار کان ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهايو آهي.

پهرين ورهاست ۾ نظم کي **رزميه** ۽ **بزميه** جي ٻن خانن ۾ ورهايو ويو آهي. **رزميه** (جنگي) جو تعلق اهڙن قديم ۽ طويل نظمن سان آهي جن جو تعلق مختلف دورن جي وڏين جنگين سان آهي. مثال طور فردوسيءَ جو **شاهه نامو، مهاڀارت، واقع ڪربلا، دودو چنيسر** وغيره.

ان ڪانسواءِ باقي شاعري **بياني** آهي جنهن کي **بزميه** يا **تربيه** جنهن جو تعلق ميدا نِ جنگ کان ٻاهر سمورن موضوعن سان آهي. اُهي شعر جيڪي تخيل جي زور تي تخليق ڪيا ويا آهن، جن جو حقيقي زندگيءَ سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي يا انهن کي ڇڪي تاڻي فرضي واقعن سان مربوط ڪري حقيقي زندگي سان جوڙيو ويندو آهي. مثال طور جانورن جي گفتگو يا ٻي جان شين جو جهيڙو. هيءَ صنف گهڻو ڪري **لوڪ ادب** ۾ ملي ٿي. جيئن گدڙ، ماڇي ۽ ٻڳ، ٻيڙي، چلم، وغيره.

## صنف جي لحاظ کان 'نظم' جا قسم

اصناف سخن ۾ غزل، قصيدو ، مرثيو، ۽ هيئت جي لحاظ کان دوهو، مثنوي، رباعي، مسدس، مثلث، مخمس وغيره شامل آهن.

مباديات نظم ۾ نظم خواني واسطي شعر جي بنيادن کي ڄاڻڻ ضروري آهي. استاد کي سُڌ هجي ته **قافيو** ۽ **رديف** ڇا آهن؟ **ترنم** کان واقفيت هجي ۽ لفظن جون **لاهيون چاڙهيون** ڪيئن معلوم هجن. وڌيڪ استعمال يا سرگرميون هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) شاعر جي ڪلام کي مجموعي جي صورت ۾ شاگردن کي ڏجي جيئن هو اهو شعر يا ٻيا پسند جا شاعر ڏسي خوش ٿين ۽ پنهنجي پسند جا نظم پڙهن، نوٽ ڪن ۽ ياد ڪن.

(2) انهيءَ آڪاتي يا طرز تي ٻين شاعرن جا شعر شاگردن کي مهيا ڪري ڏجن، جيڪي سندن معلومات يا دلچسپي ۾ اضافو ڪن.

(3) هيٺين ڪلاسن لاءِ ٻارن کي هم آواز لفظن، هم قافيه ۽ رديف، بنا نالي ٻڌائڻ جي تلاش ڪرائڻ گهرجن يا راند جي روپ ۾ ترتيب وار نهرائڻ گهرجن.

(4) هيٺين ڪلاسن لاءِ شعر جي اصولن ۽ قانونن جي بنيادي معلومات مهيا ڪجي، جيئن شاعرن جي قدرداني ڪن.

(5) پنهنجا شعر ناهي ڪاپين تي لکي اچن. انهن ۾ درستيون ڪرائجن. هي مشغلو مٿين ڪلاسن لاءِ آهي.

(6) لغت جي ڪتابن جو استعمال ڪرائجي. جهڙوڪ ڳجهارتون: هيڏڙو هيڏڙو پان جنهن ڪي سؤ سُين جو سان (چاهو).

(7) اخبارن ۽ رسالن پڙهڻ لاء ڪلاس روم ۾ بندوبست ڪرائجي. جن ۾ قديم ۽ جديد شاعري جا نمونا هجن.

(8) بيت بازي وغيره ڪرائي شاعري لاء پسنديدگي ۽ قدرداني جهڙا جذبا پيدا ڪجن. يعني ياد ڪرڻ ۽ موقعي مطابق استعمال ڪرڻ. تنهن ڪري خاص لفظ، اصطلاح، تشبيهون، استعارا، صنفون ۽ تجنيسون وغيره چڱيء طرح ذهن نشين ڪرائجن ۽ هي ڳالهه به ظاهر ڪجي ته ڪهڙي ڪاريگري سبب شعر ۾ ايترو اثر پيدا ٿيو آهي. سڀني ضروري ڳالهين سان گڏ خيال رکجي ته نظم جي سبق کي نثر جو سبق نه بنائجي.

## 5. شاعري پڙهائڻ جا مقصد(Purposes of Teaching Poetry)

(1) شعر ٻارن جي جذبن ۽ احساس کي تحرڪ ۾ آڻي سجاڳ ڪري ٿو. ان ڪري سندن صحيح تربيت لاء ميدان هموار ٿئي ٿو.

(2) شعر جي چڱي اثر ڪري شاگرد پنهنجي گفتگو، عمل، خيالن ۽ عادتن ۾ چڱيون ڳالهيون نقل ڪري ملايو ڇڏين، جنهن ڪري سندن اخلاق سڌري ٿو.

(3) شعر انسان جي دلين مان ڪدورت ڪڍيو ڇڏي ٿو ۽ ذهن صاف ڪري ٿو.

(4) شعر پڙهڻ سان شاگردن جي تخيل کي پرواز حاصل ٿئي ٿي.

(5) اڪيلائي ۾ هن جي مدد سان وقت آساني سان ڪاٽي سگهجي ٿو.

(6) شعر ۾ خيالات کي مختصر مگر جامع طور پيش ڪيو ويندو آهي. ان جي معلومات سبب شاگردن ۾ اختصار ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو.

(7) نظم ياد ڪرڻ ۾ آسان آهي، ان ڪري ننڍن ٻارن جي زبان ۾ رواني پيدا ٿئي ٿي ۽ وڏن شاگردن کي تحرير خواهه تقرير وقت شعر مثالن ۽ حوالن ڏيڻ لاء ڪم اچي ٿو. جيتوڻيڪ شعر ڪن خاص مقصدن حاصل ڪرڻ لاء پڙهايو وڃي ٿو پر اهي مقصد اسان جي اسڪولن ۾ پورا ڪونه پيا ٿين ڇو ته شعر پڙهائڻ جو طريقو خشڪ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ نثر وانگر هن کي به زبان ۽ ان جي اصولن ۽ پيچيدگين سيکارڻ جو ذريعو ڄاتو وڃي ٿو. ان جي مراد ڪڏائڻ خواهه نئين سبق

سيکارڻ جو ذريعو ڄاتو وڃي ٿو. نظم جو سيکارڻ ۽ مطلب ڪڍائڻ، مقصدن ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو.

شعر جي **مرڪزي خيال** کي نظر ۾ ڪونہ ٿو رکيو وڃي. تنهن ڪري شاگردن کي مجبور ڪيو وڃي ٿو تہ هو بيت ياد ڪن. حالانڪ اهو طريقو سراسر غلط آهي. شاگرد پنهنجي پسند جا نظم ياد ڪن تہ انهن کي منع نہ ڪجي. باقي استاد پنهجي طرفان زوريءَ ڪابہ ڳالهہ مٿن نہ مڙهي. شعر جو استعمال بہ روزانو نٿو ڪرايو وڃي. ان سبب بہ شعر لاءِ دلچسپي نہ ٿي رهي. جيڪڏهن اسين چاهيون تہ شعر سيکارڻ مان اهي فائدا حاصل ٿين جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي درسي ڪتابن ۾ جاءِ ڏني وڃي تہ پوءِ استادن کي شعر پڙهائڻ جو صحيح طريقو اختيار ڪرڻو پوندو. ان هوندي بہ نظم سيکارڻ وقت هڪ مقرر سلسلو ضرور قائم ڪرڻو آهي. علماءِ ۽ تعليمي ماهر اِن راءِ تي متفق آهن تہ شعر جي سبق سيکارڻ لاءِ هيٺيان ڏاڪا ضرور هئڻ گهرجن.

## 6. 'نظم' جي سبق سيکارڻ جا ڏاڪا

(1) شروعات، (2) پڙهڻ، (3) مرڪزي خيال ۽ خاص اثر، (4) سمجهاڻي ڏيڻ ۽ قدرداني ڪرائڻ، (5) پڙهائڻ، اٿلائي ۽ استعمال.

مٿي بيان ڪيل ڏاڪن جي مختصراً تشريح هيٺ ڏجي ٿي:

**(1) شروعات**

عام طور سبق جي پڙهائڻ کان اڳ ان جي شروعات ڪئي وڃي ٿي. نظم لاءِ بہ ائين ڪرڻو پوندو. نظم سيکارڻ وقت هيٺ ڏنل طريقن مان ڪوبہ طريقو اختيار ڪري سگهجي ٿو:

(الف) ڪوبہ نظم پڙهي، ان تي هڪ بہ سوال ڪري مراد تي پهچڻ.

(ب) هڪ بہ ضروري ۽ عام واقفيت جا سوال ڪري يڪدم نظم پڙهڻ.

(ج) شاعرن جا نالا اُڪلائي يا زندگيءَ جو احوال ٻڌائي ۽ نظم جي لکڻ بابت بيان ڪري نظم شروع ڪرڻ.

(د) جيڪڏهن نظم ڪنهن آکاڻي يا واقعي بابت آهي تہ اهو واقعو يا آکاڻي ٻڌائي نظم شروع ڪرڻ.

(د) چند سوال پڇي نظم لاء مناسب ذوق ٻارن ۾ پيدا ڪري نظم پڙهن.

(و) نظم جو مفهوم ٻڌائي ان بعد نظم پڙهن.

هڪ مشهور نقاد **"گريس هيڊو"** چوي ٿو ته "نظم سيکارڻ لاءِ شروعات ڪرڻ هڪ قسم جي زيادتي آهي جو ته ائين ڪرڻ سان استاد، شاگردن ۽ شاعر جي وچ ۾ رڪاوٽ ثابت ٿئي. شاعر کي موقعو ملي ته هُو پنهنجيون خوبيون شاگردن تي پاڻ ظاهر ڪري." واقعي، مٿئين نقاد جو چوڻ درست آهي. ان ڪري استاد کي گهرجي ته چند سوال ڪري يڪدم نظم پڙهي شاگردن کي ان جي لذ يا مزو وناني. مٿي جيڪي طريقا **شروعات** جا ٻڌايا ويا آهن انهن کي جاچي هرهڪ نظم لاءِ مناسب ۽ موزون نموني شروعات ڪجي.

**(2) پڙهڻ (Reading)**

نظم پڙهڻ مان مراد بورڊ تي لکڻ يا پڙهائڻ نه آهي. شعر پڙهائڻ مان خاص مراد آهي شاگردن کي **لطف اندوز** ڪرڻ ۽ شاعر جي قدرداني (Appreciation) ڪرائڻ. تنهن ڪري ڪنهن به قسم جي خشڪي پيدا ڪري نظم سيکارڻ جي مزي ۽ مقصد کي نه بگاڙجي.

جيئن ته شعر **ڳائڻ لاءِ** آهي تنهن ڪري استاد جيڪڏهن **ترنم** سان نظم ڳائي ٻڌائي ته نهايت سٺو. جيڪڏهن ائين نه ڪري سگهي ته پوءِ مخصوص ٻَ ڍنگ ۽ جهيل سان پڙهي. استاد جيڪڏهن پاڻ شاعر آهي ۽ شاعرن جو قدردان آهي ته پوءِ هو چڱيءَ طرح ڪامياب ٿيندو. شعر اهڙي طرح پڙهائجي جو شاگردن تي اهڙو اثر ڇائنجي وجي جهڙو شاعر تي شعر چوڻ وقت ڇانيل هو.

**(3) مرڪزي خيال ۽ خاص اثر**

شعر جي پڙهڻ بعد يڪدم اها ڳالهه معلوم ڪجي ته شاگردن تي شعر ڪهڙو اثر پيدا ڪيو آهي؟ سندن طبيعت ۾ ڪهڙيون سوچون ۽ ڪيفيتون پيدا ٿيون آهن؟ شاگردن جي خيال موجب شاعر اهو شعر ڪهڙي مقصد سان چيو آهي؟ ان ۾ ڪهڙي مکيه ڳالهه بيان ڪيل ۽ سمجهايل آهي؟ هن سلسلي ۾ نهايت آزادانه راءِ قائم ڪرڻ جو شاگردن کي موقعو ڏجي يعني پنهنجي طرفان ڪنهن به قسم جي مداخلت نه ڪجي. ان لاءِ ضروري آهي ته نظم پڙهڻ بعد يڪدم اهڙا سوال ڪجن جن جا جواب مٿئين معلومات جا حامل هجن. ننڍن ڪلاسن جي حالت ۾ صرف آڪاتي تي سوال ڪجن.

### (4) سمجهاڻي ڏيڻ ۽ قدرداني ڪرائڻ (Appreciation)

هيٺين درجن جي شاگردن لاءِ جهيل سان نظم پڙهڻ ڪافي آهي. انهن جو مطلب سان گهٽ ۽ **مزي وٺڻ** سان وڌيڪ واسطو هوندو آهي. وڏن ڪلاسن ۾ جيئن تہ ڳوڙها ۽ اعليٰ خيال زڪيل هوندا آهن انهيءَ لاءِ شاگردن کي **لئہ وٺائڻ** ۽ **مرڪزي خيال** معلوم ڪرائڻ سان گڏو گڏ نظم جو مفهوم ۽ شاعرانہ ڪاريگريون معلوم ڪرائڻ بہ نهايت ئي ضروري آهن. تنهن ڪري خاص لفظ، اصطلاح ۽ تشبيهون، استعارا، صنعتون، تجنيسون وغيره چڱيءَ طرح سندن ذهن نشين ڪرائجن. انهيءَ سان گڏ هيءَ ڳالهہ بہ ظاهر ڪرڻي پوندي تہ ڪهڙي ڪاريگريءَ سبب انهيءَ شعر جي سمجهاڻي ڏيڻ نهايت ضروري آهي. تنهن هوندي بہ ايترو وڌي نہ وڃجي جو نظم مان ڦري نثر جو سبق ٿي وڃي. ان حالت ۾ شعر جو سمورو مقصد فوت ٿي ويندو. هن ڏاڪي تي وڏن شاگردن لاءِ هيٺيون حقيقتون ذهن ۾ رکي نظم سيکارجي:

(الف) نظم جي شعر يعني (مبناج)، رس ۽ نغم ظاهر ڪرڻ.

(ب) شاعر جي خيالن جي بلندي، قوت بيان، زبان داني ۽ انهن جي ذريعي سندس حاصل ڪيل ڪاميابيون ظاهر ڪرڻ.

(ج) شاعر جا پاڪيزه جذبات پڌرا ڪرڻ.

(د) شاعر جي شاعري جي فن ۽ اصولن موجب هلڻ کي پڌرو ڪرڻ.

(د) فصاحت ۽ بلاغت جو موازنو ڪرائڻ.

### ٻي نظم خواني ( پڙهڻي)

شعرن جي تفهيم ۽ تشريح توڙي استحسان، سوالن کان پوءِ پوري نظم کي ٻيهر پڙهيو وڃي تہ بار نظم کان وڌيڪ متاثر ٿيندا ۽ سندن **اهو** تاثر وڌيڪ گهرو ۽ ديرپا ٿيندو. اهڙو نظم پڙهڻ سان جنهن جي سٽ سٽ جو مطلب سمجهي وڃجي هڪ خاص لطف ايندو آهي ۽ اهو ئي لطف استحسان يا پسنديدگيءَ جو روح ٿيندوآهي. هيٺين ڪلاسن ۾ **اجتماعي نظم خواني** ضروري آهي جنهن کي **ڪورس ريڊنگ** چيو ويندو آهي.

# 7. سبق جو خاڪو

نالو شاگرد جو:..........................................................................

رول نمبر:.........................

مضمون: سنڌي نظم

ڪلاس: چوٿون

سبق نمبر:.........................

تاريخ:.........................

سبق جو عنوان:..........................................................................

ٻارن جي عمر: +8 سال

**ٻارن جي اڳوڻي معلومات:**

ٻارن کي گذريل ڪلاس ۾ سٺين عادتن ۽ لڇڻن جي ڄاڻ ڏنل آهي.

**تدريسي طريقا ۽ مهارتون:**

راند رچنا وارو طريقو، تمثيل ڪاريءَ وارو مظاهراتي طريقو، مشاهداتي طريقو، سوال جواب ۽ مهارتون.

**مقصد خاص:**

انسان ۾ مهر ۽ ڀلائي ۽ ڏک سک جا احساس اُجاگر ڪرڻ.

**مقصد عام:**

نظم مان **لطف اندوز** ٿيڻ، **ذوقِ جماليت** ۽ **ميٺا جهڙا** گڻ پيدا ڪرڻ ۽ شعرو شاعري لاءِ **چاهه** پيدا ڪرڻ.

**نظم جي پهرين پڙهڻي:**

استاد وڻندڙ لهجي ۽ درست اچارن سان ٻارن آڏو نظم پڙهي ٿو.

**ٻي پڙهڻي:**

استاد ٻيو ڀيرو نظم پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ نوان لفظ بورڊ تي لکي، انهن جون معنائون بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

**نوان لفظ:**

جڳ = جهان.
آڌار= ٽيڪ ، ڀروسو.
ممبر= ڀاڃهه، ڪهل.
مايا= دولت، ملڪيت.

**مثالي پڙهڻي:**

استاد قافيي ۽ رديف کي نظر ۾ رکندي درست لهجي ۾ نظم پڙهي ٿو.

**اجتماعي پڙهڻي:**

استاد سڄي ڪلاس سان گڏجي ڪورس جي انداز ۾ نظم پڙهي ٿو.

**انفرادي پڙهڻي:**

استاد نظم جو ٽڪرو ڌار ڌار ٻارن کان پڙهائي ٿو. سندن ڪيل غلطين کي سندن ئي مدد سان درست ڪرائي ٿو ۽ نه اچڻ جي صورت ۾ پاڻ درست ڪري ٿو. پسنديدگي (Appreciation) لاءِ انفرادي پڙهڻيءَ کانپوءِ استاد هيٺيان سوال ڪري ٿو:

1. شاعر هن نظم ۾ ڪهڙي وڻندڙ ڳالهه ڪئي آهي؟
2. توهان سبق مان ڇا پرايو؟

**عملي ڪم / گهرو ڪم:**

استاد پڙهايل نظم مان هينئين چوند لفظن جا هم - آواز لفظ يا قافيہ ٻارن کي گهران لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

چڱائي.

ڪم.

شاهوڪار.

## 8. مشق

تدريس نظم جي درجن کي پيش نظر رکندي سنئين ڪلاس جي سنڌي نصاب جي هڪ نظم جو چارٽ تيار ڪيو.

●

# يونٽ - 7

# سنڌي گرامر جي سکيا

ليکڪ
نبي بخش جماڻي
۽
نجم الدين مگريو

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف | 120 |
| مقصد | 120 |
| 1. سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر جي شروعات | 121 |
| 2. گرامر جي تدريس جا مقصد | 122 |
| 3. گرامر جي تدريس جا طريقا | 123 |
| (الف) استقرائي طريقو | 124 |
| (ب) استخراجي طريقو | 125 |
| 4. سنڌي گرامر ۾ مونجهارا | 125 |
| 5. گرامر سيکارڻ جو ليسن پلان | 127 |
| - مشق | 129 |

# يونٽ جو تعارف

تعارف

هن يونٽ ۾ تدريس جي مختلف پهلوئن مان فقط **گرامر** متعلق مواد ڏنل آهي. هي يونٽ **گرامر جي تدريس** تي بحث ڪري ٿو ته گرامر سنڌي زبان ۾ ڪيئن آهي ۽ ان جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڪهڙي حيثيت آهي؟ گرامر جي اهميت، طريقن ۽ سبقي خاڪو پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

يونٽ جا مقصد

هن يونٽ پڙهڻ بعد توهان ان لائق ٿي ويندؤ ته:

1. توهان کي معلوم ٿي ويندو ته سنڌي گرامر جي شروعات ڪٿان ٿي؟
2. سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر جي سکيا جي اهميت جو علم حاصل ٿيندو.
3. سنڌيءَ ۾ گرامر جي پڙهائڻ جي مقصد جي خبر پوندي.
4. سبقي خاڪي کان متعارف ٿي ويندؤ.

# سنڌي گرامر جي سکيا

## 1. سنڌي ٻوليءِ ۾ گرامر جي شروعات

هر ٻوليءِ جي اچارڻ، ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سڌ حاصل ڪرڻ لاءِ، ان جي قاعدن ۽ قانونن کي سمجهڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. جو تہ اهڙن قانونن کان سواءِ ٻولي جي سڃاڻپ ٿي نہ سگهندي آهي ۽ نہ ئي ٻوليءِ جا صحيح تلفظ اچاري سگهبا. انهيءَ سلسلي ۾ دنيا جي سڀني ٻولين وانگر سنڌي ٻولي کي بہ پنهنجو گرامر آهي جو ٻولي جي صحيح ڳالهائڻ، سمجهڻ، تلفظ جي ادائگي، جملن جي بناوت ۽ انهن جي ترتيب، مذڪر ۽ مؤنث، واحد ۽ جمع، صفت ۽ موصوف، جي سڃاڻپ لاءِ بهترين رهنمائي ڪري ٿو سگهي. سنڌي ٻولي جي ان گرامر جي قاعدن کي قديم اصطلاح ۾ "وياڪرڻ" بہ چئجي ٿو.

سنڌي هڪ قديم زبان آهي ۽ سر زمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اچي آباد ڪيو سي الهندي وارن ملڪن مان آيا هئا ۽ هن سنڌو درياء جي الهندي ڪناري واري ايراضي ۾ رهائش اختيار ڪئي. سندن تهذيب موهن جي دڙي واري تهذيب هئي. ان ڪري سنڌي تمدن جي ٻولي غير آرياڻي يا سامي صفت زبان هئي. سنڌي عالمن جو نظريو آهي تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي، جا پراڪرت اپڀرنش جا روپ وٺي وراچڊ سڏجڻ ۾ آئي ۽ عربن جي دور ۾ عربي رسم الخط واري عربي صورت ۾ ظاهر ٿي. سنڌي زبان تمام وسيع آهي منجهس (52) اکر آهن. موجوده عربي رسم الخط وارو نمونو 1853ع ۾ وجود ۾ آيو. ان ۾ نج سنڌي اکرن جون صورتون واضح ڪيون ويون. انهن نج اکرن جو موجد علامہ ابو الحسن سنڌي کي سمجهيو وڃي ٿو. ان الف ب ۾ 29 اکر اهڙا آهن جيڪي عربي، فارسي ۽ اردو وغيره سان مشترڪ آهن ۽ باقي (22) اکر نج سنڌي جا آهن جن مان ڪي اکر جهڙوڪ ٻ، ڄ، ڻ، ڱ، ڳ اهڙا آهن جن جو تلفظ فقط سنڌي مادري ٻولي ڳالهائيندڙ يا اها ٻولي شروع کان ئي پڙهندڙ اچاري سگهي ٿو. ٻي ٻولي وارو انهن کي صحيح اُچار سان ادا ڪري نہ سگهندو. سنڌي ٻوليءِ جو گرامر بہ ٻين ٻولين وانگر ذري گهٽ اهي قائدا قانون

رکي ٿو، جيئن ٻيون ٻوليون رکن ٿيون. البت هي ٻولي پنهنجي وسعت جي آڌار تي ڪجھ وڌيڪ گرامري اصطلاح بہ رکي ٿي جيڪي ٻين ٻولين ۾ نہ آهن.

**گرامر** مان اها خبر پئي ٿي تہ ٻولي صحيح ڪيئن ڳالهائجي يا ڪيئن لکجي يا پڙهجي. **گرامر** ۾ ٻولي جي قائدن قانونن جا بہ پاڳا آهن. هڪڙي پاڱي مان لفظن جي قسمن، انهن جي ڦيرن ۽ فعلن جي گردانن جي خبر پئي ٿي تہ ٻئي پاڱي مان وري اهو معلوم ٿئي ٿو تہ جملا ڪيئن ٺاهجن؟ انهن جي ترتيب، جوڙجڪ ڪيئن رکجي؟

جيئن تہ سنڌي ٻولي تي سنسڪرت عربي ۽ فارسي جو وڏو اثر آهي انهيءَ ڪري سنڌي ٻولي جي گرامر جا اصول ۽ ترڪيبون بہ انهيءَ اثر کان خالي نہ آهن. سنڌي ٻولي ۾ آوازن جون ظاهري نشانيون يعني زير، زبر، شد ۽ مد وغيره عربي کان ورتل آهن. جملن جي ساخت ۾ سنڌي جي اصليت قائم آهي يعني جملي ۾ فاعل کي گهڻو ڪري اول مقام حاصل آهي. صفت جي جاءِ موصوف جي اڳيان هوندي آهي ۽ فعل پڇاڙي ۾ واقع هوندو آهي. مگر عربي ۽ فارسي ۾ ائين نہ آهي. مثلاً عربي ۾ فعل جملي جي ابتدا ڪندو آهي. فاعل، فعل کان پوءِ ايندو آهي ۽ صفت موصوف جي اڳيان، پٺيان ايندي آهي. فارسي زبان ۾ بہ صفت جو مقام عربي وانگر موصوف کان پوءِ هوندو آهي. ٻي ٻين وصفن ۾ سنڌي ٻولي ۾ فعلن جو استعمال ۽ زمانن جي تعريف ۾ ضمير عدد ۽ جنس جي موافقت اهڙي تہ پوري ۽ موزون آهي جو ان جو مثال عربيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ مشڪل ملي سگهندو. مثال، جيڪڏهن فاعل، واحد ۾ آهي تہ فعل بہ واحد ۾ هوندو ۽ جي فاعل جمع ۾ آهي تہ فعل بہ جمع ۾ هوندو. ساڳيءَ طرح جي فاعل جي جنس مذڪر هوندي تہ فعل جو صيغو بہ مذڪر هوندو پر جي فاعل مؤنث آهي تہ فعل جو صيغو بہ مؤنث ئي هوندو. شخصي ضميرن (ضمير خالص) ۾ بہ فعل جي صورت متڪلم، حاضر ۽ غائب ۾ عدد ۽ جنسي مطابقت ۽ موافقت نظر ايندي جا حالت عام طرح ٻين ٻولين سان لاڳو نہ آهي.

## گرامر جي تدريس جا مقصد

### (1) ٻوليءَ جي ساخت

گرامر جي تعليم ذريعي شاگردن کي اهو سيکاريو ويندو آهي تہ ٻولي ڪيئن ٺهندي آهي؟ جملا ڪيئن ٺاهيا آهن؟ جملن جا ڪهڙا جزا هوندا آهن ۽ لفظن جي ترتيب ۽ ترڪيب معنيٰ تي ڪيئن اثر انداز ٿيندي آهي؟

### (2) ٻوليءَ جي اصلاح

گرامر جي مدد سان غلطين جي نشاندهي ڪئي ويندي آهي. انهن غلطين کي درست ڪرڻ سان ٻوليءَ جي اصلاح ٿئي ٿي. اهڙي طرح سنڌي صحيح ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي قابليت پيدا ٿئي ٿي.

### (3) نظم و ضبط جي تربيت

زندگي جي ڪنهن هڪ ڪاتي ۾ نظم و ضبط ٻين شعبن ۾ به نظم و ضبط پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. اهڙي طرح گرامر جي تعليم به زندگيءَ جي معاملن ۾ نظم و ضبط کان روشناس ڪرائي ٿي.

### (4) دليل بازي

گرامر ڪنهن زبان ۾ لفظن جي حيثيت ۽ مقام جو تعين ڪندو آهي. عبارت ۾ ڪهڙو لفظ ڪٿي ايندو ۽ ڇو ايندو؟ ان جو ڪو سبب ۽ مناسب دليل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن ۾ فڪري صلاحيتون وڌن ٿيون.

### (5) ٻوليءَ جي پختگي

ٻولي يا زبان کي غلطين کان پاڪ ڪري لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪرڻ سان اُن ۾ پختگي اچي ٿي ۽ اهو مقصد گرامر جي تعليم سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## 3. گرامر جي تدريس جا طريقا

تدريس گرامر بابت ماهرن مختلف رايا ڏنا آهن. ڪن جو رايو آهي ته اسڪولن ۾ گرامر پڙهائڻ جي ضرورت نه آهي، فقط ٻولي جي صحيح استعمال جي مشق ڪرائڻ ئي ڪافي آهي. مادري زبان جي حالت اها ڳالهه ڪنهن حد تائين درست آهي پر جيستائين معياري ٻولي جو تعلق آهي ته اهو مقصد باقاعدي گرامر جي تعليم، مقرر ڪيل قانونن ۽ قاعدن تحت ڏيارڻ کان سواءِ حاصل ڪونه ٿي سگهندو. گرامر ٻوليءَ جو اهم جزو آهي، جنهن کي جائز اهميت ملڻ گهرجي ۽ ان جي سکيا مقرر ڪيل قاعدن ۽ اصولن مطابق ڏيڻ ضروري آهي.

عام طرح سان اسان وٽ گرامر سيکارڻ جا ٻه طريقا استعمال ۾ آهن:

(الف) استقرائي طريقو

(ب) اسخراجي طريقو

## (الف) استقرائي طريقو

استقرائي عربي جي لفظ 'استقرا' مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي 'تلاش ڪرڻ يا ڳولڻ.' هن طريقي موجب استاد ڪي جيڪو لفظ، وصف يا اصول سمجهائڻو هوندو آهي، ان جا مثال ڏيئي سوالن ذريعي ٻارن کي گهربل لفظ يا وصفون يا اصول سيکاريا ويندا آهن. ان طريقي سان ٻار خود ڪوشش ڪري ٿو، تلاش ڪري ٿو ۽ ڪيس گهربل مواد چڱي طرح ذهين نشين ٿي وڃي ٿو.

مثال: (1) علي انب کائي ٿو.

(2) اسين اسڪول ۾ پڙهون ٿا.

(3) گهوڙو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ مشق ڪرائي ويندي آهي ته جيڪي **نالا** آهن اهي **اسم** آهن، يعني مثالن ذريعي وصف ٺهرائجي.

## استقرائي طريقي جون خوبيون:

(1) هي طريقو نفسياتي اصولن سان مطابقت رکي ٿو.

(2) هن طريقي ۾ **معلوم کان نامعلوم** جي طرف وڃڻو پوندو آهي.

(3) هي طريقو شاگردن کي فعال ڪري ٿو.

(4) تعريف شاگر خود ڪڍندا آهن ان ڪري خود اعتمادي وڌي ٿي.

(5) قاعدن جي سکيا يعني گرامر وغيره جي ڪري انهن طريقن جي استعمال سان دلچسپي وڌيڪ ٿني ٿي.

(6) فڪر ۽ تدبر جون صلاحيتون وڌن ٿيون.

### (ب) استخراجي طريقو

'استخراج' جي معنيٰ آهي 'ڪڍڻ، ڪٽڻ'. هن طريقي مطابق ٻهرين مختلف وصفون سمجهايون وينديون آهن. هن طريقي ۾ وصفون بر زبان ياد ڪرڻ تي وڌيڪ زور ڏنو ويجي ٿو.

گرامر جي سبق پڙهائڻ ۾ استاد ٻنهي طريقن کان مدد وٺي سگهي ٿو. گرامر ۾ وصفون ياد ڪرڻ ضروري هونديون آهن مگر ان کان اڳ گرامر جي مختلف اصطلاحن جي سڃاڻپ ضروري آهي. اهڙي طرح ٻني طريقا عمل ۾ آندا وڃن ٿا. گرامر جي سبق ۾ مشقي ڪم کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. استاد کي مناسب طريقو حالتن کي سامهون رکي استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ زبان جا مونجهارا ڪيس سمجهائڻ گهرجن.

مثال: اهڙا لفظ جيڪي **گڻ** يا **اوگڻ** ڏيکارين ته ان کي **صفت خالص** چئبو آهي.

(1) ليمون **کٽو** آهي.

(2) علي **هوشيار** شاگرد آهي.

**استخراجي طريقي جون خاميون:**

1- هي طريقو نفسياتي اصولن سان مطابقت نه ٿو رکي.

2- شاگردن لاءِ ان طريقي ۾ دلچسپيءَ جو سامان نه هوندو آهي.

3- هن طريقي جو حافظي تي برو اثر پوي ٿو.

4- شاگردن وٽ عملي زندگيءَ ۾ ان جي ڪابه اهميت نه آهي.

5- ننڍين ڪلاسن ۾ هي طريقو بلڪل غير مؤثر آهي.

اصول، اصطلاح وغيره شاگردن لاءِ نامعلوم هوندا آهن.

## 3. سنڌي گرامر ۾ مونجهارا

سنڌي گرامر تي جيتوڻيڪ خاطر خواهه ڪم ٿيندو رهيو آهي پر ان هوندي به اجان ڪيترن ئي حالتن جي مُلهه مقرر ڪرڻ لاءِ قانون ڏنل نه آهن.

**جنس جا مُونجهارا:** ڪي ماڻهو اولاد کي مؤنث چون ته ڪي وري مذڪر. اهڙيءَ طرح توبه، غار، پگهار وغيره.

**صفت ۽ ظرف جا مونجهارا:** جنس جي مونجهارن وانگر صفت ۽ ظرف جا بہ مونجهارا آهن. مثلاً:

هي انب سنو آهي.
هيءَ سنو انب آهي.
هي همراهہ (شخص) ڪريل آهي.
هي ڪريل همراهہ آهي.

## زمان حال ۽ زمان حال استمراري

مثال: آئون لکان ٿو.
آئون لکان پيو.

گرامر جي تدريس بابت تعليمي ماهرن جا پاڻ ۾ اختلاف آهن، جهڙوڪ:

(1) اسڪول ۾ گرامر جو نہ نالو بہ نہ ونجي ۽ ٻارن کي فقط ٻوليءَ جي صحيح استعمال جي تربيت ڏجي، جيئن کين گرامر جي اصولن سمجهڻ جي ضرورت نہ پوي.
(2) گرامر جي اصولن سمجهائڻ کان سواءِ شاگردن ۾ درست ٻوليءَ جو بنياد وجهي ڪونہ سگهبو.
(3) ٻارن کي گرامر سيکارجي مگر عملي يا استعمال واري نموني ۾. شاگردن کان سندن ٻولي جي استعمال معرفت ان جا قاعدا ۽ اصول ناهرائجن.

اڳئين زماني ۾ ٻولي جي سيکارڻ کان سواءِ پهريائين گرامر جا اصول ۽ گردان بر زبان حفظ ڪرائڻا پوندا هئا، ان بعد ٻولي جي سکيا ڏين ۾ ايندي هئي. گرامر پڙهائڻ جا هي فائدا آهن:

(1) زبان جي بناوت ۽ خوبين جي خبر پئي ٿي.
(2) بحث مباحثي ڪندي قوت مناظره ۽ منطق ۾ اضافو ٿئي ٿو.
(3) ٻولي جي صحت جو پتو پوي ٿو. شاگردن ۾ جاچ جوچ ۽ ڪوجنا ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو.
(4) ٻولي سهڻي نموني سان ڳالهائي سگهجي ٿي.
(5) لکڻ جو صحيح مفهوم سمجهي سگهي ٿو.

گرامر کي اسڪولي ڪمن ۾ جاءِ ڏيڻ لازمي آهي. انهن طريقن کي ڇڏڻو پوندو جن ۾ هلڻ سان گرامر جي سکيا کي خشڪ ۽ غير دلچسپ بڻايو ويندو آهي. جيئن ته گرامر ٻولي تان نهيو آهي تنهن ڪري ٻه اهو ٿيندو ته گرامر شاگرد کي استعمال نمونن ۾ ۽ روزمره جي ڳالهائڻ تان سيکارجي. گرامر جي سکيا وقت سواليه طريقو اختيار ڪجي يعني لفظ سامهون لکي ان بابت سوال ڪجن ۽ اصولن سان گرامر جي سکيا پهرين درجي کان شروع ڪجي. گرامر جو جدا سبق تيار ڪرڻ بجاءِ گرامر روزمره جي ٻولي تان سيکارڻ لاءِ سفارشون ٿي چڪيون آهن. گرامر جي سبق جي تياري لاءِ چارٽ، جن تي جدا جدا جملن جا مثال لکيل هجن ۽ هڪ چارٽ جنهن تي وصف لکيل هجي اهو استاد لاءِ تمام ضروري آهي.

## 5. گرامر سيکارڻ جو ليسن پلان

شاگرد جو نالو:........................ رول نمبر:......................

ڪلاس:.................................. تاريخ:.........................

**مقصد:** 1- ٻولي جو واڌارو

2- ضمير جي واقفيت

**اڳوڻي واقفيت:** ٻار گرامر ۾ اسم سکيل آهن.

**طريقهٔ ڪار:** 1- سوالن جوابن وارو طريقو.

2- مشغولين وارو طريقو.

**امدادي سامان:** خاڪا، چارٽ، پائنٽر، چاڪ ۽ ڊسٽر.

**آمادگي:** استاد بورڊ تي هيٺيان جملا لکي.

| جملا | سوال |
| --- | --- |
| 1- ڇوڪر راند ڪري ٿو. | 1- پهريون جملو ڪير پڙهندو؟ |
| 2- اسڪول انين بجي کلندو آهي. | 2- ڇوڪر کي "گرامر" ۾ ڇا سڏبو آهي؟ |
| 3- ميز تي ڪتاب رکيل آهي. | 3- ٻئي جملي ۾ لفظ "اسڪول" گرامر ۾ ڇا آهي؟ |
| 4- ٻار ڊڪ ڊوڙ ۾ مشغول آهن. | 4- "ميز" گرامر ۾ ڇا آهي؟ |
| | 5- "ٻار" کي گرامر ۾ ڇا چئبو آهي؟ |

**عنوان** استاد شاگردن کي ٻڌائيندو تہ: "اسين گرامر جو هڪ نئون لفظ سکنداسين." (استاد زباني طرح عنوان ظاهر ڪري ٿو).

**يونٽ جو واڌارو**

(**الف**) استاد شاگردن کان چارٽ تان جملا پڙهائي انهن تي سوال ڪري ٿو:

| جملا | سوال |
|---|---|
| 1- هاشم انب کائي ٿو. | 1- چارٽ تان پهريون جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ |
| 2- احمد هيڏانهن اچ. | 2- انب ڪير ٿو کائي؟ (هاشم) |
| 3- يوسف خط لکي ٿو. | 3- "تون" لفظ ڪنهن جي پاران ڪم آيو آهي؟ |
| 4- هو خط لکي ٿو. | 4- ٻيو جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ |
| | 5- "هو" لفظ ڪنهن جي پاران ڪم آيو آهي؟ |
| | 6- هاشم، احمد،يوسف،گرامر ۾ ڇا آهن؟ (اسم) |
| | 7- انهن اسمن جي پاران ڪهڙا لفظ ڪم آيا آهن؟ (تون، هو) |

(ب) **وصف**

اهڙا لفظ جي جملن ۾ اسمن جي بدران ڪم اچن، انهن لفظن کي "ضمير" چئبو آهي.

(ت) استعمالي ڪم

(ج) استاد ٻئي چارٽ تان شاگردن کي جملا پڙهائي مٿين ربط معلوم ڪرائي ٿو.

| جملا | سوال |
|---|---|
| 1- ڇوڪري انب کائي ٿي.<br>هوءَ انب کائي ٿي. | 1- پهريون جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ |
| 2- ماڻهن نانگ ماريو.<br>هنن نانگ ماريو. | 2- ٻيو جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ |
| 3- اسين اسڪول وڃون ٿا. | 3- انهن جملن ۾ **ضمير** ڪهڙو آهي؟ |
| 4- اوهان چو دير ڪئي؟ | 4-(اهڙيءَ طرح ٻيا جملا پڙهائي ضمير ڪڍائن گهرجن). |
| 5- هو اچن ٿا. | |

**خال ڀرائڻ**

استاد شاگردن ۾ اهڙا خاڪا تقسيم ڪري ٿو، جن ۾ ضمير لکي جملا صحيح ڪرڻ گهربل آهي. جملا هيٺ ڏجن ٿا:

1. ............ اسڪول وڃان ٿي.
2. .......... ماڻهو نٿا سڃاڻن.
3. .......... ڪي جيڪا شيءِ وٺي سا وٺ.
4. .......... ماني کائي ويا.

**جائزو**

استاد سيکاريل ڪم جي جائزي وٺڻ لاءِ شاگردن کان هيٺيان سوال ڪري ٿو:

**سوال**

1- ڳالهائيندڙ پنهنجي نالي بدران ڪهڙا لفظ استعمال ڪندو آهي؟
2- گهڻن ماڻهن سان ڳالهائڻ وقت انهن جي نالن جي بدران ڪهڙا لفظ ڪم آڻيا آهن؟
3- تون، توهين، توهان، ڪهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪم ايندو آهي؟
4- ضمير جي وصف ڪير ٻڌائيندو؟

**گهر لاءِ ڪم**

استاد ٻارن کي هدايت ڪري ٿو ته گهران ضمير جي پوري وصف ۽ ان جي استعمال طور ڇهه جملا لکي اچن.

## مشق

گرامر ڪنهن به ٻولي جي سکيا جو بنيادي ذريعو هوندو آهي. اهو مفروضو سامهون رکندي توهان ان کي صحيح رائج ڪرڻ لاءِ هڪ لائحه عمل تيار ڪريو.

# يونٽ - 8

# ڳالهائڻ جا اٺ لفظ

ليکڪ
سيد شير شاهه بخاري

# فهرست

يونٽ جو تعارف 137
يونٽ جا مقصد 137

**1- ڳالهائڻ جا اٺ لفظ** 138
(1) اسم
(2) صفت
(3) ضمير
(4) فعل
(5) ظرف
(6) حرف جر
(7) حرف جملو
(8) حرف ندا

**2- اسم ۽ ان جا قسم** 138
(1) اسم جامد
(2) اسم مشتق
(3) اسم مصدر

**3- معنيٰ جي لحاظ کان اسم جا قسم** 139
(1) اسم ذاتي
(2) اسم صفاتي
(3) اسم صفاتيءَ جا قسم
- اسم عام
- اسم خاص

**4- جنس** 140

- جنس مذكر
- جنس مؤنث

**5. عدد** 141

- عدد واحد
- عدد جمع

**6- حالت** 143

(1) حالت فاعلي
(2) حالت مفعولي
(3) حالت جري
(4) حالت اضافت
(5) حالت ندا

**7- صفت** 145

- صفت خاصيت
- صفت خاصيت جا قسم
  (1) صفت خالص
  (2) صفت تفصيل
  (3) صفت مبالغو

**8- صفت عدد** 146

- صفت عدد جا قسم
(1) صفت عدد شماري
(2) صفت عدد قطاري

9- ضمير 147

- ضمير
- ضمير جا قسم
(1) ضمير خالص
- ضمير خالص جا قسم
(i) ضمير خالص متڪلم
(ii) ضمير خالص حاضر
(iii) ضمير خالص غائب

(2) ضمير اشارو
- ضمير اشارو جا قسم
(i) ضمير اشارو ويجهو (قريب)
(ii) ضمير اشارو ڏور (بعيد)
(3) ضمير مشترڪ
(4) ضمير استفهام
(5) ضمير موصول
(6) ضمير جواب موصول
(7) ضمير مبهم
(8) ضمير متصل

10- فعل 151

- فعل جا قسم
(1) فعل لازمي
- فعل اڪر ترڪ
(2) فعل متعدي
- فعل متعدي جا قسم
(i) فعل متعدي معرف

(ii) فعل متعدي مجهول
(iii) فعل متعدي بالواسط

**11- ظرف** 153
- ظرف جا قسم
(1) ظرف زمان
(2) ظرف مڪان
(3) ظرف تميز
(4) ظرف نفي

**12- حرف** 154
- حرف جر
- حرف جملو
- حرف ندا

**13- بيهڪ جون نشانيون** 155
**14-** پهاڪا 158
**15-** اصطلاح 162

# يونٽ جو تعارف

## تعارف

**گرامر** ٻوليءَ جي سائنيز آهي جنهن مان ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ قاعدن قانونن جي ڄاڻ ملي ٿي. ٻوليءَ جي گهاڙيٽي ۽ لفظي ميلاپن بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو ذريعو گرامر آهي. جنهن جي ڄاڻ سواءِ، ٻوليءَ جو درست انداز ۾ استعمال ڪرڻ ناممڪن آهي. ڪي استاد **گرامر** کي ايترو اهم نہ سمجهندا آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ، ٻولي اظهار جو ذريعو آهي. اها جيئن روزانو زندگي جي ڪار وهنوار ۾ استعمال ٿئي، ان کي ساڳئي نموني استعمال ڪندي، سکندڙ پاڻمرادو سکي ويندو. ليڪن حقيقت ان جي ابتڙ آهي **گرامر** هڪ باقاعده علم آهي جيڪو ٻولي سکڻ لاءِ ضروري آهي.

هن يونٽ ۾ ڳالهائڻ جا اٺ لفظ ۽ گرامر جي بنيادي ضروري معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. خاص طور تي زيرِ تربيت استادن لاءِ جيڪي اڳتي هلي ابتدائي سطح تي ٻولي ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ سکندڙ ٻارن کي ان جا بنيادي اصول ۽ طور طريقا سيکاريندا.

## يونٽ جا مقصد

هن يونٽ جي مطالعي ڪانپوءِ زير تربيت ابتدائي سطح تي پڙهائيندڙ استاد ان قابل ٿي ويندا جو هو:

1. گرامر جا اٺ لفظ ۽ ان جا قسم پڙهائي سگهندا.
2. ننڍا وڏا جملا درست انداز ۾ سيکاريل گرامر مطابق لکي،ڳالهائي ۽ سيکاري سگهندا.
3. گرامر جا اصطلاح پنهنجي شاگردن کي ذهن نشين ڪرائي سگهندا.
4. جملي ۾ ڪم آيل فاعل، مفعول، فعل، زمان، جنس ۽ عدد کي صحيح نموني سمجهڻ ۽ استعمال ڪرڻ سيکاري سگهندا.
5. جملن جي صحيح جوڙجڪ سيکاري سگهندا.

## 1. ڳالهائڻ جا اٺ لفظ

سنڌي گرامر موجب ڳالهائڻ جا اٺ لفظ آهن، جي هي آهن: اسم، صفت، ضمير، فعل، ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا. ساڳيا اٺ لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ هيٺين طرح ڇهن لفظن ۾ به ورهائي سگهجن ٿا.

سنڌي ٻولي جي جملي ۾ ڪتب ايندڙ لفظ ڇهن قسمن ۾ ورڇيل آهن جن کي ڌار ڌار نالن سان سڏيو ويندو آهي جن جي ترتيب هيٺ ڏجي ٿي:

لفظ
- اسم
- صفت
- ضمير
- فعل
- ظرف ۽
- حرف
  - حرف جر
  - حرف جملو
  - حرف ندا

مٿين لفظن کي "ڳالهائڻ جا لفظ" سڏبو آهي. ڪنهن به جملي ۾ استعمال ٿيل لفظن مان هر هڪ کي مٿي ڏنل نالن مان ڪنهن نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

## 2. اسم ۽ ان جا قسم

**اسم**

اسم معنيٰ "نالو". ڪنهن به ماڻهوءَ، جانور، پکيءَ، جيت، ملڪ يا شهر، هنڌ، جاءِ، جنس، شيءِ، ڌاتوءَ، ڪم، وقت، حالت، خاصيت، رشتي يا آواز جي نالي کي **اسم** چئبو آهي.

**اسم جا قسم**

بناوت جي لحاظ کان اسم ٽن قسمن جو ٿيندو آهي:

1- اسم جامد    2- اسم مشتق    3- اسم مصدر

اسم ذات، اسم عام ۽ اسم خاص هيٺ ڏجن ٿا:

**(1) اسم ذات**

اهڙا نالا جيڪي ڪنهن شيءِ جي حالت، خاصيت ۽ ڪم جا هجن، جن کي فقط محسوس ڪري سگهجي پر ڏسي يا ڇُهي نہ سگهجي. الله تعاليٰ جو نالو **اسم ذات** آهي.

مثال طور: گرمي، روشني، ڪشش، سُرُ، نيڪي، بدي، حسن، ميناج، رنگ، سچ، ڪوڙ، وغيره.

اسم ذات ۾ هر هڪ وصف پنهنجي پنهنجي موصوف ۾ مستقل طور موجود هوندي آهي، جسين ڪو حادثو يا اتفاق ان جي مٽجڻ جو سبب نہ بڻجي.

**(2) اسم عام**

اهو اسم يا نالو، جو ساڳئي جنس جي سمورين شين لاءِ ڪتب اچي، تنهن کي **اسم عام** چئبو آهي.

مثال طور: انسان پکي، جانور، ڪرسي وغيره.

**(3) اسم خاص**

**اسم خاص** انهيءَ اسم کي چئبو آهي. جيڪو عام محاوري جو لفظ نہ هجي، پر ڪنهن خاص شيءِ، هنڌ، وقت، ساهہ واري، حالت يا خاصيت جو نالو هجي، مثال طور: محرم، تاج محل، مڪ مڪرم، قيامت وغيره. تخلص يا ڪنيت کي بہ اسم خاص چئبو آهي. مثلاً بيدل، بيڪس، ابو عبدالله، ابن خلدون، وغيره.

**نوٽ:** اسم عام ۽ اسم ذات کي جڏهن ننڍڙو ڪري ڏيکاربو آهي تہ اهڙي اسم کي **تصغير** چئبو آهي. اسم خاص جو تصغير نہ ٿيندو آهي.

## 4. جنس جو چارٽ

جنس

| مذڪر (نر) | مؤنث (مادي) |
|---|---|
| ڇوڪرو، گهوڙو، ڊڳو وغيره. | ڇوڪري، گهوڙي، ڊڳي وغيره. |

**وصف**

اسم بابت اها ڄاڻ تہ مليل اسم نر آهي يا مادي **آهي**، تنهن کي **جنس** چئجي.

**نوٽ:** مليل اسم سان جيڪڏهن لفظ "سُٺو" صفت طور لڳي تہ ان کي جنس مذڪر چئجي ۽ جيڪڏهن سُٺي صفت طور لڳي تہ ان جي جنس مؤنث چئجي.

## 5. عدد

عدد جو چارٽ

| واحد | جمع |
|---|---|
| (اُٺ، وڻ، ڪتابُ وغيره) | (اُٺَ، وڻَ، ڪتاب وغيره) |

**وصف**

اسم يا ضمير بابت اهو ٻڌائڻ تہ اسم يا ضمير اڪيلو آهي يا گهڻا آهن تن کي "**عدد**" چئجي.

نوٽ: جملي ۾ اسم جنهن عدد ۾ هوندو آهي، صفت ۽ **فعل** پڻ ان عدد ۾ هوندا آهن. انهيءَ ڪري ڪن حالتن ۾ جڏهن اسم جو عدد واحد ۽ جمع ٻنهي **هڪ جهڙا** هوندا آهن تہ اهڙي اسم جي عدد ٺهرائڻ جي خبر سندس صفت يا ڪتب آندل، **فعل** مان پوندي آهي.

مثال طور: 1- وڻ ڊگهو آهي (واحد)

2- وڻ ڊگها آهن (جمع)

هنن جملي ۾ ليڪ ڏنل لفظ صفت ۽ **فعل** آهن.

## واحد جمع

| واحد | | جمع | واحد | | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| اثر | = | آثار | خبر | = | اخبار |
| اصل | = | اصول | خُلق | = | اخلاق |
| تاجر | = | تجار | روح | = | ارواح |
| جوهر | = | جواهر | صاحب | = | اصحاب |
| حال | = | احوال | باب | = | ابواب |

| واحد | | جمع | واحد | | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| طفل | = | اطفال | موج | = | امواج |
| عام | = | عوام | نهر | = | انهار |
| غني | = | اغنياء | واقعو | = | واقعات |
| قدم | = | اقدام | ورق | = | اوراق |
| مسجد | = | مساجد | وزير | = | وزراء |
| مصيبت | = | مصائب | وطن | = | اوطان |
| فضيلت | = | فضائل | وقت | = | اوقات |
| ناصر | = | انصار | هدايت | = | هدايات |
| منبر | = | منابر | قانون | = | قوانين |
| منزل | = | منازل | | | |

## 6. حالت

اسم ۽ ضمير جو جملي ۾ فعل يا ٻئي اسم سان جيڪو لاڳاپو آهي تنهن کي اسم يا ضمير جي **حالت** چئجي.

**حالت** جا پنج قسم آهن:

حالت جو چارٽ




**(1) حالت فاعلي:**

اهڙا اسم يا ضمير، جي جملي ۾ ڪنهن ڪم جا ڪندڙ هجن تن کي 'فاعل' چئجي ٿو ۽ انهن جي حالت 'فاعلي' ٿيندي.

مثال طور: **وريام** ماني کاڌي. مون خط لکيو.

**(2) حالت مفعولي:**

اهڙا اسم يا ضمير جن تي ڪم جو اثر پوي تن کي گرامر موجب 'مفعول' چئبو. اهڙن اسمن يا ضميرن جي حالت 'مفعولي' ٿيندي.

مثال طور: واڊو **ڪرسي** ناهي ٿو.

**نوٽ:** ناهي ٿو **فعل** جو فاعل آهي واڊو ۽ واڊي جي ڪم جو اثر ڪرسيءَ تي پوي ٿو. اُن ڪري ڪرسيءَ جي حالت ترڪيب ۾ **مفعولي** ٿيندي.

**(3) حالت جري:**

جنهن اسم يا ضمير جي پنيان حرف جر اچي ان جي حالت **'جري'** ٿيندي.

مثال طور: ميز **تي** ڪتاب رکيو **آهي**.

**نوٽ:** جملي ۾ تي حرف آهي جيڪو ميز ۽ ڪتاب **اسم** سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ان ڪري اهڙن اسمن يا ضميرن جي حالت **جري** ٿيندي.

**(4) حالت اضافت:**

اهڙا اسم يا ضمير جن جي جملي ۾ ملڪيت ڏيکاري وئي هجي تن جي حالت '**اضافت**' ٿيندي.

مثال طور: اڪبر جو گهوڙو. اسان جي زمين.

**نوٽ:** اهڙا حرف جر جيڪي مالڪ ۽ ملڪيت جو لاڳاپو ڏيکارين ۽ اُهي جنهن اسم يا ضمير سان لڳن انهن جي حالت **اضافت** ٿيندي. مٿي ڏنل مثالن ۾ حرف (جي) اڪبر ۽ گهوڙي جي وچ ۾ مالڪ ۽ ملڪيت وارو لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

**(5) حالت ندا:**

ندا جي معنيٰ 'سڏ'. اهڙا اسم يا ضمير جن کي جملي ۾ سڏ ڪيو ويو هجي تن جي حالت '**ندا**' ٿيندي.

او **عبدالله** هيڏانهن اچ. **سليم**! اچ ته سکر هلون.

# 7. صفت

**صفت** اهو لفظ آهي، جنهن جو لاڳاپو اسم سان هجي ان جو ڳڻ، اوڳڻ، حال، انداز، عدد ، يا مقدار بيان ڪري. وصف ٿيل اسم کي **موصوف** چئبو آهي.




صفت جا 3 قسم آهن جن کي صفت جا **درجا** سڏبو آهي. عربي، سنسڪرت ۽ انگريزي ٻولين ۾ دستور آهي ته صفت واري لفظ پنيان ڪن مقرر نشانين ملائڻ سان صفت جا ٽي درجا ليکبا آهن:

ا- صفت خالص 2- صفت تفصيل 3- صفت مبالغو

## 1- صفت خالص

اهڙي صفت جنهن ۾ ڪنهن شيء جي خاصيت بيان ڪيل هجي.
مثال طور: آصف **چڱو** ڇوڪرو آهي.

## 2- صفت تفصيل

اهڙي صفت جنهن ۾ ڪنهن اسم جي ڪنهن ٻئي اسم يا ضمير سان **ڀيٽ** ڪيل هجي.

مثال طور: آصف گلن **کان چڱو** چوڪرو آهي.

**3- صفت مبالغو**

اهڙي صفت جيڪا موصوف کي ٻين سمورن کان مٿاهون ڏيکاري.

مثال طور: آصف ڪلاس جي **سمورن** چوڪرن کان **چڱو** آهي.

## 8. صفت عدد

اها صفت جيڪا **تعداد** کي ظاهر ڪري.

مثال طور: ڏهه، ويهه، ٻيٽا، ٽيٽا، وغيره.

صفت عدد جا ٻه قسم آهن:

(1) صفت عدد شماري/ذاتي (2) صفت عدد قطاري/صفاتي

**(1) صفت عدد شماري**

اها **صفت** جنهن مان موصوف جو **تعداد** ظاهر ٿئي.

مثال طور: هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج وغيره.

**(2) صفت عدد قطاري**

اها **صفت** جيڪا **قطار ۾ ڀيل** يا رکيل شين جي **ڳڻپ** ظاهر ڪري.

مثال طور، پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون، پنجون وغيره.

## مشق

1- صفت مبالغو جي وصف مثالن سان بيان ڪريو.

2- هيٺين صفتن جي وصف بيان ڪريو ۽ انهن جو مثال ڏيو:

(1) صفت مبالغو

(2) صفت عدد شماري

# 9. ضمير




**ضمير**

اهو لفظ جو اسم جي بدران ڪم اچي ان کي **ضمير** چئجي.

مثال طور: آئون، اسين، تون، توهين، توهان، ڪير، ڪنهن، پان، خود، جيڪو، سو وغيره.

**ضمير جا قسم:**

ضمير جا ڪل 8 قسم آهن:

(1) ضمير خالص 2) ضمير اشارو 3) ضمير مشترڪ (4) ضمير استفهام (5) ضمير

موصول (6) ضمير جواب موصول (7) ضمير مبهم (8) ضمير متصل

**(1) ضمير خالص**

خالص معنيٰ نج اهڙا ضمير جيڪي فقط ماڻهو اسم جي بدران ڪم اچن.

مثال طور: آئون، تون، توهان، اسين، اسان، هو، اهو وغيره.

ضمير خالص جا 3 قسم آهن جيئن مٿي چارٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

(i) ضمير متڪلم (ii) ضمير حاضر (iii) ضمير غائب

**(i) ضمير متڪلم**

**متڪلم** معنيٰ ڪلام ڪندڙ يا ڳالهائيندڙ. اهڙا ضمير جيڪي فقط ڳالهائيندڙ پنهنجي نالي بدران ڪم آڻي. جيئن آئون، اسين، مان وغيره.

**(ii) ضمير خالص حاضر**

حاضر جو مطلب جنهن سان مخاطب ٿجي يا ڪلام ڪجي.

مثال طور: تون، توهان.

**(iii) ضمير خالص غائب**

غائب جو مطلب جيڪو حاضر نہ هجي يا جنهن جي ڳالهہ ڪئي وڃي.

مثال طور: هو، اُهي، انهن وغيره.

**(2) ضمير اشارو**

اهو ضمير، جيڪو ڪنهن اسم ڏانهن اشارو ڪري جيئن تہ هي، هو، اُهي، اُنهن وغيره.

ضمير اشاري جا ٻہ قسم آهن. (مٿي چارٽ ۾ ڏيکاريل آهي)

**(i) ضمير اشارو ويجهو (قريب):** اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن ويجهي اسم ڏانهن اشارو ڪن.

مثال طور: هي، اِي، ايءِ وغيره.

**(ii) ضمير اشارو ڏور (بعيد):** اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن ڏورانهن اسم ڏانهن اشارو ڪن.

مثال طور: هُو، اُهي وغيره.

**(3) ضمير مشترڪ**

مشترڪ معنيٰ شريڪ يا گڏ. اهڙا ضمير جيڪي فاعل يا مفعول سان گڏجي جملي کي زور وارو بنائين تن کي ضمير مشترڪ چوندا آهن.

جهڙوڪ: پاڻ، پنهنجو، خود وغيره.

**(4) ضمير استفهام**

اهڙا ضمير جيڪي سوال پڇڻ جي ڪم اچن. استفهام معنيٰ سوال پڇڻ.

مثال طور: ڪير، ڪنهن، ڪجاڙو، ڇا وغيره.

**نوٽ:** ضمير استفهام "ڪير" رڳو ماڻهن سان لڳندو آهي. ڪهڙو ماڻهن، شيءِ ۽ ڪمن سان لڳندو آهي.

**(5) ضمير موصول**

"وصل" معنيٰ ميلاپ، ڳانڍاپو. اهو لفظ جو ڪنهن اسم جي پاران ڪم اچي ۽ جملي کي ٻئي جملي سان ملائي.

مثال طور: هي اُهو مهمان آهي **جو** ڪالهه آيو هو.

**نوٽ:** هي اهو مهمان آهي، ڪالهه آيو هو.به جملا آهن جن کي "**جو**" ضمير ملائي ٿو.

**(6) ضمير جواب موصول**

اهو ضمير جو ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچي.

مثال طور: جو ڪندو، سو ڀريندو.

هتي "جو" موصول آهي ۽ "**سو**" جواب موصول آهي.

**(7) ضمير مبهم**

'مبهم' معنيٰ "ڳجهو" يا "لڪل". اهو ضمير جيڪو لڪل يا ڳُجهيل اسمن جي بدران ڪم اچي.

مثال طور: هتي **ڪو** آيل تو پانئجي. هتي **ڪو** ضمير ڪنهن لڪل يا ڳجهي اسم بدران ڪم آيو آهي.

ڪو، ڪي، ڪجهه، ڪنهن، ضمير مبهم آهن.

**(8) ضمير متصل**

متصل معنيٰ "ڳنڍيل". اهڙيون ضميري نشانيون جي جملن ۾ ڪن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ملائجن ۽ انهن مان ضمير خالص جي معنيٰ نڪري.

**نوٽ:** اهي ضميري نشانيون اسمن، فعلن ۽ حرف جر سان ڳنڍبيون آهن.

ڪاڏم: مون ڪاڏو

ڪاڏوسين: اسان ڪاڏو

ڪاڏءِ: تو ڪاڏو

ڪاڏوَ: توهان ڪاڏو

ڪاڏائين: هن ڪاڏو

ڪاڏائون: هنن يا انهن ڪاڏو

اهڙي طرح ڪيس، وٺس، پٽم، پاڻس وغيره.

## مشق

1- ضمير جا قسم ڪيترا آهن؟

2- خالص متڪلم جا ضمير ڪهڙا آهن؟

# 10. فعل




## فعل

فعل معنيٰ ”ڪم“ . اهو لفظ جو جملي ۾ هئڻ، ڪرڻ، ٿيڻ، پوڻ يا سهڻ جي معنيٰ ڏيڪاري.

**فعل جا مکيہ بہ قسم آهن:**

1- فعل لازمي 2- فعل متعدي

### (1) فعل لازمي

اهڙو فعل جو مفعول کانسواءِ فاعل جو ڪم ڏيڪاري.

مثال طور: ٻار اچن پيا. مان وڃان پيو.

### - فعل اڪر ترڪ (فعل بي فاعل)

اهڙو فعل جيڪو جملي ۾ ڪنهن فاعل جو محتاج ڪونہ هجي پر فقط فعل جملي جي صورت وٺي بيهي تہ ان کي **فعل اڪر ترڪ** چئبو. مثال طور: اچبو، هلبو وغيرہ.

**(2) فعل متعدي**

اهڙو فعل جو ڏيکاري ته فاعل جو ڪم ڪري ٿو ۽ ان جو اثر ٻئي ڪنهن شيءِ تي پوي ٿو.

**فعل متعدي** جا ٽي قسم آهن.

(i) فعل متعدي معروف (ii) متعدي مجهول (iii) **فعل** متعدي بالواسطه

**(i) فعل متعدي معروف:**

فعل **معروف** معنيٰ 'چٽو يا ظاهر.' اهڙا فعل جن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي ظاهر ظهور چٽا بيٺل هجن.

مثال طور: **انور خط** لکي ٿو. **ڌوٻي ڪپڙا** ڌوئي پيو.

**(ii) فعل متعدي مجهول:**

اهڙا فعل جيڪي ڏيکارين ته مفعول ڦري فاعل جي جاءِ ورتي آهي. هن ۾ فاعل ڪونه هوندو آهي.

مثال طور: ماني **پچي پئي**. ڪپڙا **ڌوپي** ويا.

**(iii) فعل متعدي بالواسطه:**

اهو فعل متعدي جنهن ۾ فاعل پاڻ ڪم نه ڪري پر ٻئي جي وسيلي يا واسطي سان ڪم ڪرائي.

مثال طور: درخواست **لکرائي**. مون ڪتاب **ڇپرايا**.

# 11. ظرف

ظرف جو چارٽ

ظرف زمان — ظرف مڪان — ظرف تميز — ظرف نفي

## ظرف

**ظرف** اهو لفظ آهي جيڪو فعل، صفت ۽ ٻئي ظرف سان لڳي ۽ ان مان وقت، جاءِ، ريت، قدر، ۽ انڪار جي معنيٰ نڪري.

ظرف جا چار قسم جي ترتيب وار هيٺ ڏجن ٿا:

(1) ظرف زمان، (2) ظرف مڪان، (3) ظرف تميز، (4) ظرف نفي.

### (1) ظرف زمان

اهڙا ظرف جن مان **وقت** جي معنيٰ نڪري تن کي **ظرف زمان** سڏبو آهي. مثال طور: اڄ، ڪالهه، سڀاڻي، وغيره.

### (2) ظرف مڪان

'مڪان' معنيٰ جاءِ. اهڙا ظرف جن مان **جاءِ يا هنڌ** جي معنيٰ نڪري.

مثال طور: هيٺ، مٿي، هُتي، اندر، ٻاهر، وغيره.

### (3) ظرف تميز

اهڙا ظرف، جنهن مان **ريت** يا **قدر** جي معنيٰ نڪري.

مثال طور: آهستي آهستي، جهڙيءَ طرح، مس مس وغيره.

### (4) ظرف نفي

اهڙا ظرف جن مان **ناڪار** يا **اِنڪار** جي معنيٰ نڪري.

مثال طور: نه، ڪونه، نڪو، متان، وغيره.

# 12. حرفُ

حرف جو چارٽ

حرف جر | حرف جملو | حرف ندا

### حرف جر

اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ انهن سان لاڳاپو ظاهر ڪري.

مثال طور: ۾، سان، وٽ، کان، جو، ڏانهن، لاءِ، منجهه، منجهان، وغيره.

### حرف جملو

اهو لفظ جو ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائي.

مثال طور: ۽، ته، ٻه، پڻ، پر، مگر، وغيره.

### حرف ندا

اهو لفظ جنهن مان **سڏ** جي معنيٰ نڪري يا دل جي **حالت**. مثلاً **خوشي**، **ارمان**، يا **عجب** وغيره ظاهر ٿئي.

مثال طور: اوهه، شاباس، **افسوس**، شال، ماڻ، وغيره.

**نوٽ:** حرف ندا جي پٺيان (!) عجب جي نشاني ڏبي آهي.

# 13. بيهڪ جون نشانيون

## بيهڪ جي نشانين جي ضرورت

جهڙيءَ طرح ڳالهائڻ وقت هر هڪ اها ئي ڪوشش ڪندو آهي ته، جيڪي ڪجهه هو ڳالهائي رهيو آهي تنهن ۾ سندس خيال موجب گهربل اثر موجود هجي، يعني جيڪڏهن هو ڪنهن ڳالهه تي زور ڏيڻ چاهي ٿو يا ڪنهن خاص فقري کي الڳ پيش ڪرڻ چاهي ٿو يا ڪٿي سوال ڪرڻ گهري ٿو يا ڪنهن جڳهه تي پنهنجي دل جي ڪيفيت جهڙوڪ: عجب، خوشي، ڪاوڙ وغيره ٻڌائڻ چاهي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه هو صرف ڏاڍي آواز سان تڪڙو تڪڙو چئي وڃڻ سان ظاهر ڪري نه سگهندو پر پنهنجي آواز کي لاهڻ، چاڙهڻ، ان کي گهرج موجب ڦيرائي دل جي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ يا سوالي طرز ڏئي، ڪٿي ٿورو يا گهڻو ترسڻ سان ئي ظاهر ڪري سگهندو آهي.

ساڳئي ريت لکڻ مهل به انهن مڙني ڳالهين جو اظهار ڪرڻو پوندو آهي. ٻي صورت ۾ اهڙي لکيت مان يا ته گهربل مطلب صاف ۽ پورو نه ملندو يا اُلٽو ٻيو مطلب نڪرندو. لکڻ وقت اهڙين ڳالهين جو اظهار مقرر ٿيل نشانين ذريعي ڪري سگهبو آهي. انهن نشانين کي **'بيهڪ جون نشانيون'** چئبو آهي.

مکيه بيهڪ جون نشانيون هي آهن:

(1) پورو دم (.)، (2) دم (:)، (3) ٿورو دم (،)، (4) اڌ دم (؛)، (5) سوال جي نشاني (؟)، (6) عجب جي نشاني (!)، (7) واڪ جون نشانون (" ")، (8) ڏنگيون ( ).

**نوٽ:** پورو دم، سوال جي نشاني ۽ عجب جي نشاني جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم اينديون آهن.

دم ـ اڌ دم ۽ ٿور دم جملي جي وچ ۾ ڏبا آهن.

**(1) پورو دم:**

جملو جڏهن پورو ٿيندو آهي ۽ منجهس ڪنهن ڳالهه جو بيان ڪيل هوندو آهي ته اُن جي پڇاڙيءَ ۾ پوري دم (.) جي نشاني ڏبي آهي.

مثال: آصف خط لکي ٿو.

**(2) دم:**

جيڪڏهن ڪو بہ مثال، تفصيل، ياداشت يا چوڻي وغيره لکڻي هجي تہ اُن کان اڳ ۾ دم جي نشاني (:) ڏيڻ گهرجي.

مثال:ميلي ۾ ڪيترائي دڪان هوندا آهن جهڙوڪ:ميون، مٺاين،رانديڪن وغيرہ جا.

**(3) اڌ دم (؛):**

جيڪڏهن جملو ڊگهو هجي ۽ ان ۾ هڪ يا بہ دفعا ٿورو دم (،) اڳ ۾ آيو هجي تہ پوءِ اڌ دم (؛) جي نشاني ڏيڻ گهرجي ۽ ساہ کڻجي جيئن:

هر سال صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ ڀٽ شاهہ ۾ شاهہ ڀٽائيءَ جو ميلو، ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي؛ جتي ڪيترائي زيارتي پري پري کان ڪهي ايندا آهن.

**(4) ٿورو دم (،):**

جنهن جملي ۾ ننڍا ننڍا ڀاڱا هجن يا ماڻهن يا شين جا نالا لکڻا هجن تہ، هر هڪ جي پڇاڙي ٿوري دم (،) جي نشاني ڏيڻ گهرجي.

جيئن: ميلي جي موقعي تي، رات جو درگاهہ تي شاہ جو راڳ ڳائبو آهي، درگاهہ کان ٻاهر ڳائڻا پيا ڳائيندا آهن، ماڻهو پيا هلندا آهن ۽ پيهہ لڳي پئي هوندي آهي.

**(5) سوال جي نشاني (؟):**

سوال پڇڻ جي حالت ۾ جملي جي پويان سوال جي نشاني (؟) ڏبي آهي.

مثال طور: توکي شاهہ جا بيت ايندا آهن؟

**(6) عجب جي نشاني (!):**

جنهن جملي مان سڌ جي معنيٰ نڪري يا خوشي، ارمان يا عجب جي حقيقت ظاهر ٿئي اتي عجب جي نشاني (!) ڏيڻ گهرجي.

مثال طور: واهہ واهہ! چوڌاري بجلي جي جهرمر لڳي پئي آهي.

**(7) واڪ جون نشانيون (Inverted Commas)(" "):**

جيڪڏهن ماڻهوءَ جا اصل لفظ ساڳئي طرح لکڻا هجن ته انهن کي واڪ جي نشانين (" ") ۾ لکبو آهي.

مثال طور: سليم کي استاد چيو "سڀاڻي مضمون لکي اچجانءِ".

**(8) ڏنگيون ( ):**

جڏهن جملي ۾ ڪي اهڙا فقرا يا خيال آندا ويا هجن، جن جو جملي جي معنيٰ تي ڪو خاص اثر ڪونه پوي يا ڪا وضاحت گهربل هجي، ته انهن کي ڏنگين ۾ بند ڪبو آهي.

مثال: اڪبر بادشاهه هندستان تي ڪل 49 سال (1554ع کان 1605ع) تائين حڪومت ڪئي.

**نوٽ:** ڪڏهن ڪڏهن ٻن نشانين کي گڏي بہ ڪتب آندو ويندو آهي، جي عام طرح اخبارن وغيره ۾ گهڻو استعمال ٿينديون رهنديون آهن.

## 14. پهاڪا

**(1) الله ڏني تہ ڪمي ڪانجي.**

جيڪڏهن ڪنهن کي الله ڏني تہ ان کي گهرجي تہ نياز ۽ نوڙت سان هلي پر هٺ ۽ وڏائي نہ ڪري.

**(2) اُپ ڏانهن اشاري جي ضرورت نہ آهي.**

اُها شئي جيڪا هر ڪنهن کي چڱي ريت نظر اچي، ان ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ آهي.

**(3) استاد جي مار پار جي سنوار.**

استاد پاران شاگرد کي ملندڙ سزا، ان جي سڌاري لاءِ ئي هوندي آهي.

**(4) اچو ڏجي اچو وڃي.**

جهڙي شيءِ پاڻ وٽ لاءِ تيار ڪجي، موٽ ۾ ان جهڙي شيءِ ٻئي کي ڏجي.

**(5) اگهہ ڪٽيو ڪانجي، تور ڪٽيو نہ ڪانجي.**

شيءِ جا پيسا ڀلي وڌيڪ وٺجن مگر تور ڪوٽي نہ ڏجي.

**(6) آئي ٽاندي ڪاڻ، ٿي ويٺي ٻورچاڻي.**

جيڪو سوالي ٿي اچي ۽ قبضو ڪري مالڪ ٿي ويهي رهي.

**(7) اٺو چي گهوڙاٺو.**

چڻجي هڪڙي ڳالهہ تہ ڪري ٻي ڳالهہ.

**(8) اُٺ جنهن وٺ سان ٻڌ، اُن کي ڪاٽي.**

جنهن ماڻهوءَ کي ڪا عادت يا هير ٻيل هوندي، اها ضرور پوري ڪندو.

**(9) اگر ڪوسا تہ هٿ ساڙين، ٿڌا تہ هٿ ڪارا ڪن.**

خراب ماڻهو سان دوستي رکبي تہ انهي مان ڪڏهن بہ چڱائي نہ رسندي.

**(10) اَن پلي، ذات پلي.**

جنهن ماڻهو وٽ کائڻ لاءِ اَن موجود آهي تہ اهو چڱو ليکبو آهي.

**(11) اوٺئيهہ ڏينهن چور جا تہ ٺيهون ڏينهن ساڌ جو.**

جيڪڏهن ڪو ماڻهو هميشہ چوري ڪندو رهندو ۽ ڪيس ڦٻندي رهندي پر آخر ڪو هڪڙو ڏينهن اهڙو ايندو جڏهن پڪڙجي پوندو.

**(12) اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني.**

اهڙو فائدو نہ گهرجي جنهن مان وڏيڪ نقصان ٿئي.

**(13) اهو ڪِي ڪجي جو آئي ويل ڪم اچي.**

بچت ڪجي جو ڏکئي وقت ڪم اچي.

**(14) اهو وڻ نہ آهي جيڪو واءَ نہ لوڏيو هجي.**

دنيا ۾ ڏک ۽ تڪليفون هرهڪ انسان تي اچن ٿيون.

**(15) بيڪار کان بيگار پلي.**

انسان کي نڪمو ٿي ويهڻ کان ڀلو آهي تہ ڪنهن جو ڪم مفت ۾ ئي ويهي ڪري.

**(16) پائيواري جو پٽ ئي گهوريو.**

هر ڪم پنهنجي سر ڪجي، گهڻن جي مالڪيءَ ۾ سڄو ڪم بہ خراب ٿي ويندو.

**(17) پڇڻا نہ منجهڻا.**

جيڪڏهن ڪنهن ان ڏٺل جاءِ ڏانهن ويندي ڏس پتو پڇيو هلبو تہ سواءِ مونجهاري جي منزل تي رسي وڃبو.

**(18) پرائي دهل تي احمق نچي.**

ڏاڻي جي در تي جو دهل بڌي جيڪو نچي سو ڪم بيوقوفن جو آهي.

**(19) پرائي ڪُتي ڪي هٿ لائي پنهنجو پٽ نہ پٽائجي.**

جيڪڏهن ٻين کي تڪليف ڏبي تہ پاڻ بہ سلامت ڪونہ رهبو.

**(20) ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ.**

جهڙي ريت برسات جو ڦڙو ڦڙو وسي نيٺ گڏ ٿي هڪ وڏو تلاءُ يا ڍنڍ ٿي پوندو تهڙي ريت ذرو ذرو ٿي گهڻو گڏ ٿيندو.

**(21) چڱائي ڪر ڄٽ سان تہ ڦيرائي هٿي پٽ سان.**

بي وقوف ماڻهوءَ سان ڀلائي ڪجي تہ الٽو نقصان رسائيندو يعني ڀلائي جو بدلو برائي ملندو.

**(22) ڏبي ۾ ٺڪريون.**

ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ اچڻ.

**(23) ڏيئي هيٺان اونداهہ.**

جهڙي ريت ڏيئي جي روشني پري تائين پوندي آهي پر ان جي هيٺان اونداهہ هوندي آهي، اهڙي ريت ٻاهر وڏي شهرت هجي پر گهر ۾ ڪير سڃاڻي بہ نہ.

**(24) سر ڏجي پر سرُّ نہ ڏجي.**

جان قربان ڪري ڇڏجي پر راز تان پردو نہ کڻجي.

**(25) سندرو ثابت منزل آسان.**

ارادو پختو ڪبو تہ ڪم آسان ٿي پوندو.

**(26) ڪاڏي ڪوهہ بہ کٽي وڃن.**

رڳو کاٽن سان وڏو خزانو بہ کٽي ويندو يعني ڪمائبو ڪونہ فقط خرچ ڪبو تہ گڏ ٿيل موڙي بہ ختم ٿي ويندي.

**(27) نيڪي ڪر درياء ۾ وجهہ.**

چڱائي ڪري وساري ڇڏ يعني ڪنهن سان ڀلائي ڪري ان کي ورجاء نہ ڇو تہ اها دل آزاريءَ جو ڪارڻ بڻبي.

**(28) وات بہ اڌ طبيب آهي.**

تندرستيءَ جو راز مناسب غذا آهي. بي وقتو ۽ ضرورت کان وڌ کائبو تہ بيمار ٿي پئبو.

**(29) وڻ وڻ ڪاٺي.**

جنبي جدا جدا ذاتين، قومن يا ملڪن جا ماڻهو گڏ ٿين تہ هي ڀاڪو ڏبو آهي.

# 15. اصطلاح

| | | |
|---|---|---|
| اڪ ڪارا ڪرڻ | = | بي سود يا بيڪار محنت |
| اک پٽڻ | = | هوشيار ٿيڻ |
| اک ۾ ڪنڊو هئڻ | = | ناپسند هئڻ، نه وڻڻ |
| اکيون ڏرا ڏئي وڃڻ | = | هيڻو ٿيڻ، ڪمزور ٿي وڃڻ |
| آڏو اچڻ | = | نتيجو لوڙڻ |
| اُپ ڦاڙڻ | = | بتاڪ هئڻ |
| اڳ پوءِ جاچڻ | = | هر ڳالهه جو ويچار ڪرڻ |
| اُبتا پير ڪڻڻ | = | گمراه ٿي وڃڻ، اجايا ڪم ڪرڻ |
| اُبتي ڪل لاهڻ | = | غير واجبي نفعو ڪمائڻ، نقصان پهچائڻ |
| ابن الوقت هئڻ | = | لالچي هئڻ |
| اٽي ۾ لوڻ هجڻ | = | ٿوري مقدار ۾ هئڻ |
| اجا يا پير ڪڻڻ | = | بچڙا ڪم ڪرڻ |
| اجل کي سڏڻ | = | مصيبت کي دعوت ڏيڻ، موت کي سڏ ڪرڻ |
| اڄ سياڻ ڪرڻ | = | ٽٽائڻ |
| اَجها اڏڻ | = | گهر ناهڻ |
| اڃائي ڪرڻ | = | ڳالهه کي صاف ڪرڻ، مسئلي کي صاف ڪرڻ |
| اربع خطا ڪرڻ | = | وڏو ڏوهه ڪرڻ |
| اڏي مڏي وارو هئڻ | = | مالدار هئڻ |
| ارٽ سبين اورڻ | = | ڪتڻ |
| ارواح ڪچي وڃڻ | = | شوق لهي وڃڻ |
| استادي ڏيڻ | = | سيکارڻ |
| اڪن ڪان انب گهرڻ | = | نا ممڪن ڪم |

| | | |
|---|---|---|
| اکن تي اتو هارڻ | = | اجائي محنت ڪرڻ |
| اک پچڻ | = | اشارو ڪرڻ |
| اک پورڻ | = | بي حيائي ڪرڻ، مري وڃڻ |
| اک ڇنڀ ۾ اچڻ | = | جلدي پهچڻ |
| اک ڏيکارڻ | = | دڙڪو ڏيڻ |
| اک کلڻ | = | خبردار ٿيڻ |
| اک لڳڻ | = | ننڊ اچڻ |
| اک مان ڪڍڻ | = | جاچي ڏسڻ |
| ٽڏائي ڪرڻ | = | سستي ڪرڻ |
| ٺڏو ٿيڻ | = | راضي ٿيڻ |
| ٽڪو ڏيئي ٽانڊو ڪٽائڻ | = | وڏ ماتهپي ڏيکارڻ |
| ٽڪو پنجو ڪرڻ | = | سادگيءَ سان ڪم ڪرڻ |
| ٽڪر پچڻ | = | الزام هڻڻ |
| پگهر سڪائڻ | = | ٿورو وقت ترسڻ |
| ڦٽاڪا ڇوڙڻ | = | ٺٺاڪون هڻڻ |
| جتيءَ ۾ پير پائڻ | = | برابري ڪرڻ |
| جوت جاڳائڻ | = | روشني ڪرڻ |
| جنڊا پٽ ڪرڻ | = | جهيڙو ڪرڻ |
| چار چار ڪرڻ | = | ڪچهري ڪرڻ |
| چشم پوشي ڪرڻ | = | لڪائڻ |
| ڇيٽا پورڻ | = | فساد مچائڻ |
| خر مغز هئڻ | = | مٿي ڦريل هجڻ |
| دل مں جاچڻ | = | سوچڻ |
| دل وڏي ڪرڻ | = | آسرو رکڻ |
| دل ننڍي ڪرڻ | = | گهبرائجي وڃڻ |

ڏس پنڌ ڪرڻ = علاج ڪرڻ

ڏندين آڱريون اچڻ = حيران ٿيڻ

رت ڪرڻ = بيزار ڪرڻ

روح ڦوڪڻ = همٿائڻ

زبان کي پاڻي ڏيڻ = وعدو پاڙڻ

سر کپائڻ = اجائي محنت ڪرڻ

سٺانو واء لڳڻ = قسمت چڱي ٿيڻ

سونو نڪ وجهڻ = وڏي عزت ڪرڻ

سيج مائڻ = شادي ڪرڻ

سينڌ سرمو ڪرڻ = سينگار ڪرڻ

سينڌ ڏيڻ = واعدو ڏيڻ (عورت جو)

شب ۾ رکڻ = لڪائڻ

قلعي رکڻ = ظاهر ڪرڻ

ڪک رکڻ = لڪائڻ

ڪناره ڪشي ڪرڻ = پري رهڻ

اکين تي رات ڪاٽڻ = سڄي رات ڪاٽڻ

اکين جو تارو هجڻ = پيارو هجڻ

اکين جي اڄ لاهڻ = ملاقات ڪرڻ

اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ = ٺڳي ڪرڻ

بار لاهڻ = آجو ٿيڻ

بار وجهڻ = سفارش ڪرڻ

بازي وجهڻ = مسخري ڪرڻ

بازي هارائڻ = شڪست اچڻ

باغ باغ ٿيڻ = تمام سرهو ٿيڻ

باهه تي تيل هارڻ = فساد وڌائڻ

| | | |
|---|---|---|
| بد حواس ٿين | = | منجهي وڃڻ، پريشان ٿي پوڻ |
| برقعو مٽائڻ | = | وفات ڪرڻ |
| بسترو گول ڪرڻ | = | لوڏي ڪڍڻ |
| بستري داخل ٿيڻ | = | بيمار ٿي پوڻ |
| بڪيون ئوڪڻ | = | پنڌ ڪرڻ |
| بند وڃائڻ | = | گم ڪرڻ |
| بُند هجڻ | = | اڪيلو هجڻ، پُختو ٿي ويهڻ |
| بگهڙ پوڻ | = | مصيبت ڪڙڪڻ |
| باڙ لڳڻ | = | خواهش ٿيڻ |
| ٻه اکر لڪائڻ | = | چٺي لکائڻ |
| ٻانهن ٻيلي ٿيڻ | = | مددگار ٿيڻ |
| ٻانهون کنجڻ | = | وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ |
| ٻتيهه ئيڻ کلڻ | = | تمام گهڻو راضي ٿيڻ |
| ٻڏڻ ترڻ | = | ڳڻتيون ڪرڻ |
| ٻکر ٻوسات ڪرڻ | = | زبردستي ڪرڻ |
| ٻوٽ ٻڌي ويهڻ | = | مانُ ڪري ويهڻ |
| ٻوٽو ٻارڻ | = | همت ڪرڻ، ڪارناموں ڪرڻ |
| تاڙو ڪڙڻ | = | بد سون ٿيڻ |
| تاڙيون ئوڪڻ | = | ڪنگال ٿي وڃڻ |
| تاڙيون وڃائڻ | = | خوشيون ڪرڻ |
| تڙ تڪڙ ڪرڻ | = | جلدي ڪرڻ |
| ڪلهو ڏيڻ | = | ڪٺڻ |
| ڪاٻاري ڏک لڳڻ | = | وڏو نقصان ٿيڻ |
| ڪندا ٿي وڃڻ | = | اپرو ٿي وڃڻ |
| ڪڙ تيل نڪرڻ | = | نتيجو نڪرڻ |

کٽي ڏيڻ = تنگ ڪرڻ
کهرو ڳالهائڻ = چڙ ڏيارڻ
گاڏو گهلڻ = وقت گذارڻ
گوڏو ڀڃڻ = ويهڻ، ترسي پوڻ
گوڏو گوڏي سان ڏيڻ = پرسان ويهڻ
نالو ڳائڻ = تعريف ڪرڻ
ماندڻ مندڻ = رت رئڻ
موئن پر منهن وجهڻ = دنيا کان پري ٿي وڃڻ
مٿي تي چاڙهڻ = من وڌائڻ
نڪ ٻوڙڻ = بي حيا ٿيڻ
وار ونگو نہ ٿيڻ = ذرو بہ نقصان نہ پهچڻ
هائيءِ هچي وڃڻ = ناس ٿي وڃڻ
هڙ حاصل ٿيڻ = فائدو رسڻ
هٿ هڻڻ = پڇتائڻ
هٿ ڪڍڻ = مدد ڪرڻ ڇڏي ڏيڻ
هٿ ڇيو ڪرڻ = اثر رسوخ هڻڻ
هٿ ڳنڍڻ = وڙهڻ، جهيڙو ڪرڻ
هٿ منجهڻ = پيسو نہ هجڻ

# يونٽ - 9

# اِنشاء پردازي

(مضمون، خط ۽ درخواستون لکڻ)

ليکڪ

پروفيسر حاجي عنايت الله زنگيجو

# فهرست


| | |
|---|---|
| تعارف | 170 |
| مقصد | 170 |
| 1. انشاء پردازي (Composition) | 171 |
| 2. مضمون نويسي | 171 |
| 3. مضمونن جا قسم | 172 |
| 4. خط لکڻ | 180 |
| 5. خطن جا نمونا | 181 |
| 6. درخواست لکڻ | 187 |

# يونٽ جو تعارف

## تعارف

ٻولي صرف ڳالهائڻ جو ذريعو نہ آهي بلڪ ان کي خوبصورت انداز ۾ لکڻ ۽ ان ذريعي خيالن ۽ احساسن ۽ تاثرات کي مؤثر طريقي سان بيان تائين پهچائڻ جو پڻ هڪ مفيد طريقو آهي. ٻوليءَ کي جاندار بنائڻ خاطر ڪن ڳالهين، گرامر جي اصولن ۽ لکيت جي خوبين سان نوازيو تہ اها اثرائتي ٿيندي ۽ ٻين جو داد تحسين بہ حاصل ڪندي. اهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ٻوليءَ ۾ مختلف انواع جا تحريري طريقا بہ آهن، جهڙوڪ: مضمون، خط، درخواستون وغيره. انهن کي لکڻ جا بہ مختلف نمونا آهن. اهڙن لکيت جي نمونن کي سهڻي، وزنائتي ۽ دلڪش انداز ۾ لکڻ کي **انشاء پردازي** چئبو آهي. هن يونٽ ۾ اسان انشاء پردازيءَ جا قسم، لکڻ جا نمونا ۽ ۽ ڪي مثال پيش ڪيل آهن. اميد تہ زيرِ تربيت استادن کي هن يونٽ جي مطالعي سان ڪافي لاڀ حاصل ٿيندو.

## مقصد

هن يونٽ جي تدريس بعد زيرِ تربيت استاد ان لائق ٿي ويندا، تہ:

1. انشاء پردازيءَ جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهي سگهن.
2. خط، مضمون ۽ درخواستون وغيره موزون ۽ اثرائتي نموني لکي سگهن، ۽
3. پنهنجي اسڪولي شاگردن کي بہ اهڙي چاڻ مؤثر نموني ڏئي سگهن.

# 1. انشاء پردازي (Composition)

پنهنجي مقصد کي سهڻي پيرائي، خوب صورت لفظن ۽ مؤثر انداز ۾ لکڻ کي **'انشاء پردازي'** چئجي ٿو. استاد لاءِ ضروري آهي ته جڏهن هو ٻار کي، سنڌي ٻولي لکڻ سيکاري ته تحرير ۾ سونهن پيدا ڪرڻ ۽ مافي الضمير جي اظهار کي وزنائتو ۽ دلڪش بنائڻ لاءِ انشاء پردازيءَ جو خيال رکي.

**انشاء پردازيءَ** جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ: پئراگراف، آکاڻي، مضمون، خط، درخواست وغيره.

هت اسين مضمون، خط ۽ درخواست جو ذڪر ڪنداسين.

## 2. مضمون نويسي (Essay Writing)

ٻهرئين ۽ ٻئي درجي ۾ مضمون يا ڪابہ تحرير عملي طرح سيکاري نہ سگهبي آهي. انهن کي تحرير لاءِ تيار ڪرڻ جو ڪم صرف زباني هلائبو آهي. مثلاً، ڪانئن، ننڍين آکاڻين، سادين شين بابت احوال ۽ سوال جواب ذريعي گفتگو ڪرائبي آهي.

تحرير جي ڪم جي باقاعدي عملي ابتدا ٽئين درجي کان شروع ٿيندي آهي. جنهن جو معيار درجي بدرجي وڌائبو هلبو آهي.

مضمون لکائڻ وقت هيءَ ڳالهہ خيال ۾ رکجي تہ استاد مضمون لاءِ موضوع اهڙا چونڊي، جيڪي:

1. ٻار جي صلاحيت، گهرجن، تعليمي معيار، عمر ۽ دلچسپين مطابق هجن.
2. جيڪي ٻار جي ويجهي ماحول سان تعلق رکندا هجن.
3. جيڪي ٻار جي تجربي ۽ مشاهدي سان نهڪندا هجن
4. جن ۾ خيالن جو اظهار ڪرڻ مشڪل نہ هجي.
5. موضوع جي چونڊ ۾ ٻارن جي راءِ جو دخل ٻڻ هئڻ گهرجي.

## 3. مضمونن جا قسم (Kinds of Essays)

مضمون گهڻين ئي شين تي لکي سگهجن ٿا. مثال طور: ساھ وارا، گل ٻوٽا، شخصيتون، تقريبن جو اکين ڏٺو احوال يا ميلا ملاکڙا، مشهور جايون ۽ بندرگاھ، سوانح عمريون، چوڻيون ۽ پهاڪا.

مضمون نويسيءَ جي لحاظ کان، اسين ٽئين درجي کان اٺين درجي تائين ٻارن کي ٽن گروپن ۾ ورهائي سگهون ٿا ۽ انهن جي هر هڪ گروھ لاءِ مضمونن جو انتخاب هن ريت ڪري سگهون ٿا:

| نمبر | گروپ | درجو | مضمون |
|---|---|---|---|
| .1 | پهريون | ٽيون | ننڍيون آکاڻيون ٻڌائڻ ۽ لکائڻ، پڙهيل سبق تي سوال پڇي، جواب لکائڻ، جملا مڪمل ڪرائڻ، لفظ جملن ۾ استعمال ڪرائڻ. |
| .2 | ٻيو | چوٿون ۽ پنجون | ڪلاس ۾ تصوير ٽنگي، ان تي نمبر وار سوال ڪري، سچو مضمون تيار ڪرائڻ، جاندار شين تي مضمون لکڻ، قدرتي نظاري يا تقريب جو اکين ڏٺو احوال لکڻ، شخصيت تي مضمون لکڻ. |
| .3 | ٽيون | ڇهون، ستون ۽ اٺون | آتم ڪهاڻي لکڻ، گلن ٻوٽن يا تاريخي ماڳ مڪانن تي مضمون لکڻ، فڪري ۽ معلوماتي مضمون لکڻ، جهڙوڪ وطن جي حب، چانڊوڪي رات، ميلو، اتحاد، تندرستي هزار نعمت آهي، وغيره. |

هيٺ نموني طور ڪي مضمون، استادن ۽ شاگردن جي رهبريءَ لاءِ ڏجن ٿا.

# راڻي باغ جو سير

ڪلهه شام جو، آئون پنهنجي وڏي ڀاءُ سان گڏ راڻي باغ حيدرآباد گهمڻ ويس. اسين ٻن رپين جي ٽڪيٽ وٺي راڻي باغ ۾ داخل ٿياسين ته پڃرن ۾ اسان کي ڪيترا ئي پکي ۽ جانور ڏسڻ ۾ آيا. سڀ کان پهرين مور ۽ ڊبل ڏٺاسين، پوءِ ديسي ولائتي طوطا ڏٺاسين. پوءِ تلاءُ ۾ بدڪون ۽ ٻيا پاڻي جا پکي ڏسڻ ۾ آيا. ٿورو اڳتي وڌياسين ته شينهن، بگهڙ، رڇ، گدڙ، پولڙا ۽ ٻيا جانور ڏسي آئون حيران رهجي ويس ڇو ته مون شينهن ۽ بگهڙ اڳ ڪڏهن به ڪونه ڏٺا هئا. ٿورو اڳتي هلياسين ته پاڻيءَ ۾ لُڌڙا ۽ واڳون ڏسڻ ۾ آيا. ڪاڙها ۽ هرڻ به گهڻي تعداد ۾ هئا. مون ادا کان انهن پکين ۽ جانورن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. پوءِ ٿڪ لاهڻ لاءِ آءُ پينگهه لڏڻ لڳس. ان کان پوءِ اسان ٻنهي آئس ڪريم کاڌي. سج لهڻ کان ٿورو اڳ اسين موٽي گهر آياسين. راڻي باغ جو نظارو مون کي تمام گهڻو وڻيو.

## گهوڙو (Horse)

ٽپ

1. بناوت 2. قسم 3. رهڻ جو هنڌ 4. عادتون 5. کاڌو 6. فائدا.

### 1- بناوت:

گهوڙو هڪ گهريلو جانور آهي. هن جا چار پير، ٻه وڏيون اکيون، ٻه ننڍا ڪن ۽ هڪ پڇ ٿئي ٿو. هن جا پير گول ٿين ٿا ۽ سندس ننهن کي سُنب سڏبو آهي. گهوڙي جو قد ڇهه فوٽ ڪن ٿئي ٿو، هن جي ڪُرن کي وچيرو ۽ وڇيري سڏبو آهي. گهوڙي جون ٽنگون تمام مضبوط ٿين ٿيون، جن سان هو تکو ڊوڙي سگهي ٿو.

### 2- قسم:

ڪي گهوڙا قداور ٿيندا آهن ته ڪي ننڍي قد وارا. ان کان سواءِ جدا جدا رنگ وارن

گهوڙن کي جدا جدا نالن سان سڏبو آهي. جهڙوڪ سُرخو، بور، ڪُميت، سنجاف، مَڪڙو ۽ ابلق وغيره.

## 3. رهڻ جو هنڌ:

گهوڙو گهڻو ڪري دنيا جي سڀني ملڪن ۾ موجود آهي. پر عربي ۽ ترڪي گهوڙا تمام مشهور آهن. سنڌ ۾ گهوڙي تي تمام سهڻا سنج وجهي، ان کي جدا جدا نموني هلڻ ۽ ڊوڙڻ سيکاريو ويندو آهي. گهوڙي جي رفتار کي وِک، رلو، مُن، ڊُگ، ٽپال، پنڌ ۽ سِراڙو چئبو آهي.

## 4. عادتون:

گهوڙو تمام سمجهدار جانور آهي. هو پنهنجي مالڪ جو وفادار ٿئي ٿو، گهوڙو هڪ بهادر جانور پڻ آهي. جنهن تي سوار ٿي. ماڻهو تمام آڳاٽي زماني کان جنگيون ۽ لڙايون ڪندا رهيا آهن.

## 5. کاڌو:

گهوڙو ساوو گاهه، خاص ڪري لوسن ۽ برسيم شوق سان کائيندو آهي. ان کان سواءِ جَو، چڻا، ڪڻڪ، ٻاجهر ۽ ٻيو اناج توبري ۾ وجهي، کيس کارائبو آهي.

## 6. فائدا:

گهوڙو انسان ذات لاءِ تمام فائدي وارو جانور آهي. ماڻهن جي سواريءَ جي ڪم اچي ٿو. مٿس بار ڪتجي ٿو. گهوڙو ٽانگو ڇڪڻ جي پڻ ڪم اچي ٿو. ڪن ملڪن ۾ اُتي جا حاڪم، سفير ۽ ٻيا وڏا ماڻهو، پڻ يا ڇهن گهوڙن واري بگيءَ تي سوار ٿي محفلن ۾ ايندا آهن، جنهن سان انهن جي شان ۽ مرتبي ۾ واڌارو ٿئي ٿو.

# طوطو (Parrot)

## ٿپ

1- بناوت 2- رهڻ جو هنڌ 3- کاڌو 4- عادتون 5- فائدا.

### 1- بناوت:

طوطو هڪ سهڻو پکي آهي. جيڪو جهنگ ۾ رهي ٿو، پر ان کي گهر ۾ به پاليو وڃي ٿو. طوطي جو رنگ سائو ۽ چهنب ڳاڙهي آهي. ڪيس به ڪنپ، به ٽنگون ۽ هڪ ڏگهو پڇ به ٿئي ٿو. طوطي جي زبان ذري گهٽ ماڻهوءَ جي زبان جهڙي ٿئي ٿي.

### 2- رهڻ جو هنڌ:

گهر ۾ پاليل طوطي کي ماڻهو پڃري ۾ رکندا آهن، مگر طوطو وڻن تي شوق سان رهندو آهي. سائو رنگ هئڻ ڪري، وڻ تي ويٺل طوطو ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي، جنهن ڪري دشمن جي حملي کان محفوظ رهي ٿو. طوطو وڻ جي پور ۾ رهي ٿو. اسان جي ملڪ جو طوطو سائي رنگ جو ٿئي ٿو. مگر ٻين ڪن ملڪن ۾ طوطو جدا جدا رنگن جو ٿئي ٿو.

### 3- کاڌو:

طوطو گهڻو ڪري پڪل ۽ ڪچو ميوو کائيندو آهي. تنهن ڪري ميويدار وڻ، سندس رهڻ جي وڻندڙ جاءِ آهي. طوطو ساوا مرچ ۽ مانيءَ جا ٽڪر به چنبن ۾ جهلي کائيندو آهي.

### 4- عادتون:

طوطو نهايت سياڻو پکي آهي. ماڻهو هن کي پالي ڳالهائڻ سيکاريندا آهن.

### 5- فائدا:

طوطو تمام فائدي وارو پکي آهي. صورت ۽ رنگ جو سهڻو هئڻ ڪري، ماڻهو ڪيس

شوق سان پاليندا آهن. جڏهن ماڻهو ڪيس سنيون عادتون سيکاريندا آهن ته پوءِ طوطو، گهر ۾ ايندڙ ماڻهن کي سلام به ڪندو آهي ۽ پليڪار به چوندو آهي ۽ انهن سان مِنيون مِنيون ڳالهيون پڻ ڪندو آهي.

## وطن جي حُب (Patriotism)

انسان جنهن ڌرتيءَ تي جنم ورتو هجي، جنهن جو داڻو پاڻي واپرائي وڏو ٿيو هجي ۽ جنهن جي گلين گهٽين ۾ کيڏي پروان چڙهيو هجي ته ان سان کيس قدرتي طرح پيار ۽ محبت ٿيو وڃي. وطن جي محبت هڪ اهڙو فطري جذبو آهي، جيڪو نه فقط انسانن ۾، بلڪ جانورن ۽ پکين ۾ پڻ ڏٺو وڃي ٿو.

اسلام ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت ايمان کي حاصل آهي. ان جي حفاظت خاطر وطن ڇڏڻ جو به حڪم ٿيل آهي، جنهن کي هجرت سڏبو آهي. مگر اسلام وطن جي محبت کان منع نٿو ڪري، بلڪ خود رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي وطن سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. پاڻ سڳورا جڏهن مڪي شريف مان هجرت ڪري، مديني منورہ ڏانهن ٿي ويا، ته مڪي کان ٻاهر هڪ جبل تي بيهي، پنهنجي اباڻي شهر سان مخاطب ٿيندي فرمايائون ته:

> "اي مڪا! تون مون کي ڏاڍو پيارو آهين، جيڪڏهن
> مون کي، الله جي طرفان هجرت جو حڪم نه ملي ها ته آءٌ
> توکي هرگز ڇڏي نه وڃان ها."

ان مان معلوم ٿيو ته خود رسولِ خدا صلي الله عليه وسلم جن کي به پنهنجي وطن سان محبت هئي.

### محبِ وطن ۽ غدار ۾ فرق

پنهنجي ساٿيهه جي سڪ رکندڙ ۽ محب وطن ماڻهو جي هرڪو عزت ڪندو آهي. پنهنجا توڙي پراوا کيس احترام جي نظر سان ڏسندا آهن. اهڙن محبِ وطن ماڻهن ۾ شهيد جنرل هوش محمد عرف هوشو شيديءَ جو نالو قيامت تائين وڏي فخر سان ورتو ويندو، جيڪو ميرن جي لشڪر جو سپهه سالار هوءِ پنهنجي سرزمين سنڌ لاءِ، انگريزن جهڙي

طاقتور دشمن سان انتهائي جرئت ۽ بي جگريءَ سان وڙهندي، شهادت جو پيالو پيتائين. مرڻ وقت به سندس زبان تي هي نعرو هو ته:

"مرويسون مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون."

ٻئي طرف ملڪ ۽ قوم جي غدارن ۾ مير جعفر ۽ مير صادق جا نالا تاريخ ۾ نفرت جو نشان بڻيل آهن. جن لاءِ شاعر چيو آهي ته:

جعفر از بنگال صادق از دکن
ننگِ ملت، ننگِ دين، ننگِ وطن

يعني بنگال جي جعفر ۽ دکن جي صادق جو ڪردار قوم، وطن ۽ مذهب لاءِ ملامت ۽ شرم جوڳو هو.

### شاهه لطيف رحه جو فرمان

سنڌ جي عظيم صوفي شاعر ۽ روحاني رهبر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي به فرمايو آهي ته:

"سڄڻ ۽ سائيهه، ڪنهن اڻاسيءَ وسري."

لطيف سائين سنڌ جي عظيم نياڻي مارئيءَ جي حب الوطنيءَ جي پڻ گهڻي تعريف ڪئي آهي. جنهن کي عمر بادشاهه گهڻيون لالچون ڏنيون، سٺا طعام، اوچا ڪپڙا، زر زيور ۽ ٻيون سڀ راحتون آڇيون، مگر مارئي انهن سڀني شين کي ٺُڏي ڇڏيو ۽ عمر بادشاهه کي صاف لفظن ۾ چيائين ته "مون کي هر حال ۾ پنهنجي ملير موڪليو وڃي." شاهه سائين مارئيءَ واتان چوائي ٿو ته:

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هتِ مُياس،
ته گور منهنجي سومرا! ڪج پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.
(شاهه)

### پڄاڻي

اسان کي به گهرجي ته پنهنجي وطن سان محبت ڪريون. ان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڏينهن رات پاڻ پتوڙيون ۽ ضرورت پون تي، ان جي مٿان پنهنجو تن، مَن ۽ ڌن قربان ڪريون.

# تندرستي هزار نعمت آهي (Health is Wealth)

هيءَ سنڌيءَ جي هڪ چوڻي آهي، جنهن جو مطلب هيءُ آهي تہ انسان کي هونئن تہ الله تعاليٰ جون اڪيچار نعمتون حاصل آهن، مگر انهن مان تندرستي هڪ اهڙي نعمت آهي، جنهن کي هزار نعمتن جو مَٽ سڏي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ماڻهوءَ جو جيءُ سگهو هوندو تہ ان کي ساري دنيا پيئي وڻندي، پر جيڪڏهن اگهو هوندو ۽ سندس سرير هيڻو هوندو تہ پوءِ هن کي ڪجهہ بہ ڪونہ وڻندو.

تندرستيءَ جو گهڻي ڀڱي دارو مدار صفائيءَ تي آهي، ان ڪري صفائيءَ کي صحت جو ضامن چيو ويو آهي. ان کانپوءِ ڪنهن بہ انسان جي تندرستيءَ جو دارومدار هيٺين ڳالهين تي آهي:

1- هوا 2- پاڻي 3- کاڌو 4- آرام 5- ورزش.

**1- هوا:**

انساني حياتي ۽ زندگيءَ جو سڀ کان وڏيڪ دارو مدار هوا تي آهي. هوا کان سواءِ انسان هڪ منٽ بہ زنده رهي نٿو سگهي. تنهن ڪري هيءَ ڳالهہ تمام ضروري آهي تہ انسان جنهن گهر ۾ رهندو هجي، سو ڪشادو ۽ هوادار هجي، جيئن انسان کي هر وقت صاف ۽ تازي هوا ملندي رهي. هوا ۾ مٽي، دز، دونهون ۽ ٻيون غلاظتون نہ هئڻ گهرجن.

**2- پاڻي:**

هوا کان پوءِ ٻئي نمبر تي، انساني زندگيءَ لاءِ ضروري شيءِ پاڻي آهي. اسين جيڪو پاڻي واپرايون اهو هرقسم جي جيوڙن ۽ ٻين غلاظتن کان پاڪ ۽ صاف هئڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ گندو پاڻي، جلد انسان جي صحت کي برباد ڪري ڇڏيندو. بهتر ائين آهي تہ پاڻي ٽهڪائي، ٿڌو ڪري پوءِ واپرائجي. اهڙيءَ طرح مٽيءَ گڏيل پاڻي ڦٽڪي هڻي پوءِ استعمال ڪجي يا دلي ۽ مٽ جي منهن تي باريڪ ڪپڙو ٻڌي پوءِ پاڻي وجهجي.

**3- کاڌو:**

انسان جي وجود کي سگهه پهچائڻ جو اهم ذريعو کاڌو آهي. تنهن ڪري بيماريءَ کان بچڻ لاءِ متوازن غذا استعمال ڪجي. سڀ کان بهترين ڳالهه ته کاڌو تڏهن کائجي، جڏهن بک لڳي ۽ اجا چند گرهن جي طلب هجي ته کائڻ بس ڪجي. کاڌو روزانو وقت تي کائجي. سڙيل، ڪچو يا پاروٿو کاڌو استعمال نه ڪرڻ گهرجي. کاڌو اهڙو کائجي جنهن ۾ پروٽين، ڪئلشيم، وٽامنس ۽ ٻيا جزا موجود هجن. کاڌو اهڙو کائجي جيڪو جلد هضم ٿيندڙ هجي. کير کي بهترين غذا سڏيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ميوات ۽ مڻائي پڻ مناسب طور واپرائجن.

**4- آرام:**

ڊاڪٽرن 24 ڪلاڪن ۾ هر عمر جي انسان جي آرام لاءِ جدا جدا ڪلاڪ مقرر ڪيا آهن. انهن موجب انسان کي آرام ڪرڻ گهرجي. ننڊ لاءِ پرسڪون ۽ خاموش ماحول پڻ ضروري آهي. تنهن ڪري جتي سمهجي، اتي ڪنهن به قسم جو گوڙ شور نه هئڻ گهرجي. سٺي ننڊ جي لاءِ موسم آهر صاف ۽ آرام ده بستري جو هئڻ پڻ ضروري آهي.

**5- ورزش:**

صحت جي سلامتيءَ لاءِ جسماني پورهيو، ورزش ۽ راند روند به ضروري آهن. انهن سان ٿولهه به گهٽجي ٿي ۽ ماڻهو چست به رهي ٿو. ورزش سان انسان جو کاڌو به جلد هضم ٿئي ٿو ۽ آرام به سٺو اچي ٿو. ان ڪري هر انسان کي گهرجي ته هر روز ڪا نه ڪا ورزش ضرور ڪري.

**پڄاڻي**

جيڪڏهن مٿين اصولن تي عمل ڪبو ته انسان جي صحت سلامت رهندي. هو ڏکهي ۽ تندرست زندگي گذاري سگهندو ۽ پنهنجا دين توڙي دنيا جا سڀئي ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيئي سگهندو.

# 4. خط لکڻ (Letter writing)

عام انسان پنهنجا خيال ٻن نمونن سان ظاهر ڪري سگهي ٿو:

(1) تقرير رستي، ۽ (2) تحرير رستي.

جڏهن حاضرين جي آڏو پنهنجا خيال ظاهر ڪبا آهن، تڏهن زباني گفتگو ڪبي آهي. مگر جڏهن ساڳيون ڳالهيون ڪنهن اهڙي ماڻهو سان ڪبيون آهن، جيڪو حاضر نہ هوندو آهي تہ پوءِ ڪاغذ ۽ قلم کي ڪم آڻبو آهي، جنهن کي 'خط لکڻ' چئبو آهي. اسان جا جيڪي مٽ مائٽ، عزيز يا دوست اسان کان پري رهن ٿا، انهن سان اسين خط و ڪتابت ذريعي حالي احوالي ٿيندا آهيون. خط کي اڌ ملاقات سڏيو ويو آهي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ شاگردن کي ننڍي هوندي کان ئي خط لکڻ جو طريقو سيکارجي، جيئن وڏي هوندي هو لکڻ ۾ پڙ ٿي پنهنجا خيال سهڻي پيرائي ۾ پيش ڪري سگهن. خط لکڻ سيکارڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

1- خط جا ٽي ڀاڱا ٿيندا آهن: (الف) پنهنجو پتو ۽ تاريخ، (ب) وچون ڀاڱو، جنهن ۾ عبارت ۽ احوال اچي وڃي ٿو، ۽ (ج) پڇاڙي، جنهن ۾ خط جو اختتام ۽ پنهجو نالو اچي وڃي ٿو. ان سان گڏ جنهن ڏانهن خط موڪلجي ٿو، ان جي ائڊريس يا پتو لکڻ سيکارڻ ضروري بہ آهي.

(الف) خط لکڻ وقت، ڀني جي مٿين حصي جي ساڄي ڪنڊ تي، خط لکڻ جو هنڌ ۽ تاريخ لکڻ گهرجي تہ جيئن، جنهن ڏانهن خط موڪلجي، تنهن کي خبر پوي تہ خط ڪٿان آيو آهي ۽ ڪهڙي تاريخ تي لکيو ويو آهي.

(ب) جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهائبو آهي تہ پهريائين سندس مرتبي آهر مناسب لفظن سان مخاطب ٿبو آهي. خط يا تہ پاڻ کان وڏي عمر وارن بزرگن ڏانهن لکبو آهي يا هڪ جيڏن ۽ هم مرتبہ ماڻهن ڏانهن يا وري پاڻ کان ننڍن ڏانهن. تنهي ڏانهن لکيل خط جي عبارت ۽ لقب القاب جدا جدا ٿين ٿا، جن جو مختصر خاڪو هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | حيثيت | لقب يا مناسب الفاظ |
|---|---|---|
| 1. | پيءُ، استاد، مرشد يا ٻيا بزرگ. | بابا سائين، قبلا استاد صاحب، ڏاڏا سائين، احترام وارا مرشد سائين، محترم چاچا، محترم ماما، وغيره. |
| 2. | هڪ جيڏو دوست، ڀاءُ يا هم مرتبہ ماڻهو. | منهنجا دوست، پيارا ڀاءُ، سڄڻ سائين، دل وارا دوست. |
| 3. | پُٽ، شاگرد، ننڍو ڀاءُ يا ننڍي عمر وارو ساٿي. | نورچشم، عزيزم، پيارا پٽ، عزيز شاگرد، پيارا ڀاءُ. |

ساڳيءَ طرح خط شروع ڪرڻ وقت، السلام عليڪم لکڻ کانپوءِ وڏن، هڪ جيڏن يا پاڻ کان ننڍن ڏانهن جدا جدا نموني مخاطب ٿيو آهي. ان جو نمونو لکيل خطن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو. هاڻي نموني خاطر ڪي خط ڏجن ٿا.

## 5. خطن جا نمونا

### پٽ جو پيءُ ڏانهن خط

8، رومي هائوس،
پبلڪ اسڪول،
حيدرآباد.
10، آڪٽوبر، 1999ع

دائم اقبال بابا سائين!

السلام عليڪم.

گهڻن ادبن ۽ پيرن پوڻ بعد عرض تہ آءٌ الله جي فضل ۽ اوهان مائٽن جي دعا سان خوش آهيان. اميد تہ اوهان ڏانهن بہ هر طرح خير هوندو.

مطلب تہ مون کي توهان جو نصيحت ڀريو خط مليو آهي. بابا سائين! آءٌ، توهان جي هدايتن موجب پوري توجهہ سان دل لڳائي پڙهي رهيو آهيان. اسان جو امتحان جلد ئي وارو آهي. اميد آهي تہ آءٌ امتحان ۾ سٺي پوزيشن حاصل ڪري، اوهان جي دل خوش ڪندس.

امتحان کانپوءِ اسان کي هفتي کن جي موڪل ملندي. 24 ڊسمبر تي، مون کي، ڳوٺ وڃي هلڻ لاءِ توهان پاڻ ڪرم ڪري ايندا يا ڪو ماڻهو موڪليندا تہ مهرباني.

والسلام.

اوهان جو فرمان بردار پٽ،

..................

## پيءُ جو پٽ ڏانهن خط

نبي سر روڊ،

18، ڊسمبر، 1999ع

پيارا پٽ! سدا سلامت هجين.

السلام عليڪم.

دعائن بعد احوال تہ هت سڀ خير آهي. اوهان جي لاءِ بہ هر وقت خير ۽ سلامتيءَ جي دعا گهرندڙ آهيان.

مطلب تہ مون کي، اوهان جي هيڊ ماستر صاحب، اوهان جي رپورٽ ڪارڊ جو نقل موڪليو آهي، جنهن ۾ اوهان، پنهنجي ڪلاس ۾ ٻيو نمبر کنيو آهي. گذريل امتحان ۾، اوهان جي ڇهين پوزيشن هئي. مون کي ۽ سڀني گهر وارن کي خوشي ٿي آهي تہ اوهان اڳي کان بهتر پوزيشن حاصل ڪئي آهي. اڃا بہ اسان جي آس آهي تہ خدا ڪري، اوهين وڌيڪ محنت ڪري پهريون نمبر کڻي ڏيکاريو. اسان جون دعائون اوهان سان گڏ آهن.

والسلام

اوهان جي امڙ پاران جهجهيون دعائون ۽ سڀني ڀائرن ۽ ڀينرن طرفان سلام.

دعاگو

اوهان جو پيءُ،

................

## دوست ڏانهن دعوت نامي جو خط

جهڏو،
8، نومبر 1999ع

شال خوش هجو.
پيارا دوست،

السلام عليڪم.

دوست! اوهان کي ٻڌي يقيناً خوشي ٿيندي تہ منهنجي وڏي ڀاءُ اڪبر جي شادي خانہ آبادي 20 نومبر 1999ع تي، اسان جي ڳوٺ ۾ ٿي رهي آهي (ڇپيل ڪارڊ شامل آهي).
انهيءَ خوشيءَ جي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اوهان کي دل جي گهرائين سان دعوت ڏجي ٿي. اميد تہ شريڪ ٿي محفل جي رونق وڌائيندا ۽ اسان جي خوشين ۾ اضافو ڪندا.

والسلام

اوهان جي اچڻ لاءِ آسائتو،
اوهان جو دوست
...........

## دوست ڏانهن تعزيتي خط

ٽنڊو آدم،
27، نومبر 1999ع

سدا سلامت هجو.
محترم دوست،

السلام عليڪم.

ادا سائين! ڪلهہ عبرت اخبار ۾، اوهان جي ڏاڏي سائينءَ جي وفات جي ڏکدائڪ خبر پڙهي، دل کي تمام گهڻو صدمو رسيو. حقيقت هيءَ آهي تہ وڏڙن جو وجود اولاد لاءِ

وڏو ڏڍ ۽ سهارو هوندو آهي، مگر ڀائو! مالڪ جي حڪم اڳيان هر ڪنهن کي سر جهڪائڻو آهي ۽ نيٺ ته اسان سڀني کي سائين جي سڏ تي هلي حاضر ٿيڻو آهي.

منهنجي دعا آهي ته "الله تعاليٰ، مرحوم کي جنت ۾ جايون ڏئي ۽ اوهان سڀني کي صبر جي توفيق عطا ڪري." آمين!

آءٌ انشاءالله ٻن ٽن ڏينهن اندر، بابا سائين سان گڏ مرحوم جي فاتحه خوانيءَ لاءِ حاضر ٿيندس.

والسلام

اوهان جي ڏک ۾ شريڪ،

.............

## ڀيڻ جو ڀيڻ ڏانهن خط

ڪنري سنڌ،

11- آڪٽوبر 1999ع

سلامت هجين شال.

پياري ڀيڻ.....

السلام عليڪم.

هت الله جي فضل سان سڀ خير آهي، اميد ته اوهان ڏي به سڀ خير هوندو.

ادي! اوهان کي ڀڙهي خوشي ٿيندي ته رابعه 28- آڪٽوبر تي قرآن شريف ختم ڪندي. اوهان سندس آمين تي اچڻ جو وعدو ڪيو هو.

پنهنجي گهر ۾ اها پهرين خوشي آهي. تقريب جو انتظام اوهان جي اچڻ سان مڪمل ٿيندو. مهرباني ڪري اوهين هڪ ٻه ڏينهن اڳ پهچي وڃجو.

امان ۽ رابعه به توکي گهڻو سنيهارين ٿيون.

والسلام

تنهنجي ڀيڻ،

..........

## شاگرد جو استاد ڏانهن خط

پنو عاقل،
30، سيپٽمبر 1999ع

دآئم اقبال

قابلِ احترام استاد سائين،

اسلام عليڪم.

بي انتها ادب ۽ تعظيمن پڄاڻا عرض ته آئون الله جي فضل ۽ توهان جي دعائن سان خوش آهيان. الله جي ٻاجهه ۾ اميد آهي ته اوهان ڏي به خير هوندو.

سائين! آءُ توهان جي دعائن سان هت پهچي ويو آهيان. يونيورسٽي جو ماحول تمام سٺو آهي. رهائشي سهولتن سان گڏ پڙهائيءَ جوا عليٰ انتظام آهي. تفريح لاءِ سهڻا پارڪ ۽ شام جو راندين جو پڻ وڻندڙ بندوبست آهي.

هي سڀ توهان جي ڏنل تعليم ۽ فيض جو اثر آهي، جو آءُ اعليٰ تعليمي اداري ۾ پهتو آهيان. اوهان جون اعليٰ نصيحتون منهنجي لاءِ راهه جي روشني ثابت ٿي رهيون آهن. ايندڙ زندگيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ پڻ دعا ڪندا رهندا.

والسلام

اوهان جو احسانمند
شاگرد ............

## ڪتابن لاءِ آرڊر ڏيڻ

نوشهروفيروز،
16، نومبر 1999ع

عجائب اسٽورز، سکر.

جناب مئنيجر صاحب،

السلام عليڪم.

جيئن ته مون کي هيٺيان به ڪتاب گهربل آهن. ڪتابن جي قيمت جي رقم 00-950

روپين جو ڊمانڊ ڊرافٽ موڪليان ٿو. مهرباني ڪري ٻئي ڪتاب ٽپال رستي جلد روانا ڪندا.

**1- شاهه جو رسالو،** مؤلف پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي.

**2- پيلاين جا پول،** مصنف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

محمد سليم،
معرفت الڪريم بڪ اسٽور
نوشهروفيروز،

## رسيد جو نمونو

پئسا انداز 800.00 روپيا، اکرين اٺ سو روپيا، مون هيٺ صحيح ڪندڙ ڪي، جئن ڏينهن جي مزوري، ڏيهاڙي 200.00 روپيا حساب سان، سيٺ ڪريم ڏني کان برابر مليا.

ڪبي آڱوٺي جو نشان
(ڏتي بخش واڍو)

شاهد -1:

..................................

(وڏيرو غلام رسول)

تاريخ 21 نومبر 1999ع

شاهد -2:

..................................

(علي نواز خان)

# 6. درخواست لکڻ (Application Writing)

درخواست لکڻ جو طريقو هي آهي:

1- جنهن مجاز ڪاموري يا آفيسر ڏانهن درخواست لکجي، سڀ کان پهريائين ان جو عهدو لکجي.

2- پوءِ درخواست جي احوال جو عنوان لکجي.

3- درخواست جو مضمون لکڻ کان اڳ "جناب عالي" يا "جناب اعليٰ" لکجي.

4- درخواست جو مضمون مختلف پئرائن ۾ لکجي.

5- درخواست جو مضمون ختم ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ درخواست ڪندڙ جي صحيح يا ان پڙهيل هئڻ جي حالت ۾، مرد هجي ته کاٻي آڱوٺي ۽ عورت هجي ته ساڄي آڱوٺي جو نشان لڳائجي، ۽ ان جي هيٺيان درخواست ڪندڙ جو نالو ۽ پتو صاف لفظن ۾ لکڻ گهرجي.

6- سڀ کان هٺ، پني جي ساڄي پاسي درخواست موڪلڻ جي تاريخ لکجي.

هت نموني خاطر ڪي درخواستون لکي ڏيکارجن ٿيون.

## بيماريءَ سبب موڪل جي درخواست

جناب هيڊ ماستر صاحب،
گورنمينٽ هاءِ اسڪول، حيدرآباد.

مُوضوع: **هڪ ڏينهن جي ريزڪي موڪل لاءِ عرض.**

جناب عالي!

آءٌ هيٺ صحي ڪندڙ عرض ٿو ڪريان ته مون کي ڪلهه شام کان وٺي بخار ۽ مٿي ۾ سور ٿي پيو آهي، تنهن ڪري اڄ اسڪول ۾ حاضر ٿي نٿو سگهان.

مهرباني ڪري، مون کي 27 نومبر 1999ع هڪ ڏينهن جي ريزڪي موڪل ڏين فرمائيندا ته شڪر گذار رهندس.

اوهان جو فرمانبردار
محمد يوسف سومرو.

نائب ماستر،
گورنمينٽ هاءِ اسڪول،
حيدرآباد.

تاريخ 27، نومبر 1999ع

# صفائيءَ جي انتظام لاءِ درخواست

جناب چيئرمين صاحب،
ٽائون ڪميٽي، جهڏو.

موضوع: **صفائيءَ جي ناقص انتظام بابت عرض.**

جناب عالي!

اسين هيٺ صحي ڪندڙ، ميمڻ محلي، جهڏي جا رهواسي عرض ٿا ڪريون ته اٽڪل هڪ هفتي کان، اسان جي محلي ۾، صفائيءَ لاءِ، ٽائون ڪميٽيءَ جو عملو ڪونه پيو اچي. گهٽين ۾ ڪن ڪچري جا ڍير لڳي ويا آهن ۽ گٽرن جو پاڻي رستن تي اٿلي پيو آهي. گندگي ۽ بدبوءِ سبب وبائي بيمارين پکڙجڻ جو انديشو آهي.

مهرباني ڪري، صفائيءَ لاءِ مقرر ڪيل عملي کي مناسب تنبيهه ڪئي وڃي ۽ تاڪيد ڪري صفائيءَ جو فوري انتظام ڪيو وڃي ته شڪرگذار رهنداسين.

عرضدار:

1- قاسم
2- الهڏنو
3- اصغر علي
4- ڏٿي پرتو

رهاڪو ميمڻ محلو، جهڏو.

تاريخ 21، نومبر 1999ع

# رائفل جي لائسنس لاءِ درخواست

جناب ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ صاحب،
ضلعو بدين.

موضوع: **رائفل جي لائسنس لاءِ عرض.**

جناب عالي!

ادب سان عرض آهي ته آئون 50 ايڪڙ زرعي زمين جو مالڪ ۽ پنهنجي ڳوٺ جو چڱو مڙس آهيان. هن بدامنيءَ جي دؤر ۾ اسان جي ڳوٺ جي آس پاس چوريءَ جون وارداتون ته ٿينديون پئي رهيون آهن، مگر هاڻي ته ڌاڙيل به تاوان لاءِ ڌمڪيون ڏيڻ لڳا آهن. مون وٽ پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڪوبہ هٿيار موجود ڪونهي.

مهرباني ڪري، منهنجي نالي رائفل جو لائسنس منظور ڪرڻ فرمائيندا ته شڪر گذار رهندس.

عرضدار،

عبدالله خان ولد محمد خان ڪوسو،
ڳوٺ عبدالله خان ڪوسو،
تعلقو ۽ ضلعو بدين.

تاريخ 15، آڪٽوبر 1999ع

## ماستري جي نوڪريءَ لاءِ درخواست

جناب ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر صاحب،
ضلع عمرڪوٽ.

موضوع: **ماستريءَ جي نوڪريءَ لاءِ عرض.**

جناب عالي!

آءٌ هيٺ صحيح ڪندڙ ادب سان عرض ٿو ڪريان تہ مون کي، اخباري ذريعن سان معلوم ٿيو آهي تہ توهان جي ماتحتيءَ ۾ ماستريءَ جون ڪي جايون خالي ٿيون آهن. آءٌ انهن مان هڪ آساميءَ لاءِ عرضدار آهيان.

منهنجي علمي لياقت وغيره هن ريت آهن:

نالو: فقير محمد.
ولد: الهرکيو چانڊيو.
عمر: 19.5 (ساڍا اوڻيهہ) سال.
علمي لياقت: بي. اي ۽ سي. ٽي.

جناب عالي! منهنجو والد رٽائرڊ پرائمري استاد آهي. گهر ۾ ٻيو ڪوبہ فرد ڪمائڻ وارو ڪونهي. هن مهانگائيءَ جي دؤر ۾ ڪٽنب جو گذران ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي.

تنهن ڪري سائين جن کي عرض ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري، مون کي جي.ايس. ٽي (J.S.T) پوسٽ تي ڪنهن اسڪول ۾ استاد مقرر ڪرڻ فرمائيندا تہ شڪر گذار ٿيندس.

عرضدار،

فقير محمد ولد الهرکيو چانڊيو،
برانچ پوسٽ حاجي جعفر خان چانڊيو،
وايا ٽالهي اسٽيشن،
ضلع عمرڪوٽ.

تاريخ 20، نومبر 1999ع

# يونٽ - 10

# سبق جي رٿابندي

*(Lesson Planning)*

ليکڪ

سيد شير شاهه بخاري

# فهرست


تعارف 194

مقصد 194

**1. ابتدائي تياري** 195

(الف) مواد جو مطالعو

(ب) تدريسي شين جي تياري

**2. سبق جو خاڪو** 197

(الف) عنوان

(ب) مقصد

(ج) مشغوليون

(د ) امدادي شيون

**3. رٿابنديءَ جو مجموعي طريقو** 199

(الف) آمادگي

(ب) عنوان

(ج) پيشڪش/يونٽ جو واڌارو

(د ) جائزو

**4. سبقن جا مختلف خاڪا** 202

# يونٽ جو تعارف

تعارف

ڪنهن بہ ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ **رٿا بندي (Planning)** ڪبي آهي. اُن لاءِ اهو ڏستو پوندو آهي تہ:

(1) اهو ڪم ڇو ڪيو وڃي ٿو؟ يعني مقصدن جو تعين ڪيو ويندو آهي.

(2) اهو ڪم ڪيئن ڪبو؟ ان لاءِ رٿابندي ڪبي آهي يعني طريقہ ڪار تيار ڪرتو پوندو آهي ۽ گهربل وسائل حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي.

(3) ڪير ڪندو؟ ان لاءِ مهارتن کي گهرج آهر استعمال ڪبو آهي.

مطلب تہ مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ باقاعده رٿابندي ضروري آهي. ڏسڻو آهي تہ رٿابندي زباني هجي يا تحريري؟ يقيناً جواب ايندو تحريري. زباني رٿابنديءَ ۾ انساني ذهن مان ڳالهيون ۽ ترتيب جي هيٺ مٿي ٿي وڃڻ جو انديشو هوندو آهي جنهن جو نتيجو مڪمل ڪاميابيءَ جي صورت ۾ نہ نڪرندو. ان لاءِ پائيدار طريقو تحريري رٿابندي ئي نظر اچي ٿو.

پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري عمل ۾ بہ هر مضمون ۽ عنوان پڙهائڻ جا مقصد آهن، جن کي حاصل ڪرڻ مقصود هوندو آهي تنهن ڪري سڪيا جي عمل کي وڌيڪ ڪارائتو ۽ حقيقت پسندانہ بنائڻ لاءِ تحقيقي بنيادن تي رٿابندي ڪئي ويندي آهي، جنهن جا مقصد هن ريت هوندا آهن:

مقصد

هن رٿابنديءَ بعد استاد هن قابل ٿي ويندا جو هو:

(1) پڙهائڻ واري عنوان جا مقصد واضع ڪري سگهندا.

(2) تعليمي طريقن مطابق بهتر رٿابندي ڪري سگهندا.

(3) سبق پڙهائڻ لاءِ گهربل وسيلا گڏ ڪري سگهندا.

(4) معاون شيون مهل ۽ موقعي موجب استعمال ڪندا.

(5) تعليمي طريقا، رويا ۽ مهارتون ڪتب آڻيندا.

(6) جائزي وسيلي پنهنجي ڪاميابيءَ جو اندازو لڳائي سگهندا.

# سبق جي رٿابندي (Lesson Planning)

سبق جي رٿابنديءَ جو پهريون مرحلو **ابتدائي تياري** آهي جنهن جي ترتيب وار اُپٽار، هيٺ ڪجي ٿي.

## 1. ابتدائي تياري:

اسڪول جي سرگرمين ۾ نصابي ۽ هم نصابي سرگرمين کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ فهرست تيار ڪئي ويندي آهي. نصابي سرگرمين ۾ اهميت درسي ڪتابن کي حاصل هوندي آهي جيڪي قومي مقصدن کي آڏو رکي تيار ڪيا ويندا آهن ۽ اُهي ئي پڙهائڻ استاد جي اهم ترين فرائض ۾ شامل آهي. استاد پنهنجي پڙهائڻ واري فرض پوري ڪرڻ خاطر ڪتابن ۾ موجود مواد کي پڙهائيندو آهي، جنهن لاءِ طريقہ ڪار مطابق وقت ترتيب ڏنل هوندو آهي جنهن ۾ پڙهائڻ سان گڏ تجربو پڻ شامل هوندو آهي. هن منصوبي جي تڪميل لاءِ محنت ۽ هوش منديءَ سان **تياري** جي ضرورت آهي.

**تياري** زباني بہ ٿي سگهي ٿي تہ، تحريري پڻ. زباني تياريءَ تي وقت ٿورو ٿو خرچ ٿئي. مگر سکيا هڪ تيز رفتار ذهني ۽ نفسياتي عمل جو نالو آهي. ان عمل جو هڪ پهلو هي آهي تہ، استاد پنهنجي پختي تجربي ۽ وسيع علم جي روشنيءَ ۾ ٻارن جي ذهن کي هڪ خاص انداز ۾ متاثر ڪرڻ چاهي ٿو. ٻئي پاسي استاد کي عام طبع ٻارن جي رد عمل تي لاڳيتو نظر ڏرڻي پوي ٿي ۽ مليل موٽ جي روشنيءَ ۾ سبق جو رخ مقرر موڙڻو پوي ٿو. انهيءَ تيز رفتار ذهني عمل جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ تجربيڪار ۽ قابل کان قابل استاد بہ زباني تياريءَ تي ڀروسو نٿو ڪري سگهي. مؤثر سکيا جي حق ادائي لاءِ استاد کي روزانو هر سبق پڙهائڻ لاءِ سبق جا خاڪا تيار ڪرڻا پون ٿا، جيڪي هن ريت هوندا آهن.

### (الف) مواد جو مطالعو:

هر استاد لاءِ ضروري آهي تہ هو جيڪو مضمون پڙهائي ٿو ان تي ڪيس پوري دسترس

هئڻ گهرجي. سندس معلومات جامع ۽ تازي هئڻ گهرجي. ڏسڻ ۾ آيو آهي ته، ڪي استاد درسي ڪتاب ۾ ڏنل معلومات کي ئي ڪافي سمجهندا آهن. سندن سوچ مطابق ننڍن ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ درسي ڪتابن ۾ موجود مواد ئي ڪافي هوندو آهي. وڌيڪ علمي گهرائي غير ضروري آهي. درسي ڪتاب ٻارن لاءِ لکيا وڃن ٿا، استاد لاءِ نه. جيستائين استادن جو پنهنجو علم درسي ڪتابن جي حدن کان اڳتي وڌي نٿو وڃي. تيستائين اهو مؤثر سکيا جو حق ادا نٿو ڪري سگهي. ممڪن آهي ته، ٻار ڪو اهڙو سوال پڇي ويهي جنهن متعلق درسي ڪتاب خاموش هجي.

جيڪڏهن هر انسان جو علم معقول نه آهي ته هو غير متعلق سوالن جا جواب نٿو ڏئي سگهي. انهيءَ مان جيڪو استاد جي وقار کي ڌڪ لڳندو سو صاف ظاهر آهي. نفس مضمون جي تياريءَ لاءِ ضروري آهي درسي ڪتاب کان سواءِ ڪو مستند علمي ڪتاب به مطالعي هيٺ آڻجي. علم کي تروتازه رکڻ لاءِ ضروري آهي ته استاد اخبارن ۽ علمي رسالن ۾ شايع ٿيندڙ علمي مضمون نگاه ۾ رکي. سندس علم جي وسعت ۽ تازگي کيس انهيءَ قابل بنائي ڇڏيندي جو درسي ڪتاب جي مواد لاءِ دلڪش شروعات ڪري سگهي ۽ شاگردن جي سوالن جا جواب بخوبي ڏئي سگهي.

**(ب) تدريسي شين جي تياري:**

سبق کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ **تدريسي شين** جو استعمال تمام ضروري آهي. مواد جو مطالعو ڪرڻ بعد اهو ڏسڻو آهي ته ٻارن ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻ ۽ تصورن کي وڌيڪ واضع ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون سمعي ۽ بصري شيون امداد طور ڪتب آڻجن.

**بصري مواد** ۾ تصويرون، نقشا خاڪا، چارٽ، گراف ماڊل يا قرب وجوار ۾ موجود شيون جي ٿوري محنت سان تيار ٿي يا هٿ ڪري سگهجن سي سڀ اچي وڃن ٿيون.

پراڻيون اخبارون، رسالا وغيره ٻارن وسيلي هٿ ڪري انهن مان تصويرون ڪٽ ڪري سگهجن ٿيون ۽ ماڊل به انهن جي مدد سان مٽيءَ، گتن، ڪکن ڪانن، پيڪنگ واري سامان مان تيار ڪرائي سگهجن ٿا.

**سمعي مواد** ۾ ريڊيو ۽ ٽيپ رڪارڊ کان گهڻي مدد وٺي سگهجي ٿي.

## 2. سبق جو خاڪو

سبق جي خاڪي جو سلسلو هن ريت رکيو ويو آهي:

(الف) عنوان

(ب) مقصد

(ج) مشغوليون

(د) امدادي شيون

مٿي بيان ڪيل ڳالهين مان ڪن جو/ بيان مختصراً هيٺ ڏجي ٿو:

**(الف) عنوان:**

سبق جي تياري ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول، مقرر ڪيل نصاب جي آڌار تي، تيار ڪيل نصابي ڪتاب مان **عنوان** ڪٽو. مادري ٻوليءَ جي درسي ڪتاب ۾ نثر، نظم، گرامر ۽ ڪمپوزيشن يا انشاءَ جا سبق هوندا آهن. صورت خطيءَ جا سبق پڻ تيار ڪري سيکارڻا آهن. مادري ٻوليءَ پڙهائڻ لاءِ ذڪر ڪيل قسمن جا سمورا سبق تيار ڪرڻا آهن. موجوده نصاب ۾ جيئن ته پهرين، ٻئي ۽ ٽئين ڪلاس تائين مربوط نصاب مقرر ڪيل آهي، ان ڪري ظاهر آهي ته عنوان جي انتخاب ۽ خاڪي جي تياريءَ لاءِ تاريخ، جاگرافي، شهريت، اسلاميات ۽ اخلاقيات وغيره جا سبق ۾ موجود تصور پڙهائڻ لاءِ سرگرمين جو بندو بست پڻ ڪرڻو پوندو. (اهڙن سبقن جي اپٽار اڳتي هلي ڏار ڪبي).

**(ب) مقصد:**

استاد هڪ رهنما، شفيق مائٽ ۽ دوست واري حيثيت رکي ٿو ۽ شاگرد هڪ اهڙي مسافر وانگر هوندو آهي جنهن کي راهه جي سُڌ نه هوندي آهي. استاد اها هستي آهي، جيڪو اُهي سمورا پنڌ پيچرا ڄاڻندو آهي. هن جي اها ئي ڪوشش هوندي آهي ته سبق کي اهڙي نموني تيار ڪري ۽ پيش ڪري سگهي جيئن اهو ڀٽڪيل يا رستو ڀُلجندڙ مسافر گهٽ ۾ گهٽ مسافت سان منزل ماتي سگهي. ڇاڪاڻ ته منزل جي ڄاڻ سواءِ مسافر ڪيڏانهن منهن ڪندو يا تلاش ڪنهن جي ڪندو؟ ان ڪري منزل واضح هئڻ گهرجي. تعليمي دنيا ۾ ان منزل کي **مقصد** چئبو آهي. جنهن جو تعين ڪرڻ ضروري آهي. ٻوليءَ پڙهائڻ لاءِ هر سبق لاءِ ٻن قسمن جا مقصد اڳ رکي مواد تيار ڪيو ويندو آهي.

**(1) عام مقصد:**

هي اُهي مقصد هوندا آهن، جيڪي هر ٻوليءَ جو پڙهائيندڙ استاد آڏو رکندو آهي. مثلاً، سکندڙ جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو، تلفظ جي درست ادائگي ۽ صحت، لفظن ۽ اصطلاحن جو فهم، لفظن جو صحيح استعمال ڪرڻ يا لکڻ جا آداب وغيره سيکاريندو آهي. تقرير توڙي تحرير وسيلي مافي الضمير جي برملا اظهار جي ترتيب، خيالن جي مٽا سٽا ٻن ٻوليءَ سيکارڻ جي مقصدن ۾ شامل آهن. نظم مان لطف اندوزي، باريڪ بيني، نازڪ خيالي جذبو، تحسين سان سرشاري، عروضي اصولن جي ڄاڻ وغيره ٻن ٻولي پڙهائڻ جي مقصدن ۾ ڳڻيا ويندا آهن.

**(2) خاص مقصد:**

اهڙا مقصد جيڪي نصاب تيار ڪندڙن، ان نصاب پڙهائڻ وسيلي حاصل ڪرڻ گهربا آهن. مثلاً، اُن عنوان پڙهائڻ سان ڪهڙو قومي مقصد حاصل ٿيندو؟ ڇا ان ۾ وطن سان پيار شامل آهي؟ قومي ايڪي جو عنصر شامل اٿس؟ پورهئي جي عظمت بابت آهي يا ڪو ثقافتي ورثو منتقل پيو ٿئي، وغيره.

**(ج) مشغوليون:**

استاد پنهنجي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب طريقو ۽ مهارتون استعمال ڪندو آهي. انهن طريقن مطابق سکندڙن لاءِ انفرادي توڙي اجتماعي انداز ۾ سرگرمين کي ترتيب ڏنو ويندو آهي، جن کي موجوده وقت ۾ پڙهائڻ جي بهترين **مهارت** تصور ڪيو وڃي ٿو. يعني سکيا جي عمل ۾ شاگردن جي ڀرپور شرڪت، شاگردن جي ذهني موجودگي، دلچسپي ۽ عملي شرڪت لازمي آهن ۽ اهو ئي مقصدن حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي.

استاد شاگردن کي سکيا جي عمل ۾ ذهني ۽ جسماني طور تي ملوث ڪندو آهي. سرگرميون، مقصد ۽ ماحول توڙي وسائل کي نظر ۾ رکي مقرر ڪيون وينديون آهن ۽ انهن جو اثر ديرپا هوندو آهي. نه فقط اهترو پر مشغوليون، سکندڙن کي پر اعتماد بنائين ٿيون ۽ هنن جي فڪري ۽ تخليقي صلاحيتن کي پڻ جلا بخشين ٿيون.

**(د) امدادي/تدريسي شيون:**

سکيا جو اثرائتو عمل پنجن حواسن ذريعي حاصل ڪيل معلومات جو نالو آهي. سکيا جي عمل ۾ جيترا زياده حواس ڪتب ايندا اوترو سکيا پائيدار ۽ ڪارائتي ثابت ٿيندي. **تدريسي شيون** ان سلسلي ۾ سڪنڊز ۽ سيڪاڙيندڙ سان وڏي مدد ڪن ٿيون ۽ ذهن ۾ موجود يا پيدا ٿيندڙ ڏنڌلا تصور واضح ڪرڻ ۾ اهم ترين معاونتي ڪردار ادا ڪن ٿيون.

مثال طور، چارٽ، تصويرون، ماڊل، نقشا، جنسي شيون ۽ بيوسمعي و بصري مواد.

## 3. سبق جي رٿابنديء جو مجموعي طريقو

### (الف) آمادگي

هر سبق پڙهائڻ يا رٿابنديء لاءِ استاد جي پهرين ۽ وڏي ڪوشش اها هوندي آهي ته، هو ٻارن جي معلومات ۾ واڌارو آڻي ۽ ڪين ڪا مفيد مهارت سيکاري يا وري انهن جي دلين ۾ پسنديده جذبات پيدا ڪري. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ٻار جي ذهن ۾ ڪا نئين ڳالهه ان وقت تائين منتقل ڪري نٿي سگهجي، جيستائين هو **آماده** نٿو ٿئي. سبق پڙهائڻ کان اڳ استاد کي اهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ گهرجن. جن جي مدد سان ٻارن جي ذهن ۾ نئين موضوع لاءِ شوق پيدا ٿئي.

ان سلسلي ۾ استاد کي سکيا جي اعليٰ ترين **ڄاتل کان اڻ ڄاتل** ڏانهن هلڻ واري نفسياتي اصول کان ڪم وٺي نئين معلومات جو لاڳاپو اڳئين معلومات سان قائم ڪرڻو آهي. ان بعد تدريسي شين جي مدد سان ان جا سلسليوار مناسب سوالن پڇڻ سان پنهنجي مقصد کي واضح ڪرڻو آهي. اهڙي طريقي سان ٻارن جي اڳيئن معلومات کي نئين سبق سان ملائڻ ڪري ٻارن جو ڌيان نئين معلومات ڏانهن ڇڪجي ٿو. هو نيون ڳالهيون معلوم ڪرڻ لاءِ **آماده** ٿي وڃي ٿو جيڪو سکيا لاءِ مضبوط بنياد جو ڪم ڏئي ٿو.

### (ب) عنوان

آمادگي جي سوالن مان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ **عنوان** ڪلاس آڏو ظاهر ڪري، بورڊ تي لکي پڙهائجي.

**(ج) پيشڪش (يونٽ جو واڌارو)**

هن مرحلي ۾ هيٺيان ڏاڪا اچي وڃن ٿا:

1. استاد پاران سبق جون پڙهڻيون ۽ نون لفظن جي تشريح
2. شاگردن پاران سبق پڙهڻ ۽ غلطين جو اصلاح
3. مشغوليون
4. جائزو

**پهرين پڙهڻي:**

استاد پاران ابتدائي طور سبق جو رٿيل ٽڪرو پڙهيو ويندو آهي. ان لاءِ ته ٻار ڏيان سان ٻڌن جيئن **ٻڌڻ** جي مشق سان گڏ عبارت جو **فهم** به پيدا ٿئي ۽ تلفظ جي درستي ۽ ادائگي سکن. هيءَ پڙهڻي ابتدائي ڪلاسن ۾ ڪئي ويندي آهي.

**خاموش پڙهڻي:**

هيءَ پڙهڻي مٿين ڪلاسن ۾ ٿيندي آهي. هن جا ٻه اهم مقصد هوندا آهن: 1. تحرير کي **بامرادو پڙهي ۽ سمجهي** سگهن. 2. پڙهيل مواد کي سمجهي ان بابت **مرڪزي خيال** حاصل ڪري پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪري سگهن. اهڙي قسم جي مشق کي **مرڪزي سوال** چيو ويندو آهي. مرڪزي سوال ٻه ٽي سگهن ٿا ليڪن اُهي سوال اهڙا هجن جيڪي ان سموري تحرير جو اختصار هجن.

**نوٽ:** مرڪزي سوال خاموش پڙهڻيءَ دوران بورڊ تي لکي ان وقت ڪيا ويندا آهن جڏهن ٻار سموري عبارت پڙهي پوري ڪندا آهن.

**نوان لفظ ۽ اصطلاح سمجهائڻ:**

پهرين پڙهڻي يا خاموش پڙهڻيءَ بعد استاد سبق پڙهندو هلندو آهي ۽ جتي جتي نوان لفظ يا اصطلاح ايندا، اتي انهن لفظن يا اصطلاحن تي زور ڏئي پڙهي، بورڊ تي لکي، ٻارن کان پڙهائي ڪبن مثالن رستي تشريح يا مظاهري وسيلي مطلب ٻڌائيندو آهي. مٿين ڪلاسن ۾ ٻارن کي اهي لفظ پنهنجي جملن ۾ استعمال ڪري ڏيکارڻ لاءِ پڻ چوندو آهي.

**مثالي پڙهڻي:**

استاد پنهنجي هٿ ۾ درست انداز سان ڪتاب جهلي صحيح نموني بيهي، تلفظ جي صحت، درست لهجي ۽ بيهڪ جي نشانين کي ذهن ۾ رکندي ڪلاس آڏو سبق پڙهي ٻڌائيندو آهي.

**انفرادي پڙهڻي:**

استاد سمورن ٻارن کي سبق پڙهڻ جو موقعو فراهم ڪري سندن غلطين جو اصلاح کانئن ئي ڪرائي. جتي ضروري سمجهي ته پاڻ به اصلاح ڪري.

**مشغوليون:**

جيئن ته پهرين کان ٽئين ڪلاس تائين مربوط نصاب هيٺ درسي ڪتاب تيار ڪيل آهن جنهن ۾ حساب کي ڇڏي باقي سمورا نصابي مضمون شامل آهن ۽ اُهي مضمون پڙهائڻ واسطي وسيلو پڻ مادري زبان کي ئي ورتو ويو آهي؛ ان ڪري اهڙيون مشغوليون ترتيب ڏيڻيون آهن جن وسيلي اهي مضمون ۽ انهن سان لاڳاپيل تصور پڙهائي سگهجن.

مربوط نصاب لاءِ سبق جي خاڪي کي ذار ترتيب ڏنو ويندو. البت مرحلا جيڪي بوني‌ءِ سيکارڻ جا يا مادري زبان پڙهائڻ جا آهن سي ساڳيا ئي رهندا.

**(د) جائزو**

هن مرحلي ۾ استاد پنهنجي ذات جو ۽ شاگردن جو تجزيو ڪندو ته پيش ڪيل سبق ۾ سندس ڪاميابيءَ جي نسبت ڪهڙي رهي آهي ۽ شاگردن ڇا سکيو آهي؟ ان لاءِ هو هڪ **پيمانو** جوڙيندو جيڪو سوالن جي صورت ۾ به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن مشغوليءَ وسيلي پڻ ورتو ويندو آهي. هن مرحلي جو محور سبق جي رٿابنديءَ وقت آڏو رکيل مقصد ئي هوندا آهن.

# 4. سبقن جا مختلف خاڪا

## (1) سنڌي نظم

مضمون: سنڌي (نظم)

ڪلاس: پهريون

عنوان: گهر

تصور:

دعا

سڌو رستو

والدين (ماءُ ۽ پيءُ)

وطن

تندرستي

هنر

**مقصد:** هن نظم پڙهڻ کان پوءِ ٻار ان قابل ٿي پوندا جو هو:

1. نظم پڙهي ان مان لطف اندوز ٿيندا.
2. نظم پڙهڻ سان سندن دل ۾ زندگيءَ گذارڻ لاءِ الله تعاليٰ جي پاڪ ذات کان مدد طلب ڪندا.
3. نظم جي لفظي جوڙجڪ مان دل وندرائيندا.
4. دعا ترنم سان پڙهي سگهندا.
5. جمالياتي ذوق وارا ٿيندا.
6. پنهنجي لاءِ، والدين لاءِ ۽ وطن لاءِ دعا گهرندا.

**نوان لفظ:**

خدايا- دعا - نئين وات - اڳهو، سگهو - هنر.

**تدريسي شيون:**

1. دعا گهرندڙ ٻار جي تصوير:

2. ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت ڪندڙ ٻار جي تصوير.
3. پاڪستان جو جهنڊو جيڪو ٻار جي هٿ ۾ هجي.
4. پاڪستان جو جهنڊو (تصوير).
5. دعا جو چارٽ (نظم).

**تدريسي سرگرميون**

**سرگرمي نمبر (1):** استاد ٻارن کي دلچسپ انداز ۾ دعا بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.
- دعا الله پاڪ کان گهرجي.
- دعا ۾ الله تعاليٰ کان ئي مدد طلب ڪبي آهي.

**ڪنڊَر** - گهرو سامان جون تصويرون ۽ ماڊل، نقل نويسيءَ لاءِ ڌار ڌار لفظن جا چارٽ ۽ ڪارڊ.

**تدريسي سرگرميون**

**عنوان** (اعلان سبق) "اڄ اسان **گهر** بابت سبق پڙهنداسون."

**سرگرمي نمبر (1):** استاد هي سبق بلند آواز سان ٻارن کي پڙهي ٻڌائي ٿو.

**سرگرمي نمبر (2):** استاد آهستي آهستي بلند آواز سان سبق پڙهندو هلي ۽ نوان لفظ بورڊ تي لکي، انهن جو مطلب ٻارن کي سمجهائي ۽ جملن ۾ ڪم آڻي ٻڌائي.

**اڱڻ** = گهر جي ڪمرن آڏو کليل جاءِ يا ميدان. اسان جي گهر جو اڱڻ وڏو آهي.

**ورانڊو** = تصوير ڏيکارجي يا مشاهدو ڪرائجي.

**صاف سٿرو** = اڇو اجرو- نماز پڙهڻ لاءِ صاف سٿرا ڪپڙا پائجن.

**ڇيو مجڻ** = ڳالهه مڃڻ، چيو وٺڻ.

سنا ٻار سدائين ماءُ ۽ پيءُ جو چيو مڃيندا آهن.

**سرگرمي نمبر (3):** استاد ان نظم کي هڪ ڀيرو وري بلند آواز، درست لهجي ۽ اُچارن جي صحت سان پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ ٻارن کي ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**سرگرمي نمبر (4):** استاد ساڳيو سبق بلند آواز سان درست لهجي ۽ اچارن سان هڪ هڪ

جملو ڌار ڌار ڪري پڙهندو هلي ٿو ۽ ٻارن کي پاڻ سان گڏ پڙهڻ لاءِ چوي ٿو.

**سرگرمي نمبر (5):** ٻارن کان ڌار ڌار سبق پڙهايو وڃي ۽ انهن جي اچارن جون غلطيون به انهن کان ئي درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري.

**سرگرمي نمبر (6):** نوان لفظ بورڊ تي لکي ٻارن کي سنڌن ڪاپين تي اتارڻ لاءِ چيو وڃي.

**سرگرمي نمبر (7):** ٻارن کان مقامي طور ميسر شين مان تصويرون ۽ ماڊل ٺهرايا وڃن.

**سرگرمي نمبر (8):** ٻارن کان ڏنل شين جا خاڪا تيار ڪرائي انهن ۾ رنگ ڀرايا وڃن.

**سرگرمي نمبر (9):** ٻارن کان اسڪول جي احاطي ۾ وڻ پوکايا وڃن.

# (مربوط نصاب پٽاندڙ)

**(2) سنڌي نثر**

مضمون: سنڌي نثر

ڪلاس: پهريون

عنوان: گهر

1. تصور: گهر
2. گهر ٻاني
3. گڏجي رهڻ
4. روشن گهر
5. هوا دار گهر
6. ٻوٽا (وڻ)
7. جانور
8. صفائي
9. ڇيو مڇڻ
10. پيار ڪرڻ

**مقصد:**

هن سبق جي پڄاڻيءَ تي ٻار اُن قابل ٿي ويندا جو هو:

1. هي سبق روانيءَ سان پڙهي ويندا.
2. نوان لفظ درست نموني اُچاري ۽ لکي سگهندا.
3. نوان لفظ پنهنجي جملن ۾ استعمال ڪري سگهندا.
4. گهر جي بناوت بيان ڪري سگهندا.
5. گهر ۾ هوا ۽ روشنيءَ جي اهميت بيان ڪري سگهندا.

6. گهر ۾ ٻوٽن (وڻن) جي ضرورت بيان ڪري سگهندا.
7. گهر ۾ گنجائش مطابق ٻوٽا پوکيندا.
8. گهرو جانورن جا نالا ۽ انهن جا فائدا بيان ڪري سگهندا.
9. گهر کي صاف سٿرو رکندا.
10. ماءُ ۽ پيءُ جوچيو مڃيندا ۽ انهن سان پيار ڪندا.
11. گهر جو ماڊل پاڻي، مٽيءَ ۽ ڪاٺ مان ٺاهي سگهندا.

**نوان لفظ:** (لفظن جو ذخيرو)

اڱڻ، واراندو، صاف سٿرو، چيومڃڻ، صفائي، وهنجڻ.

**تدريسي شيون:**

مٽي، پاٽي، تيلين مان ٺهيل گهرن جا نمونا، گهر جي ڌار ڌار حصن جون تصويرون، ڳوهيل مٽي، ڪک، ڪانا، ماچس، يا خالي ڪوکا.

**جائزو:**

(1) استاد پاران ٻارن کان ڪتاب ۾ ڏنل مشقون پوريون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

(2) هيٺين سوالن جا جواب طلب ڪيا وڃن:

(i) گهر ۾ ڪير گڏجي رهندا آهن؟
(ii) هڪ گهر ۾ گڏ رهندڙ ماڻهن کي ڇا چئبو آهي؟
(iii) گهر ٻاتين کي هڪ ٻئي سان ڪهڙي نموني رهڻ گهرجي؟
(iv) گهر جي جاءِ ۾ ڪهڙيون شيون هجن؟
(v) گهر ۾ روشندان ڪهڙي سبب رکيا ويندا آهن؟
(vi) گهر ۾ هوا ۽ روشنيءَ لاءِ ڪهڙو بندوبست رکيو ويندو آهي؟
(vii) گهر ۾ وڻ ڇو پوکبا آهن؟
(viii) ڪن پنجن گهرو جانورن جا نالا ٻڌايو.

(ix) ڪن ٻه ٽن گهرو جانورن جا نالا لکي ڏيکاريو.

(x) ڪڪڙ جو خاڪو ناهي، اُن ۾ ڪارو رنگ ڀريو!

3- هيٺيان جملا لکي ڏيکاريو:

(i) گهر ۾ پيار ۽ محبت سان رهڻ گهرجي.

(ii) ماءُ ۽ پيءُ سان پيار ڪجي.

(iii) ٻڪري کير ڏئي ٿي.

هيٺيان جملا پڙهي ٻڌايو:

(i) گهر ۾ هوا ۽ روشنيءَ لاءِ دريون ۽ روشن دان هئڻ گهرجن.

(ii) گهر جو گند ڪچرو گهٽيءَ ۾ پاسي سان ڦٽو ڪرڻ گهرجي.

(iii) گهر ڀاتين ۾ ماءُ ۽ پيءُ، ڀاءُ ۽ ڀيڻ اچي وڃن ٿا.

# سبق جو خاڪو

**(3) سنڌي نثر (مضمون)**

نالو شاگرد جو پورو: ..........................................

رول نمبر: ..........................................................

ڪم (مضمون): سنڌي نثر

ڪلاس: چوٿون ،

اسڪول جو نالو:

سبق جو عنوان: "بهادري"

تاريخ: ..................

ٻارن جي ڳڻپ: +8

ٻارن جي اڳوڻي معلومات: ٻار اڳئين ڪلاس کان علاوه روزمره جي زندگيءَ ۾ بهادري ۽ احسان جون ڳالهيون ٻڌندا رهندا آهن.

**ٽيڪنيڪ:**

(مهارتون) تدريسي طريقا جيڪي ڪتب آڻجن:

بياني طريقو، سوال جواب واري ٽيڪنيڪ، تصورات- جنگ، دشمن، احسان وغيره.

**تدريسي شيون:**

تدريسي ڪتاب جو استعمال، بيت المقدس جي تصوير، صلاح الدين جي تصوير، نقشو ۽ استعمالي چارٽ وغيره.

**مقصد:**

**(الف) عام مقصد:** ٻوليءَ جو واڌارو، لفظن، اصطلاحن جو فهم ۽ درست استعمال.

**(ب) خاص مقصد:** دشمن سان سنو سلوڪ ڪرڻ وڏي ۾ وڏي بهادري آهي.

**آمادگي:**

استاد ٻارن کي نئين سبق سکڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي ٻارن جي اڳوڻي معلومات مان ڪجهه سوال ڪري نئين سبق سکڻ لاءِ چارٽن ۽ تصويرن وسيلي آماده ڪري ٿو.

1- هيءَ تصوير ڪهڙي ماڻهوءَ جي آهي؟

2- ميجر عزيز ڀٽيءَ کي ڪهڙو فوجي اعزاز ڏنو ويو؟

3- **نشان حيدر** ميجر عزيز ڀٽيءَ کي ڪهڙي سبب ڏنو ويو؟

4- ميجر عزيز ڀٽي 1965ع واريءَ لڙائيءَ ۾ ڪهڙيءَ ريت وڙهيو؟

**عنوان:** "بهادري"

چڱو ٻارو! اسين بهادريءَ بابت هڪ سبق پڙهنداسين.

**يونٽ جو واڌارو:**

**ڀرپور پڙهڻي:** استاد سبق جو رٿيل ٽڪرو شاگردن آڏو پڙهي ٿو ۽ شاگردن کي غور سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو ۽ جتي ضرورت پوي ٿي اتي چارٽن ۽ تصويرن کان پڻ مدد وٺي ٿو.

**ٻي پڙهڻي:** استاد سبق جو رٿيل ٽڪرو ٻيهر پڙهي ٿو ۽ جتي نوان لفظ اچن ٿا، اتي اهي لفظ زور سان ورجائي بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو ۽ سادن مثالن وسيلي انهن لفظن جي تشريح ڪري ٿو.

نامور= نالي وارو.

عمران خان ڪرڪيٽ جو **نامور** رانديگر آهي.

فاتح = فتح ڪندڙ.

سنڌ جي **فاتح** عرب سردار جو نالو محمد بن قاسم هو.

فاتح **لفظ** جي معنيٰ ڇا آهي؟

**مثالي پڙهڻي:** استاد سبق جو رٿيل ٽڪرو درست انداز ۾ بيهڪ جي نشانين کي خيال ۾ رکي، صحيح تلفظ ۽ ادائگيءَ سان پڙهي ٿو ۽ ٻارن کي ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**انفرادي پڙهڻي:** استاد سبق جو ٽڪرو جدا جدا ٻارن کان پڙهائي ٿو ۽ سندن ڪيل غلطيون ڪاڻڻ ني درست ڪرائي ٿو.

**جائزو:**

استاد شاگردن کي پڙهايل سبق مان چند مشقون ڏئي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سندس پڙهائي ڪيتري قدر مؤثر ثابت ٿي.

**مشق نمبر 1.** هيٺيون جايون پُر ڪريو:

(1) سلطان صلاح الدين........ بادشاه کي گهوڙو موڪليو.

(2) رچرڊ کي بيماري جي حالت ۾.......... سلطان مدد ڪئي.

**مشق نمبر 2:** هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(1) رچرڊ تي سلطان جي سهڻي سلوڪ ڪهڙو اثر ڪيو؟

(2) هن سبق مان اسان ڇا پرايو؟

## عملي ڪم/گهرو ڪم

استاد ٻارن ۾ پاڻ مرادو ڪم ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ لاءِ کين **اسم** جي **اوگڻ** ڏيکارڻ وارا پنج لفظ، پنهنجي ڪاپيءَ تي لکي ڏيکارڻ لاءِ چوي ٿو.

# سبق جو خاڪو

**(4) سنڌي نظم**

نالو شاگرد جو: ..............................................

رول نمبر: ..............................................

مضمون: سنڌي (نظم)

ڪلاس: چوٿون

سبق جو نمبر: ..................

تاريخ: ........................

اسڪول جو نالو: ..............................................

سبق جو عنوان: "ٻين سان ڀلائي ڪرڻ"

ٻارن جي ڄمار: +8

**ٻارن جي اڳوڻي معلومات:**

ٻارن کي اڳين ڪلاسن ۾ سٺين عادتن ۽ لڇڻن جي ڄاڻ ڏنل آهي.

**تدريسي طريقا ۽ مهارتون:** راند رچنا وارو طريقو،
تمثيل ڪاريءَ وارو مظاهراتي طريقو، مشاهداتي طريقو،
سوال جواب ۽ مهارتون.

**مقصد خاص:** انسانن ۾ مهر ۽ ڀلائي، ڏک ۽ سک جا احساس سجاڻڻ.

**مقصد عام:** نظم مان **لطف اندوز** ٿيڻ، **ذوق جماليت** ۽ **ميٺا** جهڙا **گڻ** پيدا ڪرڻ ۽ شعر و شاعريءَ لاءِ **چاهه** پيدا ڪرڻ.

**تدريسي شيون:**

چارٽ، تصويرون، ٽيپ رڪارڊر، چاڪ ۽ ڊسٽر وغيره.

**آمادگي:**

استاد سبق کي دلچسپ بنائڻ ۽ ٻارن کي نئين سبق سکڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ٽيپ ٽيل ڪهاڻي ٻڌائي ٿو ۽ ضرورت وقت تصويرون ڏيکاريندو هلي ٿو. ڪهاڻي ٻڌائڻ کان پوءِ ان تي سوال ڪري عنوان تي اچي ٿو.

**آگاهي:**

آچر ۽ ڪرڙ جيئن ئي اسڪول کان موٽڻ کان پوءِ گهر وڃڻ لاءِ خوشيءِ ۾ ڊوڙندا ڊوڙندا گهر پئي ويا ته ماڻهن جو هڪ ميڙ ڏٺائون. ڊوڙي اتي پهتا. ڏٺائون ته هڪڙو پوڙهو ماڻهو ڪيلي جي کل تان ترڪي ڪري پون سبب ٽنگ کان منڊو ٿي پيو هو ۽ سندس گوڏن ۾ نونئين مان رت وهي رهيو هو. آچر ۽ ڪرڙ ماڻهن کي پري ڪري هن ويچاري ڏکوئل پوڙهي کي اسپتال پهچائي، سندس ملم پٽي ڪرائي. پوڙهي سندن ٿورا مڃيندي کين نصيحت ڪئي ته "پٽ جيڪو ٻين سان ڀلائي ڪندو، الله سائين ان کي ان جا ڀاڙا ڏيندو."

1. آچر ۽ ڪرڙ گهر ڏانهن ويندي ڇا ڏٺو؟
2. آچر ۽ ڪرڙ پوڙهي کي ڪيڏانهن وٺي ويا؟
3. پوڙهي آچر ۽ ڪرڙ کي ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

"چڱو ٻارو! اڄ اسين **'ٻين سان ڀلائي ڪرڻ'** نظم پڙهنداسين."

**نظم جي سُر ۾ پڙهڻي:**

استاد سٺي سُرَ ۾ ٽيپ ٽيل نظم ٻارن کي ٻڌائي ٿو. جيئن ٻار نظم مان لطف اندوز ٿين.

**نظم جي ڀرپور پڙهڻي:**

استاد وڻندڙ لهجي ۾ درست اچارن سان ٻارن آڏو نظم پڙهي ٿو.

**ٻي پڙهڻي:**

استاد ٻيو دفعو نظم پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ نوان لفظ بورڊ تي لکي، انهن جو معنائون بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

**نوان لفظ:**

جڳ = جهان

آذار = ٽيڪ

مهر = ٻاجهه، ڪهل

مايا = دولت، ملڪيت

**مثالي پڙهڻي:**

استاد قافيي ۽ رديف کي نظر ۾ رکندي درست لهجي ۾ نظم پڙهي ٿو.

**اجتماعي پڙهڻي:**

استاد سڄي ڪلاس سان گڏ ڪورس جي انداز ۾ نظم پڙهي ٿو.

**انفرادي پڙهڻي:**

استاد نظم جو ٽڪرو ڌار ڌار ٻارن کان پڙهائي ٿو، سندس ڪيل غلطين کي سندن ئي مدد سان درست ڪرائي ٿو ۽ نه اچڻ جي صورت ۾ پاڻ درست ڪري ٿو.

**پسنديدگي:**

انفرادي پڙهڻي کان پوءِ استاد هيٺيان سوال ڪري ٿو:

1. شاعر هن نظم ۾ ڪهڙي وڻندڙ ڳالهه ڪئي آهي؟
2. توهان سبق مان ڇا پرايو؟

## عملي ڪم / گهرو ڪم

استاد پڙهايل نظم مان چوند لفظن جا هم - آواز لفظ يا قافيہ لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

ڪائي - چڱائي - ڪم - شاهوڪار.

# سبق جو خاڪو

**(5) مضمون نويسي (خط و ڪتاب)**

نالو شاگرد جو: ..............................................................

رول نمبر: ..............................................................

مضمون: مضمون نويسي (خط و ڪتابت)

ڪلاس: پنجون

تاريخ: ..................

اسڪول جو نالو ..............................................................

**سبق جو عنوان:** 'ياءُ ڏانهن خط'

ٻارن جي ڄمار: +9

**ٻارن جي اڳوڻي معلومات:**

چوٿين ڪلاس ۾ ننڍا ننڍا خط لکڻ سکيا آهن.

**تدريسي طريقاءِ مهارتون:**

انڪشافي طريقو، بياني طريقو، سوالن جوابن واري مهارت.

**تصور:**

حال احوال جي ڏي وٺ.

**مقصد عام:**

ٻارن کي پنهنجي خيالن کي تحريري روپ ظاهر ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ.

**مقصد خاص:**

حال احوال ڏيڻ جي قابليت وڌائڻ ۽ لکڻ جي مشق پيدا ڪرڻ.

**تدريسي شيون:**

لفافا، پوسٽ جي دٻي جو ماڊل، ٽپاليءَ جو تصوير.

**آمادگي:**

استاد ٻارن کي نئين سبق سيکارڻ جي لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ دلچسپ سوال ڪري مقصد تي آڻي ٿو.

1. تنهنجو وڏو ڀاءُ ڇا ڪندو آهي؟
2. تنهنجو وڏو ڀاءُ ڪهڙي شهر ۾ رهندو آهي؟
3. ان کي حال احوال ڏيڻو هجي ته تون ڇا ڪندين؟

**عنوان:** ڀاءُ ڏانهن خط

"چڱو ٻارو! اڄ توهان کي ڀاءُ ڏانهن **خط** لکڻ جو نمونو سيکاريندا سين."

يونٽ جو واڌارو:

استاد هڪ پنو ڪٽي ٻارن کي سمجهائي ڏيندي، خط جو نمونو بورڊ تي لکي ٿو ۽ ڪاغذ تي مظاهراتي انداز ۾ سيکاري ٿو.

**(الف) هنڌ ۽ تاريخ:**

جنهن ڳوٺ يا شهر مان خط لکجي، ان جو نالو خط جي ساڄي ڪنڊ تي مٿان لکجي ۽ ان جي هيٺان ان ڏينهن جي تاريخ، مهينو ۽ سال لکجي. پوءِ استاد سيکاريل ڳالهيون سوالن رستي بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

1. شهر جو نالو خط ۾ ڪٿي لکجي؟
2. شهر جي نالي کان پوءِ ڇا لکڻ گهرجي؟

3. اوهان جي پاءُ کي ڪيئن خبر پوي ته اوهان خط ڪٿان لکيو آهي؟
4. اهو بورڊ تي ڪير لڳائيندو؟
5. اهو بورڊ تان ڪري پڙهي ٻڌائيندو؟

**(ب) عبارت:**

پيارا ڀاءُ سدا سلامت هجو!

استاد ٻارن کي عبارت ٻڌائي ان تي ڪجهه سوال پڇي مليل جواب بورڊ تي لکي ٿو ۽ ٻارن کان پڙهائي ٿو.

1. توهين جيڪڏهن وڏي ڀاءُ سان روبرو ڳالهايو ته ڪيس ڪيئن ڳالهائيندا؟ (پيارا ڀاءُ)
2. ٻاهر رهڻ واري ڀاءُ کي ڪهڙي دعا ڪندا؟ (سدا خوش هجين)
3. بورڊ تان ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟

**(ج) شروعات:**

استاد ٻارن کي خط جي شروعات ڪرڻ وارا جملا ٻڌائي، ان تي سوال پڇي، مليل جواب بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

1. پهرئين ڪنهن ماڻهو سان ملبو آهي ته ان کي ڇا چئبو آهي؟ (اسلام عليڪم)
2. سلام چوڻ کان پوءِ ڇا ڪبو آهي؟
3. خيريت جو احوال ڪيئن ونبو آهي؟
4. پنهنجي سک سلامتيءَ جو احوال ڪيئن ونبو آهي؟
5. هاڻي اهو خط ۾ ڪيئن لکجي؟

**(د) احوال:**

هن سال آءُ پنجين ڪلاس ۾ پهريون نمبر پاس ٿيو آهيان. منهنجو استاد ڏاڍو خوش ٿيو آهي. پڪ سان توهان کي به پڙهي ڏاڍي خوشي ٿيندي. توهان ڳوٺ اچو ته منهنجي لاءِ سٺي پين ۽ ڇهين ڪلاس جو ڪتاب وٺي ايندا.

استاد مٿي ٻڌايل احوال تي ٿورا سوال ڪري، ٻارن جي مليل جوابن

کي بورڊ تي لکي ڪانئن پڙهائي ٿو:

1. پنهنجي ڀاءُ کي ڪهڙي خبرچار لکندا؟
2. پنهنجي ڀاءُ کي ڪهڙيون شيون آڻڻ لاءِ لکندا؟
3. اهو بورڊ تي ڪير لکائيندو؟

**(هه) پڇاڙي:**

چڱو ڀاءُ خدا حافظ! سلام مڙني گهر وارن جا رسن.

استاد خط جي پڇاڙيءَ وارا جملا ناهيندي ٻارن کان سوال پڇي بورڊ تي لکائڻ لاءِ چوي ٿو.

1. خط جي پڇاڙيءَ ۾ ڇا لکبو؟
2. پنهنجو نالو ڪيئن آڻجي؟
3. اهي ڳالهيون بورڊ تي ڪير لکائيندو؟

**جائزو:**

استاد پنهنجي ڪرايل ڪم جي جائزي وٺڻ خاطر ٻارن کان هيٺيان سوال پڇي ٿو:

1. خط لکڻ لاءِ پهريائين ڇا ڪبو؟
2. هنڌ ۽ تاريخ ڪٿي لکجي؟
3. خط جي عبارت ڪيئن لکجي؟
4. خط جي شروعات ڪيئن لکجي؟
5. شروعات کان پوءِ ڇا لکجي؟
6. خط جي پڇاڙي ڪيئن ڪجي؟
7. پنهنجو نالو ڪيئن لکجي؟

**گهرو ڪم:**

استاد ٻارن کي گهران ٻيءَ ڏانهن خط لکڻ لاءِ چوي ٿو.

# سبق جو خاڪو

**(6) مضمون نويسي (جانور تي مضمون)**

نالو شاگرد جو: ..........................................................

رول نمبر: ..................................................................

مضمون: مضمون نويسي

ڪلاس: چوٿون

تاريخ: ....................

**سبق جو عنوان:** 'ٻڪريءَ' تي مضمون

ٻارن جي ڳڻپ: +8

**ٻارن جي اڳوڻي معلومات:**

ٻارن کي اڳين ڪلاسن ۾ ننڍڙا فقرا لکڻ سيکاريا ويا آهن.

**تدريسي طريقا:**

مشاهداتي طريقو، سوال جواب، مظاهراتي طريقو.

**تصورات:**

جانور، چارو، پيداوار وغيره.

**مقصد خاص:**

گهرو جانورن تي **مضمون لکڻ** جي سکيا ڏيڻ.

**مقصد عام:**

ٻارن کي مضمون لکڻ جي ابتدائي تربيت ڏيڻ.

**تدريسي شيون:**

جانورن جا چارٽ، ٻڪريءَ جي تصوير ۽ گهرن ۾ جانورن جي رهڻ جي جاءِ.

## آمادگي:

استاد ٻارن کي ٿورن جانورن ۽ وٽن جون تصويرون ڏيکاري، انهن تي سوال ڪري، مضمون لکڻ لاءِ آماده ڪري ٿو.

1. هن چارٽ ۾ ڪهڙن پکين جون تصويرون آهن؟
2. هن تصوير ۾ ڪهڙن جانورن جون تصويرون آهن؟

**عنوان:**

"چڱو ٻارو! اڄ اسين **ٻڪريءَ** تي مضمون لکڻ سکنداسين."

**يونٽ جو واڌارو:**

استاد ٻڪريءَ جي تصوير ڏيکاري ان جي بناوت بابت چند سوال ڪري ٿو ۽ مليل جواب ترتيب سان بورڊ تي لکي ٿو.

**بناوت:**

ٻڪري هڪڙو پالتو، کير ڏيڻ وارو جانور آهي. ان کي چار ٽنگون، ٻه ڪن، ٻه سڱَ، ٻه چمڪدار اکيون ٿين ٿيون. ان جي سڄي بدن تي وار ٿين ٿا.

**سوال:**

(1) ٻڪري ڪهڙي قسم جو جانور آهي؟
(2) ٻڪري کي ڪيتريون ٽنگون ٿين ٿيون؟
(3) ٻڪريءَ کي ڪن ڪيترا آهن؟
(4) ٻڪريءَ کي اکيون ڪيتريون آهن؟
(5) ٻڪريءَ کي ٿڻ ڪيترا آهن؟
(6) ٻڪريءَ کي سڱَ ڪيترا آهن؟
(7) ٻڪريءَ جي جسم تي ڇا ٿيندا آهن؟

**رنگ ۽ قسم:**

ٻڪريون ڪيترين ئي قسم جون ٿين ٿيون، مثلا ٻربون، ڪاموريون، ڪاڇڻيون، ونگانڻيون، ٿپريون، جابلو وغيره. ٻڪريون رنگ جون ڪاريون، اڇيون، ڪاموريون، وغيره ٿين ٿيون. ٻڪريون اڪثر ڪري گهرن يا واڙهن ۾ رهنديون آهن.

1- ٻڪريون ڪهڙي قسمن جون ٿين ٿيون؟
2- ٻڪريون ڪهڙن رنگن جون ٿين ٿيون؟

**ڪاڌو خوراڪ:**

ٻڪريون گهڻو ڪري وڻن جا پن ۽ گاهه کائينديون آهن، خاص ڪري لوسڻ ۽ برسينگ سندس پسنديده ڪاڌو آهي. ڏارو ۽ ڪڪڙا پڻ ٻڪرين جي ڪاڌي ۾ شامل آهن.

1- ٻڪريون ڪهڙيون شيون کائينديون آهن؟
2- ٻڪرين جو پسنديده گاهه ڪهڙو آهي؟

**فائدا:**

ٻڪرين جو کير تمام سنو ٿئي ٿو. ان جو گوشت تمام لذيذ ۽ وٽندڙ آهي. انهن جي وارن مان فراسيون تمام سٺيون ٺهنديون آهن. هي ڦر پڻ ڏين. انهن جي نر ڦرن کي **"ڇيلا"** مادين کي **"ڇيليون"**، ڇنبو آهي. ٻڪرين جو ياڻ فصلن واسطي تمام ڀلو آهي.

1- ٻڪرين جون ٻيون ڪهڙيون شيون ڪم اچن ٿيون؟
2- ٻڪرين جي وارن مان ڇا ٺهندو آهي؟
3- ٻڪرين جي ڦرن کي ڇا سڏبو آهي؟

**جائزو:**

استاد ڪرايل ڪم جي جائزي وٺڻ خاطر ٻارن ڇا سکيو، ڪين، **اُن** تي مضمون لکڻ لاءِ چوي ٿو.

**گهرو ڪم:**

استاد ٻارن کي گهران **"ٻڪري"** تي مضمون ڪاپين تي چڱي طرح لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

# سبق جو خاڪو

**(7) سنڌي نثر**

زير تربيت استاد جو نالو: ..............................................

رول نمبر: ....................

ڪلاس: ....................

مضمون: سنڌي نثر

اسڪول: ................................................................

پيريڊ: ....................

تاريخ: ....................

ڪل وقت: ........

عنوان: **ٽيليويزن**

**اڳين معلومات:**

ٻارن هيٺين ڪلاسن ۾ لکڻ پڙهڻ سکيو آهي ۽ ماحول ۾ موجوده شيون سندس مشاهدي ۾ آهن.

**تصور:**

* آواز جي رسائي.
* آواز جي سفر سان انساني صورت جو سفر.
* مشين جيڪا آواز سان گڏ صورت به ڏيکاري.
* رنگين تصوير جو نظر اچڻ.
* وندر طور ٽيليويزن جو استعمال.

## پڙهائڻ جا مقصد:

هن سبق جي پڄاڻي تي ٻار:
(i) سبق رواني، سان پڙهي سگهندا.
(ii) سبق سڻي اکرن ۾ لکي سگهندا.
(iii) نوان لفظ درست اُچاري سگهندا.
(iv) سبق ۾ ڏنل مواد بابت پڇيل سوالن جا جواب ڏئي سگهندا.
(v) ٽيليويزن جي فائدن بابت ٻڌائي سگهندا.
(vi) ٽيليويزن جي معلوماتي ۽ تشريحي پروگرام مان ڄاڻ حاصل ڪندا ۽ دل وندرائيندا.
(vii) ٽيليويزن جهڙن ٻين سمعي و بصري آلات مان فائدو وٺندا.

## امدادي شيون:

* ٽيليويزن جو ماڊل
* ٽيليويزن جي تصوير
* ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر، وي سي آر ۽ وي ٽي آر جا ماڊل ۽ تصويرون.
* نون لفظن جو چارٽ
* معروضي آزمائش وارو چارٽ
* درسي ڪتاب، چاڪ، ڊسٽر وغيره.

## پڙهائڻ جا طريقا:

* مشغولين وارو طريقو
* بياني طريقو
* سوالن جوابن واري مهارت
* **ڄاتل کان اڻ** ڄاتل طرف هلڻ وارو انداز

## ذهني آمادگي:

استاد ٻارن جي اڳوڻي ڄاڻ کي نظر ۾ رکي هيٺيان سوال ڪري کين نئين سبق سکڻ لاءِ آماده ڪري ٿو:

(1) هي منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟
(2) اخبار مان اسان کي ڪهڙي ڄاڻ ملندي آهي؟
(3) ٻيون ڪهڙيون شيون آهن جيڪي خبرون پهچائينديون آهن؟
(4) هي منهنجي هٿ ۾ ڪهڙي شيءِ جو ماڊل آهي؟

**اعلان سبق:**

"چڱو ٻارو! اڄ اسين **ٽيليويزن** بابت پڙهنداسون."

**يونٽ جو واڌارو:**

استاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجي ڪتاب مان پنهنجو سبق ڳولين.

**پهرين پڙهڻي:**

استاد ٻارن آڏو سبق جو رٽيل تذڪرو موزون انداز ۾ پڙهي ٻڌائيندو ۽ ٻارن کي غور سان ٻڌڻ لاءِ هدايت ڪندو.

**ٻي پڙهڻي:**

استاد سبق پڙهندو، جتي نئون لفظ ايندو ان جو اچار ڪري بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائيندو. پوءِ مثالن يا وضاحت ڪري سمجهاڻي يا معنيٰ بورڊ تي لکي پڙهائيندو ۽ ڪاپين ۾ لکرائيندو.

**نوان لفظ ۽ سمجهاڻي:**

| لفظ | معنيٰ | سمجهاڻي |
|---|---|---|
| اک ڇنڀ | ٻنا دير | هوائي جهاز ايترو ته تکو آهي جو **اک ڇنڀ** ۾ نگاهه کان گم ٿيو وڃي. |
| پيغام | نياپو | افضل کي **پيغام** مليو ته نئين سال جا ڪتاب ڪٺي وڃ! |
| قاصد | نياپو رسائيندڙ | خط به هڪ قسم جو نياپو آهي ۽ ٽپالي **قاصد**. |
| پچار | ڳالهه ٻولهه | اڄ استادن وٽ 9 تاريخ کان شروع ٿيندڙ امتحان جي **پچار** هئي. |

**مثالي پڙهڻي:**

استاد سبق کي صحيح اچارن، بيهڪ جي نشانين ۽ آواز سان پڙهندو.

**انفرادي پڙهڻي:**

استاد انفرادي طور تي ٻارن کان سبق پڙهائيندو. سندن غلطيون ڪانئن ئي درست ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ نه اچڻ جي حالت ۾ خود اصلاح ڪندو.

**جائزو:**

استاد پنهنجي پڙهايل سبق جي جائزي وٺڻ خاطر هيٺيان سوال ڪندو:

1. خبرون ڪهڙن وسيلن سان حاصل ٿينديون آهن؟
2. ريڊيو ۽ ٽي. وي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
3. ٽي. وي مان ڪهڙا فائدا آهن؟
4. ٽي. وي جا ڪيترا قسم آهن؟

**هيٺيان لفظ سڻن اکرن ۾ لکي ڏيکاريو:**

عجب- هوبهو - تصويرون - قائم - ٽيليويزن

**گهرو ڪم:**

استاد ٻارن ۾ پنهنجي منهن ڪم ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ واسطي **ٽيليويزن جي فائدن** بابت پنهنجي لفظن ۾ پنج سٽون لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

**سپر وائيزر جي لاءِ هدايتن جو تت:**

(1) ليسن جي تياري
(2) مواد ۽ ان جي پيشڪش
(3) تدريسي شيون ۽ ان جي تياري
(4) سوالن جي نوعيت ۽ پڇڻ جو انداز
(5) استاد جي سرگرمي
(6) شاگردن جون سرگرميون(انفراديااجتماعي)
(7) ڪلاس جو نظم و ضبط
(8) جائزو ۽ ان جو طريقي ڪار
(9) استاد جي شخصيت
(10) سبق جو مجموعي تاثر

# يونٽ - 11

# تدريسي فني مهارتن جي
# ارتقاء جو جائزو

***(Evaluation of Teaching Skills Development)***

**ليکڪ**

ڊاڪٽر خليل احمد ڪورائي

# فهرست


تعارف 228

مقصد 228

**1. تدريسي فني مهارتون** 229

(1) بورڊ جو استعمال

(2) موضوع (عنوان) کي وضاحت سان بيان ڪرڻ

(3) مثالن کي عمدگيءَ سان پيش ڪرڻ

(4) سوالن ۽ جوابن واري مهارت

(5) بامقصد مشق

(6) گروهي بحث

(7) تمثيل ڪاري

(8) آڪاٽي بڻائڻ

(9) تعليمي سير

**2. جائزي جو مفهوم** 233

(الف) جائزي جا مقصد

(ب) جائزي جا اصول

**3. 'تدريسي فني مهارتن جي ارتقاء' جي جائزي وٺڻ جا ڪجهه مکيه طريقا** 236

(1) مثالي سبق

(2) عملي مشق جي تدريس

(3) مشاهدو

(4) ساليانه سبق

# يونٽ جو تعارف

## تعارف

هن يونٽ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: (1) پهرين حصي ۾ "**مهارت**" ڇا آهي؟ ۽ تدريس جون ڪجهه مهارتون، (2) ٻئي حصي ۾ "**جائزو**" ڇا آهي؟ ۽ زير تربيت استادن جي تربيت جو آخر ۾ جائزو وٺڻ، ته جيئن انهن جيڪا نظري ۽ پيشه ورانه تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي آهي انهن جي اثرن ۽ نتيجن جي خبر پوي، ۽ (3) ٽئين حصي ۾ فني مهارتن ۽ مثالي سبق، تدريس جي عملي مشق، مشاهدو، ۽ ساليانه سبقن متعلق بيان آهي.

## مقصد

هن يونٽ کي پڙهڻ کان پوءِ زير تربيت استاد اِن لائق ٿيندا ته:

1- تدريس جون مهارتون بيان ڪري، انهن کي تدريس جي عملي مشق ۾ استعمال ڪري سگهن.

2- "جائزي" جو مفهوم ۽ ان جي اهميت بيان ڪري سگهن.

3- تدريس جي "عملي مشق" جو جائزو وٺي سگهن ته ڪين تدريس تي ڪيتري قدر عبور حاصل ٿيو آهي؟ عملي مشق جي ذريعي سبق جي خامين ۽ خوبين کي بيان ۽ انهن جي نشان دهي ڪري سگهن. خامين کي دور ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ اُپاءَ وٺي سگهن ۽ بهتر طريقن جو انتخاب ڪري سگهن.

4- سبق جي منصوبه بندي جا اهم مرحلا بيان ڪري سگهن.

5- تدريس جي دوران نظم و ضبط قائم رکڻ لاءِ سبق کي دلچسپ ۽ مؤثر بنائي سگهن.

6- هو پنهنجي تجربن جي مدد سان ٻارن جي شخصي ۽ اجتماعي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهن.

7- هو نظري ۽ پيشه ورانه تعليم کان واقف ٿي سگهن.

8- مقامي طور تي موجود سامان ۽ تدريسي معلومات جو استعمال ڪري سگهن.

# 1. تدريسي فني مهارتون (Teaching Skills)

درس و تدريس جو عمل انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان افضل عمل آهي، ان ۾ **مهارت** رکندڙ ئي ڪامياب درس و تدريس جو عمل ڪاميابيءَ سان ڪري سگهي ٿو. "**مهارت**" (Skill) مان مراد "غير شعوري عادت" آهي، يعني ڪنهن بہ ڪم ۾ عبور حاصل هجي يا ائين ڪٿي چئجي تہ ان ڪم تي مڪمل دسترس حاصل هجي. هر هڪ استاد لاءِ ضروري آهي تہ درس و تدريس ۾ **مهارت** حاصل ڪري. استاد اهو قابل احترام آهي، جنهن کي درس و تدريس جي پوري مهارت حاصل هجي. ڪامياب زندگي گذارڻ جو دارومدار بہ علم حاصل ڪرڻ تي آهي ۽ جيڪو علم سيکاري ان جي ڪاميابيءَ جو دارومدار وري درس وتدريس جي **مهارت** حاصل ڪرڻ ۾ آهي. معلوم هئڻ گهرجي تہ درس وتدريس جي مهارت ڪنهن بہ استاد کي ورثي ۾ نہ ملندي آهي، پر ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي، جنهن کي اسين **درس وتدريس جون فني مهارتون** (Teaching Skills) چئون ٿا. ڪي مهارتون آهن، جن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

1- بورڊ جو صحيح استعمال.
2- موضوع (عنوان) کي وضاحت سان بيان ڪرڻ.
3- مثالن کي عمدگيءَ سان پيش ڪرڻ.
4- سوالن جوابن واري مهارت.
5- با مقصد مشق.
6- گروهي بحث.
7- تمثيل ڪاري.
8- آڪاٽي ٻڌائڻ.
9- تعليمي سير وغيره.

مٿي ذڪر ڪيل ٽيڪنيڪس ئي سکيا جي فني مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. جيڪڏهن انهن ٽيڪنيڪس/مهارتن تي باقاعده عمل ڪيو وڃي تہ درس وتدريس جو عمل ڪامياب ٿيندو. يعني استاد درس وتدريس واري عمل ۾ مهارت حاصل ڪري مؤثر سکيا ڏئي سگهي ٿو.

### (1) بورڊ جو استعمال (Use of Black Board)

سڀ کان پهريائين استاد لاءِ بورڊ جو استعمال آهي. جيڪڏهن ٿوري محنت ۽ مهارت سان ڪم ورتو وڃي ته چاڪ بورڊ استاد کي پڙهائڻ ۾ گهڻي مدد ڏيئي سگهي ٿو. سبق جون خاص خاص ڳالهيون بورڊ جي مدد سان ٻارن تائين پهچايون وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ ته سکڻ ۽ سيکارڻ جو عمل اجتماعي آهي، جنهن ۾ ٻارن تائين سکيا جو عمل پهچائڻ جو رڳو بورڊ کي استعمال ڪرڻ ئي بهترين ذريعو آهي. ان لاءِ استاد جا اکر بهتر هجڻ ضروري آهن، ان کان علاوه بورڊ تي لکيل لفظ وڏا ۽ صاف هئڻ گهرجن ته جيئن ان کي پورو ڪلاس چڱيءَ طرح ڏسي سگهي. بورڊ جي استعمال ۾ ٻارن کان به مدد ورتي وڃي. جملا ناهن، معنيٰ لکڻ، سبق جو خلاصو ۽ ضروري نڪتا شاگردن جي مدد سان لکيا وڃن. بهرحال سبق کي مؤثر بنائڻ لاءِ چاڪ ۽ بورڊ جي ڪم ۾ صفائي ۽ رفتار ضروري آهي، جيڪا استاد جي مهارت ۾ شامل آهي جيئن چيو ويو آهي ته "چاڪ بورڊ اڌ استاد آهي."

### (2) موضوع (عنوان) کي وضاحت سان بيان ڪرڻ

درس وتدريس واري عمل ۾ استاد لاءِ ضروري آهي ته سبق جي مواد کي ٻارن اڳيان اهڙي نموني پيش ڪري، جيئن ٻار آسانيءَ سان سمجهن ته ان موضوع پڙهائڻ جو مقصد ڪهڙو آهي ۽ ان جا فائدا ڪهڙا آهن؟ ان لاءِ استاد جي زباني سمجهاڻي آسان ۽ سادن لفظن ۾ هجي. هن جا ادا ڪيل لفظ ٻارن کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪن. هنن ۾ تجسس ۽ ذهني هڪجهڙائي پيدا ٿئي. اهڙي سمجهاڻي ئي مؤثر سکيا لاءِ ضروري آهي. جنهن لاءِ استاد کي ڪلاس ۾ ٻا شاگردن جي سامهون ٿين کان اڳ تيار ٿي اچڻ گهرجي.

**نوٽ:** استادلاءِ ضروري آهي ته سبق جي مواد جي وضاحت ڪرڻ لاءِ تصويرون، فلش ڪارڊ، چارٽ، گلوب، گراف ۽ سلائيڊ فلمون وغيره استعمال ڪري.

### (3) مثالن کي عمدگيءَ سان پيش ڪرڻ

ڪامياب استاد لاءِ اهو ضروري آهي ته سبق جي مواد کي سمجهڻ لاءِ جيڪي به مثال ڏئي، انهن جي تشبيهه جاذب ۽ حقيقت تي مبني هجي جيئن ٻارن کي به اهو عمل دهرائڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪري سگهن جيڪو علم جي واڌاري جو باعث بڻجي.

### (4) سوالن ۽ جوابن واري مهارت

هر ٻار فطري طرح استاد کان سوال ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ان جو جواب به حاصل ڪرڻ گهري ٿو.

ان لاءِ استاد کي اها مشق به اهڙي نموني ڏيڻ گهرجي، جو ٻار هر حالت ۾ مطمئن ٿئي. اهائي استاد جي ڪاميابي آهي. سوال اهڙا هئڻ گهرجن جيڪي بامقصد هجن ۽ ٻارن ۾ سکڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪن. اهڙا سوال به نه هئڻ گهرجن جو ٻارن جي ذهن تي خواه مخواه وزن پوي، بلڪ سوالن وسيلي ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿئي ۽ انهن جي معلومات ۾ واڌارو ۽ سوچڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي. سوال عام فهم، سادو، ۽ مختصر پر بامقصد هجي. سوال حقيقت تي مبني هجي ۽ ڪوڙ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ استاد کي سوالن جي جوابن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

### (5) بامقصد مشق (Meaningful Drill)

استاد کي درس وتدريس جي مهارت ۾ مقصد واري مشق (Exercise/Drill) ڏيڻ گهرجي. مواد سيکارڻ لاءِ استاد کي هن مهارت وسيلي سيکارڻ وقت اهڙي قسم جي سرگرمين جو بندوبست ڪرڻ گهرجي جن کي ٻار ٻار (وري وري) ورجايو وڃي جيئن انهن جي ورجائڻ سان حاصل ڪيل معلومات چڱيءَ ريت ياد ٿي وڃي يا اهو عمل پختو ٿي وڃي. اهڙيءَ طرح ٻار جي سکيا اثرائتي ٿئي ٿي. فضول موضوع جي مشق ڪرائڻ يا ٻارن کي هرو ڀرو مصروف رکڻ سان ٻارن مان سکيا جو چاهه ختم ٿي وڃي ٿو. وڌيڪ مؤثر مشق اها آهي جيڪا ٻار پاڻ ترتيب ڏين ۽ استاد کان ان بابت رهبري حاصل ڪن. ڪامياب مشق اها آهي جيڪا ٻار ضرورت محسوس ڪرڻ مهل ڪن.

### (6) گروهي بحث (Group Discussions)

شاگردن کي ڌار ڌار گروپن/ ٽولن ۾ ورهائي ڪنهن موضوع تي بحث ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو آهي. جنهن جي نگراني استاد ڪندو آهي. بحث ڪرڻ کان اڳ چند اصول ٻڌايا ويندا آهن، ۽ پوءِ موضوع تي بحث جو آغاز ڪيو ويندو آهي.

استاد کي درس وتدريس ۾ مهارت حاصل ڪرڻ حاصل ڪرڻ لاءِ گروهي بحث واري مهارت (Skill) پڻ بخوبي استعمال ڪرڻ گهرجي. استاد ٻارن ۾ هڪ اعليٰ مقام جي

حيثيت رکي ٿو. استاد کي گهرجي تہ موضوع جي اهڙي چونڊ ڪري، جنهن ۾ ٻارن جي شرڪت رضاڪارانہ هجي. سندن شموليت جوش ۽ جذبي سان هجي. موضوع بامقصد هجي. گروهي بحث استاد جي رهبري ۾ هئڻ گهرجن. ان ۾ شاگردن کي پنهنجي خيالن جي اظهار ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ استاد ٻارن جي ذهني معيار کي پرکي وٺندو آهي ۽ هن مهارت وسيلي ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪندو آهي.

گروهي بحث لاءِ استاد کي ڪجهہ اصول ترتيب ڏيڻ گهرجن، مثال طور. 1- موضوع بامقصد هجن. 2-سموريون سرگرميون شاگردن جي گڏيل ضرورتن، مقصدن ۽ دلچسپين تي مشتمل هجن. 3- گروهي بحث احتياط ۽ توجهہ سان چونڊيل هئڻ گهرجن. 4- گروهن بحث دوستاڻي ماحول ۾ ڪرايا وڃن. 5- بحث جي پڄاڻيءَ تي استاد نتيجن جو اظهار ڪري ۽ پنهنجي راءِ بہ شامل ڪري.

### (7) تمثيل ڪاري (Dramatization)

'**تمثيل**' جي معنيٰ آهي 'مثال ڏيڻ' يا 'نمونو پيش ڪرڻ'. ہين لفظن ۾ ان کي اداڪاري چئي سگهجي ٿو. درس و تدريس جي عمل ۾ ڪڏهن ڪڏهن حقيقت جو رنگ نمونن يا مثالن سان پرتو پوندو آهي جيڪو پڻ سکيا واري **مهارت** ۾ شامل آهي. تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن استاد کي اداڪاري بہ ڪرڻي پوي ٿي. مختلف ڪردارن کي اداڪاري ۽ تمثيل ڪاري جي صورت ۾ پيش ڪرڻ گهرجي، جيئن شاگرد متاثر ٿين. ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. شاگردن ۾ موضوع جي سکڻ لاءِ وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي. شاگردن ۾ مقابلي جو رجحان پيدا ٿئي ٿو. ان کان سواءِ ٻارن جي انفرادي صلاحيت جي ڄاڻ استاد کي ملي وڃي ٿي.

### (8) آکاڻي ٻڌائڻ (Story Telling)

ٻار فطرتي طور آکاڻيون ٻڌڻ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي ٿو ۽ استاد جي اها فني مهارت چئبي جو چونڊيل موضوع اهڙو هجي جيڪو تاريخي هجي، جنهن ۾ بهادريءَ جا ڪارناما ٻڌايا ويا هجن ۽ ٻار شوق سان اهو موضوع ٻڌن ۽ سمجهن. آکاڻي يا داستان گوئي درس و تدريس جي پراڻي مهارت آهي، خاص ڪري تاريخي مضمونن ۾ ڪامياب مهارت آهي. آکاڻين سان ٻارن جي معلومات ۾ واڌارو ٿئي ٿو. سندن اخلاق جي تربيت ٿئي ٿي. استاد ۽ شاگردن جي وچ ۾ دوستانہ ماحول پيدا ٿئي ٿو. جيڪو تمام ضروري آهي. آکاڻي ٻڌائڻ

لاءِ استاد کي اڳواٽ تياري ڪري اچڻ گهرجي. آڪاٽي ٻڌائڻ کان پوءِ ٻارن کان سوال پڇيا وڃن ۽ ان آڌار تي ٻارن کي نوٽس لکيا وڃن. تدريسي شيون استعمال ڪرڻ سان آڪاٽي وڌيڪ دلچسپ بڻجي ٿي جيڪا مؤثر تدريس جو باعث پڻ بڻجي ٿي.

### (9) **تعليمي سير** (Field Trips)

انسان جيڪي ٻڌندو آهي سو جلد وسري ويندو آهي، پر جيڪا شيءِ ڏسندو آهي ان جي يادگيري سندس ذهن تي گهڻو وقت رهندي آهي. جيئن ته **تعليمي سير** ۾ مشاهدي کي وڏو دخل هوندو آهي، تنهن ڪري هڪ ته ٻار مشاهدي مان گهڻو پرائيندو آهي، ٻيو ته راند روند وسيلي سکڻ واري طريقي هيٺ ڪيترين ئي شين پاڻ مرادو سکندو آهي يا دوستن کان معلومات حاصل ڪندي ٿيندي اٿس. جتي ڪو پيچيدو يا مشڪل مسئلو آڏو اچي ويس ته استاد کان معلومات حاصل ڪري وٺندو آهي. **تعليمي سير** استاد جي زير نگراني ٿيڻ گهرجي، ته جيئن هو ٻارن ۾ موضوع جا مقصد واضع ڪري سگهي. ٻار هن فني مهارت ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺن ٿا ۽ سکيا اثرائتي انداز ۾ ٿئي ٿي. **تعليمي سير** ڪرائڻ واري مهارت مؤثر نموني سان استعمال ڪرڻ سان ٻارن جي مشاهدي واري سگهه وڌي ٿي. هو سکڻ واري عمل دوران ٿڪاوٽ يا بيزاريءَ جو اظهار ڪونه ڪندا آهن.

## 2. **'جائزي' جو مفهوم** (Meaning of Evaluation)

عام طرح امتحان، آزمائش، پرک، چڪاس جو مطلب "جائزو" ورتو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پيمائش، توريءَ ماپ کي به "**جائزي**" ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. پر حقيقت ائين نه آهي. مٿيان مڙئي نُڪتا جائزي جا اهم جزا آهن. جائزو پنهنجي سر اينترو ته جامع ۽ وسيع آهي، جيترو زندگي. ٿورن لفظن ۾ائين ڪٿي چئجي ته زندگي جائزي جو ٻيو نالو آهي. جتي زندگي آهي اُتي **جائزو** آهي ۽ ٻئي لازم ملزوم آهن. مطلب ته ڪائنات ۾ هر تخليق ۾ ڪري ۽ ڪوتي جي خبر رکڻ ۽ ان ۾ سڌاري آڻڻ کي جائزو سڏجي ٿو.

جيئن ته هتي اسان جو تعلق **تعليمي جائزي** سان آهي، تنهن ڪري تعليمي نقطي نگاهه کان ائين چيو وڃي ٿو ته "**جائزو**" اهو مُنظم طريقئه ڪار يا عمل آهي، جنهن سان هڪ استاد پنهنجي ڪم جي رفتار ۽ ڪارڪردگيءَ جو اندازو ڪري سگهي، جنهن سان کيس اها خبر پوي ته پورو ڪيل ڪم معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان ڪيتري قدر اميد افزا آهي وغيره.

**جائزو** هميشہ يڪطرفو نہ بلڪ ٻہ طرفو عمل آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو سڌو سنئون اثر ٻار، استاد، ساز و سامان ۽ تدريسي طريق تي پوي ٿو. مطلب تہ اهواهڙو پيمانو يا پرک جو اندازو آهي، جنهن سان ٻار جي تعليمي معيار، استاد جي فن، محنت ۽ استعمال ڪيل تدريسي سامان جي خوبيءَ کي هڪ ئي وقت پرکيو وڃي ٿو.

جائزو هميشہ ڪنهن ڪم يا رٿا جي تڪميل بعد ورتو ويندو آهي. پر مناسب ائين ٿيندو تہ ان کي رٿا جي مختلف مرحلن ۾ بہ جاري رکيو وڃي، جيئن ٿوري ٿوري وقفي بعد ڪم جي رفتار ۽ نوعيت جي خبر پئجي سگهي. جنهن مان اسان اهو اندازو لڳائي سگهون تہ انهيءَ رٿا يا ان پروگرام (طريقہ ڪار) ۾ ڪو نقص تہ نہ رهجي ويو آهي! جيڪڏهن واقعي ڪا خامي رهجي وئي آهي، تہ ان جو بروقت ازالو ڪيو وڃي.

**جائزو** انهي لاءِ بہ ضروري آهي تہ ان جي مدد ۽ عمل سان ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ استاد سجاڳ ٿئي ٿو ۽ تعليمي ميدان ۾ سڌي رستي تي پنهنجا پير پختا ڪري اڳتي وڌي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان حقيقي منزل تي پهچڻ ۾ لڳاتار هُن جي رهبري ٿئي ٿي. ساڳئي طرح **جائزو** ٻارن کي سندن ڪم جي رفتار ۽ معيار قائم رکڻ ۾ بہ مدد ڏئي ٿو، ۽ سندن ڪمزوري، اوڻاين ۽ خامين جي نشاندهي ڪري سندن اصلاح جا امڪان پيدا ڪري ٿو.

### (الف) جائزي جا مقصد

تعليم جي مقصدن مان هڪ مقصد فرد جي طرز عمل کي بهتر بنائڻ يا ان ۾ تبديلي آڻڻ آهي. مطلوبہ تبديلي آڻڻ لاءِ مختلف ذريعا، تحريري، تقريري يا عملي اختيار ڪرڻا پوندا آهن. هڪ مقرر عرصي کان پوءِ تبديليءَ جو اندازو يا فيصلو ڪرڻ تہ ان عرصي دوران فرد جي ڪردار ۾ ڪهڙيون تبديليون ظاهر ٿيون آهن. اهڙن فيصلن ڪرڻ لاءِ جيڪو لائحہ عمل اختيار ڪيو ويندو آهي، اهو "**جائزو**" سڏبو آهي.

ڪنهن سرگرمي جي ڪاميابيءَ ۽ ناڪامي کي جانچڻ لاءِ ضروري هوندو آهي تہ ان سرگرميءَ کي جاري رکجي ۽ بهتر بنائجي تہ جيئن تدريس جا مقصد پورا ٿين. ان طرح معلوم ٿيندو تہ استاد جي تدريس ڪيتري حد تائين مؤثر هئي. تدريس جا مقصد حاصل ٿيا يا نہ؟ نصابي مواد ڪيترو آسان هيو ۽ شاگردن ڪيتري قدر دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو يا اها دلچسپ ثابت ٿي آهي؟

جائزي جا ڪجھ مقصد هيٺ ذڪر ڪجن ٿا:

1- زير تربيت استادن کي جائزي مان ئي نتيجن جي واقفيت، يادداشت ٿيندي آهي تہ جيئن پنهنجي خوبين ۽ خامين کان واقف ٿي وقت تي انهن جو اصلاح ڪندا رهن.

2- جائزي جي نتيجن مان وڌيڪ تعليم ۽ پيشي جي انتخاب ۾ رهنمائي حاصل ڪندا آهن.
3- تدريس جي طريقن ۽ نصابِ تعليم جي مؤثر هئڻ جو اندازو رڳو **جائزي** ذريعي ئي ٿئي ٿو.
4- پڙهايل تصورات ۽ عملي سامان کي مناسب طريقي سان استعمال ۽ اظهار ۾ ترقيءَ جو اندازو ڪرڻ.
5- تدريسي طريقن ۽ انهن جي خوبين خامين کي سڃاڻڻ.
6- حاصل ٿيل نتيجن جي روشنيءَ ۾ اڳتي لاءِ تدريسي طريقن کي بهتر ۽ مشڪلاتن کي ختم ڪرڻ لاءِ ممڪن ذريعن جو تعين ڪرڻ.

## (ب) جائزي جا اصول

جائزي وٺڻ کان اڳ ۾ هر هڪ استاد کي هيٺيان اصول ذهن ۾ رکڻ گهرجن:
1- جائزي جو بنياد مقصد تي هئڻ گهرجي. مطلب ته استاد خواهه شاگردن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر هئڻ گهرجي ته هو ڪهڙي مقصد لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ سندن ڪم پوري ڪرڻ سان اُن جو جائزو به ورتو ويندو. اهڙي حقيقت تڏهن ظاهر ٿي سگهندي جڏهن جائزي جي عمل سان اهو اندازو لڳائبو ته آيا ٻارن ۽ استادن پنهنجو ڪم انهيءَ نموني سان ۽ انهيءَ مقصد لاءِ پورو ڪيو جن موجب ڪين ڪرڻو هو، يا نه؟
2- جائزو اهڙو ته جامع هئڻ گهرجي، جنهن سان اها هر ڪا معلومات ملي سگهي جا ٻارن جي شخصيت جي سڀني پهلوئن کي ظاهر ڪري.
3- جائزو اهڙو ته جامع ۽ مڪمل هجي، جنهن سان ٻارن جون سڀ انفرادي ضرورتون ۽ مسئلا ظاهر ٿين، جيئن انهن جي ڪمزورين کي دور ڪري فروغي صلاحيتن کي اُڀاربو وڃي.
4- جائزي جو عمل سلسليوار ۽ لاڳيتو هئڻ گهرجي. ان جي ابتدا ٻار جي ان ڏينهن کان ڪجي، جنهن ڏينهن هو اسڪول ۾ داخل ٿيو هجي ۽ انتها ان وقت ڪجي جڏهن ٻار اسڪول کي خيرباد چوي. ساڳئي طرح جائزي جي شروعات ٻار جي هر سبق سان ڪجي ۽ ان کي سبق جي مختلف مرحلن تي به آزمائجي. جيستائين سبق جي پڄاڻي ٿئي.

## 3. تدريسي فني مهارتن جي ارتقاء جي جائزي وٺڻ جا ڪجهہ مکيہ طريقا

زير تربيت استاد کي درس و تدريس دوران جيڪي **سکيا جون مهارتون** پڙهايون وڃن ٿيون، انهن کي جيڪو تعليمي مواد ڏنو وڃي ٿو، ۽ پڻ تربيت دوران جيڪي عملي مهارتون منجهن پيدا ڪجن ٿيون تن جي اندازي لڳائڻ خاطر اسان لاءِ "**جائزي وٺڻ**" جو بهترين ذريعو زيرِ تربيت استادن کان مثالي سبق (Model Lessons) ڏيارڻ آهي. ائين ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ زير تربيت استاد ڪلاس دوران حاصل ڪيل مواد مان ڪيتري قدر فائدو حاصل ڪيو آهي ۽ آيا تدريس دوران سکيل مرحلا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي استعمال ڪيا ويا آهن يا نہ؟ وڌيڪ تہ جيڪي بہ پرئڪٽيڪل ليسن دوران ريمارڪس ڏنا ويا تن تي، غور ڪيو ويو آهي،۽ ڪيتري قدر منجهس هڪ ڪامل استاد بنجڻ جي صلاحيت پيدا ٿي آهي؟

مطلب تہ پرئڪٽس ٽيچنگ ۾ زير تربيت استاد جي صلاحيتن جي جاچ بہ نگران استاد کي ٿي وجي ٿي ۽ پرئڪٽس ٽيچنگ ۾ زيرِ تربيت استاد کي پنهنجي تعليم دوران حاصل ڪيل **فني مهارتن** ۽ انهن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ ۽ **استعمال** ڪرڻ جو موقعو بہ ملي ٿو.

تربيتي ادارن ۾ زيرِ تربيت استادن کي پهريائين عام تعليم، پيشہ وارانہ تعليم ۽ نظري تعليم سيکاري ويندي آهي، جنهن ۾ ڪيس نصاب سازي، تدريس جا طريقا، ٻارن جي نفسيات، قومي ۽ ملڪي ضرورتن (تعليمي پاليسي) ۽ تعليم جي ٻين پهلوئن بابت واقف ڪرايو ويندو آهي. ان کان پوءِ انهن کي تدريس جي "عملي مشق" ڪرائي ويندي آهي تہ جيئن اهي تربيتي ادارن کان حاصل ٿيل نظري توڙي پيشہ ورانہ تعليم کي آزمائي سگهن، پنهنجو پاڻ کي مضبوط ارادي جومالڪ بنائي سگهن ۽ پنهنجي اهليت جو اندازو لڳائي سگهن، مختلف مسئلن مان ٻاهر نڪري پنهنجي صلاحيت ۾ اضافو ڪري سگهن.

تدريس جي"عملي مشق"۾ ماهر استاد مظاهراتي سبق (Demonstration Lesson) ذريعي هڪ مثالي سبق (Model Lesson) هلائي ڏيکاريندو آهي. ان کان پوءِ زير تربيت استاد پاڻ **پرئڪٽس ٽيچنگ** شروع ڪندا آهن ۽ ان کان پوءِ استاد شاگرد پاڻ پنهنجي "**عملي مشق**" جو مشاهدو ڪندا آهن ۽ **جائزو** وٺندا آهن ۽ خاميون دور ڪندا آهن. ايستائين جو هو سال جي آخر ۾ پاڻ ماهر استاد وانگر " **مثالي سبق**" هلائيندو آهي جنهن کي عام طور **ساليانو سبق** (Annual Lesson) چيو ويندو آهي. هاڻي انهن جو تفصيل سان ذڪر ڪجي ٿو. هيٺين طريقن سان زير تربيت استاد جي **مهارتن جي ارتقاء**

جو **جائزو** وٺي سگهجي ٿو:

1- مثالي سبق (Model Lessons)

2- عملي مشق جي تدريس (Practice Teaching)

3- مشاهدو (Observation)

4- ساليانہ سبق (Annual Lessons)

### 1- مثالي سبق (Model Lessons)

استادن جي تربيتي ادارن ۾ مختلف مضمون پڙهايا ويندا آهن ۽ سندن تعليم دوران کين پڙهائڻ جا طريقا پڻ سيکاريا ويندا آهن، انهيءَ کان پوءِ استادن کي **پرئڪٽس ٽيچنگ** ذريعي عملي ميدان ۾ آندو ويندو آهي، جتي هو پنهنجي حاصل ڪيل تعليم جي نظرين ۽ عملن کي حقيقي طور استعمال ڪرڻ جو ذاتي تجربو حاصل ڪندا آهن.

ان سلسلي ۾ زير تربيت استادن کي باقاعده تدريس جو ڪم حوالي ڪرڻ کان پهريائين مضمون جو **ماهر استاد** مظاهراتي سبق جو اهتمام ڪندو آهي ۽ هال ۽ اداري جي سيني استادن ۽ زيرِ تربيت استادن جي سامهون پنهنجا سڀ وسيلا ۽ ذريعا استعمال ڪندي هڪ **مظاهراتي ۽ مثالي سبق** پيش ڪندو آهي. سڀ استاد ۽ شاگرد يعني زيرِ تربيت استاد اهڙي مثالي تدريس جو مشاهدو ڪندا آهن. شاگرد، زيرِ تربيت استاد ۽ ٻيا سڀ معلم ان سبق کي منبر کان وٺي پڄاڙيءَ تائين غور سان **مشاهدو** ڪندا آهن. اهي ڏسندا آهن تہ سبق جي **شروعات** ڪهڙي طرح ڪئي وئي؟ تدريس جو ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو ويو؟ ڪهڙيون ڪهڙيون تدريسي ۽ **امدادي شيون** سبق جي دوران پيش ڪيون ويون؟ سبق کي دلچسپ ۽ مؤثر بنائڻ لاءِ استاد پنهنجي اُچار، آواز ۽ لهجي کي ڪهڙي طرح اختيار ڪيو؟ ڪلاس ۾ شاگردن سوالن جا جواب ڪهڙي انداز ۾ ڏنا؟ استاد پنهنجي شخصيت کي ڪهڙي طرح پيش ڪيو؟ جڏهن استاد **مظاهراتي ليسن** کان فارغ ٿيندو آهي تہ انچارج پروگرام مشاهدو ڪندڙ استادن کي **تنقيد** لاءِ گهرائيندو آهي، جن مشاهدي دوران استاد جي سبق جا سڀ ڏاڪا نوٽ ڪيا هوندا آهن ۽ استاد جي مظاهراتي سبق جون شروع کان آخر تائين خوبيون ۽ خاميون نوٽ ڪيون هونديون آهن. هو اهڙي مشاهدي جي بنياد تي **اصلاحي تنقيد** ڪندا آهن. مثلاً استاد جو ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ، استاد جو يونيفارم يا استاد جي پوشاڪ استاد جو بورڊ استعمال ڪرڻ، ذهني آمادگيءَ جي سوالن جي مناسبت، عنوان جو اعلان، شاگردن کي ڪتاب کولڻ لاءِ چوڻ، سبق نمبر ۽ صفحو

نسر بدائڻ، ڪتاب کي هٿ ۾ صحيح نموني سان جهلڻ، سبق جي ارتقا ۽ تدريس جا طريقا، يعني پڙهڻيءَ کي ترتيب سان استعمال ڪرڻ، نون لفظن جو انتخاب ۽ انهن کي مناسب جملن ۾ استعمال ڪرڻ، **مشغوليون، جائزو ۽ گهرو ڪم** وغيره تي غور ڪندا آهن.

مشاهدو ڪندڙ استاد مظاهراتي سبق تي مناسب اصلاحي تنقيد پڻ ڪندا آهن ۽ سبق جون خوبيون توڙي خاميون به مڪمل طور نروار ڪندا آهن. آخر ۾ پروگرام هلائيندڙ استاد سڀني استادن طرفان ڪيل تنقيدن جو نچوڙ، تت اخذ ڪري پنهنجي حتمي ماهرانه راءِ سان پوري ايوان کي آگاهه ڪندو آهي، ته جيئن سکيا وٺندڙ زير تربيت استاد سبق هلائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي هڪ مڪمل استاد جي حيثيت ڏيئي سگهن ۽ سبق قاعدن ۽ قوانين مطابق مرحليوار ٻارن کي سيکاري سگهن، ڇاڪاڻ ته ڪامياب سبق پڙهائڻ ۾ ئي سکيا وٺڻ جو هڪ اهم ۽ مفيد نڪتو عيان آهي. جيڪڏهن زير تربيت استاد سبق پڙهائڻ جا ڏاڪا ۽ ٻي تربيت صحيح طور ورتي ته گويا ڪ هُن استاد ٿيڻ جي پوري سکيا حاصل ڪئي.

مطلب ته: **مظاهراتي** يا **مثالي سبق** ۾ استاد يا ماهر مضمون کي سبق هلائڻ لاءِ مڪمل تياري ڪري اچڻ گهرجي. اهڙو مظاهراتي سبق زيرِ تربيت شاگرد جي سبق هلائڻ جي سکيا جو پهريون ڏاڪو آهي ۽ سکيا وٺندڙ شاگرد کي به هيءَ سبق خيال ۽ غور سان ڏسڻو آهي، ڇاڪاڻ ته آئينده کيس به اهڙي طرح سبق هلائڻا پوندا.

## 2- ٽيچنگ پرئڪٽس يا سيکارڻ لاءِ عملي تربيت (Practice- Teaching)

هڪ شاگرد کي ڊاڪٽر بڻجڻ لاءِ رڳو ڪتابي تعليم ڪافي نه هوندي آهي بلڪ عملي تعليم ۽ تربيت ۾ شموليت ڪرڻ سان ئي ان کي موقعو ملندو آهي ته هو ڪتابي علم کي آزمائي، پاڻ مسئلن جو جائزو وٺي ۽ ان جي حل ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪري. ان لاءِ اهو تجربي ڪار ڊاڪٽرن کي مريضن جو علاج ڪندي ڏسندو آهي، يعني آپريشن ڪندي ڏسندو آهي، انهن سان سهڻي رويي جو اظهار ڪندي ڏسندو آهي ۽ انهن جي علاج لاءِ مناسب دوائون تجويز ڪندي ڏسندو آهي. پوءِ پاڻ به هڪ خاص وقت تائين (تربيتي عرصه دوران) مريضن کي ڏسندو آهي ۽ انهن جو علاج ڪندو آهي، آپريشن ڪندو آهي سهڻي رويي سان پيش ايندو آهي ۽ انهن جي علاج لاءِ دوائون تجويز ڪندو آهي، ان کان پوءِ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو جائزو به پاڻ وٺندو آهي ۽ پنهنجي نگران ڊاڪٽر جي جائزي جي مدد سان پنهنجي اصلاح ڪندو رهندو آهي. ايئنائين جو اهو هڪ با اعتماد ۽ سٺو ڊاڪٽر بڻجي ويندو آهي. ساڳئي طرح هن يونٽ ۾ زيرِ تربيت استاد کي سٺي ۽ قابل استاد بڻجڻ لاءِ ضروري اقدامن

جو مختصر ذڪر ڏنل آهي. هن يونٽ ۾ هن ڳالهه جو خيال رکيو ويو آهي ته زير تربيت استاد انهن اقدامن تي عمل ڪري تدريس جي فن ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪري سگهي.

زير تربيت شاگرد استادن جي تعليمَ جو نچوڙ **پرئڪٽس ٽيچنگ** ۾ ئي سمايل آهي. تنهن سبب سيني ادارن ۾ علم سان گڏ **عمل** جو به حصو هوندو آهي. زير تربيت شاگرد استادن جو مکيه ڪردار به ته **پرئڪٽس ٽيچنگ** ئي آهي جنهن ۾ هو پنهنجي پڙهيل علم کي عملي طور استعمال ڪندا آهن. نمونه طور تي ماهر مضمون هڪ مثالي/ مظاهراتي سبق پيش ڪندو آهي، جنهن جو مقصد ئي شاگردن کي بهترين سبق هلائڻ جو نمونو/طريقو ٻڌائڻو آهي. ان ڪري زيرِ تربيت استاد مڪمل طرح سان **ليسن پلان** جي تحرير (سبق جوخاڪو) ۽ استاد جي پيش ڪيل **"مثالي سبق"** کي غور سان جانچ ڪندو آهي. سبق جي پوري ٿيڻ کان پوءِ، ڪوبه مرحلو/ ڏاڪو سمجهه ۾ نه اچڻ جي صورت ۾ اسٽيج تي استاد کان سمجهڻ لاءِ سوال به ڪندو آهي.

ان کان پوءِ هر زيرِ تربيت شاگرد کي هڪ ماهر استاد جي نگرانيءِ ۾ ڏنو ويندو آهي ته جيئن هو ماهر مضمون يا استاد جي پيش ڪيل مثالي/ مظاهراتي سبق جي روشنيءِ ۾ پنهنجي سبق جو خاڪو تيار ڪري ۽ وڌيڪ اصلاح لاءِ پنهنجي نگران يا سپروائيزر استاد کي سبق جو خاڪو ڏيکاري ۽ ان استاد (سپروائيزر) جي ئي صلاح سان استاد جي نگرانيءِ ۾ پرئڪٽسنگ اسڪول ۾ سبق هلائي. اهڙا سبق محدود انداز ۾ هلايا ويندا آهن، جن ۾ 30 کان يا ان کان ڪجهه گهٽ يا وڌ سبق به ٿي سگهن ٿا. انهن سبقن تي نگران استاد زير تربيت استاد جي ڪارڪردگيءِ ۽ مهارت متعلق ريمارڪس لکندو آهي ته جيئن سبق جي خاڪي يا پيش ڪرڻ دوران ڪيل غلطين يا خامين جو ايندڙ سبقن ۾ اصلاح ۽ درستگي ڪري سگهي.

ٽيچنگ پريڪٽس عموماً ٻن حصن ۾ ورهايل هوندي آهي. پهريون حصو (Short Term) ٿورن ڏينهن تي مشتمل هوندو آهي، جنهن ۾ ٻن هفتن جي ميعاد به ٿي سگهي ٿي ۽ ٻيو حصو (Long Term) ڊگهي مدت جو هوندو آهي، جنهن ۾ اٽڪل چار هفتا شامل هوندا آهن. انهيءَ عرصي ۾ ماهر استاد زيرِ تربيت شاگرد جي وقت به وقت ضروري اصلاح ڪندو رهي ٿو، ڪيس سبق ۾ پيش ايندڙ فني مسئلا ۽ مونجهارا حل ۽ دور ڪري ٿو. انهيءَ **پريڪٽس ٽيچنگ** جي ٻنهي حصن ۾ ڏنل سبقن جي تعداد هلائڻ سان زير تربيت شاگرد مڪمل طرح سان مثالي سبق (Model Lessons) هلائڻ جي **مهارت** حاصل ڪري سگهي ٿو.

سبق جا خاڪا جن تي ماهر سپروائيزر استاد جا ريمارڪس ڏنل هوندا آهن، اهي ريڪارڊ ۾ رکيا ويندا آهن ۽ انهن جون مارڪون امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ ڳڻ شمار ڪيون

وينديون آهن جنهن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ 45% يا پيون ڪي مقرر ڪيل فيصد مارڪون ڪٽڻ لازمي آهي.

زير تربيت شاگردن جي ڏنل سبقن **جي پريڪٽس ٽيچنگ** جو اهم مقصد **"ساليانو سبق"** (Annual Lesson) ۾ استاد کي ماهر مضمون جهڙو "مثالي سبق" هلائڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي. گوياڪ **ساليانو ليسن جي تياريءَ لاءِ پرنڪٽس ٽيچنگ اهم سنگ ميل آهي.**
ان سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ بي حد ضروري آهي:

**(1) تدريس جي مشق جا مقصد**

عام تعليم يا پيشہ ورانہ تعليم کان پوءِ زير تربيت استادن کي اعتماد نہ هوندو آهي تہ اهي سٺي تدريس جو مظاهرو ڪري سگهندا. ڪنهن اسڪول ۾ تدريس جي مشق ذريعي انهن کي موقعو فراهم ڪيو ويندو آهي تہ اهي تربيتي.ادارن کان حاصل ٿيل نظري توڙي پيشہ ورانہ تعليم کي آزمائي سگهن، پنهنجو پاڻ کي مضبوط ارادي وارو بنائي سگهن، پنهنجي اهليت ۽ قابليت جو اندازو لڳائي سگهن، مختلف مسئلن مان نڪري پنهنجي صلاحيت ۾ واڌارو ڪري سگهن ۽ اسڪول ۾ پيش اچڻ وارن حقيقي مسئلن کان ذاتي طور تي واقفيت حاصل ڪن. ان ڪري استاد کي مڪمل ڪردار ۽ افعال کان واقفيت لاءِ تدريس جي مشق ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي. ان کان سواءِ استاد کي گهڻن مختلف ماڻهن سان واسطو پڻ پوي ٿو. مثال طور: اسڪول جو پرنسپال، اسڪول جو استاد، نگران استاد، شاگرد، والدين ۽ ٻين ڪيترن ئي متعلق ماڻهن سان. انهن سڀني سان ڳالهہ ٻولهہ لاءِ باهمي تعاون، افهام و تفهيم، لحاظ ۽ سليقي مان ڪم وٺڻو پوندو آهي. ان طرح زير تربيت استاد جي پنهنجي ذاتي زندگي بہ اُجاگر ٿيندي آهي.

**(2) مشقي تدريس جي منصوبہ بندي**

مشقي تدريس باقاعده منصوبہ بندي سان ٿيڻ گهرجي. مشقي تدريس سادو ۽ آسان ڪم نہ آهي جيترو سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن گهٽي ڪوشش ۽ خلوص و ديانت سان ڪم ڪيو وڃي تہ ان کان زياده دلچسپ ڪم ٻيو ڪوبہ نہ آهي. عملي مشق ۾ باقاعده منصوبہ بندي جي ضرورت هوندي آهي، يعني پڙهائڻ لاءِ اشارا نويسي جي ضرورت آهي. تدريسي شين جي تياري ضروري آهي. سبق جي تياري نهايت لازمي آهي ۽ ٻين ڪيترن پهلوئن کي بہ مد نظر رکڻ ضروري آهي.

تدريس جي **"عملي مشق"** جا ٽي جز آهن:

(الف) تدريس کان پهريائين تياري
(ب) تدريس جي دوران (تدريس)
(ج) تدريس کان پوءِ (جائزو)

پڙهائڻ کان پهريائين زير تربيت استادن جو نہ رڳو اسڪول، شاگردن، استادن ۽ نصاب کان واقف ٿيڻ ضروري آهي، بلڪ هي بہ لازم آهي تہ استاد سمجهن تہ سبق جي منصوبہ بندي ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ ان منصوبي جي تڪميل لاءِ تدريسي مشغولين ۽ امدادي شين جو انتخاب ۽ استعمال ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ انهن سڀني کان زياده ضروري هي آهي تہ پڙهائڻ کان پهريائين ماهر استادن کي پڙهائيندي ڏسي، يعني مظاهراتي (Demonstration) ۽ عام سبقن جي تدريس جو پاڻ مشاهدو ڪري، ان جي خامين ۽ خوبين ۽ خصوصيتن تي نظر رکي، جيئن تہ جڏهن اهو عملي تدريس ۾ شريڪ ٿئي تہ انهن خصوصيتن کي پاڻ بہ استعمال ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري ۽ خامين کان پاسو بہ ڪري. ان کان پوءِ تدريس جو مرحلو اچي ٿو تہ ان ۾ زير تربيت استادن جو سنئون سڌو واسطو ڪلاس روم ۾ شاگردن، مددگار استاد ۽ نگران استاد سان پوي ٿو. اهڙي طرح ان مرحلي تي هو هيءَ ڏسندو آهي تہ منصوبہ بندي ۾ شامل مقصدن جي تڪميل جي لاءِ شروعات ڪيئن ڪري؟ تدريس جي طريقن ۽ مشغولين ۽ امدادي شين جو استعمال ڪهڙي ترتيب سان هجي. شاگردن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪهڙا قدم اختيار ڪري؟ پنهنجي ذاتي ۽ پيشہ ورانہ اهليت جو ڪهڙي طرح مظاهرو ڪري؟ پوءِ ٽين حصي (جائزو) ۾يعني تدريس کان پوءِ هن ڳالهہ ہولهہ جو خيال رکيو ويندو آهي تہ **"عملي مشق"** ڪيتري حد تائين ڪامياب رهي آهي؟ جيڪڏهن ڪا خامي ٿي وئي تہ ڪهڙي سبب کان ٿي آهي؟ نگران استاد ۽ مددگار استاد **"عملي مشق"** ۽ اشاره نويسي ۾ ڪهڙين ڪهڙين خامين جي نشاندهي ڪئي ۽ ان کان بچڻ لاءِ ڪهڙي اصلاح تجويز ڪيائون زير تربيت استاد انهن ڳالهين کي قبول ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ڪهڙي طرح تبديليون ڪري جيئن اڳتي لاءِ بهتر تدريس جو مظاهرو ڪري سگهي.

## (الف) تدريس کان پهريائين تياري

1. اسڪول کان پوري طرح واقف هئڻ ۽ معلوم هئڻ گهرجي تہ هر زير تربيت استاد عملي تدريس ۾ شريڪ ٿيڻ کان پهريائين نظري تعليم حاصل ڪندو آهي جنهن ۾ نصاب سازي، تدريس جا طريقا، ٻارن جي نفسيات، قومي ۽ ملڪي ضرورتن (تعليمي پاليسي) ۽ تعليم جي ٻين پهلوئن کان واقفيت حاصل ڪرڻ شامل آهن.

ان کان پوءِ استاد کي کنهن اسکول ۾ تدريس جي مشق لاءِ موڪليو ويندو آهي. هتي هيءَ به ضروري آهي ته هو ان اسکول کان سٺي نموني سان واقفيت رکي ته جيئن هو تدريس جي دوران کنهن قسم جي ناواقفيت سبب کنهن به رڪاوٽ جو سبب نه بنجي. اهڙي طرح اسکول ۾ تدريس کان پهريائين هر زير تربيت استاد کي هيٺين ڳالهين ڏانهن توجهه ڏيڻ گهرجي:

1- اسکول ڪٿي واقع آهي؟ اچڻ وڃڻ لاءِ ڪهڙا ذريعا ۽ رستا اختيار ڪرڻا پوندا ته جيئن اسکول ۾ وقت تي پهچي سگهي.

2- اسکول ۾ ڪيتريون جماعتون آهن؟ اسکول جي ڪهڙي حصي ۾ ڪهڙي جماعت موجود آهي؟ هر ڪلاس ۾ شاگردن جو تعداد ڪيترو آهي؟

3- اسکول جي هيڊ ماستر ۽ تدريسي ۽ غير تدريسي عملي سان ڄاڻ سڃاڻ به ضروري آهي، ته جيئن ضرورت جي وقت، جهجهڪ کان سواءِ انهن کان مدد وٺي سگهجي.

4- اسکول جي قاعدن ۽ ضابطن جي سٺي نموني سان ڄاڻ وٺي جيو ته اسکول ۾ قيام (رهائش) دوران استاد کي انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي.

5- جنهن اسکول ۾ پڙهائڻ لاءِ وڃي رهيو آهي، اتي ڪهڙي طرح جي تعليم جو نصاب رائج آهي؟ ۽ ڪهڙا ڪهڙا نصابي ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا؟ ٻارن ڪيتائين نصاب پڙهيو آهي ته جيئن اسکول ۾ وڃي رهيل نصاب جي پوري ٿيڻ ۾ مدد ڏيئي سگهجي. ان طرح سان هو پاڻ به واقف ٿيندو ته ڪهڙي قسم جي تعليمي مواد جي تدريس ان کي اسکول ۾ ڪرڻي پوندي.

6- هر مضمون جا مقصد، تدريس جا طريقا ۽ تدريسي مشغولين کان واقف هجي.

7- ٻارن کي سڃاڻي، انهن جي ضرورتن، دلچسپين ۽ چوگرد جي ماحول کان واقف هجي ته جيئن بهترين تدريس لاءِ بهتر افهام و تفهيم جي فضا قائم ڪئي وڃي.

8- اسکول جي رڪارڊ ۽ استادن جي ڊائرين جو مشاهدو ڪري. ڊائرين مان هفتي وار ۽ روزانه تدريس جي پروگرام جو اندراج هر استاد جي ذمه واري آهي. اها سڀني استادن جي هڪ قسم جي سبقن جي تدريس جي منصوبه بندي هوندي آهي.

ان کان سواءِ اسکول جي عمارت ۽ ان ۾ موجود تعليمي سهوليتن جو به مشاهدو ڪرڻ گهرجي، جيئن فارغ وقتن تي ڪٿي ويهي سگهي ٿو. لائبريري ڪٿي آهي؟ ان ۾ تدريسي امدادي شيون ڪٿي رکيل آهن؟ لائبريري ۾ ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ

ڪهڙو طريقو رائج آهي؟ زير تربيت استادن کي ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪان اجازت وٺڻي پوندي؟ اسڪول جون آفيسون، ڊسپينسري ۽ اسٽاف روم ڪٿي آهن؟ مطلب ته ان قسم جي معلومات ڪان پوءِ زير تربيت استادن کي اسڪول جي هيڊ ماستر يا استادن سان رابطو قائم ڪرڻو نه پوندو آهي، بلڪ هو پنهنجي معلومات جي آڌار ضرورت پوڻ تي پنهنجي مدد پاڻ ڪندو آهي.

**2. سبق جي منصوبه بندي**

هن ڏس ۾ گذريل يونٽن ۾ جيڪي خاڪا ۽ مرحلا ڏنل آهن سي ڏسو.

## 3. موضوع تدريس لاءِ تياري

زير تربيت استادن کي مڪمل خود اعتمادي سان گڏ ٻين استادن وانگر پنهنجو پاڻ کي اسڪول جي تدريسي سرگرمين ۾ باقاعده شرڪت ڪرڻ گهرجي. ڪيس ٽائيم ٽيبل ملڻ ڪان پوءِ متعلق ڪلاس ٽيچرز سان رابطو ڪري جن سبقن کي پڙهائڻو آهي ان جا تفصيل طئہ ڪري، نصابي ڪتابن جي فراهميءَ جو انتظام ڪري ته جيئن سبق جي منصوبه بندي ڪرڻ وقت ان کي پيش نظر رکي سگهي. ڪلاس ٽيچر سان تدريس جي طريقي ۾ امدادي شين جي استعمال ۽ تدريسي مشغولين جي انتخاب ۾ به مشورو ڪري. جن سبقن کي پڙهائڻو آهي ان لاءِ لائبريري مان واڌارا ڪتاب حاصل ڪري ته جيئن انهن جي مطالعي ڪرڻ ڪان پوءِ نصابي ڪتابن ۾ موجود تعليمي مواد ڪان پوءِ نصابي ڪتاب ۾ موجود تعليمي مواد ڪان زياده معلومات فراهم ڪري سگهي. ٿي سگهي ته ڪجهه مضمونن جي تدريس جي سلسلي ۾ محڪمهء تعليم يا نصابي ڪتابن جي بورڊ جي طرف ڪان جيڪي "رهنماءِ اساتذه" شايع ڪيا ويندا آهن انهن جو به استعمال ڪري. سبق جي منصوبه بندي ڪرڻ وقت به "رهنماءِ اساتذه" جهڙن ڪتابن مان به فائدو وٺي سگهجي ٿو.

**4. سمعي و بصري امدادي شين جي تياري**

(هن ڏس ۾ به مواد گذريل يونٽن ۾ ڏنل آهي، سو ملاحظه ڪريو).

**(ب) تدريس جي دوران**

زير تربيت استاد تياريءَ جي مرحلن مان لنگهي ڪري هاڻي باقاعده تدريس جي مشق

لاءِ تيار آهي. پر تدريس جي شروع ڪرڻ مهل بہ ڪيس ڪجھہ ضروري ڳالهين جوخيال رکڻو پوندو آهي جيو تہ تدريس جي دوران انهن کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. انهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**پرنڪٽس ٽيچنگ** دوران زير تربيت استادن کي ڪجھہ هيٺين ڳالهين کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي:

## ٽائيم ٽيبل

تدريس شروع ڪرڻ کان اڳ ٽائيم ٽيبل جو مطالعو بہ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ جيئن معلوم ٿئي تہ ڪيس اسڪول ۾ ڪهڙي ڪلاس ۾ ۽ ڪهڙو پيرڊ ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن پيرڊ رسيس (تفريح) کانپوءِ هوندو تہ ٻار ٿڪاوٽ محسوس ڪندا آهن ڇوتہ تفريح دوران ٻار ٻجن، ڊڪڻ ۽ راند روند ۾ مصروف هوندا آهن. ڪڏهن آخري پيرڊ هوندو آهي جنهن سبب وري ٻارن کي بک تنگ ڪندي آهي يا ٻار موڪل جي انتظار ۾ هوندا آهن ۽ پوءِ ٻار تعليم جي طرف توجهہ نہ ڏيندا آهن. ان ڪري ٽائيم ٽيبل جو مطالعو ضروري آهي ۽ هيءُ ڏنو وڃي تہ تدريس ڪهڙي پيرڊ ۾ شروع ڪئي وڃي ۽ تدريس ڪيتري وقت لاءِ هوندي؟

## شاگردن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ

زير تربيت استاد کي گهرجي تہ اسڪول جي شاگردن جي ضرورتن کي پورو ڪري ۽ انهن جي دلچسپين کي قائم رکي. ان سلسلي ۾ ڪيس ڪاميابي ان وقت ٿيندي جڏهن هو ٻارن جي ضرورتن، دلچسپين ۽ ميل جول کان واقف هوندو. ان لاءِ هر شاگرد جي ڄاڻ بابت اسڪول جي ريڪارڊ ۽ مختلف استادن جي تدريس جي مشاهدي دوران ۽ استادن سان ڳالهہ ٻولهہ ذريعي شاگردن جي مختلف ڪارڪردگين متعلق معلومات حاصل ڪجي. ان ڪري زير تربيت استادن کي گهرجي تہ اسڪول جي شاگردن کان بخوبي واقف هجن. سبق جي منصوبہ بندي ڪرڻ وقت پنهنجي شاگردن جي ضرورتن دلچسپين ۽ ميل ميلاپ ۽ رجحانن کي مد نظر رکن ۽ انهن جي تڪميل لاءِ پنهنجي سبق ۾ ضروري اقدام تجويز ڪن، تڏهن ئي هو تدريس کي مؤثر ۽ ڪامياب بڻائي سگهندا.

## خوشگوار (مناسب) ماحول جي ضرورت

تدريس ان وقت ڪامياب ٿيندي آهي جڏهن ٻار پڙهڻ لاءِ آماده ٿين ۽ استاد بہ محنت

سان پڙهائي. اهو سڀ ڪجهه ان وقت ئي ممڪن آهي جڏهن استاد ۽ ٻارن کي خوشگوار ماحول مهيا ڪندو. ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ جتي طبعي ضرورتن جي تڪميل ضروري آهي اتي زير تربيت استاد جي بهتر منصوبه بندي، تياري ۽ ان جي پنهنجي شخصيت به شامل آهن. طبعي ضرورتن ۾ ضروري آهي ته ڪمري ۾ روشني ۽ تازي هوا جي اچڻ جو انتظام هجي، ڪمري ۾ گنجائش مطابق شاگردن جو تعداد هجي. ڪمري ۾ صفائي هجي، استاد ۽ شاگردن جو لباس صاف ۽ سنو هجي. ڪلاس روم سينگاريل هجي، ويهڻ لاءِ ميز ۽ ڪرسيءَ جو مناسب انتظام هجي ۽ تدريسي معاونين جي موجودگي ٻارن جي دلچسپيءَ ۾ واڌاري جو سبب بنجي. استاد جو ٻارن سان همدردانه رويو هئڻ گهرجي. ياد رکڻ گهرجي ته پڙهائڻ دوران استاد جو خوش مزاج هئڻ ماحول کي خوشگوار بنائيندو آهي.

## استاد جي تياري

سبق جي خاڪي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ زيرتربيت استاد کي سبق پڙهائڻ جي تياريءَ طرف به توجهه ڏيڻ گهرجي. ان لاءِ ڪيس نصابي ڪتاب ۽ واڌاري معلومات لاءِ ٻين اضافي ڪتابن مان به فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. ان ڪان سواءِ ڪلاس ۾ پڙهائڻ وقت هو پنهنجي نوٽس مان به مدد وٺي ته جيئن سبق کي جنهن ترتيب سان تيار ڪيو ويو هجي انهيءَ ترتيب مطابق پڙهائي سگهجي. تدريسي مشغولين ۽ امدادي شين کي موقعي ۽ محل جي مناسبت ترتيب سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي طريقهءِ تدريس کي مؤثر بنائڻ لاءِ زير تربيت استاد کي هيٺين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي:

1- صاف ۽ سنو لباس پائي ڪلاس ۾ اچي.
2- پڙهائڻ وقت مناسب انداز سان اچار ۽ آواز ڪڍي.
3- ڪلاس ۾ غير ضروري جسماني حرڪتن کان پاسو ڪري. مثلاً استاد جو پڙهائڻ وقت مٿي کي ڦٿي ڏيڻ، آڱرين مان نڪاءِ ڪيڻ، يا ننهن کي ڏندن سان ڪٽڻ وغيره. اهڙي قسم جي حرڪتن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ٻارن جو توجهه سبق کان ٻئي طرف ٿي وڃي ٿو.
4- ڪلاس ۾ وقت تي وڃي ۽ پورو وقت پڙهائي. پيرڊ شروع ٿيڻ کان پوءِ ڏهه يا پنڌرهن منٽ ڪلاس ۾ دير سان وڃڻ سان ٻارن تي سنو اثر نه پوندو آهي ۽ گهٽ وقت ۾ سبق به پورو پڙهائي ڪونه سگهبو.

### اسڪول جي قواعد ۽ ضوابط جي پابندي

زير تربيت استادن تي هيءَ بہ ذميداري آهي تہ اهي اسڪول جي قواعد ۽ ضوابط کان واقفيت حاصل ڪن ۽ انهن جي مڪمل پابندي ڪن ۽ اسڪول جي ٻي اسٽاف وانگر وقت جي پابندي بہ ڪن. فارغ وقت ۾ مددگار استاد، نگران استاد ۽ پنهنجي ساٿين سان گڏ مقرر ڪيل جاءِ تي ويهن ۽ پنهنجي سبق جي تياري ڪن. پيشہ ورانہ امور تي ڳالهہ ٻولهہ ڪن.

ظاهرظهور سگريٽ پيئڻ، اسڪول ۾ اطلاع کان سواءِ غير حاضر رهڻ، پنهنجي مرضيءَ سان اسڪول اچڻ، پيرڊ پڙهائڻ، بغير اجازت جي وڃڻ، استاد جي اجازت کان سواءِ ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ يا وراندي ۽ هال ۾ مقصد کان سواءِ گهمڻ وغيره نا پسنديده (ان وڻندڙ) ڪم آهن.

بهرحال اسڪول جي سربراهہ جي حڪمن تي جيڪي وقتاً فوقتاً جاري ڪيا ويندا آهن عمل ڪرڻ گهرجي.

### تدريس کان پوءِ

زير تربيت استاد فطري تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ تدريس جي عملي مشق ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي تہ جيئن هو تدريس جي فن ۾ مهارت حاصل ڪري. ان جي لاءِ هو ٻارن جي ضرورتن، دلچسپين ۽ انهن جي مسئلن ، نصاب ۽ نصاب جي پوري ڪرائڻ جي طريقن ۽ تدريس جي ٻين پهلوئن کان واقف ٿيڻ لاءِ تياري ڪندو آهي. پوءِ انهن جي مطابق ڪم ڪندو آهي. پر اهو ڄاڻڻ لاءِ تہ اهو ڪنهن حد تائين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب رهيو آهي هڪ خاص طريقو اختيار ڪرڻو پوندو آهي، جنهن کي **"جائزو"** چئبو آهي.

### جائزي جي اهميت

جڏهن سبق جي تدريس جو **جائزو** ورتو ويندو آهي تہ ان جو مطلب هيءُ آهي تہ زير تربيت استاد سندس تدريس ۾ خامين ۽ خوبين جي نشاندهي ڪن ۽ انهن خامين کي ختم ڪرڻ لاءِ تجويزون ڏين تہ جيئن زير تربيت استاد انهن تجويزن کي سامهون رکي پنهنجي اصلاح ڪن. ان کان سواءِ نگران يا مددگار استاد بہ سندن سنا رهبر آهن. اهو طريقہ ڪار آهستي آهستي سندن اهليت ۾ واڌاري جو باعث بڻجندو آهي. ايستائين جو انهن ۾ جيتري زيادہ کان زياده اهليت هوندي آهي ان معيار تائين پهچي ويندا آهن. **جائزي** کان سواءِ مشڪل آهي تہ زير تربيت استاد پنهنجي صلاحيتن مان بهتر طريقي سان فائدو حاصل ڪن

بي صورت ۾ ان مقصد جي حاصل ڪرڻ يعني تدريس جي فن ۾ **مهارت** **حاصل** ڪرڻ جي رفتار تمام سُست رهندي آهي. اهڙيءَ طرح **جائزي** جو وڏو مقصد ٻـ اهو هوندو آهي تـ بهتر تدريس لاءِ زير تربيت استادن کي اثرائتي ڀرپور ۽ مفيد مدد ڏني وڃي.

ان کان سواءِ گهڻن زير تربيت استادن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهـ ويٺل هوندي آهي تـ تدريسي مشق جي جائزي وٺڻ جو مقصد انهن کي نمبر يا گريڊ ڏيڻ هوندو آهي. حالانڪ جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي تـ جائزي جو مقصد هيءُ هوندو آهي تـ انهن کي **تدريس جي فن ۾ مهارت** حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي تـ جيئن اهي پنهنجي صلاحيتن ۽ اهليتن کي اجاگر ڪري سگهن. جائزه ڪار جي اهليت جو اندازو هن طرح بـ لڳائي سگهبو آهي تـ جائزو تدريس جو لازمي جز آهي. مقصدن جي تڪميل، ٻارن جي نشو و نما ۽ انهن جي رويي ۾ تبديلي ڏسڻ لاءِ اسان کي مسلسل جائزه ڪار تي انحصار ڪرڻو پوندو آهي. هاڻي سوال هيءُ ٿو پيدا ٿئي تـ زير تربيت استادن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ڪيئن ورتو وڃي؟ تعليم جي ماهرن ان ڪم جي لاءِ هيٺين شخصن کي شامل ڪيو آهي:

(1) نگران استاد- تربيتي اداري جو نمائنده استاد.

(2) مددگار استاد- اسڪول ۾ ڪم ڪرڻ وارا استاد.

(3) اسڪول جو هيڊ ماسٽر- جنهن اسڪول ۾ پڙهايو وڃي، ان جو سربراهـ.

(4) شاگرد- ان اسڪول جا شاگرد جتي پڙهائڻو آهي.

(5) والدين- انهن ٻارن جا والدين جن کي پڙهايو ويندو آهي.

(6) زير تربيت استاد پاڻ.

هاڻي انهن سڀني فردن جي طريقهءِ ڪار جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو، تـ اهي ڪهڙيءَ طرح زير تربيت استادن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺن ٿا.

### (1) نگران استاد

تدريس جي مشق جي دوران زير تربيت استاد کي سبق جي خاڪي لکڻ، مددگار شين جي تياري يا فراهمي، سبق جي تدريس، ڪلاس ۾ نظم و ضبط ۽ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي جائزي وٺڻ لاءِ زير تربيت استاد جي مدد ڪرڻي هوندي آهي تـ جيئن اهو هڪ ڪامياب استاد ٿي سگهي.

نگران استاد هر قدم تي زير تربيت استاد جي مدد ڪندو آهي. ڪلاس کان ٻاهر سبق جي خاڪي جا اشارا لکڻ، مددگار شين جي تياري ۽ ڪلاس روم ۾ طريقـ

تدريس، مشغولين ۽ امدادي شين جي استعمال لاءِ رهنمائي فراهم ڪندو آهي. مؤثر ۽ ڪامياب تدريس لاءِ جنهن جڳهه تي ضروري سمجهندو آهي ان جي اصلاح لاءِ تجويزون ڏيندو آهي. پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود زير تربيت استاد جي ڪارڪردگيءَ بابت پنهنجي راءِ به محفوظ رکندو آهي، ڇا لاءِ ته سبق جي تدريس کان پوءِ پنهنجي راءِ جي بنياد تي هو فيصلو پڻ ڪندو آهي ته ڪيترين مارڪن ڏيڻ گهرجن ۽ ڪارڪردگي کي زياده بهتر بنائڻ لاءِ وڌيڪ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ان لاءِ هو پنهنجو هڪ معيار مقرر ڪندو آهي، جنهن جي بنياد تي هو شاگرد جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺندو رهندو آهي.

### (2) مددگار استاد

نگران استاد وٽ ايترو وقت نه هوندو آهي جو هڪ ئي وقت ۾ گهڻن زير تربيت استادن جي سبقن ۽ تدريس جي مڪمل نگراني ۽ جانچ، پڙتال ڪري سگهي. ان لاءِ ان ڪلاس جو استاد، زير نگراني ڪم ڪندڙ زير تربيت استاد جي ڪم جي جائزي لاءِ ۽ ڪڏهن ته ڪيترا پيرا نگران استاد ساڳئي پيرڊ ۾ هڪ کان وڌيڪ استادن کي چيڪ ڪندو آهي. ڪلاس ٽيچر جنهن کي **مددگار استاد** به چوندا آهن سو پيرڊ جو سمورو وقت ڪلاس ۾ موجود هوندو آهي، ۽ منڊ کان پڇاڙيءَ تائين سبق جي تدريس جو مڪمل ۽ بهتر انداز تي جائزو پڻ وٺي سگهندو آهي. خاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ مخصوص جاءِ فراهم ڪئي وئي هوندي آهي جنهن تي **نگران** يا **مددگار** استاد زير تربيت استادن جي ڪارڪردگيءَ بابت پنهنجي راءِ جو اظهار تحريري طورتي ڪندا آهن. نگران استاد پنهنجي زير تربيت استادن کي ٽوٽل مارڪون ڏيڻ ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار پڻ تحريري طور تي ڪندا آهن. نگران استاد پنهنجي زير تربيت استادن کي مڪمل مارڪون ڏيڻ کان پهريائين پنهنجي مددگار استاد جي راءِ کان به فائدو وٺندو آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته تدريسي مشق جي شروعات ۾ سڀني مددگار استادن جو هڪ گڏيل ميٽنگ گهرائي ڪين جائزي جي طريقي کان واقف ڪري ۽ هيءُ به ٻڌائي ته هو پنهنجي راءِ کي سبق پڙهائڻ کان پوءِ سبق جي خاڪي ۾ ڪهڙي طرح درج ڪن. اهڙي ڪم لاءِ ڪلاس ٽيچرس جو تربيت يافته هئڻ لازمي آهي.

### (3) اسڪول جو هيڊ ماستر

اسڪول جو هيڊ ماستر زير تربيت استادن جو باقاعدي ته جائزو نه وٺندو آهي پر انتظامي امور جي سلسلي ۾ جڏهن هو مختلف ڪلاسن جو معائنو ڪندو آهي ته ان وقت پڙهائڻ وارن زير تربيت استادن جي ڪارڪردگيءَ بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي

ٿو. ان کان سواءِ اسڪول جي قواعد ۽ ضوابط تي عمل نہ ڪرڻ واري زيرِ تربيت استادن جي نشاندهي ڪري سگهي ٿو. پنهنجي اسڪول جي استادن جي ذريعي حاصل ٿيل رايون يا معلومات جي بنياد تي بهتر ڪارڪردگيءَ جي مظاهري ڪندڙ زير تربيت استادن بابت ٻڌائي سگهي ٿو. نگران استاد، مددگار استاد ۽ اسڪول جي هيڊ ماسٽر جي گڏيل اجلاس ۾ زير تربيت استادن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو پڻ وٺي سگهجي ٿو.

**(4) شاگرد**

شاگردن جو سٺنون سڌو تعليمي لحاظ کان اطمينان جو هڪ معيار هوندو آهي تہ استاد ڪيتري سٺي انداز ۾ پڙهايو آهي. ٻارن جي امتحان جي نتيجن کي پرکڻ سان اندازو لڳائي سگهبو آهي تہ ٻارن جي تعليمي معيار ۾ ڪيتري حد تائين واڌارو ٿيو آهي. ڪلاس ۾ تدريس جي مختلف طريقن، مشغولين ۽ امدادي شين جي استعمال سان ٻارن جي سبق ۾ دلچسپيءَ جو سهڻي نموني سان اندازو لڳائي سگهبو آهي. ان کان سواءِ ٻارن کان سنئون سڌو ڪنهن استاد بابت سوال يا انٽرويو جي ذريعي ان جي ڪم جو جائزو وٺي سگهجي ٿو تہ استاد ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون آهن ۽ ڪهڙي ڳالهہ ناپسند آهي. آيا هو ڪلاس ۾ وقت تي اچي گهر جي ڪم جي باقاعده جانچ ڪري ٿو يا نہ؟ ٻارن کان اهڙي قسم جي سوالن ڪرڻ وقت تمام گهڻي احتياط جي پڻ ضرورت آهي.

**(5) والدين**

والدين پنهنجي ٻارن جي تعليمي ڪارڪردگيءَ معلوم ڪرڻ ۾ خاص دلچسپي وٺندا آهن، ان لاءِ اُهي اسڪول ٽيچر سان رابطو قائم ڪندا آهن. ان رابطي جي دوران اهي استاد جي شخصيت ۽ گفتگو مان ان جي علمي قابليت جو اندازو لڳائن ٿا. ان کان سواءِ انهن جا ٻار جيڪي گهر ۾ اسڪول، ڪلاس ۽ ٽيچر بابت گفتگو ڪندا آهن، جا ڪين پنهنجي تاثر قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. اسڪول جو هيڊ ماسٽر، نگران استاد ۽ والدين جي مشترڪ اجلاس ۾ زير تربيت استاد جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺي سگهجي ٿو.

**(6) زير تربيت استاد**

زير تربيت استاد پاڻ جڏهن ڪلاس روم ۾ پڙهائڻ لاءِ ايندو آهي تہ ان جو واسطو ٻارن، ڪلاس ٽيچر، نگران استاد يا ڪڏهن اسڪول جي هيڊ ماسٽر سان پوندو آهي. هو جيڪو ڪجهہ پڙهائيندو آهي ان جي ڪارڪردگي جانچڻ لاءِ جائزو وٺندو آهي. ان جي بهتر

هئن لاء سڀ کان پهريائين ان زير تربيت استاد کي ذاتي اطمينان تي اعتماد ڪرڻو پوندو آهي تہ آن سبق جي خاڪي ۾ جهڙيءَ طرح منصوبہ بندي ڪئي آهي ان جي مطابق پڙهايو آهي يا نہ؟ شاگردن سبق ۾ توقع/ اميد مطابق دلچسپي ورتي ۽ جن مقصدن کي مقرر ڪيو هيو ان جي حاصل ٿيڻ ۾ ڪاميابي تي آهي؟ پوءِ جڏهن انهن خامين کان بهتر پاسو ڪندو تہ ان جو مطلب هيءُ ٿيو تہ ان پنهنجي صلاحيتن مان ڀرپور فائدو ورتو. ديانتداريءَ سان پنهنجي ڪوتاهين جي جيتري نشاندهي ڪندو ۽ پنهنجي ڪاميابي يا ناڪامي کي پرکيندو اوتروئي مددگار استاد يا نگران استاد کي متاثر ڪندو ۽ وڌيڪ مارڪون ۽ وڌيڪ مان پائيندو.

**نوٽ:** نگران استاد جي رهنمائيءَ لاءِ ريمارڪس جو خاڪو نموني طور ڏجي ٿو.

## REMARKS

سپر وائيزرن لاءِ هدايتون/ نگران استاد جي لاءِ:

1- استاد جي شخصيت، صفائي پوشاڪ وغيره ............

2- سبق جي تياري ............

3- مواد ۽ ان جي پيشڪش/ پڙهائيءَ جو سلسلو ۽ اصول ............

4- سمجهائڻ جو نمونو ............

5- سوالن جي پڇڻ جو نمونو/ سوالن جي نوعيت ۽ ان جو انداز ............

6- شاگردن ۾ ڪم لاءِ پيدا ٿيل چاهہ ............

7- استاد جون سرگرميون ............

8- شاگردن جون مشغوليون (انفرادي/اجتماعي) ............

9- ڪلاس ۾ مقرر وقت اندر پيش ڪيل ڪم ............

10- استاد جي گفتگو، آواز ۽ اچار ............

11- ڪلاس جو نظم و ضبط ............

12- بورڊ جو استعمال ............

13- امدادي شيون ۽ انهن جو استعمال ............

14- جائزو ۽ ان جو طريقہ ڪار ............

15- نگران استاد جي عام راءِ/ سبق جو اجتماعي تاثر ............

نگران

استاد جي صحي

### (3) مشاهدو (Observation)

زير تربيت استادن کي باقاعده تدريس جو ڪم حوالي ڪرڻ کان پهريائين کين ذهني طور تيار ڪيو ويندو آهي. ان لاءِ نگران استاد مظاهراتي سبق (Demonstration Lessons) جو اهتمام ڪندو آهي. اهڙا سبق ڪڏهن پاڻ پڙهائيندو آهي ۽ ڪڏهن بين ماهر استادن کان ڏياريندو آهي. سندس شاگرد يعني زير تربيت استاد اهڙي مثالي تدريس جو **مشاهدو** ڪندا آهن جنهن ۾ اهو ڏسندا آهن ته سبق جي ابتدا ڪيئن ڪئي وئي، تدريس جو ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو ويو ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون تدريسي مشغوليون ۽ امدادي شيون سبق جي دوران پيش ڪيون ويون. سبق کي دلچسپ ۽ مؤثر بنائڻ لاءِ استاد پنهنجو لب و لهجو ڪهڙيءَ طرح اختيار ڪيو؟ شاگردن جي سوالن جا جواب ڪهڙي انداز ۾ ڏنا ۽ پنهنجي شخصيت کي ڪهڙيءَ طرح پيش ڪيو. مطلب ته زير تربيت استاد لاءِ باقاعده تدريس شروع ڪرڻ کان پهريائين اهڙن مظاهراتي سبقن جو اهتمام ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن انهن جو مشاهدو ڪري هو پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري سگهن.

نگران استاد، زير تربيت استادن جو هيڊ ماستر ۽ بين استادن ملي ڪري ٽائيم ٽيبل تيار ڪندا آهن ته جيئن زير تربيت استاد ان جي مطابق روزانو اسڪول جي استادن جي تدريس جو **مشاهدو** ڪن.

**مشاهدي** ڪرڻ وقت زير تربيت استادن کي هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي:

1- جماعت (درجو)، 2- شاگردن جو تعداد، 3- شاگردن جي اوسط عمر، 4- طريقهٔ تدريس، 5- شاگردن جي اهليت جو جائزو، 6- پيرڊ جو وقت، 7- مضمون ۽ سبق جو عنوان، 8- تدريس جي شروعات، 9- تدريس لاءِ امدادي شين جو استعمال ۽ انهن جو اثر، 10- بيون مشغوليون، 11- ٻارن سان رويو، 12- سبق کي مؤثر بنائڻ لاءِ خاص اقدام، 13- سبق ۾ نقص رهجي وڃڻ جا ڪي خاص سبب، 14- استاد جي شخصيت، 15- مجموعي طرح سان تدريس بابت راءِ.

ڪنهن سبق کي **مشاهدي** ڪرڻ وقت ڪي نڪتا سمجهه ۾ نه اچن ته ان بابت ڪلاس ٽيچر يا نگران استاد سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ته جيئن ذهن ۾ ڪنهن قسم جو ڪو شڪ شبهو باقي نه رهي.

ان کان سواءِ زير تربيت استاد هڪ ٻئي جي ڪلاس ۾ وڃن ۽ تدريس جو مشاهدو ڪن. ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ۾ سبق جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ بابت ڳالهه ٻولهه ڪن. هر ٻن استادن جي اها ڳالهه ٻولهه بهتر تدريس لاءِ معاون ثابت ٿيندي.

# مشاهدي واري سبق تي زير تربيت استادن
# جي راءِ جي درج ڪرڻ لاءِ هڪ خاڪو

ڪلاس..........مضمون...........عنوان..............ڪلاس ٽيچر...........

شاگردن جو تعداد........ پيرڊ...............تاريخ ..............

1- سبق جي تدريس مان ڪهڙين ڪهڙن مقصدن جي تڪميل ٿي. ...............................

2-.تدريسي معاونات جو استعمال (ڪهڙيون مددگار شيون مؤثر يا غير مؤثر ثابت ٿيون)..........

3- تدريس جي شروعات (سوال،جواب-تعارف-مسئلي جي مدد سان تدريسي مشغلا وغيره) ......

4- طريقه، تدريس موزون هيو يا غير موزون؟ سبب؟ .........................................

5- سبق جو اختتام ڪهڙي طرح ڪيو ويو؟ ....................................................

6- استاد جو آواز، لب ولهجو ۽ ان جي شخصيت ..............................................

7- ٻارن جي سبق ۾ دلچسپي (سبب) ..........................................................

8- سبق جي ڪاميابي جا خاص نڪتا ...........................................................

9- سبق جي تدريس ۾ خاميون (۽ خامين کان بچڻ لاءِ تجويزون) .................................

10- ٻي ڪا خاص ڳالهه .........................................................................

دستخط

زير تربيت استاد

آبزرويشن ڊائري جو نمونو به ڏجي ٿو، جنهن ۾ هيٺين ڳالهين جو خاص طور تي خيال ڪيو ويندو آهي ۽ خوبيون ۽ خاميون ذڪر ڪيون وينديون آهن. جهڙوڪ: ذهني آمادگي/سبق جي شروعات، وغيره.

## آمادگي (Motivation)

**خوبين لکڻ لاءِ خوبين جي خاني ۾ هي ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:**

(1) ذهني آمادگيءَ جا سوال مناسب، ضروري ۽ موزون هئا.
(2) ٻارن جي گذريل ۽ اڳين معلومات کي خيال ۾ رکي سوال ڪيا ويا.
(3) سوال وچٿرا ۽ سادا هئا (نه آسان هئا ۽ نه مشڪل هئا).
(4) سوال مختصر ۽ دلچسپ ۽ جاذب هئا.
(5) موضوع بابت سوال ڪيا ويا.
(6) سوالن ۾ ربط ۽ تسلسل هيو.
(7) آخري سوال سان سبق جو مقصد ۽ عنوان ظاهر ٿي ويو.

**خامين واري خاني ۾ خاميون لکڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:**

(1) سوال غير ضروري هئا.
(2) سوال اهڙا آسان هئا جو ٻارن لاءِ ڪابه جاذبيت نه رهي
(3) سوال اهڙا مشڪل هئا جو ٻار سمجهي نه سگهيا ۽ انهن جي ذهني ٿڪاوٽ جو سبب بڻيا.
(4) سوال ٻارن جي اڳين ڄاڻ مطابق نه هئا.
(5) سوال مربوط ۽ مسلسل ڪونه هئا.

## طريقهء ڪار (Procedure)

**طريقهء تدريس جي ارتقاء جون خوبيون:**

(1) استاد جي سبق جي پيشڪش ۽ استحضار مرحليوار ۽ ترتيب سان هئا.
(2) نوان لفظ ۽ اصطلاح مناسب منتخب ڪيا ويا ۽ انهن کي مناسب ۽ مفيد جملن ۾ استعمال ڪيو ويو.
(3) مرڪزي سوال بہ تمام موزون ۽ جامع هيو.
(4) پيشڪش دلچسپ ۽ فڪر انگيز هئي.
(5) استاد نين حقيقتن ۽ انهن جي لاڳاپن کان واقف ڪيو.
(6) لفظن جي درستگي (بليڪ بورڊ جي مدد سان) ڪئي وئي.
(7) معنائن جو حاصل ڪرڻ:
(الف) موزون شين جي مدد سان،
(ب) مترادف لفظن جي مدد سان،

(ج) مثالن جي مدد سان،
(د) لفظن جي استعمال جي مدد سان.
(8) سبق جي سمجهاڻي: سوالن جي مدد سان ڏني ويئي.

**خاميون**
(1) استاد جو سبق سلسليوار نہ هيو.
(2) شاگرد سکيا ۾ هن سان ساٿ نہ ڏيئي رهيا هئا.
(3) استاد جي بلند خواني ۾ لب و لهجہ، اچار، آواز ۽ پڙهڻ جي رفتار صحيح نہ هئي.
(4) استاد شاگردن جي آواز، اچار تي ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو.

## ورجاڻي/اٿلاڻي/ (Feed Back)

### مشغوليون

**خوبيون**
(1) استاد عملي مظاهري سان سبق جي سمجهاڻي ڏني.
(2) تدريسي سامان کي موقعي جي مناسبت سان استعمال ڪيو.

**خاميون**
(1) استاد سبق کي عملي طور تي پيش ڪري نہ سگهيو.
(2) امدادي شين کي موقعي جي مناسبت سان استعمال ڪونہ ڪيو.

## استحڪام / جائزو (Consolidation)

**خوبيون**
(1) استاد جا سوال موزون، مناسب، ضروري ۽ واضح هئا.
(2) اخذ ڪيل قاعدي يا اصولن سان آسان سوال حل ڪرايا ويا.

**خاميون**
(1) سوال مبهم غير واضح ڪيا ويا.
(2) سوال تمام گهڻا (ڇهن کان زياده) ڪيا ويا.
(3) غير ضروري سوال ڪيا ويا.

**نوٽ:** مشاهدي (Observation) لکڻ واري ڊائري جو هڪ نمونو ڏجي ٿو.

# آبزرويشن (مشاهدي ڪرڻ لا) ڊائري
# (Observation Diary)

سبق ڏسندڙ جو رول نمبر ............ نالو ............................... صبح/شام

سبق ڏيندڙ جو رول نمبر ............ نالو ............................... صبح/شام

مضمون ........................ پيرڊ ............... تاريخ ..................

عنوان (موضوع) ..........................................................................

اسڪول ..................................................................................

ميٿڊ/سپروائيزنگ ٽيچر جو نالو .........................................................

| خاميون (Weak Points) | | خوبيون (Strong Points) |
|---|---|---|
| | آمادگي | |
| | طريقئہ ڪار | |
| | اُٿلاٿي/ورجاڻي | |
| | استحڪام | |

سبق جو مشاهدو ڪندڙ استاد جي صحي ..................... ميٿڊ/سپروائيزنگ ٽيچر جي صحي

### 4. ساليانہ سبق (Annual Lessons)

ساليانہ ٽي ليسن (سبق) هلايا ويندا آهن، جنهن ۾ (1) هڪ مادري زبان جو سبق ۽ ٻيو (2) انگريزي جو سبق لازمي هوندو آهي ۽ باقي ٽيون (3) سبق اختياري مضمونن مان هوندو آهي. ساليانو سبق زير تربيت شاگرد لاءِ امتحان جو هڪ اهم حصو تصور ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪاميابيءَ کان سواءِ زير تربيت استاد جي ڪاميابي مڪمل ٿي نہ ٿي سگهي.

زير تربيت استاد لاءِ **"ساليانی سبق"** جي حيثيت استاد جي **"مظاهراتي سبق/ مثالي سبق"** وانگر ئي آهي. حقيقت ۾ زير تربيت استاد جي ڏنل سبقن تائين پريڪٽس ٽيچنگ جو مطلب ئي اهو آهي تہ هو **"ساليانی سبق"** کي **"مثالي سبق"** ڪري هلائي. ان لاءِ **"ساليانی سبق"** جي تياري ساليانی امتحان ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. جنهن لاءِ زير تربيت استاد کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ساليانی سبق کي مؤثر ۽ ڪامياب بنائڻ لاءِ امدادي شين جي گهڻي ضرورت پوي ٿي جنهن ۾ جنسي شيون، ماڊلس، تصويرون، چارٽ ۽ نقشا وغيره بهترين انداز ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. انهن تي زير تربيت استادن جو ڪافي خرچ پڻ ٿئي ٿو.

**"ساليانی سبقن"** جو امتحان وٺڻ لاءِ بورڊ طرفان ماهر استاد مقرر ڪيا ويندا آهن، جن کي مخصوص وقت ۾ امتحان وٺڻ جي هدايت ڪئي ويندي آهي. انهيءَ لاءِ زير تربيت استاد کي سبق هلائڻ لاءِ گهڻو خيال ۽ محنت ڪرڻي پوندي آهي. ان سان گڏوگڏ پنهنجي ذاتي شخصيت کي بہ هڪ مڪمل استاد جي حيثيت ڏيڻ لاءِ تياري ڪرڻي پوندي آهي.

**"ساليانی سبق"** جو امتحان گهڻو ڪري ساليانی تحريري امتحان سان گڏ ورتو ويندو آهي.

ساليانی سبق جو خاڪو بہ ساڳيو ئي "مثالي سبق" جهڙو هوندو آهي. پريڪٽس ٽيچنگ جي سبقن ۾ مارڪون نگران استاد ڏيندو آهي، پر ساليانی سبق ۾ ريمارڪس ۽ مارڪون بورڊ طرفان مقرر ٿي آيل ٻاهريون ماهر استاد ڏيندو آهي. هن ساليانی سبق ۾ 45% سيڪڙو مارڪون پاس/ڪامياب ٿيڻ لاءِ ضروري آهن.

ساليانی سبق لاءِ ڪي خاص ڳالهيون هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

# ليسن پلان

رول نمبر: سال ............

1. سبق پڙهائيندڙ جو نالو: ............ 2. سبق نمبر: ............
3. مضمون: ............ 4.سبق پڙهائڻ جو هنڌ: ............
5. ڪلاس: ............ 6. تاريخ: ............
7. عنوان: ............ 8. ڪلاس: ............
9. شاگردن جي سراسري عمر: ............ 9. وقت: ............
11. ٻارن جي اڳوڻي ڄاڻ: ............
12. تدريسي سامان: ............
13. تصورات: ............
14. تدريسي طريقا: ............
15. تدريسي مقاصد: ............
16. نگران استاد: ............
17. سبق جي شروعات: ............

| مواد | پڙهائڻ جو طريقو |
|---|---|

**1. ذهني آمادگي**

**2. سبق جو اعلان/ عنوان سبق:**

3. پيشڪش:

4. سبق جي ارتقاء

# REMARKS

**سپروائيزرن لاءِ هدايتون/نگران استاد جي لاءِ:**

1. استاد جي شخصيت، صفائي، پوشاڪ وغيره ..............................................
2. سبق جي تياري ..............................................................
3. مواد ۽ ان جي پيشڪش/پڙهائيءَ جو سلسلو ۽ اصول ..............................
4. سمجهائي جو نمونو ..........................................................
5. سوالن پڇڻ جو نمونو/سوالن جي نوعيت ۽ ان جو انداز .........................
6. شاگردن ۾ ڪم لاءِ پيدا ٿيل چاهه ............................................
7. استاد جون سرگرميون ........................................................
8. شاگردن جون مشغوليون (انفرادي/اجتماعي) .....................................
9. ڪلاس ۾ مقرر وقت اندر پيش ڪيل ڪم .........................................
10. استاد جي گفتگو، آواز ۽ اچار ................................................
11. ڪلاس جو نظم و ضبط ........................................................
12. بورڊ جو استعمال ............................................................
13. امدادي شيون ۽ انهن جو استعمال .............................................
14. جائزو ۽ ان جو طريقھ ڪار ...................................................
15. نگران استاد جي عام راءِ/سبق جو اجتماعي تاثر ................................

**نگران**

**استاد جي صحي**

هاڻي هيٺ **جائزو** وٺندڙ جا ٻه مختلف معيار تجويز ڪيا وڃن ٿا، جن سان زير تربيت استاد هر سبق جي آخر ۾ مجموعي طور پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺي سگهي ٿو. پهرين معيار جو تعلق زير تربيت استاد جي هر سبق جي روزانه تدريس ڪان پوءِ جي جائزي سان آهي ۽ ٻيو معيار تدريسي مشق جي پڄاڻي تي سيني سبقن جي تدريس متعلق **مجموعي جائزي** بابت آهي.

**پهريون معيار:**

زير تربيت استادن جي روزانه هر سبق جي تدريس ڪان پوءِ جي خود آزمائي آهي.

1- مقصد ڏکيا يا مناسب هئا. ڪهڙن مقصدن جو پورائو نه ٿي سگهيو ۽ ڇو؟

2- امدادي شين جو استعمال - مناسب يا غير مناسب؟ سبب

3- ڪلاس ۾ نظم و ضبط- شاگردن جي سبق ۾ دلچسپي.

4- تدريسي طريقه ڪار ۽ تدريسي مشغولين جو استعمال. ڪا ڏکيائي پيش آئي هجي ته بيان ڪن.

5- وقت جي پابندي ۽ سبق جي مختلف جزن لاءِ ڪيترو وقت ڏنو ويو سبق وقت تي پورو ٿيو يا نه؟

6- ٻارن کي گهر لاءِ ڪم ڏنو ويو ۽ گذريل ڏينهن جي ڪم جي جانچ ڪئي وئي؟ ڪهڙو معيار هيو؟

7- ٻارن جي سوالن جا جواب ڪهڙي انداز ۾ ڏنا ويا؟

8- تدريس ۾ نُقص ۽ انهن جي دور ڪرڻ لاءِ تجويزون.

9- مواد جي تدريس ڪنهن حد تائين مؤثر هئي؟

10- تدريس جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون هيون؟

11- ٻارن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ جيڪي سوال ڪيا ويا انهن سان ٻارن جي سمجهه ۾ قابل قدر اضافو، انداز فڪر ۾ مثبت تبديلي ۽ مهارت سکڻ ۾ ڪا مدد ملي يا نه؟

**ٻيو معيار:**

زير تربيت استاد جڏهن تدريسي مشق جي تڪميل ڪري ته سيني سبقن جي تدريس جي مجموعي حيثيت سان معيار مطابق سندس ڪارڪردگيءَ جو **جائزو** وٺي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾ جائزي وٺڻ لاءِ هڪ نمونو پيش ڪجي ٿو.

**نوٽ:** 1- صحيح جواب تي (✓) نشان لڳايو.
2- سڀني سوالن جا جواب تشريحي انداز ۾ ڏئي سگهجن ٿا.

1- هيڊ ماستر، مددگار استادن ۽ ٻي عملي سان استاد جا پيشه ورانه تعلقات ڪهڙا هئا؟

**(تمام خوشگوار/خوشگوار/ناخوشگوار)**

2- استاد مضمونن جي تدريس جي مقصدن جي تڪميل لاءِ جن انفرادي ۽ اجتماعي سرگرمين جو امتحان ورتو اهو ٻارن لاءِ ڪيتري حد تائين مؤثر رهيو؟

**(تمام گهڻو مؤثر/مؤثر/ غير مؤثر)**

3- استاد اشاره نويسيءَ ۾ ڪيتري حد تائين مهارت حاصل ڪئي؟

**(تمام گهڻي/گهڻي/بلڪل نه)**

4- تدريس جي دوران امدادي شين لاءِ لائبريري، ڪتاب ۽ سماجي وسيلن جي سلسلي ۾ هُو ڪيتري حد تائين ڪامياب ٿيو؟

**(تمام گهڻو ڪامياب/ڪامياب/ناڪام)**

5- استاد ٻارن جي صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪيستائين ڪامياب ٿيو؟

**(تمام گهڻو ڪامياب/ڪامياب/ناڪام)**

6- مقصدن کي سامهون رکي ٻارن جي ڪارڪردگيءَ جي جائزي وٺڻ ۾ هُو ڪيستائين ڪامياب ٿيو؟

**(تمام گهڻو ڪامياب/ڪامياب/ناڪام)**

7- استاد ٻارن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪيتري حد تائين مؤثر ثابت ٿيو؟

**(گهڻو مؤثر/مؤثر/غير مؤثر)**

8- استاد ٻارن جي ضرورتن جي تڪميل ۽ دلچسپين کي قائم رکڻ ۾ ڪيتري حد تائين مؤثر ثابت ٿيو؟

**(گهڻو مؤثر/مؤثر/غير مؤثر)**

9- استاد اسڪول ۽ سماجي تعلقات کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪيتري حد تائين مؤثر ثابت ٿيو؟

**(گهڻو مؤثر/مؤثر/غير مؤثر)**

مٿي زير تربيت استادن جي رهنمائيءَ لاءِ ڪن خاص **مهارتن** جو مختصراً مگر جامع نموني تذڪرو ڪيو ويو آهي ـ اميد ته استاد انهن جو ڳوڙهو مطالعو ڪندا ۽ پڻ پنهنجي مزيد ڪوشش سان، ماهر استادن سان ڳالهه ٻولهه ذريعي ۽ متعلقه ڪتابن جو ذاتي مطالعو ڪري وڌيڪ رهنمائي حاصل ڪندا. اهڙيءَ طرح پنهنجي پيشورانه/فني مهارتن کي اجاگر ڪري پنهنجي لاءِ، شاگردن لاءِ ۽ معلمانه پيشي لاءِ پاڻ کي بهتر کان بهترين ثابت ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکندا.

●

# يونٽ - 12

# سنڌي درسي ڪتابن جو تنقيدي جائزو

ڪلاس ڇهين کان ٻارهين تائين

*(A critical evaluation of Sindhi Text Books from Class VI - XII)*

ليکڪ

امداد حسيني

# فهرست


تعارف 268

**1. درسي ڪتاب** 268

**2. درسي ڪتاب جي وصف** 269

**3. درسي ڪتاب جي اهميت** 270

**4. قومي تعليمي پاليسي ۽ نصاب** 272

**5. نئين تعليمي پاليسي 2010-1998** 272

**6. ٻوليءَ جي ڪتابن جي تدريس** 273

**7. قومي نصاب ۽ تبديل ٿيندڙ دنيا** 273

**8. درسي ڪتاب جو تنقيدي جائزو** 275

- سنڌي ڇهون ڪتاب
- سنڌي اٺون ڪتاب
- سنڌي نصاب (لازمي) نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ
- سنڌي نصاب (لازمي) يارهين - ٻارهين ڪلاس لاءِ

**9. درسي ڪتابن جي معيار وڌائڻ لاءِ ڪجهه رٿون** 283

# يونٽ جو تعارف

هن يونٽ لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسان جي اسڪولي استادن کي سندن تربيت دوران جنهن کين نظري ۽ عملي سکيا ۽ تربيت ڏني وڃي ٿي، اتي انهن کي اِن لائق بہ بنايو وڃي تہ هو مادري زبان جي سکيا وارن درسي ڪتابن جو جائزو بہ وٺي سگهن ۽ تعميري تنقيد بہ ڪري سگهن. اهڙي عمل ڪرڻ سان منجهن نہ صرف تعميري تنقيد ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو پر هو درسي ڪتابن جون خوبيون ۽ خاميون ظاهر ڪري يا انهن تي بحث مباحثا ڪري وري ڇپجندڙ ڪتابن لاءِ اصلاح جي راهہ ہن هموار ڪري سگهن ٿا. ان ڏس ۾ هي يونٽ کين ڪافي حد تائين رهنمائي فراهم ڪندو.

# 1. درسي ڪتاب

ڪنهن بہ ملڪ جو تعليمي سرشتو بنيادي طور تي اهڙن فردن جي مجموعي تشڪيل تي زور ڏئي ٿو، جيڪو قومي تقاضائن کي پايہ تڪميل تي پهچائي سگهي ۽ مؤثر نموني قومي قدرن ۽ روايتن کي برقرار رکي سگهي. تنهن ڪري تعليم جي قومي مقصدن جو تعلق سڀني تدريسي مضمونن ۽ اسڪولن جي مجموعي پروگرامن سان آهي.

اهي مقصد ٻوليءَ جي تدريس ذريعي وڌيڪ نمايان ۽ واضح طريقي سان پيش ڪري سگهجن ٿا. ٻين مضمونن جا تصور پڻ مادري ٻوليءَ جي مدد سان ذهن نشين ڪرائي سگهجن ٿا. ان ڪري ڪتابن جي تدريسي مواد جي چونڊ ۾ قومي مقصدن جي عڪاسي ضروري آهي. اهي قومي مقصد نصاب ۾ ڄاڻايا ويندا آهن، جيڪي پوءِ **درسي ڪتاب** ۾ سموهيا ويندا آهن. اهو درسي ڪتاب هڪ استاد ٿي ٻارن کي پڙهائي ٿو ۽ هڪ استاد ٿي شاگرد جي ذهن تي اهڙا چٽ چٽي ٿو، جيڪي کيس هڪ ڪارائتي شهري بڻجڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اتي اهو سوال ذهن ۾ ضرور اڀري ٿو تہ درسي ڪتاب ڇا آهي؟ اچو تہ مختصر طور ان جو جواب لهون.

# 2. درسي ڪتاب جي وصف

### درسي ڪتاب (Text Book) ڇاکي ٿو چئجي؟

**درسي ڪتاب** (Text Book) انهيءَ ڪتاب کي چئبو آهي، جيڪو هڪ مخصوص نصاب جي روشنيءَ ۾ تيار ڪيو ويندو آهي، ۽ تعليمي مقصدن جي حاصلات لاءِ اسڪولن ۾ رائج ڪيو ويندو آهي. سنڌ صوبي لاءِ درسي ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ تيار ڪرائيندو ۽ ڇپرائيندو آهي.

## 3. درسي ڪتاب جي اهميت

ڪلاس روم ۾ روزمره جي تربيتي سرگرمين جي ڏس ۾ درسي ڪتاب هڪ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. درسي ڪتاب هڪ اهڙو مؤثر وسيلو آهي، جنهن ڪي ڪتب آڻي استاد شاگردن کي متحرڪ ڪري سگهي ٿو ۽ ڪنهن مضمون يا مسئلي بابت گهڻي ۾ گهڻي ڄاڻ ڏئي سگهي ٿو. هڪ سٺو استاد مختلف ذهني سطح جي ٻارن کي مختلف طريقن سان درسي ڪتاب پڙهائي سگهي ٿو.

**شاگرد** (ٻار)، **درسي ڪتاب** ۽ **استاد** جي ربط ۽ تعلق کي هيٺين ٽڪنڊي ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي:




هڪ درسي ڪتاب:

- ٻارن جي ذهني سطح پٽاندڙ لکيل هجي.
- ڪوبه سبق/يونٽ، نه ته طويل هجي، نه ئي وري مختصر.
- ٻارن جي عمر ۽ ڄاڻ مطابق لفظن جو ذخيرو استعمال ڪيل هجي.
- اُن ۾ جوڳو تسلسل ۽ متن سان ٺهڪندڙ تصويرون هجن.
- سبق/يونٽ جي آخر ۾ سوليون مشقون ڏنل هجن.

قومي تعليمي پاليسيءَ ۾ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم ۾ ٻار/ شاگرد جي ڄمار جي ان مرحلي جي جيڪا نشاندهي ڪئي وئي آهي، اُها استاد کي پنهنجي آڏو رکڻ گهرجي:

"ثانوي تعليم اهو مرحلو آهي جڏهن شاگرد بلوغت واري مرحلي ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ اهو زندگيءَ جو ڏاڍو ڏکيو مرحلو آهي. هن جي روين جا خدوخال ٺهڻ شروع ٿين ٿا ۽ زندگيءَ ۾ نئين ڪردار ادا ڪرڻ جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو."

## 8. درسي ڪتاب جو تنقيدي جائزو

ڪنهن بہ درسي ڪتاب جي تنقيدي جائزي لهڻ لاءِ، ڪجهہ رهنما اصول مقرر ڪرڻ کپن، جيڪي هن ريت ٿي سگهن ٿا:

(1) ڪتاب جو پنو ۽ سائيز
(2) يونٽ/ سبقن جا عنوان
(3) مواد جي پيشڪش
(4) مواد جي ترتيب ۽ تسلسل
(5) لفظن جو ذخيرو ۽ صحيح صورتخطي
(6) ٻار جي ذهني سطح پٽاندڙ ٻوليءَ جو استعمال
(7) ٻيهڪ جي نشانين جو صحيح استعمال
(8) مواد سان مطابقت رکندڙ تصويرون
(9) يونٽن/ سبقن جي طوالت يا اختصار
(10) صحيح حوالا
(11) جملن جي صحيح ۽ تز جوڙجڪ

ان سان گڏو گڏ قومي تعليمي پاليسيءَ ۽ قومي نصاب ۾ جيڪي گهرجون ۽ مقصد متعين ڪيا ويا آهن، انهن جو سبقن/ يونٽن ۾ ڪيتري قدر پورائو ڪيو ويو آهي؟ جهڙوڪ:

(1) انفرادي طور تي اڀياس جي طريقن جي ڄاڻ پرائڻ
(2) پنهنجي سر جستجو ڪرڻ، مسئلي جي حل لاءِ سوال ڪرڻ ۽ ٻولي، ادب ۽ ثقافت بابت وڌيڪ ڄاڻ پرائڻ
(3) ٻوليءَ جي ڄاڻ کي وڌائڻ تہ جيئن اُها رابطي طور اثرائتو وسيلو بڻجي سگهي

(4) اسلامي اصولن جي ڄاڻ ۽ انهن کي سمجهڻ
(5) قومي نظرئي جي ڄاڻ ۽ سمجهه
(6) قومي ايڪي جي ڄاڻ ۽ سمجهه
(7) سٺي شهري، بهادري، ايڪي، سهپ ۽ ڀائپيءَ جي شعور کي اُجاگر ڪرڻ
(8) اسلامي رڪنن تي ايمان آڻڻ. اسلامي جي بنيادي اصولن تي هلڻ ۽ انصاف ڀرتي سماج جي تعمير لاءِ انهن کي عمل ۾ آڻڻ. جنهن جو بنياد مساوات تي هجي
(9) حب الوطنيءَ جي ڳڻ کي اجاگر ڪرڻ
(10) قومي ايڪي ۽ سماجي انصاف کي هٿي ڏيڻ
(11) قومن جي آزاديءَ جي حقيقت کي تسليم ڪرڻ. بين الاقوامي سهڪاري پروگرامن ۾ عملي حصو وٺڻ
(12) بين الاقوامي ادارن بابت ڄاڻ پرائڻ
(13) بين الاقوامي سطح تي مسلم اُمت جي ڀائپيءَ جي ضرورت کي تسليم ڪرڻ
(14) منتطقي دليلن وارو رويو اختيار ڪرڻ
(15) انفرادي، قومي ۽ بين الاقوامي طور تي پاڻ ۾ ڪارائتي شهريءَ وارا ڳڻ پيدا ڪرڻ

* مٿين خاص خاص ڳالهين جو خيال رکندي، اچو تہ نموني خاطر سنڌيءَ جي ڪجهہ درسي ڪتابن جو مختصراً جائزو وٺون.

## سنڌي ڇهون ڪتاب

**سنڌي ڇهون ڪتاب** ۾ ڪل 38 سبق/ يونٽ آهن.جن ۾ نثر ۽ نظم جا سبق اچي وڃن ٿا. يونٽن/ سبقن جو معيار ٻارن جي ذهني سطح وٽان آهي. ساڳئي وقت اهو معيار ٻار جي ذهني سطح کي بلند پڻ ڪري ٿو. **سنڌي ڇهون ڪتاب** جو آغاز حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جي حمديہ بيتن سان ٿئي ٿو:

اول الله عليم ، اعليٰ عالم جو ڌڻي

انهن بيتن ۾ هڪ بيت نعتيہ آهي. نثري سبقن ۾ پهريون سبق (ڪتاب جو ٻيو سبق) سيرت پاڪ تي آهي:

'پاڻ سڳورن صہ جو ننڍپڻ'

ان سان گڏو گڏ اسلامي هستين ۽ رڪنن تي سبق نہ رڳو ٻارن ۾ اسلامي تشخص اُجاگر ڪن ٿا، پر موجوده دور ۾ بہ ٻارن جو بهترين ڪردار جوڙڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿين ٿا. مثلاً:

نماز جي اهميت

۽

حضرت خالد بن وليد رضہ

## پاڪستان جي سطح تي:

**'سر آغا خان'**

تي سبق آهي، جنهن ۾ حب الوطنيءَ جو اڻ سڌي طرح درس ڏنل آهي. سنڌ جي سطح تي سنڌ جي ناميارو عالم ۽ اديب:

**'حڪيم فتح محمد سيوهاڻي'**

تي سبق ڏنل آهي. ان ريت مختلف موضوعن تي ڪتاب ۾ سبق موجود آهن، مثلاً سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي اهميت تي:

**'ريڊار'**

۽ لوڪ ڪهاڻين تي مشتمل بہ سبق:

1. 'ڪانير ۽ بادشاهہ'
2. 'سچا سُپنا'

صحت سنڀال تي "مليريا" سبق ڏنل آهي. "تڏا تونربون ناهن" واري سبق ۾ پورهئي جي عظمت متعلق بنيادي موضوع آهي.

"**سنڌي چهون ڪتاب**" ۾ نظمن جي حصي ۾ نہ رڳو پنهنجي دور جي شاعري، پر هر دور جي شاعري پڻ ڏني وئي آهي، جهڙوڪ:

"وقت چئي آءُ بادشاهہ" (بيت).

ٻوليءَ ۽ لفظن جي ذخيري جي لحاظ کان بہ "سنڌي چهون ڪتاب" ٻارن جي ذهني سطح مطابق آهي. لفظن تي ضروري اعرابون ڏنيون، ٻارن کي انهن جو صحيح اُچار سيکاريو

انهن سبقن ۾ "هنر دولت آهي" ۾ تعليم سان گڏ هنر جي اهميت کي بہ اُجاگر ڪيو ويو آهي. ان زبت هنر ۽ هنرمند جي موضوع تي "دستڪاري" سبق ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ هٿ جي پورهئي جي اهميت ۽ عظمت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. سائنس جي موضوع تي "مصنوعي سيارو يا هتراڏو گرهہ" سبق ڏنو ويو آهي. بين الاقوامي موضوع ۾ "گڏيل قومن جو ادارو" سبق ڏنو ويو آهي. سير سفر جي حوالي سان "نائيجريا" ۽ "چين جي عظيم ديوار" سبق ڏنا ويا آهن. پاڪستان ۽ سنڌ جي شخصيتن تي "پاڪستان جي تحريڪ" ۽ "شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو" جي عنوان سان سبق ڪتاب ۾ موجود آهن. گدلاڻ جي مسئلي تي "ماحوليات" سبق ڪتاب ۾ آهي.

صورتخطيءَ ۽ بيهڪ جي نشانين جي درستي لاءِ **سنڌي ٻولي اختياري** پاران مقرر ڪيل "**درسي ٻولي درستي ڪاميٽي**" انهيءَ ڪتاب کي چڪاسيو ۽ درست ڪيو آهي.

ڪتاب جو سرورق چار رنگو آهي. ان جي بائينڊنگ بہ ٻن پنن واري آهي. سبقن جي آخر ۾ مشقون ڏنل آهن. **"سنڌي اٺون ڪتاب"** جي تصويرن کي سڌارڻ جي ضرورت آهي. تنهن هوندي بہ ان جي بائينڊنگ تي پڻ ڌيان ڏيڻ کپي.

## سنڌي نصاب (لازمي)

(نائين ڏهين ڪلاس لاءِ)

سنڌي نصاب (لازمي) نائين ڏهين ڪلاس لاءِ ڪل صفحا 138 آهن. ان ۾ نثر واري ڀاڱي ۾ 20 سبق/يونٽ آهن ۽ نظم واري ڀاڱي ۾ 14 سبق/يونٽ آهن. نثر ۽ نظم وارا ڀاڱا الڳ الڳ آهن.

نثر واري ڀاڱي جو آغاز سيرت پاڪ جي سبق سان ٿئي ٿو:

'حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جا اخلاق مبارڪ' اسلامي شخصيتن تي:

'حضرت امام حسين عليہ السلام' جن جي زندگيءَ تي سبق ڏنو ويو آهي. قومي ٻڌي جي حوالي سان ڪتاب ۾ "قومي اتحاد" سبق ڏنل آهي. سنڌ جي شخصيتن جي حوالي سان ڪتاب ۾ "علامہ آءِ آءِ قاضي" ۽ "جمشيد نسروانجي - هڪ نيڪدل انسان" جي عنوان سان سبق ڏنا ويا آهن. سير سفر جي عنوان تي "گنجي ٽڪر جو سير"،

"نيوبارڪ جا رنگ" ۽ "گورک هل اسٽيشن" سبق ڪتاب ۾ ڏنل آهن. صحت سنڀال جي موضوع تي "ترت علاج" سبق ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي، جيڪو ڏاڍو ڪارائتو آهي. سائنس جي موضوع تي "مشين دماغ - ڪمپيوٽر" سبق ڏنو ويو آهي. " شخصيت ۽ لباس" هوم اڪنامڪس جي موضوع تي لکيل سبق/يونٽ پڻ موجود آهي.

شاگردن ۾ جيئن پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب پڙهڻ ۽ لکڻ جو چاهه جاڳي، ان ڪري "سنڌي نصاب" (لازمي) ۾ سنڌن معلومات وڌائڻ لاءِ "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" يونٽ ڏنو ويو آهي. تاريخي ماڳ جي حوالي سان "روهڙي" شهر تي سبق/يونٽ ڏنو ويو آهي. هڪ ڪهاڻيءَ طور "عقلمند بادشاهه" سبق/يونٽ ڏنو ويو آهي. ڪلاسيڪل ادب مان "سورٺ ۽ راءِ ڏياچ" جي ڪهاڻي ڏني وئي آهي. اسلامي اُمه مان پاڻيءَ جي موضوع تي "اسلامي سيڪريٽريٽ" سبق ڏنل آهي. نظم واري ڀاڱي ۾ ڪلاسيڪل، روايتي ۽ جديد دور جي هيٺين شاعرن جو ڪالم ڏنو ويو آهي:

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ، سچل سرمستؒ، سامي، سيد ثابت علي شاهه، مير حسن علي ٽالپر، مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، محمد صديق مسافر، ڪشچند بيوس، غلام محمد نظامي، حاجي احمد ملاح، رشيد احمد لاشاري حافظ محمد احسن ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ. ڪلام سان گڏ شاعرن جي مختصر سوانح حيات پڻ ڏني وئي آهي جا شاگردن جي واقفيت وڌائڻ خاطر هڪ سٺي ڳالهه آهي.

نظم جي حصن ۾ مختلف موضوعن تي شاعري ڏني وئي آهي، جهڙوڪ: حمد، وطن جي حب، اخلاقيات، بهادري، سرشتي سکيا. صنفن تي مشتمل شاعري ڏني وئي آهي، جنهن ۾ بيت، نظم ، گيت، مثنوي ۽ غزل اچي وڃن ٿا.

سنڌي نصاب (لازمي) نائين ڏهين ڪلاس جي ٻولي ۽ ٻيهڪ جون نشانيون سنڌي **ٻولي اختياري** پاران مقرر ڪيل **"درسي ٻولي درستي ڪاميٽيءَ"** پاران چڪاسيل ۽ درست ڪيل آهن.

ڪتاب جو سرورق چار رنگو آهي، پر اُن کي اڃا بہ دلڪش بنائڻ جي ضرورت آهي. ڪتاب جي بائينڊنگ بہ پڪي واري آهي.

ڪتاب ۾ هر سبق/ يونٽ جي آخر ۾ مشقون بہ ڏنل آهن. انهن مشقن کي دلچسپ ۽ مواد سان لاڳاپيل بنائڻ جي ڪوشش پڻ ڪيل آهي. ڪتاب اندر ڪابہ تصوير نہ ڏني وئي، ان ڪري ڪتاب ٻُسو ٻُسو پيو لڳي. تنهنڪري جتي ضروري هجي اُتي تصويرون ڏيڻ کپن. ان ريت نظمن جي حصي ۾ مشقون نہ ڏنيون ويون آهن، جيڪي ڏيڻ ضروري آهن.

# سنڌي نصاب (لازمي)

(يارهين ٻارهين ڪلاس لاءِ)

**سنڌي نصاب (لازمي)** يارهين ٻارهين ڪلاس لاءِ جا ڪل صفحا 202 آهن. ان ۾ نثر ۽ نظم جا سبق/يونٽ آهن. نثر ۽ نظم ۾ ڪل 15 يونٽ/سبق آهن. نثري يونٽن ۽ انهن جي لکندڙن جي هتي فهرست ڏجي ٿي، ته جيئن اسان جي استاد صاحبن کي انهن يونٽن جي معيار جو اندازو ٿي سگهي:

| | |
|---|---|
| 1. قومي جذبو ۽ قومي اخلاق | فتح محمد سيوهاڻي |
| 2. ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون | فتح محمد سيوهاڻي |
| 3. شاهه جو شعر ۽ شاعري | ڊاڪٽر گربخشاڻي |
| 4. پاڪستاني قوميت جو مقصد | مرحوم لياقت علي خان<br>(مترجم علي نواز جتوئي) |
| 5. پورهيتن جو ڏينهن | رشيد ڀٽي |
| 6. سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب | ڊاڪٽر دائود پوٽو |
| 7. ڪوهستاني ڪچهري | الهه بچايو سمو |
| 8. ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو | علامه آءِ آءِ قاضي |
| 9. علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا | علامه آءِ آءِ قاضي |
| 10. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه | علامه آءِ آءِ قاضي |
| 11. مصطفيٰ جي الوداعي نصيحت | عثمان علي انصاري |
| 12. سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نويسي | عبدالقيوم صاحب |
| 13. عام سنڌي شاعري | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ |
| 14. تمدن جي ماهيت | ڪريم بخش چنا |

ان ريت نظم جي حصي ۾ ڪلاسيڪل، روايتي ۽ جديد دور جي هيٺين شاعرن کي نمائندگي ڏني وئي آهي:

شاه ڪريمرح، شاه عبداللطيفرح، حضرت خواجه مُحمد زمانرح، سچلرح، حمل فقيررح، خليفو گل مُحمد "گل"، فقير قادر بخش "بيدل"، مير عبدالحسين خان "سانگي"، مرزا قليچ بيگ، مُحمد هاشم "مخلص"، شيخ عبدالله عبدالواسع "عبد"، حافظ مُحمد "احسن"، شيخ عبدالحليم "جوش"، "سرويچ" سجاولي، ۽ حڪيم "نياز" همايوني.

نظم جي حصي ۾ مختلف صنفون ڏنيون ويون آهن، جهڙوڪ: بيت، ڪافي ۽ غزل. نظم جي حصي ۾ جيڪو ڪلام ڏنو ويو آهي، انهيءَ جا موضوع هن ريت آهن: حمد، اخلاق، سرشتي سڪيا، حب الوطني، پورهئي ۽ پورهيت جي عظمت.

نظم جي حصي ۾ جن شاعرن جو ڪلام ڏنو ويو آهي، انهن جي مختصر سوانح حيات پڻ ڏني وئي آهي.

نثر واري حصي ۾ پڻ يونٽن/ سبقن جي مُنڍ ۾ لکندڙن جي سوانح نه ڏني وئي آهي، جيڪا ڏيڻ ڪپي ها، جيئن رشيد ڀٽي، عبدالقيوم صاحب، عثمان علي انصاري، وغيره. ائين ڪتاب ۾ هڪجهڙائي ايندي، ۽ استاد صاحبن توڙي شاگردن کي پنهنجن لائق مصنفن بابت معلومات حاصل ٿيندي.

**"سنڌي نصاب"** (لازمي) ٻارهين ٻارهين ڪلاس لاءِ، ۾ جيئن ته اعليٰ پائي جي مصنفن جا چونڊ مضمون کنيا ويا آهن، ان ڪري انهن جي ٻولي به اعليٰ پائي جي آهي، تنهن ڪري ڪتاب ۾ Glossary يعني ڏکين لفظن جي معنيٰ به ضرور ڏيڻ گهرجي ها، جيڪا ڪتاب جي آخر ۾ ڏني وڃي ته بهتر. ائين استاد صاحبن کي، موضوع ۽ مضمون جي اصل روح کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي، ساڳئي وقت استاد صاحب شاگردن کي مضمون جي مفهوم سمجهائڻ ۾ آساني پڻ محسوس ڪندا.

**سنڌي نصاب (لازمي)** ٻارهين ٻارهين ڪلاس لاءِ، هڪ اعليٰ معياري ڪتاب آهي. ٻوليءَ توڙي مواد جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو.

استاد صاحب هن ڪتاب پڙهائيندي شاگردن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ گهرائي جو احساس ۽ ان لاءِ پيار جا جذبا اُڀاري سگهن ٿا. سنڌي ٻولي پاڪستان جي هڪ قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي، ۽ ان ۾ وسيع لفظن جو ذخيرو آهي. سنڌ کي پنهنجو هڪ شاندار ثقافتي ۽ تهذيبي ورثو آهي، استاد، ان ورثي لاءِ شاگردن ۾ فخر جو جذبو جاڳائي سگهن ٿا. ساڳئي وقت شاگردن جي ڪردار جي تعمير ۽ انهن جي تخليقي قوتن کي جاڳائي، ڪين لکڻ تي به آماده ڪري سگهن ٿا.

ڪتاب جي بائينڊنگ ٻن پنن واري آهي. ان جو سرورق چار رنگو آهي. ڪتاب جي بائينڊنگ جُزبنديءَ واري هئڻ گهرجي، ۽ ٽائيٽل سنڌ جي ثقافت سان لاڳاپيل هئڻ گهرجي.

## 9. درسي ڪتابن جي معيار وڌائڻ لاءِ ڪجهہ رٿون

* درسي ڪتابن جو پنو موجوده پني کان سٺو هئڻ گهرجي.
* درسي ڪتابن جا سرورق کي وڌيڪ جاذب نظر بنائڻ گهرجن ۽ انهن جا پنا بہ سٺا هئڻ گهرجن.
* درسي ڪتابن جي بائينڊنگ پڻ بدران ڏاڍي سان هئڻ گهرجي.
* متن سان لاڳاپيل تصويرن کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ گهرجي.
* مشقن ۾ اجا بہ وڌيڪ ويرائٽي ۽ نواڻ ڏيڻ گهرجي.
* استادن لاءِ سکيا ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست هئڻ گهرجي.
* اسڪولن ۾ فرنيچر، استادن جو ڪوٽ جو پورائو ڪيو وڃي ۽ مددي ڪِٽ فراهم ڪئي وڃي.
* قومي تعليمي پاليسي ۽ قومي نصاب (خاص ڪري ٻوليءَ جي درسي ڪتابن لاءِ) سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ڪري مهيا ڪيا وڃن ۽ استاد ۽ لکندڙن جي انهن تائين دسترس ممڪن بنائي وڃي.
* ٽيچرز گائيڊز مهيا ڪيون وڃن.

انهن مان ڪجهہ رٿن جو تعلق يقيناً مالي وسيلن سان آهي، مثلاً سٺو پنو، پڪي بائينڊنگ وغيره. ان سان ڪتاب جي قيمت تي اثر پوندو. ان جو حل اهو آهي تہ درسي ڪتاب جي پني تي ڇوٽ (Subsidy) ڏني وڃي؛ پر مجموعي طور تي ان مسئلي جو حل "پاڻ ارپڻ وارو جذبو آهي" ، ۽ ان ڏس ۾ سچو دارومدار استاد صاحبن تي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهي شاگرد کي "پٿ ٿان ڪٽي چٽ تي ويهاري سگهن ٿا" ۽ ائين هو پنهنجي ۽ اسان جي آئيندي کي محفوظ بنائي سگهن ٿا ۽ صرف ائين ئي سماج کي سٺا ۽ ڪارائتا شهري ملي سگهن ٿا.

# ڪتابيات

(1) اردو زبان اور اس کي تدريس، (سي. ٽي. ڪورس ڪے لئيے)، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد.

(2) آر. ايچ. سليماني، تدريس اردو (برائے پي.ٽي.سي)، آزاد بوڪ ڊيپو، ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، لاهور.

(3) پروفيسر زيب پٽي، سنڌي ادب جي سڳنڌ، 1985ع، نسيم بوڪ ڊيپو حيدرآباد.

(4) پروفيسر زيب پٽي، سنڌي ادب جي سرهاڻ، 1990ع، نسيم بوڪ ڊيپو، حيدرآباد.

(5) جارج يول، دي اسٽڊي آف لئنگئيج، 1985ع، ڪئمبرج يونيورسٽي پريس، لنڊن.

(6) حافظ عبدالسلام ميمڻ، تدريس سنڌي مادري زبان، ڇاپو پهريون 1999ع، سنڌي ادبي اڪيڊمي، گاڏي کاتو، حيدرآباد.

(7) رحيم بخش ميمڻ، تعليم مادري زبان، 1971ع، آر.ايچ احمد برادرس، حيدرآباد.

(8) سنڌي ويا ڪرڻ جا مسئلا، نئين زندگي، 1984ع حيدرآباد.

(9) سيد شير شاهہ بخاري ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار مُغل، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، 1993ع، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو.

(10) سيد شمس الحق بخاري، تعارف زبان و تدريس اردو، 1998ع شرف آرٽ پرنٽرز، حيدرآباد.

(11) سيد ماجد حسين، اردو اور اس ڪے تدريسي طريقے، ڪفايت اڪيڊمي، ڪراچي.

(12) ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا (سي.ٽي. ڪورس لاءِ)، يادگار پبلشرز، حيدرآباد.

(13) محمد اسماعيل عرساڻي ۽ سيد قادر بخش شاهہ بخاري، سنڌي ٻولي ۽ ان جي تعليم، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، حيدرآباد.

(14) محمد اسماعيل عرساڻي ۽ سيد محمد صالح شاھ بخاري، سنڌي ٻولي ۽ ان جي تعليم، رونق پبليڪيشنز، آتم چنداڻي گهٽي، حيدرآباد.

(15) محمد سليم الحق ۽ ٻيا، پڙهائڻ جا طريقا (سي.ٽي ڪلاس لاءِ)، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، حيدرآباد.

(16) محمد بخش ڪوڪر، ماسٽر ٽرينرس لاءِ تدريسي مواد، اداره نصاب و توسيع تعليم سنڌ، ڄامشورو.

(17) گلزار سنڌي گرامر، 1998ع، يادگار پبلشرز، يادگار لين حيدرآباد سنڌ.

(18) لعل بخش ڪوڪر، مادري زبان جي سکيا (پي.ٽي.سي. ڪورس لاءِ) سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو.

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پن ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسل وارا پن بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پرندڙ ۽ پڙهندڙ، سست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پن کا خصوصي ۽ تالي لڳل ڪلب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پن جا سڀ ڪم ڪار سهڪاري ۽ رضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پن پاڻ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وٺ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پنن پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊجيٽائيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رڳو پنن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پنن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وس پٽاندڙ وڏ کان وڏ ڪتاب خريد ڪري ڪتابن جي ليکڪن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائن. پر ساڳئي وقت علم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪالهہ ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا ٿوڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)